شهر جي ڳالھ

اڪبر سومرو

شهر جي ڳالهه

هيٺ گهٽيءَ ۾ ٻارن جو رت ائين وهيو، جيئن ٻارن جو رت وهندو آهي!

(پيلو نرودا)

And the People let out, a loud shout and the wall fell down and the People entered in the city *(Joshua)*

(برلن جي ڀڳل ڀت جي هڪ ٽڪري تي لکيل ڪتبو.)

شهر جي ڳالهه

(ناول)

اڪبر سومرو

ڪويتا پبليڪيشن

حيدرآباد ۔ 2009ع

<u>ڪويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر- 52</u>

ڪتاب جو نالو: شهر جي ڳالهه
موضوع: ناول
ليکڪ: © اڪبر سومرو
ڇاپو پهريون: 1998ع
ڇاپو ٻيون (سڌاريل ۽ وڌايل): مارچ 2009ع
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: علي شير قريشي
انٽيل ڪميونيڪيشنز، 9- ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد. فون: 0222721172
ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد- سنڌ
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.
قيمت: 250.00 رپيا

اسٽاڪسٽ:

ذوالفقار بُڪ ڊيپو پٺاڻي بُڪ هائوس، سنڌيڪا بُڪ هائوس، نڪشن هائوس- حيدرآباد، ڪريمي بُڪ ڊپو- حيدرآباد.
سنڌي ادبي بورڊ بُڪ اسٽال- تلڪ چاڙهي- حيدرآباد. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بُڪ اسٽال- حيدرآباد. فرينڊس بُڪ پوائنٽ.
ڊفينس پلازا- حيدرآباد. رائل بُڪ هائوس- ڪراچي ڪاليااواڙ بُڪ اسٽور- ڪراچي، ٿامس اينڊ ٿامس- ڪراچي.
سٽي پريس بُڪ شاپ- ڪراچي، سعيد بُڪ بئنڪ- اسلام آباد، تهذيب نيوز ايجنسي- خيرپورميرس.
هائوس آف ناولٽي- ميرپورماٿيلو رهبر بُڪ اڪيڊمي، لاڙڪاڻو جنيد بوڪ ڊيپو- دادو ممتاز بُڪ ڊيپو- دادو
الفتح نيوز ايجنسي. سکر، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. ٿر ڪتاب گهر- مٺي، العزيز بُڪ ڊيپو- عمرڪوٽ.
مرچو مل بُڪ ڊيپو- بدين، نيشنل بُڪ اسٽال خيرپورميرس، گل ڪتاب گهر- شڪارپور
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر- سانگهڙ. سنڌ ڪتاب گهر- سجاول

ISBN: 978-969-9329-03-6

SHEHAR JEE GALEH

[Novel]

© Akbar Soomro

First Edition: 1998
Second Edition (revised): March 2009
Published by: Kavita Publication, 9- Rabi Chamber,
Hyderchowk, Hyderabad – Sindh.
Composing & Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: 022-2721172
Price: Rs. 250-00

شهيدِ وطن:

ذوالفقار علي ڀٽو

جي نالي

جنهن صدين پڇاڙي

راجا ڏاهر واريءَ سنڌ تي

حڪومت ڪئي.

شهيدِ جمهوريت

محترما بينظير ڀٽو

جي نالي

جنهن جي رت هڪ دفعو وري

جمهوريت جا گلاب ٽيڙيا.

اڪبر سومرو

شهر جي ڳالهه
(ناول)

اڪبر سومرو 25 جنوري 1959ع تي ٽنڊوالهيار ۾ ڄائو. سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي مان ماسٽرس ۽ بعد ۾ پولي ٽيڪنڪ ڪاليج مان سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين.

سندس ڪتاب "ڊائري جا پنا" (ڊائري) 1981ع، "من جي ڦَن پار" (ڪهاڻيون) 1984ع، "ڪيسو ڦل" ڊائري 1990ع ۽ "چهرا چهرا شهر" (خط/ سفرنامو) 1992ع ڇپيا. 1998ع ۾ شهر جي ڳالهه (ناول) ڇپيو. جيڪو هتي بيهر وڌائي ڇپجي رهيو آهي. بنهه نئين نڪور انداز ۾ لکندڙ اڪبر سومرو سنڌ جي نوجوان نسل جو نمائندو ليکڪ آهي. هن مارشل لا جي دؤر ۾ انتهائي پر اثر لکڻيون لکيون. سندس ڪهاڻيون: خاموشي جا واڪا، رت هاڻو چنڊ ڪولي مٽان، من جي ڦَن پار، ڊل دنيا جو گولو ڪانول من، سر ۾ سارينگي، انت جي خوشبوءِ، بوتيڪ ڪان بيڊ روم تائين وغيره سنڌيءَ جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن. جيڪي اردو ۽ ڪي انگريزي ۾ پڻ ترجمو ٿيون. پنهنجي منفرد انداز جي ڪري هن پڙهندڙن ۾ بهترين جاءِ پيدا ڪئي آهي. هو هڪ تخليقي ليکڪ آهي ۽ سندس شمار سنڌ جي ناليرن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو.

1978ع ۾ سنڌي شاگرد پبليڪيشن جو بانهن بيلي ۽ پوءِ مرتب ٿيو. 1982ع ۾ حيدرآباد ريڊيو تان "ادبي ڊائري" جي ڪمپيئرنگ ڪندو رهيو. 84ع ۾ محمد ابراهيم جويو ۽ شمشيرالحيدري سان ان وقت جي حڪومت-مخالف رسالي "هدايت" ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين.

1990ع ۾ هن خيرپور مان شادي ڪئي ۽ پنهنجي ٽن ٻارن (ٻن پٽن، هڪ ڌيءَ) ۽ زال سان گڏ اڄڪلهه ڪوئيٽا ۾ رهندو آهي.

تازو ئي سنڌي ادبي سنگت - سنڌ پاران 2007ع ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي مجموعي 'بوتيڪ ڪان بيڊ روم تائين' تي کين انيس انصاري ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

سَٽاءُ

	ٻه اکر	اڪبر سومرو 9
1.	Don't Hot!	15
2.	ڏنڊلو عڪس	28
3.	پريزيڊنسي	31
4.	بايونڪ بواءِ	33
5.	پوڄا پاٺ	45
6.	املتاس جا گل	48
7.	رات جو رنگ	52
8.	پيلا گل گلاب جا	54
9.	سنو ريس	59
10.	مزاحمت	64
11.	سينسر	68
12.	فَبِأَيِ الاءِ ربڪما تڪذبن	70
13.	تلسيءَ جا پن	73
14.	موٽ	83

.15	ڪراسيءَ جو ڊِڪ	85
.16	ڪئلينڊر	93
.17	Generation/ Re_Generation/ De_Generation	99
.18	بوريت	107
.19	ڊوتل وڻ ۽ لپ اسٽڪ	110
.20	خدا پاڻيءَ جي رنگ جيان آهي!	121
.21	ڪافيءَ جو مگ ۽ ڳوڙها	126
.22	ماڊ گرل	130
.23	ميرو من	137
.24	رامڪلي	139
.25	ڇوڪريون ۽ آئيس ڪريم	144
.26	Fried Eggs, without Fry Pan	148
.27	لبيل دنيا	154
.28	ٻہ تصويرون	156
.29	نو رشوت, نو سفارش	159
.30	اينجل ڪاٽيج	161
.31	All the shades of Grey	165
.32	This is the way the world Ends!	178
.33	اسٽنٽ, بليو مرڊر ۽ مذهب	181
.34	ڳوٺ	188
.35	حملو	192
.36	ڏک جو گيت	195
.37	اوسيئڙو	198
.38	گرفتاري	203
.39	انويسٽيگيشن	209
.40	اڪارس اڏاڻا	216
.41	انت	219
.42	البم	225
	ببليوگرافي	229

ٻه اکر

ڪابه ڪهاڻي يا ناول ايستائين جو ڊائري ۽ خط به تسلسل سان لکي پورو ڪرڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي. اهو سڀ ڪجهه ٽڪرن ٽڪرن ۾، اڪثر ته پنن تي نوٽ ڪرڻ سان لکجندو ۽ گڏ ٿيندو رهي ٿو.

ڪابه تخليق جيئن ته صحافت نه آهي، ان ڪري رات ڏينهن خيالن کي اڏامندڙ پوپٽن جيان هڪ هڪ ڪري پڪڙي پڪڙي ذهن جي ڪاريءَ ۾ رکڻو ٿو پوي! ۽ پوءِ تورا خيال، تورا Passions، تورا رنگ، توري خوشبوءِ، توري روشني، توري زمين، تورو آسمان، ڪجهه لينڊ اسڪيپ، ۽ ڪجهه وقت جا ڦرندڙ Dimensions يا وال ڪلاڪ جا ڪانٽا، ڪجهه چهرا ۽ ڪجهه شبيهون، سڀ ڪجهه ڪي پڪڙي هڪ مٺ ۾ قابو ڪرڻ سان، هڪ ڏاڍي ۾ سوئڻ سان ئي تخليق هٿ اچي ٿي! اهو منهنجي لکڻ جو انداز آهي، هڪ ئي Stroke ۾ ۽ بنان موڊ جي لکڻ مون لاءِ ممڪن ڪونهي!

سال بيلو سندس ناول 'Herzog' کي الائجي ڪيترا ڀيرا لکيو هو. تيئن هيءَ ناول "شهر جي ڳالهه" ۽ [illegible]" به مسلسل 81ع کان 2008ع تائين ڇڻ ٽڪرن ٽڪرن ۾ ڪڏهن خلا ۽ ڪڏهن ڪڪر، ڪڏهن پاڻي ته ڪڏهن برسات ۾ ڪجهه لکجندو ۽ بدلجندو رهيو آهي پر ان جو Theme ساڳيو آهي نه بدليو آهي. اهو 81ع ۾ به هڪڙيءَ فري لانسنگ انڊين جرنسلٽ ڇوڪريءَ ۽ هڪڙي بيروزگار سنڌي ڇوڪري جي ڪهاڻي هو ۽ هاڻ به simply انهن ٻن ڄڻن جي ئي ڪهاڻي آهي. جيڪا جنرل ضياءَ جهڙي ملعون ڊڪٽيٽر جي دور جو هڪڙو ڪارو باب آهي، جنهن پنهنجي هٿن سان هن ملڪ جي ڪنڌڪڙڇ ۾ جيڪي توهر پوکيا، جيڪي لينڊ مائينز عوام جي رستن ۾ وڇايون ۽ گولين ۽ بمن جا جيڪي ٻج هن ملڪ

جي ڏرتيءَ تي ڇٽيا تن کي اڄ تائين هن منهنجي پياري ملڪ جو بي حال عوام ڀوڳي رهيو آهي.شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جوJuditial Murder پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو باب آهي هن ناول ۾ ان جا اولڙا بيان ڪيا ويا آهن. ڪٿي عام گوشت پوست جا انسان، ڪٿي سچا، ڪٿي ڪوڙا، ڪٿي جذباتي ۽ ڪٿي جنسي، ڪٿي خوشيءَ ۽ ڪٿي غم ۾ ورتل! بهرحال ان جو هيرو عام ماڻهو آهي، ملائڪ ڪونهي.ڇو تہ مون کي اها پڪ آهي تہ دنيا ۾ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي Time_ span ۾ ڪڏهن بہ هڪ ڳرو شرافت ۽ نيڪيءَ جي رنگ سان رڱيل رهي نٿو سگهي. دنيا ۾ سُنا ماڻهو گهٽ ٿا ملن تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ ڪجهہ Exceptions کي ڇڏي انسان ڪڏهن شيطان آهي ۽ ڪڏهن ملائڪ ڪنهن بہ پادريءَ جي اطلس جو جبو ۽ مذهبي اڳواڻ جو عمامو ان جي جسم مان رت ۽ شهوت کي تہ ختم نٿو ڪري سگهي؟ انسان بهرحال انسان آهي. ان ڪري هن ناول جو هيرو علي بہ انسان آهي. علي ۽ ڪلديپ جو محبت جو تصور شيڪسپيئر جي 'Othello' جيان خود غرضيءَ تي مشتمل آهي نہ ڪِ آفاقي محبت ۽ اهڙيون ئي محبتون اسان وٽ عام آهن. علي پنهنجي عهد جي الميئي جو شڪار ٿئي ٿو. ناول جي هيروئن ڪلديپ بہ پنهنجي عهد جي الميي جي شڪار ٿئي ٿي. شايد هنهي کان سندن خدا رُٺل آهي؟؟ يا سمورن ماڻهن کان خدا رٺل هوندو آهي؟ دنيا ۾ سڀ ماڻهو ڪنهن الميي جو شڪار ٿين ٿا.

زندگي ۽ سچ ڏاڍا ڪئوڙا آهن. دنيا ۾ رات ڏينهن وحشي ڪارراويون عام آهن ان ڪري اها ڏاڍي خطرناڪ آهي. دنيا جهنگ جهڙي آهي جنهن ۾ چيتا ۽ شينهن پيا هلن. دنيا "National Geographic" جو چئنل آهي، جنهن ۾ انسان يا جانور ماريندو يا مري ويندو!؟

اسان جو معاشرو جنس لاءِ هڪڙو انتهائي نفرت ڀريو جذبو رکي ٿو. جڏهن تہ هر ٻار جمي ٿو تہ سڀ کان پهريون سوال ان جي جنس بابت ڪيو ٿو وڃي. اسان جو معاشرو اهڙين نظرين سان ڀريو پيو آهي، جنهن ڪري ڪنهن بہ حساس ماڻهوءَ جي تخليقي ۽ وجداني ڪيفيتن جو دم ٿو گهُٽجڻ لڳي. هر ماڻهو اهڙي ڪيفيت ۾ زندگي بسر ٿو ڪري يا ڪرڻ ٿو چاهي؟ ڪي ماڻهو تہ خاص طرح اهڙي ڪيفيت پنهنجي مٿان طاري ٿا ڪري ڇڏين ۽ معاشري ۾ رائج اخلاقيات کان خوفزده ٿيUn_certainty واري زندگي ٿا گذارين. زندگي بسر ڪن ٿا! يا زندگيءَ جي خوبصورتين کي پاڻ

تي حرام ڪن ٿا! ۽ جنهن ماڻهوءَ ۾ تخليق، وجدان، خوبصورتيءَ جي پرک ۽ جنسي جذبو ناپيد هوندو سو شايد گپ جي ڍير کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندو.

ڪابه عورت ۽ مرد تيستائين زماني ۾ مثبت جذبي سان سرشار ٿي ڪوبه ڪم ڪري ئي نٿا سگهن جيستائين اهي پنهنجي اندر تائين جنسي ۽ نفسياتي طرح مطمئن نه هجن. جنس جي طفيل ڪٽنب ۽ گهر ۽ ملڪ ۽ دنيا آباد آهي ۽ خدا به اهوئي ٿو چاهي. خوشيءَ جو بيو نالو ماڻهوءَ جو زندگيءَ سان ڀرپور هجڻ به آهي.

1947ع ۾ به ملڪ انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ٿي پنهنجي شناخت ڳولڻ لڳا. ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن واضح اعلان ڪيا ته جمهوريت ۽ سيڪولرازم سندن منشور هوندو. پر ٻئي ملڪ شناخت جي ڳولا ۾ غلط رستن ڏانهن نڪري ويا. پاڪستان ۽ انڊيا پنهنجي اصل Assignment ڇڏي مذهبي انتهاپسندي ۽ تعصب جي رستن تي هَلي پيا. اڄ 'ديش پال' هندو تعصب پرستيءَ جي پينگهي ۾ لڏندي 'رام چرت مانس' کي هندو مت جو اهم ٿنڀ سمجهي ان تي هندو انتهاپنديءَ جو بنياد رکي ٿو. پر اهو ياد نٿو ڪري ته صوفي شاعر 'تلسي داس' اهو ڪتاب شهنشاهه اڪبر جي دؤر ۾ ئي لکيو هو. ۽ هندوستان ۾ مغل دؤر ۾ ئي هندو ازم جو نڪ نقشو وڌيڪ واضح ٿيو. جنهن ڳالهه کي هندو دانشور تسليم ڪن ٿا.

1992ع ۾ هڪ انتهاپسند هندو ٻلوي ايوڌيا شهر ۾ 'بابري مسجد' کي شهيد ڪري ڇڏيو ويو. اها مسجد سورهين صديءَ ۾ ٺهي هئي. هندو انتهاپسندي ان هندوستان ۾ هندو شناخت پئي ڳولي، جنهن ۾ 15 ڪروڙن جي آبادي مسلمانن تي مشتمل آهي! هن ڳالهه جو ڪوبه ثبوت نٿو ملي ته بابر بادشاهه مندر ڊاهي اتي مسجد جوڙائي هئي پر هن ڳالهه جا واضح ثبوت مليا آهن ته هندوستان ۾ ڪافي هندو راجائن ڪافي اهم ۽ تاريخي ٻوڌي مندرن کي ڊاهي انهن جي جڳهه تي هندو مندر قائم ڪيا هئا. مٿرا جو شاهي مندر به ان جڳهه تي ٺهيل آهي جتي قديم دؤر ۾ ٻوڌي مدرسو ۽ پئگوڊا ٺهيل هئو. سک مت ۽ هندومت جي وچ ۾ تعصب به اڄوڪي هندوستان جو اهم مسئلو رهيو آهي.

پاڪستان جي حالت به گهٽ خطرناڪ ڪانهي. اسلام ۾ اقليتن کي واضح تحفظ هجڻ جي باوجود انتهاپسند ڌريون جڏهن به چاهين انهن جي عبادتن جي جاين تي حملا ڪن ٿا. جنهن ڪري ڪوبه مسلڪ، فرقو ۽

مذهب ۽ انهن جا مڃيندڙ تہ محفوظ ناهن. پر خود مسلمان بہ محفوظ ناهن. انتهاپسند ڏرين ننڍي ڪنڊ جي تاريخ کي بدلائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻ انهن پنهنجي مرضيءَ جي تاريخ لکڻ شروع ڪئي آهي. پاڪستان پنهنجي سٺ سالن جي تاريخ ۾ جيڪي خطرناڪ دؤر ڏٺا انهن ۾ جنرل ضياء (پاڪستان ۾ هڪ ملعون صفت ڊڪٽيٽر) جو دؤر ڪارو دؤر ثابت ٿيو اسلام جهڙي اعليٰ ۽ امن پسند مذهب کي هن پنهنجي مرضيءَ جي رنگ سان رنگڻ شروع ڪيو. جنرل ضياءَ هن ملڪ ۾ جيڪي ٻوهر ۽ ڪانڊيرا پوکيا، اهي اڄ پنهنجيءَ مڪمل بهار تي آهن ۽ هاڻ ڪئين انتها پسند گروپ اسانجي شهرن ۾ گهٽين جو ڪاروبار هلائين ٿا.

اميريڪي صدر بش جي صدارت سنڀالڻ کان پوءِ تہ دنيا جي حالت اڃان بہ ابتر ٿي آهي. دنيا جي قومن ۽ مذهبن جي وچ ۾ رواداري بنهہ ختم ٿي ويئي آهي. دنيا، ان جي قومن، مذهبن ۽ ان جي ثقافتن کي هڪ ٻئي جي سامهون گليڊيئيٽرس جيان لاٿو ويو آهي. ماڻهن کي هاڻ باقاعدي مذهبي ٿي سوچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. برطانوي صحافي رابرٽ فسڪ (Robert Fisk) جو ڪتاب: "The Age of the Warrior" ۽ اڳ ڏنل ٻي راءِ جو ڪتاب 'The Shape of the Beast' ان صورتحال جا واضح مثال آهن.

نفرت رڳو وڌيڪ نفرت کي ئي جنم ڏئي ٿي ۽ تشدد وڌيڪ تشدد ۽ مخالفت کي ئي آپاري ٿو. دنيا تي هاڻ بُش ۽ ٽوني بليئر جهڙا دانشور؟ حڪومت ڪن ٿا! ۽ انهن ملڪن جو عوام بہ انهن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿو سگهي.

دنيا ۾ جيتري مادي ترقي ٿي آهي ان جي اڌ جيتري بہ روحاني ترقي نہ ٿي سگهي آهي، جنهن ڪري دنيا ۾ تمام گهڻو بگاڙ پيدا ٿيو آهي. ماڻهو ماڻهوءَ کي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ ۾ ائين محو آهي جيئن تاريخ جي قديم دؤر ۾ وحشي جنگجو ملڪن ۽ قومن تي حملا ڪري کين نابود ڪندا هئا.

هندو دانشور وويڪانند کان اميريڪا ۾ هڪ ليڪچر بعد هڪ عورت پڇيو: "ڇا هيءُ بهتر ڪونهي تہ سمورن انسانن لاءِ جيڪڏهن هڪڙو مذهب هجي تہ هيءَ دنيا وڌيڪ خوبصورت ٿي ويندي؟"

وويڪا نند جواب ڏنس: "نہ! دنيا شايد اڃان بہ وڌيڪ خوبصورت تڏهن ٿيندي جڏهن ان ۾ ايترا مذهب هوندا جيترا ان ۾ موجود ماڻهو!"

ماڻهوءَ هن دنيا کي پائمال ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. هن ٻيلا ڪٽي ناس ڪيا آهن. جهنگن ۾ موجود جانورن ۽ پکين کي ماري کائي

ڪپايو آهي. هوا ۾ بمن ۽ بارود جي بوءِ پري آهي. فضا ۾ دونهون ۽ آلودگي ملائي آهي. مذهبن/نظرين/ثقافتن ۽ قومن جي نالي ۾ انسانيت اندر ويڇا پيدا ڪيا آهن. ۽ انڪري انسان پاڻ کي طاقتور/امير ۽ مالامال ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ وڌيڪ ڪمزور ۽ غريب تي ويو آهي! بلڪ مفلس تي ويو آهي!

دنيا هاڻ ماڻهوءَ جي رهڻ لاءِ ڏاڍي Un_safe جڳهه بڻجي ويئي آهي! ۽ ان ڊوڙ ۾ سون تي سهاڳو ڪارپوريشنس، اسٽاڪ مارڪيٽ، گلوبلائيزيشن، IMF ۽ WTO آهن!

هيءُ ناول ''شهر جي ڳالهه'' نـ رڳو جيئڻ مون پهرين عرض ڪيو تـ عليءَ ۽ ڪلديپ جي عهد جو الميو آهي پر اهو هن عظيم ملڪ (جنهن تي راجا ڇچ بن سلائچ، راجا ڏاهر، قائداعظم محمد علي جناح، ذوالفقار علي ڀٽي، محترما بينظير ڀٽو حڪومت ڪئي) جو الميو پڻ آهي! هيءُ ملڪ ٻئي ڪنهن بـ رهواسيءَ جيان مون کي بـ پيارو آهي ڇو تـ اهو منهنجي ماتريومي آهي اهو منهنجو Father land آهي. اهو عظيم ملڪ جنهن کي مانسرور ڍنڍ مان سينڌ جيان نڪري درياءِ سنڌ (Indus River) سيراب ڪري ٿو. ان ملڪ ۾ ناجائز حڪمرانن پنهنجي آمريت واري اقتدار کي شيطان جي آنڌي جيان اينگهائڻ ڪاڻ، بي گناهه ماڻهن جي سِرين جا لابارا لاٿا آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تي هليل قتل جي ڪيس ۽ سزا ۾ کهڙو مڪتبهءِ فڪر آهي جيڪو ان کي هڪ بي مثال، اڻ_ڏريو ۽ انصاف تي مبني فيصلو مڃي ٿو؟ پاڪستان جو سمورو عوام ان کي اڄ بـ Judicial Murder تصور ڪري ٿو.

ملڪ ۾ مسلسل بي انصافين، ناگهاني بي وقتين مارشل لائن، سازشي ۽ غير جمهوري حڪومتن جن عوام جي خوابن کي ڏنڌلو بڻائي ڇڏيو آهيءِ هر ڪنڊ پاسي ۾ پولرائيزيشن واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. ملڪ جو عوام جمهوريت چاهي ٿو. ملڪ ۾ موجود مذهبي گروهه اسلامي نظام چاهين ٿا ۽ انهن ٻنهي وچ ۾ جيڪا ٽئين قوت موجود آهي سا وري پنهنجي الڳ اقتداري Politics چاهي ٿي!

ملڪ جي سٺ سالن ۾ عوام جي ۔۔ ـت جي نوٽيس بورڊ کي ڪاري رنگ جو برش گهمائي ڇڏيو ويو آهي ۽ اڄ جي دنياوي آکاڙي Arena ۾ انسان کي ڪروڙين ساهوارن جي ڳتيل آباديءَ جي هوندي بـ ماڻهوءَ کي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. ڇا اسان جا Ancestors (ابا_ڏاڏا) جيڪي غارن ۾

رهندا هئا. يالن سان شاهي ميمٿن (Mammoths) کي گهيري ماري وڻن جي ٻُنڍن تي گوشت پچائي کائيندا هئا، تن زندگي نہ ماڻي ڇا؟

اسين فضيلت، شستاچار اخلاقيات جي تيرن جي مينهن ۾ شڪاري ڏڦن ۾ گهيريل ماڻهو بلڪل ائين ئي جيئن قديم زماني جا ماڻهو پنهنجي شڪار کي گهيريندا هئا. Complexes جي پيٽ چيري وجهندڙ جانورن جي ڌڻ ۾ قاتل ماڻهوءَ کي، دنيا کان ماڻهپي کان ۽ انساني خوبصورت جذبن کان پري ڪري ڇڏيو آهي. جديد تهذيب ۽ تمدن انسان کي مذهبي فرقن، نظرين، ادب، آداب ۽ اخلاق؟ (جيڪو دراصل بد-اخلاقي آهي) جي نوڙن ۾ پنجوڙن ۾ ٻڌي، واڙي دنيا کي هڪ 'Zoo' ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

دنيا ۾ مذهبن ۽ ازمن کي جيڪي سٺا ڪم ڪرڻ کپن ها تن جي بجاءِ ماڻهو انهن کان پنهنجي فائدي ۽ مرضيءَ جا ڪم پيا وٺن! جنهن ڪري مذهب ۽ نظريا مشڪوڪ ٿي ٿا وڃن. جڏهن اهي اجتماعي ڀلائي پکيڙڻ بجاءِ برائيءَ ڦهلائڻ جو سبب بڻجن ٿا. جڏهن اهي خوبصورت ڇال ڏيندڙ هرڻ جي ٻچن مان Meta morphosis ڪري خونخوار چيتن ۽ Panthers ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

دنيا نہ رڳو نيشنل جياگرافڪ جو چئنل آهي پر ان جي هر ملڪ، معاشري، گهر ۽ هر ماڻهوءَ، هر ڇوڪري ۽ هر ڇوڪريءَ ۾ ڪو تشدد ۽ ڪا منحوسيت پڻ پريل ٿئي ٿي. جنهن ڪري محسوس ٿئي ٿو تہ هر عشق جي ڪيفيت ۾ پڻ مخصوص ڊگريءَ تائين ڪا منحوسيت پريل ٿئي ٿي، جيڪا ٻنهي ماڻهن تي اثرانداز ٿئي ٿي! ۽ انهن کي پريشان بہ ڪري ٿي!

ڇا ماڻهو پنهنجي جسم ۾ ڪنهن بہ ازم ۽ مذهب جي (فرقن جي) ڪوڪن نوڪڻ کان سواءِ هن دنيا ۾ زندگي نٿو گذاري سگهي؟

هڪ عظيم خدا جو تصور ۽ هڪ محبوبا جي ساٿ سان ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهہ سال دنيا ۾ ڪُٽائي نٿو سگهي؟

- اڪبر سومرو

19-فيبروري 2009ع

ڪوئيٽا

Don't Hot!

اها آگسٽ 82ع جي هڪ خوشگوار ٻپهري هئي ڪجهه ئي دير پهرين برسات ٿي چڪي هئي سياري جي شروعات ٿي چڪي هئي ملڪ ۾ مارشل لاءِ لڳل هئي. شهر جي سمورن رستن تي قانون نافذ ڪندڙ ايجنسين جا سپاهي باربيڊ وائرس سان رڪاوٽون کڙيون ڪري سمورين ايندڙ ۽ ويندڙ گاڏين توڙي ماڻهن جي تلاشيءَ واري عام ڪم ڪار ۾ مشغول هئا. وڏن ويڪرن ڪارپيٽيڊ رستن ۽ ويڪرين پلاٽ گهٽين جي وچ ۾ ٿهيل، سرڪاري ڪواٽرن، بنگلن ۽ اپارٽمنٽس جي بلاڪن جي ڪنڊن وٽان ٿڌي هوا پنهنجو بدن گسائي گذري رهي هئي. زرخيز پيلي مٽيءَ تي بيٺل وڻ پنهنجا ڇٽندڙ پن ۽ ٽاريون هوا جي آڌار لهرائي رهيا هئا. رستن وچ ۾ گرين بيلٽن ۾ پيلو اولئينڊر، بوتل برش، جهنگلي توتن، ٽڪنا جا ٻوٽا ۽ ٻيا وڻ، پنهنجين ٽڪل ٽارين تان هاڻ موسم جا آخري گل ڇاڻي، تبديليءَ جو اعلان ڪري رهيا هئا! شهر جي چوڌاري جابلو سلسلو هئو ۽ ان مٿان نيرو آسمان.

ويڪرن رستن جي وچ ۾ سرڪاري عمارتن جا چند بلاڪ، ڪجهه مايوس بيٺل هئا عمارتن جا اهي چند بلاڪ جن ۾ سڄي ملڪ جي عوام جي قسمتن جا فيصلا چند بيورو ڪريٽ ۽ ڪجهه وردي پوش آفيسر ڪندا رهندا هئا. انهن ۾ سان صدر هائوس هئو جنهن تي ان وقت ٻه جهنڊا ڦڙڪي رهيا هئا. ان ۾ سان پارليامينٽ هائوس هئو ۽ انهن سمورين عمارتن جي سامهون گذريندڙ سڙڪ جو نالو شاهراهه آئين رکيو ويو هو. جنهن سڙڪ تي هو جڏهن به ايندو هو هن کي آئين بابت ياد ايندي هئي. آئين جنهن کي ڇنڊي ڦوڪي طاق تي رکيو ٿي ويو ۽ ڪڏهن وري ڦاڙي ڦٽي تي ڪيو ويو؟ انهن ئي ويڪرن رستن ۾ سان ٻنگ ۽ قدرتي گاهن ٻوٽن ۾ گهيريل اپارٽمينٽس جي بلاڪن منجهه. هڪ فليٽ ۾ علي دير سان ننڊ مان جاڳيو ۽ ڪرموڙيندي وال ڪلاڪ تي نظر وڌائين صبح جا يارهن ٿيا هئا.

هن اٿي درين تان پردا هٽايا سيپٽمبر جو آسمان ان وقت صاف ۽ روشن هئو. ساوڪ ڀريل پهاڙ ڪافي خوبصورت لڳي رهيا هئا. هن اوٻاسي ڏني ۽ وري اچي پلنگ تي ويٺو.

اپارٽمينٽ ۾ رهندڙ عليءَ ڪانسواءِ سمورا سرڪاري ملازم هئا سڀ روزانو صبح جو ڇهين وڳين اٿندا هئا. وٽ وٺان ۾ ناشتو ناهڻ، چانهه ڪاڙهڻ، شيو ڪرڻ ۽ وهنجڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. ڪو اٺو ڳوهيندو هو ڪو ماني پچائيندو هو. ڪو چانهه لاءِ پاڻي رکي واش روم ۾ هليو ويندو هو. سيني کي ساڍي ستين وڳي واري پوائنٽ بس ۾ چڙهڻ جو اونو هوندو هو. جيئن آفيس پوري ٽائيم تي پهچي سگهن. علي يونيورسٽيءَ مان فارغ ۽ بيروزگار ماڻهو هئو. ٽنهنڪري ڪيس نه ايترو جلدي اٿڻ جو جواز هئو ۽ نه وري ڪو آفيس ۾ پهچڻ جو اونو. اپارٽمينٽ هن جي سئوٽ سراج کي مليل هو جيڪو هتي ڪنهن مِنسٽريءَ ۾ آفيسر هئو. ٻيا به ڪي آفيسر، ڪي نان آفيسر سڀ هن جي اپارٽمينٽ تي رهندا هئا ۽ مسواڙي هئا.

عليءَ وات تي هٿ ڏيندي ٻي اوٻاسي ڏني، آرس ڀڳو ۽ چمپل پائي واش روم ۾ هليو ويو.

هن جو قد پورو پنو ڇهرو بيضوي، ڪاڏي مضبوط نڪ ڏگهو اکيون ڀوريون ڪاريون، پيشاني ويڪري، وار ڪارا ناسي ۽ گهنڊيدار . جن جون ڇڳون هميشه هن جي نرڙ تي لٽڪنديون رهنديون هيون. هن جي ڇاتي ويڪري . بدن جواٽيءَ جي رت ۽ گوشت سان ڳنڍيل ۽ رنگ گورو هو. مرداڻي خوبصورتيءَ جو هو هڪ بهترين نمونو هئو.

واش روم مان هو برش ڪري منهن ڌوئي ڪلهي تي ٽوال رکي نڪتو ۽ ان سان هٿ اگهندو ڪمري مان ٿيندو وڃي ڪچن ۾ گهڙيو. اتي سڀ ٿانو ميرا پيا هئا. ناشتي واريون پليٽون، فراءِ پين، ٽري ۾ بچيل پتي سميت چانهه جا مگ، ڇاٽي، ساس پين، پليٽن ۾ بچيل ٽريل بيضن ۽ مانيءَ جا ٽڪرا، ساوا مرچ، ساوا ڏاٽا ۽ بيدن جا خول بصر جون کَلون وغيره جنهن ڪري ڪچن ۾ عجيب بوءِ هئي.

هن ساس پين، فراءِ پين، هڪ مگ ۽ هڪ پليٽ ڌوتي ۽ چانهه لاءِ پاڻي چاڙهي فرج مان ٻه ٽي سلائيس ڪڍي آيو. انهن کي مارجرين هٽي وچ ۾ ٽماٽا ڪٽي وڌائين ۽ پوءِ هڪڙو آمليٽ ٽري سلائيسن وچ ۾ رکي اڀرندڙ پاڻيءَ ۾ پتي وڌائين. ڪير اڄ هن لاءِ نه بچيو هوان ڪري بلاڪ تان هيٺ لهڻ

۽ چڙهڻ تي هن جي دل بہ نہ ٿي. سليماني چانهہ مگ ۾ وجهي هن پنهنجي سينڊوچ جي پليٽ کنئي ۽ ٽي وي لائونج ۾ اچي ويٺو ۽ ٽي وي آن ڪائين تہ اتي ڪجهہ مولوي حضرات عورتن جي پردي ۾ رهڻ واري مسئلي بابت بحث ڪري رهيا هئا. لائونج ۾ هڪ طرف ڊائننگ ٽيبل رکيل هئي. هن لائونج جي درين جا پردا هٽايا تہ سامهون واري بلاڪ جي ڇت مٿان روز جيان ڪجهہ ڇوڪريون ٽينس کيڏي رهيون هيون. انهن سمورين مان هڪ، جنهن جا وار جيٽ بليڪ ۽ ڊگها هوندا هئا، تنهن تي روزانو شام جو جڏهن سمورا آفيس مان موٽندا هئا تہ خاص طرح تبصرو هلندو هئو!

هونئن تہ اپارٽمينٽ ۾ رهندڙن ۾ بہ ڇٽا شادي شدهہ بہ هئا پر هتي سڀ بيچلرز واري زندگي گذاري رهيا هئا! رڳو نمازي ۽ پرهيز گار خالد، سدائين هنن تي تنقيد ڪندو رهندو هئو. خالد جنهن جي چهري تي هلڪي ڏاڙهي هئي "پراين نياڻين لاءِ اهڙا تبصرا؟.... خدا نہ بخشيندو!" سڀ هن جي ڪاوڙ تي ٽهڪ ڏيندا هئا تہ خالد ڪمري ڏانهن هليو ويندو هو!

هر شام جو ڪچن ۾ پاڇي بہ ڪٽجي ۽ رڌبي هئي ۽ ڊگهن وارن واريءَ جي سونهن جي سامان تي، سندس جوانيءَ ۽ گوشت سان پُر، گوري بدن پوٺواري ۽ پشاوري مِڪس حسين چهري جو ذڪر بہ هلندو رهندو هئو. ڊوڙي ڪَاڪ کي ريڪيٽ هڻڻ سان سندس بدن ۾ پيدا ٿيندڙ ولولي سان تہ جڻ سڄي شهر کي ڏڪڻي وڃي ويندي هئي.

"الا! ماما ڇا تہ بدن آهي ڇوڪريءَ جو ۽ ڇا تہ اکيون، چهرو ۽ وار! سبحان الله." امتياز چوندو هو تہ سراج وري سر ملائيندو هئس:

"بابا! اسين تہ هن حُورَ جي تعريف ٿا ڪريون. معنيٰ خدا جي تعريف ٿا ڪريون تہ الله تعاليٰ ڪئين نہ ان حسينا جي تصوير ٺاهي آهي ۽ ان ۾ رنگ ڀريا آهن. سندس بت ۾ چيتي واري اُڇل رکي آهي ۽ جواڻي جا ساز سمايا آهن.

'....سبحان الله'، سراج ٽيڏي اک سان خالد ڏانهن نهاريندي امتياز کي اک پيچندي چوندو هو. ۽ اهو سڀ خالد کي چيڙائڻ لاءِ هوندو هئو.

"توهان کي تہ مرندي ئي ملائڪ سڌو دوزخ ڏانهن ڌڪيندا. توبهن توبهن!" خالد واقعي ڪجهہ سيريس ٿي ويندو هئو.

" ۽ انشاءَ الله اها حسينا، ناز نينا، طور سينا بہ اتي ئي هوندي ۽ اسين سڀ پنهنجا پاڻ ۾ گڏ هونداسين." امتياز چوندو هو تہ ٺهڪڙو مچي ويندو هو.

"ابا پوءِ تہ واهہ جو ڪچهريون مچنديون ۽ تو واري انهيءَ جنت ۾ سڀ اشراف ماڻهو هوندا ۽ ڪيڏو نہ بور ماحول هوندو." امين چوندو هئو. سڀئي ٽهڪ ڏيندا هئا. "توبهن! توبهن! توبهن!.. منهنجا رب،ڪافر بہ ڪي ڪتا آهيو. مرئي ڪان متي ڪيل سلوار ۾ وضوڪيل خالد چوندو هو ۽ ٽوپي پائي اپارٽمينٽ ڪان هيٺ مسجد ڏانهن لهي ويندو هئو.

"ڇڏيو يار! خالد کي تنگ نہ ڪريو. شريف ماڻهو آهي." مردان جو پناڻ شميم خان چوندو هو.

چوٿين فلور تي ٺهيل هيءُ اپارٽمنٽ نہ رڳو خوبصورت ۽ ڪشادو پر بلڪل نئون ٺهيل هئو. ٻن بيڊرومس، اٽيچڊ باٿ روم، هڪ شاهي ڊرائنگ روم، هڪ ٽي وي لائونج، هڪ وڏي ڪچن ۽ اسٽور تي مشتمل هئو. علي جتي وينو هو. اتي سال 1982ع جو ڪئلينڊر لڳل هئو. جنهن تي يوگا جي "ڪنول آسڻ" ۾ ويٺل هڪ ڇوڪريءَ جو فوٽو هئو. ڇوڪريءَ جي مٿي تي ٽوال ويڙهيل هئو ۽ جسم تي برا ۽ پئنٽي مٿان اڇي رنگ جو نفيس پهراڻ پهريل هئس. جنهنڪري سندس انگ انگ ظاهر هئو. اپارٽمينٽ ۾ رهندڙ سڀئي پارٽنرز ان ڪئلينڊر جي لڳڻ تي راضي هئا، جيڪو علي Mr: Books تان وٺي آيو هئو پر خالد کي ان ڪئلينڊر تي سخت اعتراض هئو.

"اهو ڪئلينڊر اسان سڀني کي دوزخ جي باهہ ۾ ٻارائيندو! هو اڪثر چوندو هئو...... هن گهر ۾ ملائڪ ئي ڪونہ ايندا!..هن گهر ۾ نماز ئي جائز ڪانهي....!"خالد اڪثر پنهنجا ڪمينٽس پٽڪندو ڏيندو رهندو هو!

نيرن ڪري عليءَ ڪپڙا چينج ڪيا ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. هن جين جي پئنٽ، ڪاٽن جي هاف سليوز فري سائيز شرٽ ۽ جوگرز پاتا Fendy جو اسپري ڪيو ۽ چابي ڪٽي دروازو بند ڪري ڏاڪڻ لهڻ لڳو. هو مڪمل طرح هڪ غيرسنجيدهہ ۽ Teen ager لڳي رهيو هئو جيڪي چيونگم چٻاڙي، سگريٽ جا ڪش هڻي، پنهنجو ٽائيم Kill ڪندا آهن. پر بہ هو پنهنجي اندر ۾ ڏاڍو سنجيده ۽ سيريس قسم جو ماڻهو هئو.

بہ سال اڳ سول انجنيئرنگ ۾ هن يونيورسٽيءَ ۾ ٽاپ ڪيو هو. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ هن کي اڃا ڪا جاب نہ ملي هئي. انڪري

جاب لاءِ ۽ پنهنجي بيروزگاريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هو Capital city ۾ آيو هئو جيئن هو پنهنجي پرئي پُڪلئي خاندان جي ان مرندڙ ساک کي ختم ٿيڻ کان بچائي سگهي. جيڪا صدين کان ڳوٺ ۾ سندن حويليءَ جي وڏن وڏن ڪمرن ۽ ورانڊن ۾ جهولندڙ جنڊيءَ جي پينگهن مان اتاڪي تي هاڻ نڪرڻ لڳي هئي!

حويلي، جنهن جي طنبيلن ۾ پدّل سُرخن، مڪڙن ۽ تازي گهوڙن جي هاڪَ ڪنهن دؤر ۾ ملڪان ملڪ مشهور هئي، جنهن جي گدامن ۾ ڪٽڪ ۽ باجهر جون سوين بوريون اچي سٿبيون هيون، جنهن جي اوطاق ۾ آيا ويا پيا کائيندا پئيندا هئا. جتي نوڪرن جا پُٽ، ڏيئرون ۽ زالون، نوڪرياڻيون ٿي نسلن جا نسل پليون هيون. تنهن جي وڏن ڪشادن ڪمرن جي ڇتين ۾ بيلجيم جا ڳرا گاردڙ ٿيئر، پتين تي رومن انگن ۽ پينڊيولم وارا گهڙيال، ڪاٺ جا شاهي ڪبٽ، جن جي شيشن تي رنگن سان تاج محل آگرو بادشاهي مسجد، مدينو شريف، مڪو شريف ۽ پيا ڪيئن نظارا پينٽ ڪيل هئا. پتين تي وڏن فريمن ۾ خاندان جي گذريل نسلن جي بزرگن جا پٽڪن ۽ مُڇن سان لڳل فوٽو ۽ بهري ۾ برمنگهم جون نهيل ڪُلنگيءَ واريون بندوقون، گرينر، جيفري، هالينڊ اينڊ هالينڊ جو نَ ڊبل بيرل بندوقون ۽ هارنيٽ رائيفلون ٽنگيل هونديون هيون. گدامن ۾ ڪاٺ جي وڏين صندوقن ۾ ايس جي، ايل جي ، ٽرپل اي، ايس پي ايس جي ڪارتوسن جا ڍُنگ پريل هوندا هئا. پر اُهي دورچڻ 'ڳئُن مٿان ڏند ويا!' ملڪ جي نهڻ کان پوءِ هاڻ حويلي جڻ ساٽي تي پئي هئي. شاهي ڪمرن ۾ جنڊيءَ جا پينگها، کٽون، نيٽ سان واڻيل ڪرسيون، مُج جي واڻ سان واڻيل مُوڙا، ڇهه ڪُنڊ ياريون ميزون جن جي پاسن کان چينيءَ جون رنگين سرون لڳل هونديون هيون ۽ وچ تي شيشي جا گلدان، تن تي چاٻين وارا فونا رکيل. تنهن حويليءَ جو هلندڙ سسٽم هندستان جي ورهاڱي بعد بدنصيبيءَ ۾ بدلجي ويو هئو؟ حويليءَ سان لاڳاپيل درگاهه (جنهن جا سوين مُريد هوندا هئا)بـ اجڙي چڪي هئي. درگاههَ جون ڏگهيون لانديون، جن ۾ سدائين مريدن جي ريل پيل رهندي هئي اُتي هاڻ پوڙها خليفا رڳو ٻُهاريون ڏيو ڪلر ميڙيو وينا هوندا هئا. اوتاري جي داسن ۽ ڳٽر ڪين ۾ پاريلن جا آکيرا هوندا هئا. ڪلر سان پريل وسيع آڳنڌ ۾ ڪرڙ جاجهونا وڻ، جن تيءِ جهرڪين ۽ بلبلين جا آکيرا ۽ سجو ڏينهن پکين جو شور هوندو هو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي آهٽ

سان هڪدم پڪي خوف وچان پنهنجو شور بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ وري ان ئي دم ان ئي رفتار سان چرچر شروع ٿي ويندي هئي.

1947ع جو سج حويليءَ لاءِ ڪوچگو سوڻ ڪٽي نہ آيو. ملڪ ۾ هندو مسلمانن ۾ ڦهليل افراتفري بعد هندستان مان پناهہ گيرن جي لوڏ سان گڏ ڪوڙا ڪليمينٽ آدم بوءِ آدم بوءِ ڪندا سنڌ ۾ ڪاهي پيا ۽ سڄيءَ سنڌجون زمينون ڦاڪون ڦاڪون ٿي ويون! سنڌ جي خاندانن جون ملڪيتون ڪيڪ جيان ڪٽجي ڪورجي ويون ۽ ان بهاني حويليءَ جون بہ اڌو اڌ زمينون ختم ٿي ويون. سڄي ڪايا ئي پلٽجي ويئي! مکڻ جون ماٽيون، مَنڌيون، سٽيا هٽ، ڇانيي جا ساڳ، پُسيون، پڪا، ڏونرا، ڪيرول، حويليءَ جون روايتون، ادب، اخلاق، ننڍ _وڏائي، اوطاقن جون ڪچهريون، ڏڳي ڳاڏين جا زمانا، ڦٽين لڏيل اٺن جون شهرن جي پڪن رستن تي چڙا وڄائيندڙ قطارون تہ ويون ئي، پر سسٽم ختم ٿي ويو! وٿاڻ ئي خالي ٿي ويا! سالن گذرڻ بعد هاڻ حويليءَ ۾ ايڏو وڏو خاندان بہ نہ رهيو هئو. بس هاڻ سڄي حويليءَ ۾ ٿي ماسيون، بہ ماسات، ٽي ماساتيون جن ۾ عليءَ جي هڪ مڱيندي شهلا بہ سئوٽ، چار سئوٽون، عليءَ جو پيءُ ماءُ ۽ بہ پيٽيون، بہ ياءُ انهن جون زالون بہ، ٻار ٻاهر پوڙهو نوڪر جادل ۽ اندر جنان نوڪرياڻي چڻ نشاني وچي رهيا هئا.

وڏا چاچا گذاري وياهئا ۽ هڪ پيڻ خاتون، جنهن کي سندس مڙس طلاق ڏيئي ڇڏي هئي، سا ٻن ٻارڙن سميت هنن وٽ ئي رهندي هئي. طلاق جي ڏنپ ڪيس ڦقڙن جو ڪينسر ڏيئي ڇڏيو هو. جنهن ۾ هوءَ پيئي ڇُڙندي هئي.

اپارٽمينٽ جون چاڙهيون هو آرام سان لهندو ويو. هر ڏاڪڻ جي آخر ۾ هر گهر جي دروازي اڳيان آرناميئنٽل پلانٽس ڪونڊين ۾ سجائي رکيل هئا. گول گول ۽ مختلف قسم جا ڪنڊاوان ڪيڪٽس. گلن سان پريل وليون.جيڪي ڏاڪڻ سامهون سيمينٽ جي ڄاريءَ تي ڦهلجي ٿي ويون تن بلاڪ کي ننڍڙي گرين هائوس ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو.هيٺ لهي هن آسمان ڏانهن ڏٺو مينهن پرجي آيو هئو. ڪڪرن جي ڪاراڻ آسمان تي چڙهندي پئي آئي. هن چاڙهين هينيان بيٺل بائيڪ جو لاڪ کوليو ۽ ڪڪ هڻي رستي تي نڪري ويو. جهڙ ۽ مينهن هن شهر جو معمول هئو.

ساوڪ پريل مارگلا جي پهاڙي سلسلي جي هينان جاڳندڙ شهر جون بلڊنگس، گهر، گهٽيون مئہ ڪدا، مارڪيٽون، فاسٽ فوڊ ڪارنرز، هوٽلس،

پڪنڪ پوائنٽس، ماٺهن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ٽِنيل رستا ۽ انهن پرسان وڻن جون قطارون . آفيسن ۾ ورڪنگ وومين، وهيءَ وچايل ڪک زماني ساز بيوروڪريٽس.

هن مارڪيٽ جو جائزو ورتو. مارڪيٽ ۾ مُجر شير محمد گوشت واري جو دوڪان هئو جيڪو ڪات سان سڄو ڏينهن گوشت وڍي گراهڪن کي ڏيندو رهندو هو. ان پرسان شفيع ڌوٻيءَ جو دوڪان هو جنهن جي اڳيان ڪاريڊار ۾ اجمل رفوگر هڪ رسيءَ ۾ ڪجهه پراڻيون قميصون ۽ پتلونون ٽنگي هڪ ننڍو صندل رکي پنهنجي گراهڪن جو انتظار ڪندو رهندو هو. مارڪيٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ بابو ڪشميريءَ جي هڪ ننڍي هوٽل جنهن تي گدلا ڪشميري ڇوڪرا هوائي چپلن سان ٺڙڪ ٺڙڪ ڪري هلندا، گراهڪن کي ماني پوڙ چانهه ڏيندا رهندا هئا ۽ دخل تي پهچڻ کان اڳ گراهڪ لاءِ رڙڪندا هئا، ’لوپائي سي اڪيس روپي‘ .. ’سات روپي لوس!‘ هوٽل پرسان هڪڙي افغاني واڍي جو دوڪان هئو. ۽ ان پرسان ڪليجي، دل،گردا، ڦقڙ ۽ تڪيون وڪڻندڙ جو دوڪان هئو مارڪيٽ جي ڪنڊ ۾ موچيءَ جو دوڪان هو جيڪو سڄو ڏينهن ماڻهن جا جوتا چمڪائيندو رهندو هو. ٿورو اڳيان مارگلا آئيس ڪريم ۽ فالودي واري جو دوڪان هئو جنهن تي ميون جا جوس بہ ملندا هئا. ان جي پويان اولڊ بوڪ هائوس هئو جتي سڊني شيلڊن، بپسي سِڌوا کان وٺي هيري پوٽر ۽ گنيز بوڪ آف ورلڊ ريڪارڊ جا پراڻا نسخا ملي سگهندا هئا.

هن يونيورسٽي بس اسٽئنڊ ڏانهن نهاريو جتي اڪثر شامن جو پرائيويٽس مڪجي چڪجي، ڪلهن ۾ پرس وجهي اچي گراهڪن جي انتظار ۾ بيهنديون هيون ۽ شڪار ملندي ئي ان سان گاڏيءَ يا ٽيڪسيءَ ۾ روانيون ٿي ويندڀون هيون. پر اتي بيهندڙ پرائيويٽس جو اسٽئنڊرڊ ٿرڊ ڪلاس هوندو هو. اهي اڪثر انهن غريب ڪٽنبن جون هونديون هيون جيڪي روزاني جي خرچ لاءِ پريشان هوندا هئا انهن جا اڪثر جوتا ۽ سينڊل سادا ۽ ميڪ اپ بہ سادو ڪيل هونديون هيون.

روڊ ٽپي هو شاور پر سان اچي بيٺو ۽ سگريٽ مان تڪڙا تڪڙا ڪش هڻڻ لڳو.

هن کان چند والن جي مفاصلي تي روز جئسمين گارڊن هو. جنهن جي پرسان پرڏيهي سياحن لاءِ هڪ هاسٽل نهيل هئي. جتي اڪثر ڇوڪرا ۽

چوڪريون والي بال ۽ ٽينس کيڏندا رهندا هئا ۽ ٻاهران لنگهندڙ ماڻهو هاسٽل جي چوڌاري ڏنل لوهي واڙ Barbed Wire جي پرسان بيهي راند کيڏندڙ پرڏيهي چوڪرين جي پگهريل جسمن جي لچڪ سميت ڪين تڪيندا رهندا هئا! ۽ ٻاهر 'Prohabited Area' منع ٿيل جڳهه جو بورڊ لڳل ڏسي هن جي گلي ۾ ڪئوڙاڻ جو احساس پرجي ويندو هو. ٿوهاري وٿان هلندو هو واپس موٽيو. سگريٽ جو آخري سوٽو هڻي هن چپ گول ڪري دونهون ڪڍيو سگريٽ اڇلائي ان جو ٻرندڙ منهن پنهنجي فليٽ سان چٿيو ۽ بائيڪ کي ڪِڪ هڻي ميلوڊيءَ جي علائقي ڏانهن وڃڻ لڳو. هڪ هوٽل جي سامهون بس اسٽاپ اڳيان هن پنهنجو بائيڪ روڪيو ۽ اسٽينڊ تي بيهاري ان جي سيٽ تي ويهي نظارو ڪرڻ لڳو. جتي ڪافي چوڪريون ۽ خوبصورت چوڪرا. جن جي ڳلن تي اڇا هلڪن ناسي وارن جي ٻُر ڪانسواءِ ڪجهه به نه هئو مني ڪوچز جي انتظار ۾ بيٺل هئا. ڪافي ماڻهو پري دڪانن تي شاپنگ ۾ رڌل هئا ۽ گهلندڙ ٿڌيءَ هوا ۾ مولثريءَ جا ڇٽيل بيمار زرد پتا. رستن تي هوا جي رخ تي هيڏانهن هوڏانهن پتڪي رهيا هئا. هوا ڪجهه تيز ٿي ته آسمان تائين ڊگها وڻ ٻارڻ ۾ وڏي واڪي ڳالهائڻ لڳا. ڪاريون ڪڪريون ڳوڻن جي گهرن مان نڪرندڙ دونهين جيان شهر مٿان بيهر ڇانئجڻ لڳيون. ٿڌيءَ هوا جو زور اڃا به وڌي ويو ته منيءَ گاڏڙ هوا شهر جي رستن ۽ گهٽين مان آوارا روحن جيان ڊوڙڻ لڳي. ماحول ۾ ٿڌڪار پرجي ويئي. جلدئي انڌاري جو راڄ ڇانئجي ويو. آسمان تي گوڙ ٿيو. وڄ جو چهبڪ ڪڪرين کي سٽي ويو ۽ پهرين هلڪيون ڦڙيون ۽ پوءِ ڳڙا وسڻ لڳا. ته هو بائيڪ ڪٽي اندر مارڪيٽ ۾ اچي بيٺو جتان هو چڱيءَ طرح خوبصورت عورتن ۽ چوڪرين سان گڏ صحتمند ٻارن کي به ڏسي سگهيو ٿي جيڪي پنهنجي مائرن سان گڏ جوس جاڏبا آئسڪريم جا گلاس ۽ چپس جون ٿيلهيون خالي ڪري رهيا هئا. سڄي ماحول ۾ سردي پرجي ويئي هئي. فليٽس ۽ ليدر جئڪيٽس پاتل چوڪرا. چوڪريون مارڪيٽ جي ڪاريڊار ۾ رستن تي ڳڙن جي گڏ ٿيندڙ ڍڳن کي ڏسي ۽ ڳالهائي رهيا هئا. اها به هڪ ادا آهي هن شهر جي بين ظالم ادائن سان گڏ. ان مهل عليءَ کي پنهنجي بيروزگاري ياد آئي ۽ هن سوچيو: **'جڏهن ماڻهوءَ جي چرنن ۾ بيروزگاريءَ جي ديوي اچي واسو ڪندي آهي ته ماڻهوءَ جي نفسيات ئي بدلجي ويندي آهي.** هڪڙو وٽس عام ضرورتن پوريون ڪرڻ جي سگهه نه

هوندي آهي ہيو سمورن ماڻهن اڳيان هو نڪمو پيو ليکبو آهي. عام طرح ماڻهو بہ کيس چريو ڪرڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽائيندا آهن. اٿندي ويهندي هرڪو پڇندو:

"ادا! نوڪري مليئي؟"

"سائين اوهان ڪٿي نوڪري ڪندا آهيو؟"

"سائين پڙهندا آهيو يا سروس ۾ آهيو؟" جي چئبو تہ: "يونيورسٽي مان واندا آهيون هاڻ جاب جي ڳولا آهي يا بيروزگار آهيان تہ اهڙي تہ همدرديءَ واري شڪل ناهيندا جو جڻ ماڻهوءَ ڪانئن پنيو هجي. 'لوگ ظالم هين هر اک بات کا طعنہ دين گي!' هو سڀ ڳالهيون ڪجهہ دير لاءِ هن ماحول کان بي خبر بڻجي سوچي رهيو هئو. نيٺ هن جي نظر هڪ فيملي تي پئي جيڪا شوپيسز ۽ Antiques جي دوڪان تان لهي رهي هئي. وڏو ۽ مهانگو دڪان جنهن ۾ پيل تامي ۽ پتل جا گلڪارين سان ڪونار, گلدان, صراحيون, هرڻ, شينهن, سنگ مرمر جا شوپيس, ڪانيءَ جا هاٿي, پکي, ايش ٽريز, سگريٽ ڪيس, مئچ ڪيس, جيولري باڪس, عاج جي شطرنج, ٻيا اسم ۽ الائي ڇاڇا. انهن ۾ سان ريڊيميڊ ڪپڙن جا دوڪان. سون, هيرن جواهرن جا دوڪان امپورٽيڊ بوٽ, سن گلاسز پرفيومس, فوڊ جاٽن پيڪس. مشروم, سوپ, مربا, آچار ويندي امپورٽيڊ لوڻ, جوس, بوتلون ۽ ٻارن جون ٽافيون, چاڪليٽ, جيليون, 'غريبن جي گهرن ۾ اهڙين شين جا خالي ٽيل ڊٻا بہ سجائجن تہ گهر سهڻو لڳي.' هن سوچيو: ڪافي ماڻهو مارڪيٽ جي ڪاريڊار ۾ چپ ڪري برسات بند ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا. هاڻ ڦڙا پوڻ تہ بند ٿي ويا هئا پر هلڪو مينهن اڃان بہ پئجي رهيو هئو. بازار جي پڪي فرش تي شفاف پاڻي ريلا بڻجي وهي رهيو هئو ۽ ان سان گڏ ڦڙا پڻ. 'ڪيڏو نہ پيارو سمو آهي.سڀ ڪپڙا لاهي انڊرويئر پائي وچي وچ ۾ ويهجي' هن سوچيو. هن جي اندر ۾ مرڪ پرجي ويئي ۽ جهونگارڻ لڳو: هون هون هون! ڪنهين موسم هوا ريشم, ڪنهين بارش هو ئي رم جهم, ڪنهين ڪويل کي ڪوڪو سي ڪهين پايل کي ڇم ڇم سي مجهي تم ياد آئي!..... مجهي تم ياد آئي!.......

هتي روزانو ڪيتري نہ برسات ٿي پوي, هن سگريٽ دکايو ۽ سوچيو مارڪيٽ ۾ هاڻ ماڻهن جو گوڙ وڌي ويو . آسمان جو رنگ هاڻ ڪاري مان ڦري اڇو ٿي ويو هئو پر ڪنوڻ ڪجڪا ٿي ڪيا ۽ پري تائين هلندڙ هوا ۾ تيز

مينهن جون بوندون اندلٽ ٿاهي رهيون هيون.هوندئن هن شهر جو نقشو ٿاهجي تہ ڪيئن هوندو؟ هڪ پلانڊ_ شهر. جنهن جي خوبصورت حصن ۾ شاهي ڪمفرٽيبل بنگلن ۾ ڪاٽيجز ۾ خوبصورت ڇوڪريون. ڇوڪرا پنهنجن ڪمرن ۾ ڪمپيوٽر تي گيمون کيڏندڙ۽ انهن جا بابا هن ملڪ جي ويلٿ ۾ هيلٿ کي پنهنجي بدن تي سجائي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرن ايئر ڪنڊيشن گاڏين ۾ گهمندڙ۽ ايئرڪنڊيشنڊ آفيسن ۾ سڄي ملڪ جو ڪاروبار هلائين. بنگلن جي اميريڪن ۾ اٽالين ڪچنس ۾ بورچين ۾ ڊيئرن سان گڏ. فرينچ فرائيز چڪن بروسٽيڊ. پسٽا چيو پڊنگس. چڪن الا ڪيو چڪن منچوريا. چڪن چليز ۾ پزا وغيره وغيره جا تجربا ڪندڙ ۾ ٻاهر وري P.C. ۾ اسلام آباد هوٽل تي ڊنر ڪندڙ خوش پوش. خوش شڪل صحتمند. اڏڙوتون ۾ انهن جا صاف سٿرا مهانگا ڪپڙا پهريل گورا ٻار ۾ شهر ۾ ڪلارڪن جون ۾ ڪرسچن ڪالونيون؟ نان ڪمفرٽيبل گندا ڪُڏڙين جهڙا ڪوارٽر ۾ ڪچي پيلي مٽيءَ جون ڪڏڙيون. جيڪي مينهن پوڻ بعد پاڻيءَ سان پرجي ويندیون آهن. هلڻ لاءِ ڪچا پيچرا گندو ماحول. چمڙيءَ سڙيل ڪارا ماٺهو ٻهارا ڪٽي سڄي شهر کي صاف ڪرڻ نڪرن پرپاڻ گند سان پريل. ۾ ڪلارڪ هڪڙو وڳو هفتو هلائين. سندس قميصن جا ڪالر ميرا. صبح جو سائيڪلن. پوائنٽ بسن ۾ تريل پٽاٽا ۾ راتوڪي دال جا ٽفن کڻي آفسين ڏانهن ويندڙ... ۾ ايليٽ ڪلاس جي ڊنل فائيلن تي Coments کي ٽائيپ ڪندڙ !Shit! Shit! Shit.....

هن خيالن جي ڦيٽ کي ڪجهہ وقت لاءِ ويڙهيو ۾ هلندو سوڪ سينٽر جي پويان اچي بيٺو جتي پري تائين وڻن سان ڳتيل رستا پنهنجا انگڙ ونگڙ جسم وڇائي ليٽيل هئا. پريان ڪان مارگلہ ڊوبي وڏيڪ سائو تي ويو هو. مينهن جو زور هاڻ گهٽ ٿي ويو هو پر رستي تي نڪرڻ لاءِ هو اڃا بہ هلڪي هلڪي ڦڙڦڙ بند ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هئو.هن شهر ۾ ڇتي ضروري آهي. ٿڌيءَ هوا جي زور تي وڻن ۾ لڏندڙ پنن جي اکين مان شفاف ڳوڙها ٿي ڪريا.

ڪجهہ دير اڳ هوا ۾ اڏامندڙ وڻن جا پن. جو س جا خالي دٻا. استعمال ٿيل ٽشو پيپر ۾ پنا جاين جي ڪنڊن. فٽ پاٿن ۾ رستن جي ڪنارن وٽ جمي ويا هئا. هاڻ مينهن بلڪل بند ٿي ويو هو پر اوندهہ وڏيڪ گهري ٿي

ويئي هئي ۽ بازار ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو وچي بچيا هئا انڪري ماحول ۾ اڻ ڏٺي اداسي ڪاهي آئي هئي.

رستو ٽپي هو ڪورَڊ (Covered)مارڪيٽ ڏانهن وڃڻ لڳو جتان اڪثر غير ملڪي سفارتڪار شاپنگ ڪرڻ ايندا هئا.

هن اتان ڪجهه مهانگا چيونگم خريد ڪيا ۽ ٻئي دروازي مان نڪرڻ لاءِ وڃڻ لڳو تہ هن کي ٻہ ڪڙي جپانڻ مارڪيٽ مان نڪرندي ڏسڻ ۾ آئي. جنهن کي مُرئي ڪان مٿي گلابي جين جي پئنٽ ۽ فري سائيزٽي شرٽ پيل هئي. اکين ۾ چنگيزي سونهن جا سامان، سڏا ڪارا شيمپو ڪيل وار ڪلهن تي بيوس پيل ۽ پئي گوشت سان پُر هئس. سندس اڳيان اڳيان هڪڙو ٿلهو گلابي پرگدلو ڪشميري ڇوڪر پنهنجي ماپ کان وڏو ڪوٽ پاتل پنهنجيءَ هوائي چمپل سان ٺڙڪ ٺڙڪ ڪندو ٻهڙيان گپ هاڻا چندا اڏائيندو ياچيءَ جو ڳرو ٽوڪرو ڪٽي سندس ڪار جي ڊگيءَ ۾ رکڻ لاءِ وڃي رهيو هئو.

هي ڇوڪرا بہ هتي ڏاڍو ڏا ڪمائين. هن سوچيو: 'غير ملڪين جي ياچيءَ جو ٽوڪرو يا شاپنگ بيگ کٽي ڪار تائين وڃڻ جا کين گهٽ ۾ گهٽ بہ روپيا تہ ضرور ملندا هوندا ۽ روزانو هڪڙو هڪڙو پنجويهہ ٽيهہ روپيا ڪمائي وٺندو هوندو. اهي اڻ پڙهيا رولو ڇورا بہ اسان کان چڱا!' هن سوچيو.

مارڪيٽ جي ٻئي طرف بازار روڊ تي هن نگاهہ وڌي جتي مملڪت عمان جي سفارتخاني اڳيان سفيدي جا انگاسن جهڙا وڻ ائين ٿي نظر آيا جڻ رڪوع ۾ بيٺل عماما ٻڌل تيل جي کوهن جا مالڪ عرب! هو آهستي آهستي چائينيز سنيڪس پرسان هلندو فوٽپاٿ تان ٽپندو اچي ايمبيسي روڊ واري چوڪ پرسان بيٺو. جتي ٽريفڪ سگنلز جون هيڊيون بتيون مسلسل ٻري اجهامي رهيون هيون ۽ جيئن ئي هو ايمبيسي روڊ ڏانهن مڙيو تہ هڪڙي ڪار تيزيءَ سان چندا اڏائيندي هن جي ڪپڙن تي پاڻي جون گلڪاريون ناهيندي گذري وئي. اوه شٽ! هن دانهن ڪئي.

"واهيات!.... Mindless...! هن ڪاوڙيل اکين سان دور ويندڙ ڪاري اڪارڊ ڏانهن نهاريو. جيڪا هن جو مذاق اڏائي وچي رهي هئي ۽ هو ان کي بيوسيءَ سان ڏسي رهيو هو. "موٽر سائيڪل واري کي تہ ڪجهہ سمجهن ئي ڪونہ ٿا." هن خارن مان بريڪ هنيو ۽ کيسي مان ٽشو ڪڍي پنهنجا وار چهرو ۽ ڪپڙا اگهيا. پڪيو: 'ماما بہ مچ وٺيو ٿو گاڏيءَ ۾ ويهي! اهو بہ هارين

جا ڪراڪٽائي تہ اهڙو تيو آهي. ڳوٺ جا غريب غربا اتي لپ لاءِ حيران هوندا پر ٻي سي ۾ ايس پين جون دعوتون ۾ شڪار انهن ئي هارين جي قبايل ان ۾ ڦتين مان ٿينديون، هن جو خيال ڳوٺ ڏانهن هليو تو وڃي ۾ مامهنس لاءِ تو سوچي، جنهن لاءِ خبر پئي هئس تہ گذريل ئي مهيني زرعي بينڪ مان قرض کڻي وري نئين لينڊ ڪروزر ورتي اٿس.

"ان آڪارڊ ۾ بہ ضرور ڪو چلتو پرزو هوندو." تشو اچلائيندي هوبٽڪي تو. "... دلو...! ۾ هتي چربي چڙهيل بيڊولا بدن سُک سان بنگلن ۾ پنهنجن ٻارن ۾ ڪتن سميت ماڻهن جي رت ۾ پگهر تي پيا پلجن ۾ ملڪ جي ڪروڙين ماڻهن جو قسمتون پيا ڏاهين ڊاهين!" هو ڪاوڙ ۾ پٽڪي رهيوهئو. سڄو ڏينهن هو هيڏانهن ڪان هوڏانهن هلندو رهيو ۾ جڏهن شام گهڙي تي رات جي ٻرگهل جهڙي وات ۾ سمائجڻ لاءِ تيار تي تہ هو جنهن چوٽڪ تي بيٺو هو اتي هن ڏٺو هڪ پاسي پرڏيهي سفارتخانا هئا. ۾ ٻئي طرف وارو رستو گورنمينٽ هاسٽل ڏانهن تي ويو. جنهن ۾ ايم اين ايز رهندا هئا. سيني رستن جي ڪنارن ڪان سائو گاهہ. پنگ جا ٻوٽا بيٺل ۾ ان بعد سرو ۾ چيل جي وڻن جا جهنڊ جن ۾ هاڻ اونده لهي چڪي هئي. چونڪ جي اتر طرف اسٽيٽ بينڪ ۾ پراڻو اسيمبلي هال هئو.

ڪڏهن پتو بہ هن روڊ تان لگهندو هوندو هو. سوچي تو: سندس بہ جهنڊا ڦڙ ڪائيندڙ ڪار بہ ڪڏهن اسٽيٽ بئنڪ واري پراڻي اسيمبلي هال طرف ويندي هوندي! تاريخ جو بيحدخوبصورت. برليئنٽ جذباتي ۾ پرسيڪون ماڻهو Savile Row جي سوٽ ۾ جڏهن مڪمل اعتماد سان وکون کڻندو شاهہ بلوط ۾ چنارن جي وڻن هيٺان لنگهي اسيمبلي هال ۾ داخل ٿيندو هو تہ هن چاچا نہ سوچيو هوندو! چا تہ سندس اموشنس هوندا ڪيڏو نہ Creative Practical Politician هئو. سڀ ڪجهہ تي حاوي تي وڃڻ وارو. 'هو آيو هن ڏٺو ۾ هن فتح ڪيو'. سنڌوءَ جي ڪاهي ڪپ تي رهندڙ شخص هن شهر دغاباز جي گٽر پاليٽڪس ۾ سگهارن ادارن جي سازشن جو بک ٻڄي ويو! چا هن ڪڏهن اهو بہ سوچيو هوندو تہ هن جهڙي نرمائيءَ سان ڳيريءَ جي هيٺان جيڪي آنا ڪسڪايا هئا. سي پيچي پورا پورا ڪيا ويندا؟ ڪڏهن سوچيو هونداٿين تہ هو ملڪ جو روحاني رهبر تي ويندو؟ 'Its not me they are destroying Its an Idea!' هن چيو هو. علي مسلسل سوچي رهيو هئو. 'او منهنجا خدا! پتو ڪيئن نہ هن ملڪ جي گهٽين ۾ اسيمبلين

جو جن بڻجي ويو آهي. جنهن کي هاڻ ڪائي به آمريت ۽ ڪائي به جمهوريت اتان نٿي تڙي سگهي.!'

'He became the Ghost of Pakistan's Streets & Parliament!! offcourse, he became... he became...'

چيونگم چٻاڙيندي سوچيندي سوچيندي هن بائيڪ کي ڪِڪ هنئي ۽ گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

●

ڏُنڌلو عڪس

اج سارو ڏينهن عليءَ هڪڙيءَ بلڊنگ جون ڏاڪڻيون چڙهندي لهندي، سگريٽ ڇڪيندي گذاريو. نيٺ انٽرويوءَ لاءِ هن جو نمبر آيو تہ هو اندر گهڙيو. انٽرويو ڏيئي ٿڪل ٿڪل قدمن سان هيٺ لٿو ۽ پنهنجي بائيڪ کي اسٽارٽ ڪري گهر ڏانهن روانو ٿيو. آسمان تي ڪڪر پرجي آيا ۽ مينهن وسڻ لڳو. هن بائيڪ هڪ مارڪيٽ جي ٿيرس هينان بيهاريو ۽ پاڻ بہ آڏ ۾ بيهي سگريٽ دکايائين. سڄو ڏينهن آفيسن جا چڪر هڻي هڻي ڪٽ ٿي پيو آهيان بيروزگاريءَ جي عذاب کان تہ قبر جو عذاب بہ گهٽ هوندو اي خدا! هن پنهنجن دکندڙ جذبن کي گهٽو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي سگريٽ جو ڪش هنيو ۽ وري سوچيو: 'بيروزگاريءَ ۾ اڇي ڪپڙي ۽ اسٽينس کي برقرار رکڻ دنيا جو عظيم جهاد آهي.'

برسات ختم ٿي تہ هن بائيڪ اسٽارٽ ڪيو ۽ وڃڻ لڳو. سوچون ڪڙيون ڪڙيون ٿي سنگهرون ٻڌيون ۽ سنگهرون وري ٽٽي ڪٽو ڪٽو ٿي ويون. هو پنهنجين سمورين محرومين جي احساسن جا ڪنڊ پچي. انهن کي قتل ڪرڻ چاهيندي بہ قتل نٿي ڪري سگهيو! لهندڙ شام جي اداس ماحول ۾ هڪ هنڌ وڻن تي جهرڪيون گڏ ٿي ڪورس جي انداز ۾ چرچر ڪري رهيون هيون. هو بريڪ هڻي ڪجهہ دير ان هنڌ تي بيهي رهيو! جهرڪين جي چرچر جو اهڙو آواز اداسيءَ ۽ چپ چپات ۾ هن کي فنا جو هڪڙو عظيم احساس ڏياري رهيو هئو. جهنگلي توتن جي وڻن تي سوين گڏ ٿيل جهرڪيون ۽ انهن جي پرئين پار اولهہ طرف مارگلہ جو پهاڙي سلسلو جنهن مٿان سُرمئي ڪڪرين جو ڏنڌ. لڳو ٿي ٿوري دير ۾ ئي پهاڙين تان اوندهہ جو چٺ لهي ماحول کي پنهنجي ٿڌي پاڪر ۾ پري نپوڙي ڇڏيندو ۽ سمورا وڻ اوندهہ جي ديويءَ اڳيان سر بسجود ٿي، دور ويندڙ قافلي جي اٺن جي قطارجان گم ٿي ويندا.

محرومين جي تلخ احساس هن کي ڪافي ڏکي بڻايو هو. وک وک تي درد هن جا سنگتي بڻيل هئا. هن محسوس ڪيو هن جي بدن تي جتي ڪٿي ڪرڙين جا ولر ڇهڙل هئا. سايون، پيليون، ڪاريون ۽ نارنگي رنگ جون ڪرڙيون هن جي بت تي سري رهيون هيون. هن کي محروميءَ جي اهڙيءَ صورتحال جو تڏهن تہ شديد احساس ٿيندوهو جڏهن هو پنهنجن آفيسر دوستن سان گڏ پوش ڪلاس پارٽين رٿيل دعوتن ۾ ويندو هيو.

گهر پهچڻ تي هميشہ جيان دوست کيس ورائي ويا، "ڪيئن ٿيو انٽرويو؟"

"چا پڇيائون." "آسرو آهي؟" هو هميشہ جيان ساڳين سوالن جا ساڳيا جواب ڏيئي ويهي رهيو! يار چانهہ تہ ڪاڙهيو." لکانا،يار چانهہ تہ ڪاڙهہ." هن چيو

"يعنيٰ تہ آسرو ڪونهي؟" سندس سئوٽ سراج پڇيو. هو چپ رهيو.

"پلا شوريٰ جي ميمبر جو ليٽر؟"امتياز پڇيو.

"وزيرن ۽ شورا وارن کي پڇڻ بہ ڪونہ ٿا ڪامورا! خبر ئي ڪانهي تہ ڪير پاورفل آهي؟ مجلس شورا جا ساٿاري يا بيوروڪريٽ."

"پلا ايندڙانٽرويو لاءِ فاروقي صاحب کان فون ڪرايان؟" سراج پڇيس.

"پلي..! باقي مون کي آسرو ڪونهي... ڪئنڊيڊيٽس اڳي ئي سليڪٽ ڪريو ڇڏين، انٽرويو تہ رڳو فارملٽيءَ لاءِ ٿا وٺن." عليءَ کين ٻڌايو. "يار مان هاڻ ڪڪ تي پيو آهيان سراج!" عليءَ ٿڌو ساهہ پريندي چيو. "اوهان کي بہ ڏاڍو تنگ ڪيو اٿم، سوچيان ٿو ڳوٺ هليو وڃان." عليءَ پنهنجي خواهش ظاهر ڪئي.

"يار! اهڙي کهڙي ڳالهہ آهي، وڃن تنهنجا ڪيڙا...پيارا! اسين تنگ ڪرڻ وارن ماڻهن کي رهايون ڪونہ ۽ تون تہ اسانجو پنهنجو آهين.... هيءَ گهر منهنجو ڪونهي تنهنجو آهي. اسان کي تہ خوشي آهي جو تون هتي رهيل آهين." سراج ڳالهايو. مولانا خالد جيڪو ڪيڙا ڌوئي رهيو هئو، تنهن باٿ روم مان ٻاهر نڪرندي چيو.

"لالا! ڳوٺ وڃي جيڪي گابا چارڻا اٿئي، تن جي اسان کي بہ خبر آهي... باقي هتي هوندين تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ضرور ٿيندو.. الله مان آسرو نہ لاهہ."

"چريا! مان بہ امام صديقي صاحب سان ڳالهايان ٿو تنهنجي اينڊڙ انٽرويوءَ لاءِ" خالد قميص نپوڙيندي چيو.

عليءَ سگريٽ دکايو ۽ ڪش هنيائين.

"هاڻ تہ سگريٽ وساءِ. ماني نہ کائيندين ڇا؟. چانهہ پوءِ ٿا پيئون. سڄو ڏينهن چين سموڪنگ ڪڏهن تہ ڦڦڙن کي ريسٽ بہ ڏي باشا!" سراج چيس.

"يار بک ئي ڪانهي...." هن پلنگ تي ليٽيندي چيو.

●

پريزيڊنسي

ان مهل صبح جا سادا اٺ ٿيا هئا. پر جهڙ جي ڪري سج جي روشني اڃان ڏنڏلڪي هئي. سڄي رات شهر تي مينهن وسيو هو. وڻن جا چوٽ ۽ ٻوٽن جا منهن ڌوپي ويا هئا. شاهراهہ آئين جي سامهون لوهي واڙ بعد پٿر جي چاڙهين مٿان پريزيڊنسيءَ جي عمارت جي وسيع ميدان اڳيان هڪ هيليڪاپٽر اچي لٿو ۽ ان مان ملڪ جو صدر جنهن راتاهو هٽي حڪومت هٿ ڪئي هئي ۽ هاڻ هڪ هٿ ۾ ڊال ۽ ٻئي هٿ ۾ اسلام جي اگهاڙي تلوار کڻي ملڪ تي سڄا سارا ڇهہ سال حڪومت ڪري چڪو هئو. پنهنجي ڇاتيءَ تي سڄيل ٻلن سميت لٿو ۽ تڪڙو هائوس اندر هليو ويو. ڪجهہ وقت بعد پريزيڊنسيءَ جي عمارت تي هڪ ٻئي جهنڊي جو بہ اضافو ٿي ويو.

پريزيڊنسيءَ جي سمورن ڪاريڊارس تي صادقين جي ڪئليگرافيءَ جا وڏا ڏا ميورلز لڳل لڳل هئا. 'فبا ي آلاءِ ربکما تکذبـن' خوبصورت رنگن ۽ مختلف اسٽائلز ۾ لکيل.

جيئن ئي جنرل ضياءَ آفيس ۾ گهڙيو تہ اڳ ئي انتظار ۾ ويٺل چار جنرل اٿي بيٺا "please sit down" هن چيو تہ سڀ ويهي رهيا.

❊ ❊ ❊

ڪجهہ ئي دير کان پوءِ پريزيڊنسيءَ کان ٿورو پريءَ سپاهي هڪ شخص کي هٿ ڪڙيون هٽي گهليندا گهليندا هڪ ميدان ۾ وٺي آيا. ميدان جي چوڌاري ڪافي ماڻهو مڙيل هئا ۽ وچ ۾ ٽڪٽڪي رکيل هئي. سڀ ماڻهو ڊنل اکين سان قيديءَ ۽ سپاهين کي ڏسي رهيا هئا. هڪ سپاهيءَ مائيڪرو فون کنيو ۽ قيديءَ جو ڏوهہ ٻڌائيندي چيو تہ: "هر خاص ۽ عام جي اطلاع لاءِ ٻڌرو تو ڪجي تہ ملزم اعجاز احمد ولد امتياز حسين ٻٽ کي تاريخ چوٿين اپريل تي حڪومت خلاف نعرا هڻڻ ۽ عوام ۾ نفرت ڦهلائڻ جي ڏوهہ ۾

گرفتار ڪيو ويو آهي. سندس اهو عمل امن امان ۾ خلل وجهڻ جو سبب بڻجي سگهيو ٿي. تنهنڪري اسپيشل سمري ملٽري ڪورٽ، مارشل لا آرڊيننس نمبر 12 تحت ملزم اعجاز احمد ولد امتياز حسين بٽ کي هڪ سال سخت پورهئي سان قيد، پندرهن ڦٽڪا هڻڻ ۽ سندس متحرڪ توري غير متحرڪ ملڪيت ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. اڄ سندس ڪوڙن جي سزا تي عمل ڪيو ويندو." ڊاڪٽر اڳتي اچي قيديءَ جي نبض چيڪ ڪئي، قيديءَ جا ڪپڙا لهرايا ويا. ۽ کيس پاجامو پارايو ويو. کيس ٽڪٽڪيءَ تي ٻڌو ويو. جلاد ڊوڙي ڊوڙي کيس ڪوڙا هڻڻ لڳو ۽ ٽڪٽڪيءَ تي ٽنگيل ماڻهو رڙيون ڪرڻ ۽ چنگهڻ لڳو.

ڪجهه ڪوڙن لڳڻ بعد ڊاڪٽر ڦٽڪندڙ ۽ عذاب کان رڙيون ڪندڙ قيديءَ جي نبض کي ٻيهر چيڪ ڪيو. ميدان ۾ بيٺل ماڻهو اهو سڀ ڪجهه ڏسندي ڊپ ۽ وحشت ۾ هراسجي ويا. قيديءَ کي رهيل ڪوڙا ٻيهر هنيائون. ڪوڙا ختم ٿيا تہ قيديءَ کي اسٽريچر تي کڻي ايمبولنس ڏانهن نيو ويو. سڀ ماڻهو چڙوچڙ ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا.

پنجن سالن کان ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جو ماحول برپا ٿيل هئو. اسلام جي نالي جي آڙ ۾ هڪ شخص پنهنجي غاصبانا حڪومت کي جائز قرار ڏيئي رهيو هئو. ملڪ ۾ هڪ جمهوري نظام ۽ چونڊيل حڪومت جو قتل ڪري عوام جي مرضيءَ بغير هو پنهنجي حڪومت کي شيطان جي آنڊي جيان اينگهائيندو رهيو هو. ان وچ ۾ سندس خلاف اٿندڙ هر آڱر هن ٻانهن سميت ڪٽي ٿي ڇڏي!

سياسي ڪارڪنن سان جيل ڀرجي ويا هئا. ڪو ننڍڙو نعرو هڻڻ سان بہ ماڻهو گرفتار ٿي ويندو هئو ۽ هڪ سال جيل ۽ ڦٽڪن جي سزا عام هئي. هزارين ماڻهو بي دريافتا جيلن ۾ بند هئا، جن تي مختلف نوعيت جا سنگين ڪيس مڙهيل هئا.سوين ماڻهو ڦاسين جو انتظار ڪري رهيا هئا. ڪئين ماڻهو ملڪ ڇڏي ٻاهر هليا ويا هئا.

●

بايونڪ بواءِ

سمورو ماحول خوابناڪ هئو. شهر جي هڪ مهانگي رهائشي علائقي ۾ ڊاڪٽر احمد امام جي ڌيءَ مس عاليا امام جي ايڪيهين سالگرهه جي تقريب هئي. زرق برق ويس وڳا پاتل نئڍيون نيتيون. ٽوپيسز ۾ نوجوان آفيسر. ٿري پيسز ۾ جهونا بيورو ڪريٽ. فوجي آفيسر. سياستدان ۽ سرمائيدار هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا هئا. پوش ڪلاس جي فيمليز جون ڇوڪريون. انهن جون ميڪ اپ ٿقيل مائرون جن جون ٻانهون. آڱريون ۽ ڳچيون سون ۽ ڊائمنڊس سان ۽ پنيون گوشت سان ڀريل هيون: هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيون هيون. روشنين خوشبوئن ۽ سونهن جو ماحول هئو. ڪٿان ڪو ٺهڪ ٿي اڀريو ته ڪٿان وري ڪو سياستدان پنهنجي خيالن جو اظهار ڏاڍيءَ چٽائيءَ سان ڪري رهيو هئو. هڪٻئي کي ڪي دليل دلائل ڏيئي سمجهائي رهيا هئا. محفل ۾ رٽائرڊ فوجي آفيسر ۽ حاضر ڪرنل. برگيڊيئر ۽ جنرل ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ويٺل هئا. سالن کان حڪومت سندن هٿ ۾ هئي هو ملڪ جا اصل حڪمران هئا. انهن آفيسرن جي ڀاڳ جو سبب مارشل لاءَ هئي.

اسٽيج کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سجايو ويو هئو. مٿان جهرمر جهرمر ڪندڙ رنگين بلبڙيون لڳل هيون ٽيوب لائيٽس ۽ بلب ٻري ڏينهن جو سمو پيش ڪري رهيا هئا ۽ هيٺ غاليچن مٿان چوڌاري بوٽن ۽ گلن جون ڪونڊيون رکيل هيون. اسٽيج جي مٿان وچ ۾ بينر تي لکيل هو:

Happy Birthday
Congratulations On 21st Springs of Happiness
Miss Aalia Imam

پس منظر مان بينگ بينگ ميوزيڪل ڪلب پاران هلڪو آرڪيسٽرا وڄي رهيو هو. ايم ايس. سي انٽراپالاجيءَ جي شاگرديائي مس عاليا امام. جڏهن پنهنجي گوري رنگ. ڊگهي ڳچيءَ. پورن وارن سان

چمڪندڙ آسماني لباس پهريل گلي ۾ پرلزجي هار ۽ ڪنن ۾ ساڳين پرلس جي ٽاپس ۽ چپن تي هلڪي گلابي لپ اسٽڪ جي ته سان مرڪندي ساهيڙين جي سٿ ۾ ٽلندي، ڪڏندي ريڊ ڪارپيٽ تان هلندي اسٽيج تي پهتي ته لڳو ٿي، آسمان جي سپ ڪان روشن طبق مان هن حور جان لهي اچي زمين تي ديرو ڄمايو آهي.

هن جون پوربيون اکيون، مور جهڙي ڳچي، ڪنول جي ڪانيءَ جهڙيون ٻانهون ڏکهن چپرن، هسنليءَ جي ظاهر هڏيءَ ۽ لائيٽ ويٽ ڊيل ڊول ڪيس ڪنهن شهزاديءَ جهڙو ٺٽائي چڙيو هو.

رسمي قرآت ۽دعا کان پوءِ مس عاليا امام پنهنجي پيءُ، ماءُ ساهيڙين ۽ فيملي فرينڊس جي هجوم ۾ جڏهن ايڪويهن پائونڊن جي ڪيڪ تان بريل ميڻ بتيون وسائي، ڇري ڦيرائي ته بينگ بينگ وارن پنهنجيون تيز ڏنون ڇيڙي ڇڏيون ۽ هرڪو ڊاڪٽر امام صديقي جهڙي اعليٰ آفيسر اڳيان پارٽ وٽائڻ لاءِ مبارڪ طور تحفا کڻي پيش پوڻ لڳو.

علي، جيڪو پنهنجن دوستن سان گڏ ان تقريب ۾ شامل هئو. سو ڪجهه دير لاءِ ته ٻرندڙ اجهامندڙ روشنين ۽ سوچن جي چنگل ۾ چڙهي. راڪاپوشي(1) تان هيٺ ڪريل ڪنهن وجود جهڙي احساس هيٺان ڇٽجڻ ڇپجڻ لڳو پر پوءِ ان ئي احساس نيٺ هن ۾ انيشيئيٽو پيدا ڪيو ۽ هو انهن ٺهڪ ڏيندڙ ڪريزي فيشن ايبل ڪلاس جي ڇو ڪرين جي هڪ ٽولي ۾ هليو ويو جن جو طبقو هميشه ڊسٽربنسز جو شڪار ۽ نت نوا ڊسٽربنسز پيدا ڪندڙ رهيو آهي. فيشن جنهن ۾ ڪڏهن سلوارن جا پانچا وڏا ٿي تا وڃن ۽ ڪڏهن سوڙها، ڪڏهن چولا ڊگها ٿي تا وڃن ۽ ڪڏهن ننڊا. هن هڪ خوبرو ڇوڪريءَ ڏانهن ڪولڊ ڊرنڪ وڌائي ۽ ان ڇوڪريءَ سندس تورا مجيندي اها قبول ڪئي ته هن موقعو غنيمت ڄاڻندي ڪانئس پڇيو:

"محترما، توهان مان ڪنهن کي بريڪ ڊانس ايندي آهي؟"

"Oh yes! I know little bit! But Aneeka Knows well!" سڀ ڇوڪريون هن ڏانهن اوپرين نظرن سان نهارڻ لڳيون. عليءَ کي ان مهل بليو جينز وائيٽ شرٽ ۽ ڪيمل ڪلر جا ليدر لوفرز پيل هئا. انهيءَ خوبرو انداز واري ڇهري واري ڇوڪري پنهنجي تورو پريان بينل ساهڙيءَ ڏانهن پنهنجي گوريءَ مخروطي آڱر سان اشارو ڪندي چيو...'Hi! Aneeka! Will you see him?'

(1) راڪاپوشي: هماليه جبل جي هڪ چوٽي.

"Who is Aneeka?" عليءَ پنهنجي سفيد شرٽ جا بٽڻ کوليندي ان پرسان ويندي پڇيو:

'I'm.... Whats matter?' ان ڇوڪريءَ جو اب ڏنو ۽ وات ۾ چيونگم هلائيندي حيرانيءَ مان هن ڏانهن ڏسڻ لڳي.

"توهان جي هن دوست جو چوڻ آهي ته اوهان بريڪ ڊانس جاڻو ٿيون." عليءَ چيس: "Will you like to join me please?"

عليءَ کي عجيب نظرن سان ڏسندي هن ڳالها.و "هائو اهو صحيح آهي پر مون کان وڌيڪ ثمينا کي ايندي آهي." هن جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ علي؛ کي نظر انداز ڪري ٻيءَ سان ڳالهائڻ لڳي.

سيئي عليءَ ڏانهن نهارڻ لڳيون. هو خوبرو جوان ۽ ويل ڊريسڊ هئو. "پوءِ ڇو نہ تي وڃي!" "ڇا"؟ هن نڪ کي موڙو ڏيندي پڇيو.

"هن خوشيءَ جي موقعي تي مس عاليا امام جي سالگره تي بريڪ ڊانس جو هڪ آئٽم! "عليءَ چيو.

سموريون نوخير ڪليون ٽهڪ ڏيڻ لڳيون "yes. . yes....yes" سيئي رڙيون ڪرڻ لڳيون. تہ عليءَ محسوس ڪيو اهي پيارا نوجوان سر مست ۽ ست رنگا ٽهڪ جيڪي سمورين جي مک مان نڪري پوپٽ بڻجند. اڏامندا پئي ويا! يقينن اندلني رنگي جا هوندا يا وري موسمن جي ڇهرن جي رنگن جهڙا هوندا؟ ڪي سرءَ جهڙا ڦڪا ۽ برائون سياري جهڙا بنفشي ڪي آرهڙ جهڙا اورنج ۽ ڪي بهارن جهڙا گلابي هوندا!!

"يار ! وڃ نہ چاهي .. اج عاليءَ سالگره جي ڪري ڪٽي رڃ." ثمينا انيڪا کي چيو.

"Samiın. Please go! there!" انيڪا جڻ کيس منت ڪندي چيو.

"يار انيڪا! جائو بهي. اب نخري نا ڪرو هڪڙيءَ جيڪا سيني کان قد ۾ ننڍي هئي ۽ اکين مٿان سونهري ڳالا لڳل هئس. تنهن انيڪا کي ٺوڪيندي چيو تہ انيڪا چيس: "يار جاتي هون. جاتي هون ڊرنڪ تو ليني دو!"

اسٽيج تي ان وقت ڪا پاپ جي ڌن وڄي رهي هئي. حاضرين سافٽ ڊرنڪ جو مزو وٺي رهيا هئا تہ علي ۽ انيڪا اسٽيج تي چڙهي آيا. منتظمين تہ حيران ٿيا ئي ٿيا پر. خاص ڪري انيڪا جي ساهڙين تہ ڪلڪي سان گڏ

تاڙين جا ٺهڪا لائي ڏنا ۽ اهو سڀ ڪجهه ڏسي عليءَ جي دوستن کي به ڏندين آڱريون اچي ويون.

"يار ڏسو ته سهي، ڪيڏو نه منهن جو پڪو آهي." امين رڙ ڪئي ۽ سڀ کلڻ لڳا. بينگ بينگ وارن ميوزڪ تيز ڪري ڇڏيو.

پهرين علي سندس فري سائيز شرٽ جي هڪڙي ٻانهن مان اصل ٻانهن اندر ڪري ڇڏي ته ڪپڙي واري ٻانهن لڙڪڻ لڳي ۽ هو بنان ٻانهن واري ماٺهوءَ جيان هڪ هٿ سان نانگ جي ڦڻ ناهي، اڳتي پوئتي ڪري وائيٽ ميڪسي پاتل انيڪا کي ڊيجارڻ لڳو ۽ انيڪا به ڪڪيندڙ نانگ کان بچڻ جا داءَ ڪرڻ لڳي آخر ۾ عليءَ ٻانهن ظاهر ڪئي ۽ انيڪا جي چيلهه کي سهارو ڏنو ته اها ان تي لڙڪي پيئي. ڊانس جو پهريون ائٽم ختم ٿيو سڄو وايو منڊل ٺهڪن ۽ تاڙين سان ڀري اٿيو. ڇوڪريون ڇيٽون ڪري رهيون هيون! Well_done...well_done ..well_done! عاليا پڻ صوفي تان اٿي بيهي تاڙيون وڄائڻ لڳي. عليءَ ۽ انيڪا جي دوستن به تاڙين جا ٺهڪا لاهي ڏنا. ڪي ڇوڪرا ته سيٽيون به وڄائڻ لڳا. وهيءَ ويل ميڪ اپ ٿڦيل عورتون ۽ ٽري پيس پاتل پوڙها به کلي تاڙيون وڄائي هنن کي داد ڏيڻ لڳا!

"Well! Well! Once more! Once more!" نوجوان رڙيون ڪري رهيا هئا.

بريڪ ڊانس جو ٻيو آئٽم 'قديم ڇوڪري ۽ ٻگهڙ' جي نالي سان هو جنهن ۾ ڇوڪري جهنگ جو رستو وٺي گهر ڏانهن وڃي رهي هئي ته لهندڙ شام جو ڪيس هڪ ٻگهڙ ڦري آيو هو. انيڪا ۽ عليءَ ڏاڍي خوبصورتيءَ سان اهو به پرفارم ڪيو ته هڪ ڀيرو ٻيهر تاڙيون ۽ سيٽيون وڄڻ لڳيون.

بريڪ ڊانس جوڊو ڪراٽي جي دائن جيان ڪجهه اشارا، ڪجهه علامتون ۽ Physical Music جو اظهار هئي. اهو ناچ افريقا جي شيدي قبيلن ۾ رائج هئو. جيڪو يورپ ۽ اتان پوءِ اسان جي ملڪ جي وڏن شهرن جي پوش علائقن ۾ رهندڙ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جو پسنديده ناچ هئو.

اهو ڊانس اهڙن ينگيسٽرس جو خاص ۽ پسنديده هو. جن جو سلوگن هو: 'آپگهات ڪرڻ بجاءِ زندگيءَ مان لاپ پرايو' "هپي ٿيڻ بجاءِ سموڪنگ ڪرڻ ۽ Drugs واپرائڻ بجاءِ، اچو ته خوش رهڻ جو جتن ڪريون ۽ دنيا کي ڪجهه ڏيون." انهن نوجوانن پنهنجون ڪجهه جماعتون به ناهيون هيون جن مان 'Plato Gang' ۽ 'zoo Gang' مشهور هيون. هنن جو چوڻ هو "Be Craisy, Creative & Happy!" هو نوجوان چترڪاري به ڪندا

هئا. ميوزڪ ڪلب ناهيا هئائون. ڪي تہ وري موٽر بائيڪ جي مشين سائيڪل ۾ فٽ ڪرڻ ۾ مشغول هئا ڪي پراڻي ڪار جي مشين هڪ تختي تي فٽ ڪري شهر جي رستن تي نڪري پوندا هئا. هو خوش ۽ مصروف هئا. شايد زندگيءَ جي آمهون سامهون مقابلي ۾. زندگي جيڪا دک جو اننت ۽ اجهاڳ سمونڊ آهي! علي Zoo Gavg جو جو ميمبر هئو جتي هن ان ڊانس جا ڪورس ڪيا هئا.

علي ۽ انيڪا جڏهن اسٽيج تان لٿا تہ سندن چوڌاري نوجوانن جا ميڙاڪا لڳي ويا. هن ڪان ڪنهن سندس تعارف پڇيو تہ نرڳ ۽ ٻانهن تان ٿشو سان پگهر اگهندي هن ٻڌايو: 'هو سنڌ جو هڪ بيروزگار ۽ بيڪار نوجوان آهي. جنهن اسلام آباد جي گهٽين ۾ ڪجهہ وقت لاءِ پناهہ ڳولي آهي!' ۽ ويٽر ڪان پاڻيءَ جو گلاس گهريائين "What a beautiful Dance you have Performed?" هڪ نرڙتي تلڪ لڳل ڇوڪريءَ هن کي داد ڏنو. هن جا دوست, سوٽ سراج ۽ ڪافي ڇوڪريون هن کي چوڌاري مڙيا بيٺا هئا هاڻ لڳو ٿي اج جي محفل جي شهزادي عاليہ امام نہ پر انيڪا ۽ علي هئا.

هن ٻيهر سيني کي ٻڌائڻ شروع ڪيو: "ملڪ جو هڪ نوجوان, جنهن انجينيئرنگ جي ڊگري ورتي آهي. يونيورسٽي ٽاپ ڪيو آهي. مان ڪجهہ سٺيون بلڊنگس, ڪجهہ سٺا رستا ٺاهڻ چاهيان ٿو. شايد مان ملڪ ۾ هر پنجين سال ايندڙ ٻوڏ جو حل بہ ڳولي سگهان. پر شايد ائين نہ ڪري سگهان؟؟!"

"Gays! There is no any situation for practical creative young man in this country. You know?".

هن مايوسيءَ جو اظهار ڪيو. "چو 'تہ' هيءَ ملڪ پنهنجي ٻهرئين ڏينهن کان وٺي Research & Reference جو دشمن رهيو آهي."

"اسان هڪ ملڪ ناهيو پر اهو مسلمان سازشن جو شڪار ٿي ويو!"

"Definitely this is not Qaide_Azam's Pakistan, This is an Other Pakistan."

اسان Construction بجاءِ Destruction کي اهميت ڏني رڳو هڪ جمهوريتن کي ختم ڪرڻ جي پويان پياسون. تاريخ اهو ئي ٻڌائي ٿي.

"سنڌ جاڳوٽ جتي ڇيٽ ۾ ڪٽڪون پچڻ بعد تتر پڙڪا ڏيئي اڏامندا آهن ۽ لاهيارا پنهنجي چمڙي اس ۾ ساڙيندي سونهري سنگ لٽي ڊِگ ڪندا آهن. شام ٿيندي ئي مينهن ۽ ڊِڳين جا ڌڻ واهيري ورندا آهن. پکن مان برندڙ چيٽن جو دونهون پري کان لاٽون ٺاهيندي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

جتي ٻوڙن ۾ ننڍا ٻار اسڪولن ۾ پڙهڻ بجاءِ پيرين اگهاڙا سياري اونهاري لٺ ڪٽي سڄو ڏينهن ڪنڊن، ڪرڙن ۾ رلي ٻڪرين، مينهن ۽ ڍڳين جا ڌڻ چاريندا آهن. ٻڪا ۽ پيرون کائيندا آهن. چنگ ۽ بوڙينڊن تي سُر ٻُرائيندا آهن. ڏهه هزار سال پراڻو مٽيءَ جو ساز اڃان تائين هلندو آهي. امريڪا چنڊ تي پهتو. مريخ تي دنيا اڏڻ جي تياري آهي پر موهن جي دڙي جي ماڻهوءَ واري ڍڳي گاڏي ۽ بوڙيندو Digital Age ۾ به اڃان تائين هلندو آهي."

*No Electricity, No Health! No Education! No Communication! as in all the country!

"پر منهنجو صوبو ملڪ جي Revenue جو٪ 70 پورائو ڪري ٿو. No jobs /No Prosperty, No Development.......you know!"

ستين وڳي کان پوءِ راتين جو اوطاقن تي ڪچهريون مچنديون هيون، پر هاڻ ڏاڙيل سڳورا شام جو ستين وڳي کان پوءِ پنهنجي حڪومت قائم ڪندا آهن."

"ڪتيءَ ۾ وري راتين جو جڏهن لاڏو اٺ ڦٽين سان لڏجي قطارون، قطارون چيرين ۽ ڇڙن جي مڌر سنگيت سان شهرن ۾ جننگ فيڪٽريز ڏانهن ويندا هئا ته نرنڌڙ تنها ڪاريءَ رات جي ڇاتيءَ مٿان ڇڙن جو آواز دور دور تائين سلسلي ۽ ترنم جو اهڙو احساس، ماڻهوءَ کي مادي دنيا مان ڪڍي خيالي دنيائن تائين ويندو آهي. او....! انهن وادين تائين، جتي زندگي پنهنجا چرلا مٽائيندي آهي."

"هر ڌرتيءَ جو پنهنجو حسن هوندو آهي ۽ سنڌ جو پنهنجو حسن آهي. اجرڪ، ڪاشي، جنڊي، ماڻهو به عجيب آهي... اوهان ڪڏهن سوچيو آهي ته سپاهي پنهنجي ڌرتيءَ جي چپي چپي لاءِ ڇو وڙهندو آهي؟ اسان جا ابا ڏاڏا پنهنجين ڌرتين لاءِ ڇو وڙهيا؟ رڳو پنهنجي ڌرتيءَ جي سونهن محفوظ رکڻ لاءِ! رڳو پنهنجن خوابن کي بچائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ. ماڻهو به ڪيڏو نه ننڍڙو آهي پنهنجي بي معنيٰ خوابن جي ڪنڌي ڳچيءَ ۾ وجهي يا عمر انهن کي سانڍيندو ٿو رهي، انهن لاءِ وڙهندو ٿو رهي!" هو مسلسل ڳالهائي رهيو هئو ۽ سڀ دوست، ڇوڪريون هن کي غور سان ٻڌي رهيا هئا.

"ٿرپارڪر ۾ وري وسندين ۾ پرهه کان به گهڻو اڳ، جڏهن عورتون ۽ مرد اونهن کوهن تان پاڻي ڀرڻ ويندا آهن ته پاڻيارن جو اُٺ کي هڪلڻ جو خاص آواز، چرخيءَ ۽ رسيءَ جو آواز، ٻوڪي جي ڀرجڻ ۽ هارجڻ جو

آواز ڪيترو نہ سڪون بخشيندڙ هوندو آهي. جتي گايون آزاد گهمنديون آهن ۽ ماڻهو پنهنجن گهرن جا ڦاٽڪ راتين جو بہ کليل رکندا آهن. چو تہ اتي چوري ناهي ٿيندي."

هڪڙيءَ چوڪريءَ ٻيءَ کي نوٽ هڻندي معنيٰ خيز نظرن سان ڏٺو. اهي سڀ ٽين_ ايجر چوڪريون هن کي تمام گهٽي ڏِيان سان ٻڌي رهيون هيون. ڪن جي تہ واتن ۾ آڱريون اچي ويون هيون. جڻ اهي چئن درويشن يا الف ليليٰ جو قصو ٻڌي رهيون هيون. سانوري رنگ جي هڪ چوڪري، جنهن کي گيڙو رنگ جي ساڙهي اوڍيل هئي، نرڙ تي سونهري تلڪ لڳل هئس ۽ چپن تي واڱڻائي رنگ جي لپ اسٽڪ تنهن مداخلت ڪئي.

"ڪلديپ ڪور، فري لانسر فار انڊين ايڪسپريس."

"Are you a Poet?" هن ٻيهر سوال ڪيو.

"No, No, not at all… Im not Poet, but one common person, who is conscious about the common rights!"

"هونئن اوهان جيڪو ڪلر پاتو آهي سو منهنجو فيوريٽ آهي. منهنجو نالو علي رضا آهي ۽ مان اسڪارپيئن آهيان." عليءَ کيس پنهنجو مڪمل تعارف ڪرايو.

"Oh!! Oh!! Scorpion" سيني چوڪرين رڙيون ڪيون: "Very dangerous!!" هڪڙيءَ اکيون ڦاڙي چپوءِ ٿهڪ ڏيڻ لڳيون.

اسٽيج تان اچان موسيقيءَ جا لهرا اچي رهيا هئا ڪجهہ ماڻهو اچان تائين گفت پيڪس آڻي رهيا هئا. سڄي ماحول ۾ رنگ، روشنيون ۽ خوشبوئون پکڙيل هيون. هاڻ مِس عاليا امام ۽ ڪجهہ چوڪرا بہ اچي عليءَ جي چوڌاري ٻيٺا. عليءَ پنهنجي کيسي مان سگريٽن جو هڪڙو مهانگو پاڪيٽ ڪڍيو ۽ لائيٽر سان سگريٽ دکايو. هن کي خبر هئي تہ دنيا ۾ ڪامياب رڳو اهي ماڻهو ويندا آهن. جيڪي ڳالهين ۽ واقعن کي اڳ پٺ هڻي سگهندا آهن. مرچ مصالحو ملائي سگهندا آهن ۽ ٿورا Over_act بہ هوندا آهن. جيڪڏهن توهان پرفارم ڪرڻ جي صلاحيت رکو ٿا تہ اوهان گهڻو ڪجهہ آهيو. هن جو Moto هئو. هو هاڻ سيني جي ڌيان جو مرڪز تہ بڻيل ئي هو. هن سگريٽ مان سوٽو هنيو ۽ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"1843ع ۾ سر چارلس نيپيئر جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو هو. سندس تازي گهوڙي جي ٻُر مان اجا پگهر بہ نہ سڪو هو ۽ سندس توپن جي واتن ۾ اجا بارود جي بوءِ موجود هئي. مياڻيءَ جي ميدان تان اڏاميل ڌوڙ اسانجن

شهيدن جي وهيل رت کي اجا نہ ڏٺو هو تہ هو منهنجي پڙ ڏاڏي جي خانقاهہ ۾ حاضري ڀرڻ لاءِ آيو هو. منهنجو پڙڏاڏو اسان جي علائقي جو وڏي ۾ وڏو زميندار، معزز ترين شخص، برگزيده اولياءَ ۽ انگريز سامراج جو دشمن تي گذريو آهي. جنگ ۾ هن انگريزن جي خلاف ميرن جي مدد ۾ پنج سئو گهوڙيسوار ۽ هڪ هزار پيادا موڪليا هئا! هو سهروردي طريقي جو قائل هئو پر ڌارين جو دشمن هئو. نيپيئر جڏهن هن سان ملڻ آيو تہ هو ان وقت قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هو. نيپيئر بنان اجازت جي بي ادبي ڪري خانقاهہ جي احاطي ۾ گهڙي آيو تہ سندس نور نچوئجي ويو ۽ اکيون ڏسڻ کان نابري واري ويهي رهيس!"

"Off Course!!" سيني چوڪرين ۽ چوڪرن گڏجي حيرانيءَ مان چيو.

"Nepear! the conqueror of Sindh?" تلڪ لڳل چوڪريءَ ڳالهايو:

"Oh yes! you know... Nepear the conqueror of Great Sindh has got blindness"

علي ڏانهنس نهاريندي وراڻيو ۽ ڪش هنيو.

"ڇا اها تاريخي حقيقت آهي؟" ثمينا پڇيو.

"هائو اها تاريخي حقيقت آهي پر اهڙا واقعا تاريخ ۾ لکيل نہ هوندا آهن. تاريخ ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪڙي ماڻهن جي دلين ۽ لوڪ ڪٿائن ۾ هوندي آهي ۽ ٻي سرڪاري فائيلن ۽ گزيٽن ۾! سرڪاري فائيلن ۽ گزيٽن واري تاريخ رڳو اورنگ زيبن، نادر شاهن، چنگيز خانن ۽ هلاڪن جا راڳ آلاپيا آهن. گزيٽن واري تاريخ عوام جو قتل عام ڪرائيندڙن، پراون ملڪن ۽ ڌرتين تي هلائون ڪري اتي پنهنجو قبضو ڄمائيندڙن ۽ اتان جي مال ملڪيت ۽ عورتن کي مال غنيمت جو نالو ڏيئي لٽيندڙن کي هيرو قرار ڏنو آهي گزيٽن واري تاريخ قومن جي باغيرت ۽ باهمت رهبرن کي غدار، باغي ۽ ڪافر جي لقب سان نوازيو آهي!!"

"Off Course" ثمينا ڳالهايو تہ هڪڙيءَ ٻيءَ چيو"He is Communist" جيڪو عليءَ نہ ٻڌو.

"Very interesting" ٻوءِ؟ گيڙو ساڙهيءَ واريءَ پڇيو.

"خليفن جي چوڻ تي نيپيئر جڏهن پنهنجو بوٽ لاٿو تہ اکين ۾ روشني آيس، منهنجي پڙڏاڏي جي اثر، دٻدٻي ۽ ڪرامتن جي ڪري سرچارلس نيپيئر ثامي جي صليب تي ڏهہ هزار ايڪڙ زمين جي سَنَد لکي

ڪيس بخشي پر هن اها قبول نہ ڪئي ۽ چيو: "مون وٽ اڳي ئي خدا جي طرفان ڏنل زمين گهڻي آهي باغ بُستان آهن. وڏيڪ زمين ۽ دولت جي مون کي ڪا ضرورت ڪانهي."

"اڄ بہ برٽش ميوزيم ۾ واپس ڪيل اها سنَد ۽ منهنجي پڙڏاڏي جي شاعريءَ جا نسخا موجود آهن. جنهن ۾ هن ڪمال جي صوفياڻي شاعري ڪئي آهي! صوفياڻو فڪر ننڍي ڪنڊ ۾ ڏاڍ مڙسيءَ خلاف هڪڙو بلند ۽ عظيم آواز هو جنهن حڪمرانن جي ايوانن ۾ ايڏو تہ پڙاڏو تي پيدا ڪيو جو سندن ڪن ڦاٽڻ تي لڳا! ۽ هنن صوفين کي گهاڻن ۾ تي پيڙايو يا سر قلم تي ڪيا.. بعد ۾ منهنجي پڙ_ ڏاڏي انگريز سامراج خلاف پنهنجي تر جي ماڻهن ۾ فڪر ڦهلايو. يعني هن اهو پاڪستان "The Great Indus Valley" نالهڻ لاءِ هڪ سر رکي جنهن جو اعلان هڪ سئو سالن بعد قائدي اعظم ڪيو هو. ۽ سئو سالن کان پوءِ وري منهنجي ڏاڏي انديا کان آيل لاوارث پناهگيرن جي انبوهن کي ريلوي اسٽيشن تي ديڳيون رڌرائي کارايون. پنهنجيءَ زمين تي جايون ڏيئي رهايو منهنجي پيءُ انهن کي ائين قبول ڪيو جيئن مديني جي انصارن مڪي جي مهاجرن کي پر تاريخ جي ستم ظريفي تہ ڏسو هاڻ اهي پناهہ گير مون کي قبول نٿا ڪن! پاڪستان جي حقيقي قوم ۽ نئين نسل کي، جن جي ابن ڏاڏن هيءُ ملڪ ناهيو.الاس! جيڪو پاڪستان منهنجي پيءُ ناهيو هو سو نہ رهيو. "This is an_other Paksitan" اها مون سان نہ پر پاڪستان سان زيادتي آهي."

"He is traitor" ساڳي ڇوڪريءَ چيو پر عليءَ پيهر نہ ٻڌو. عليءَ ڪش هنيو ۽ دونهين مان ان سانوري ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو. سندس اداس فوٽو جينڪ چهري تي بہ وڏيون وڏيون اجريون ڪنول_ رنگ اکيون ٻري رهيون هيون ۽ اها جڳمڳ ڪندڙ روشنين جي وهڪ ۾ ان ويل سنڌيا ديويءَ جو روپ پيئي لڳي. هن جي چهري مان ائين پيئي لڳو جڻ هوءَ گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ پيئي چاهي، پر موقعو نہ ملندو هجيس. هن جا وار گهاٽا ڪارا ۽ ڊگها هئا. ڳچي پوري پني هئي رنگ سانورو هو اکين جا تارا ۽ وار گهاٽا ڪارا هئا ۽ نهايت ئي پرڪشش شخصيت جي مالڪ پيئي لڳي. سموريون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا عليءَ ڏانهن حيراني مان نهاري رهيا هئا.

علي اڄ ائين ڳالهائي رهيو هئو جڻ ڪيس صدين کان پوءِ وارو مليو هجي.

"اسان جي تاريخ ۾ انهن سمورن پچ_ لتڪائو خانصاحبن، نوابن ۽ سرن جو ذڪر ته آيو آهي، جن پنهنجي ضمير جو سودو ڪندي دير نه ڪئي پر آزاديءَ جي حقيقي طالبن جو ڪوبه تذڪرو نه آيو آهي."

"He is Rebel" ساڳئي ڇوڪريءَ خارن ۾ ڳالهايو ۽ اتان هلي ويئي.

"اسان تي اهو ڏمر آهي، جو هنهي ملڪن جي تخليق به ان ساڳئي ڪلاس جي راجن، مهاراجن، نوابزادن ۽ خانصاحبن هٿان ٿي!" سانوري ڇوڪريءَ ڳالهايو.

"Oh! Yes, Definitely It was the Distribution by Lords for Feudals! You are much more correct my dear!"

عليءَ وڌارو ڪيو. سڀ ڇوڪريون هاڻ سانوري ڇوڪريءَ ۽ عليءَ کي ڏسڻ لڳيون.

"اوهان جا خيال ڏاڍا اتم آهن. مان انهن خيالن سان ڪافي سهمت آهيان. ڪڏهن ٻيهر ملجو." چوندي سانوري ڇوڪريءَ پنهنجو پرس کولي ان مان ڪجهه ڳولهيو ۽ پوءِ چيائين: "ساري، هن وقت مون وٽ پنهنجو visiting card ڪونهي، نه ته بهتر ٿئي ها."

ان ئي مهل ڊنر پارٽي جو اعلان ٿيو. ڇوڪرين عليءَ کان موڪلايو ته عليءَ ڪلديپ ڏانهن نهاريو:

"ته اوهان صحافي آهيو؟...."

"مان ڪجهه مهينا اڳ انڊيا مان آئي آهيان. اڄڪلهه پنهنجي مامي وٽ رهندي آهيان. ڊيلي انڊين ايڪسپريس، ۾ پاڪستان لاءِ فري لانسنگ رپورٽر آهيان. اوهان ڪٿي رهندا آهيو؟"

"Have you any visiting card please!" هوءَ مسلسل ڳالهائي ويئي.

"نه مون وٽ به ڪوئي ڪارڊ ڪونهي، مان ته دراصل پنهنجي شناخت حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ ڊوڙي رهيو آهيان! سنڌ پنهنجي Identity جي ڳولا ۾ آهي. مان هتي پنهنجي فرسٽ ڪزن جي گهر ۾ رهندو آهيان. بيروزگاريءَ جي ڪري هتي آيو آهيان. جيڪڏهن نوڪري نه ملي ته ايندڙ ڇهن مهينن لاءِ هتي رهڻ جو پروگرام اٿم."

"۽ اجان به نه ملي ته؟" ڪلديپ ڪور پڇيو. هوءَ هاڻ عليءَ سان مذاق ڪرڻ جي موڊ ۾ هئي.

”هڪ سال تائين! ۽ پوءِ خودڪشي ڪري ڇڏيندس.“ عليءَ وراڻيو تہ پنهي ٿهڪ ڏنا پر ان بعد اوچتو ڇوڪريءَ جي نرڙ تي ريڪائون ظاهر ٿيون ۽ هوءَ سيريس ٿي ويئي. ”Oh my God! 'what...??“ پر علي چپ رهيو.

ڊنر ڪندي عليءَ هن کان ڪافي ذاتي نوعيت جا سوال ڪيا ۽ هو ڪافي Mix_up ٿي ويا تہ هنن هڪ ٻئي کي ملڻ جي Date بہ ڏني. دوستن ڏانهن ايندي هن کي پنهنجي پاڻ تي حيرت ٿيڻ لڳي! اڄ هن جيڪو Initiative ورتو هو تنهن تي هن کي بہ عجب لڳو تہ ڪيئن تہ هن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو هو. هونئن هو پنهنجن مٽن مائٽن جي شادين ۾ ضرور نچيو هو ۽ هن شهر ۾ اچڻ کان پوءِ هن بريڪ ڊانس سکي ضرور هئي پر ان جو ڪنهن اسٽيج تي مظاهرو هن اڄ پهريون ڀيرو ڪيو هو. هو سندس دوستن وٽ پهتو تہ سيئي کلڻ لڳا.

”يار! تون تہ god father آن، سچ، منٽن ۾ محفل جو مور بڻجي وئين.“ سندس سئوٽ سراج چيو. هو مسڪرائي رهيو هو.

”بابا شهر جي هوا لڳل اٿس.“ امين ڳالهايو.

”يار! اوهان جيڪڏهن فرائڊ کي پڙهيو آهي تہ خبر هوندوَ دنيا جا سمورا ائبنارمل ماڻهو هميشہ ٻين جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندا آهن. اسين سڀ پنهنجين محرومين کي لڪائڻ ۽ نارمل سڏائڻ جي چڪر ۾ آهيون.“ هو سمورن يارن اڳيان ڪنهن جنگ ڪٽيل جوڌي جيان تقرير ڪرڻ لڳو.

”يار ڇڏ بہ ڪٽي، توسان تہ ڳالهائجي تہ علمي ادبي تقرير شروع، من ڪڏهن پنهنجي Intelligentia مان نڪري بہ ڳالهائيندا ڪريو.“ امتياز چيو تہ سڀ ٽهڪ ڏيڻ لڳا.

”يار! هاڻ هلو تہ هلون، ڪافي دير ٿي ويئي آهي.“ سراج ڪنڌ جو اشارو ڪندي ڳالهايو.

”هائو... صبح جو سويل آفيس لاءِ اٿڻو بہ آهي.“ امين ڏند ڪوٽيندي چيو.

”يلا، ڏي خبر، هوءَ هندواڻي ڪير هئي ۽ توکي ڪهڙيون پٽيون پئي پڙهايائين“؟ مولانا خالد پڇيس: ”ٺهہ ٺهہ... ٺهہ“ علي کليو. ”اها هندواڻي نہ پر سکياڻي هئي... هندوستان مان آئي آهي. هتي سندس مامي وٽ رهي ٿي ۽ مون کي Date ڏني اٿس.“

”من ڪٽي!“ امين بيتاب ٿيندي پڇيو.

"ارجنٽينا پارڪ ۾."علي ٻڌايو.
"ارجنٽينا پارڪ ۾؟" خالد سوال ڪيو.
"هائو." عليءَ ٻيهر ٻڌايو.
"چو ڪوگهر گهات نہ اٿس ڇا؟" امتياز پڇيو.
"علي ڪلڻ لڳو هتي سندس مامي وٽ رهي ٿي پر مون کي اتي ملڻ بهتر لڳو." عليءَ وضاحت ڪئي.
"ميان! ٻچجانءِ اها ينڊرانوالي جي پوئلڳہ گوريلا ٽريننگ ورتل نہ هجي!" خالد تفريحاً چيو.
"اهي سڪياٽيون پاڻ سان ڪرپان بہ ساڻ رکنديون اٿئي." امين ٻڌايس تہ سڀ کلڻ لڳا.
"ڪرپان هوندس تہ بہ اسان درويشن کي ڇا ڪندي؟" عليءَ کلندي چيو.
"يار! توکي تہ درويشيءَ جو ڀوت آيل آهي. ميان سنئون سولو پڙهيل ڳڙهيل سمارٽ نوجوان، خوبصورت ماڻهو. ڇگهو ڪائين، ڇگهو هنڌائين تڏهن بہ درويش!" امتياز ٽوڪ هڻندي چيس.
"پيارا! بيروزگاريءَ ۾ درويشيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ آهي. دنيا جا سمورا درويش بيروزگار هئا. ڪنهن بہ گورنمينٽ جاب ۾ نہ هئا." علي ڪلي دليل ڏنو تہ سيني ٺهڪ ڏنا.
"ڇگهو يار هلو هاڻ ڪافي دير ٿي ويئي آهي." سراج ڳالهايو ۽ هلڻ لڳو تہ سيئي ساڻس هلندا ٻاهرنڪري آيا. سراج سندس گاڏي اسٽارٽ ڪئي سڀ ويهي رهيا ۽ وٺن سان ڍڪيل رستن تان گذرندا هو گهر ڏانهن وڃڻ لڳا. امتياز گاڏيءَ ۾ ڪئسيٽ هنئي. محمد جمن جو ڪلام هئو: "يار مينون...... تو آتش لائي هي. اي يار مينون لڳ ڳئي بي اختياري" آسمان تي ان وقت گجگوڙ هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنوڻ جو چمڪات ٿي ٿيو جنهن سان اونده جو سمو وڻ. رستا ۽ سڀ ڪجهہ لمحي لاءِ روشن ٿي وري اونده ۾ ٻڏي ٿي ويا. گهر پهچڻ تائين برسات شروع ٿي ويئي.

●

پوڄا پاٺ

اها ڊسمبر جي هڪڙي صبح هئي. شهر جي هڪڙي پوش علائقي ۾ نهيل ڊبل اسٽوري بنگلي جي هڪڙي ڪمري ۾ گهڙيال صبح جا ست وڄايا ته ڪلديپ ننڊ جي خمارن مان اٿي پلنگ تان لٿي ۽ ننڍا ڪڙا قدم کڻندي هن پردا هٽائي درين جاسپ طاق کولي ڇڏيا. ٿڌڙي هير ڪمري ۾ درين جا اڇا پردا لهرائيندي ڇم ڇم ڪندي گهڙي آئي. ڪمري جي اولاهين دريءَ جي هلڪن پردن مان فيصل مسجد جا مُنارا ۽ مارگلا جون ڪڪرن سان جهميل، ساوڪ ڀريل ڀهاڙيون پسجي رهيون هيون. ڪمري ۾ هلڪو فرنيچر پيل هو ۽ فرش تي برائون ڪارپيٽ وڇايل هو. هيٺ لان ۾ گهاٽو ڊاڪا گراس غاليچي جان وڇايل هئو جنهن تي ماڪ ڦڙا اڄان بہ چمڪي رهيا هئا. پاسن کان موتئي، مگري، ميندي ۽ تُلسيءَ جا ٻوٽا ۽ انهن اندران ٽڪنا جا ڦڪا گل ۽ Love_Trees لڳل هئا، جن صبح جي خوبصورتيءَ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي ڇڏيو هو.

هيٺ ٽيرس ۾ ڪلديپ جو مامو گرو دت سنگهہ ٽريڪ سوٽ پائي روز جيان يوگا جا ڪي آسڻ ڪري رهيو هو. ويڪري خوبصورت چهري تي ڇاپئين ڏاڙهي ۽ ڳچيءَ ۾ عقيق جي ڪنٺي سان هو پراچين سمي جو ڪو ساڌو لڳي رهيو هئو. هن جون اکيون بند هيون.

سڀ کان پهريائين هن ڪنول آسڻ ڪيو ان بعد شينهن آسڻ ڪيو ۽ آخر ۾ ساهہ جون ڪجهہ ورزشون ڪرڻ بعد هو واش روم ڏانهن هليو ويو.

ڪافي دير خوشبو ڀريل ٿڌڙيءَ هوا جو واس وٺڻ بعد ڪلديپ منهن تي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي ننڊ لاٿي ۽ ٽوال سان چهرو اگهيائين ۽ وارن تان نيٽ کوليائين تہ سندس شيتل چهري مان تازگي ۽ نرماڻ بکڻ لڳي. اڇي ڪاٽن جي Night Dress ۾ ڊگهن ڪارن وارن سان، جيڪي هن جي ڪلهن تان هيٺ لهي سندس ڇاتي ڍَڪي رهيا هئا. هوءَ ڪا لا ابالي ڇوڪري ڀاسي

رهي هئي پر سندس وڏين گھرين ڪارين اکين، هن کي سنجيده ۽ تجربيڪار ٿي بنايو. هُن سيٺي تي پيل ستار کڻي ان جون تارون ڪشيون، ان بعد ريڪ تان ڏرمي پراٿنائن ۽ گيتن جو ڪتاب کولي اڳيان رکيو پنهنجا بيٺي گوڏا اونڌا ڪري ملائي ويٺي ۽ رياض ڪرڻ بعد هوءَ ڳائڻ لڳي.

نمناماڪاري پائودا نپجا_ سرواسا ڪتس،
تاترار پيتا نيا ميتا سماراني ناڪالاهم
ايتا درسي تاواڪر پا پڳوان ممابي،
دردائي وامي درسا مهاجاني نانوراگها.

(اي منهنجا ڌڻي! تنهنجا پويتر نالا جپڻ سان ساهوارن تي تنهنجيون برڪتون، آسيس ۽ مهر پريو هٿ محسوس ٿئي ٿو. تنهنجا هزارين لکين نالا آهن. جهڙوڪ، ڪرشنا ۽ گووندا.

تنهنجن انهن اتم نالن سان تو پنهنجيون اُتم شڪتيون بہ اسان مٿان رکيون آهن. ۽ تنهنجا اهي پوتر نالا، اسين هر دم جپي سگھون ٿا.

اي منهنجا پالڻهار! شال تون اسان تي پنهنجن نالن جي ٻاجھہ ڪرين، بدقسمتيءَ سان اسين عبين هاڻا ۽ اپالا آهيون.)

دروازي تي نڪ نڪ ٿي تہ هن چيو!

"Yes! Come in...... !"

نوڪر اندر اچي کيس نيرن ڪرڻ جو اطلاع ڏنو ۽ پتل جي هڪڙي ٿالھہ ۾ موتئي جا ڪجھہ هار رکي هليو ويو تہ ڪمري ۾ موتئي جي هلڪي خوشبو پکڙجي ويئي. در بند ٿيو تہ ان پويان لڙڪندڙ ٽليون وڄي ويون. جھونگارينديءَ ڪلديپ ستار پيهر سيٺيءَ تي رکي، موتئي جي گلن جو ٿالھہ کڻي بابا گُرو نانڪ جي فريم تان پاروتا گل لاهي، تازا هار وڌا، ڌوپ واسيو ۽ ٻاهر نڪري چاڙهيُ لهي ڊائننگ هال ڏانهن وڃڻ لڳي.

ڏاڪڻ پرسان ۽ ڪاريڊار ۾ لڳل پينٽنگس ڏسندي هوءَ چاڙهيون لهندي وڃي هال ۾ گھڙي ۽ ڊائننگ ٽيبل تي سندس انتظار ۾ ويٺل مامي کي ڏسندي چيائين:

"جئہ گرو...!"

"جئہ گرو پٽ!" مامس جواب ڏنو.

هنن پيالا کنيا ۽ انهن ۾ بوائل ڪيل جَوَ ۽ ڪير وجهي ڪائڻ لڳا. نيرن سان گڏ ڳالهين ۾ بہ جنبي ويا. هنن سندن ... *السيشن جي تنگ ۾ ڦٽ بابت ڳالهايو جنهن لاءِ ڊرائيور موڪلي ڊاڪٽر گهرائڻو هو. شام جو ڊپٽي سيڪريٽري، مسٽر اي بي جعفريءَ کي اٽينڊ ڪرڻو هو. جنهن لاءِ ڊنر جو انتظام پڻ ڪرڻو هئو. بورچيءَ کي گهرائي کاڌي پيتي جا تفصيل ٻڌايا ويا ۽ هفتو پوءِ مريءَ جو پروگرام پڻ ناهيو ويو جتي ساليانو ڊوڙ مقابلو 'سنوريس' ٿيڻو هو. نيرن جي ميز تان اٿنديءَ اٿندي ڪلديپ سندس مامي کي ٻڌايو تہ 'هوءَ شام جو هڪڙي ڇوڪري سان ملڻ ويندي ۽ کيس وٺي ايندي ۽ تي سگهي ٿو تہ اهو بہ مسٽر اي بي جعفريءَ جي ڊنر ۾ شامل ٿئي. ڇوڪري جو نالو 'علي' آهي ۽ هو سنڌ جو مسلمان آهي.'

'ٺيڪ آهي'، چئي ڪلديپ جو مامو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. جتي هارمونيم، تسبيحون، هنديءَ، گرمکيءَ ۾ پُورب جوت، گيتا، سکمڻي ۽ ڀڳت ڪبير جي ڪوتا سميت بيا بہ ڪافي ڌرمي ڪتاب ۽ پوٿيون پيل هئا.

سي کان پهرين هن شري سکمڻي صاحب کنيو ۽ پاٺ ڪرڻ لڳو:

چندن ليپ، اتاري ڌوءِ،
گرديپ پريت پسم سنگ هوءِ.

گڏهہ کي جي چندن لائبو تہ بہ هو لٽ ۾ ليٽڙيون پائي لاهي ڇڏيندو. اهڙيءَ ريت وشن(چڱن ماڻهن) جي سنگت ۾ هن جيو کي نالي جو رنگ اثر نہ ڪندو:

ڪرتوت پسو ڪي، مانس ذات،
لوڪ پچارا ڪري دن رات.

هن جا ڪم ڍورن وارا آهن ۽ سڏائي ٿو پاڻ کي منش (ماڻهو) جڏهن تہ رات ڏينهن ٻرائيءَ پچار ۾ لڳو پيو آهي.

باهر ڀيکہ انتر مل مائيا،
ڇپس ناهہ ڪڇ ڪري ڇپائيا.

باهر ساڌن جو لباس ۽ اندر مايا جي مير سان ڀريل. يعني هيءَ پاپي جيوُ ڪيتريون بہ لڪون ڪري، نيٺ پاڪنڊ (ڪوڙ) پڌرو ٿي پوندو. ان بعد هو معمول مطابق پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

●

---

* السيشن: ڪتي جو هڪ نسل

املتاس جا گل

شهر تي ساري رات مينهن وسندو رهيو هو ۽ صبح تائين وسي رهيو هئو. اڄ عليءَ جي Date هئي انڪري صبح کان ئي هن پنهنجا سڀ پروگرام ختم ڪري ڇڏيا هئا. ڪجهه درخواستون ٽائيپ ڪرائڻيون هئس. هڪ ٻن آفيسن ۾ ويٺو هئس پر ڪلديپ سان ملڻ جي خيال ۾ اڄ هن ڪجهه به نه ڪيو. نه وهنتو نه تيار ٿيو ڪافي دير تائين بيڊ تي پيو رهيو. پوءِ چانهه پيتائين. نيرن به ڪيائين پر منجهند تائين ڪنهن ڪتاب جي اسٽڊي ۾ لڳو رهيو. پڙهندي مهل ڪتاب جي لائينن وچ ۾ هن کي ذري ذري ڪلديپ جو اڻ لکو چهرو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اهو اوپرو چهرو جيڪو خوبصورت ۽ گنڀير هئو جنهن تي ٻه وڏيون اجريون ڪنول رنگ اکيون سندس ذهانت جو ڏس ڏيئي رهيون هيون. جنهن ۾ من جي مٺيا ۽ خدا جو جلوو هو. انهن ڪنول نيڻن جي جادوءَ ۾ هو ڪوئجي ٿي ويو ۽ ڪيس ذري ذري اهي ويچار ٿي آيا ته ڪلديپ جڏهن هن سان ملندي ته هو ساڻس ڪهڙيون ڳالهيون ڊسڪس ڪندو؟ پهرينءَ ملاقات ۾ ان نئين ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ جي شروعات ڪيئن ڪندو؟ هوءَ Journalist آهي.. هن سوچيو ته پوءِ ساڻس اڄڪلهه جي حالتن تي به سنو ڊسڪس ٿي سگهي ٿو. ملڪ ۾ مارشل لاءَ آهي جنرل ضياءَ ماڻهن جا پنا ڪوڙن سان سنئي ڇڏيا آهن. جمهوري نظام جي جدوجهد ۾ هزارين سياسي ڪارڪن جيلن ۾ بند آهن. ڪئين ماڻهو ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهي ويا آهن. يا وري انڊيا جي صورت حال به بحث جو موضوع بڻجي سگهي ٿي. بلوا، قتل، باهيون، انڊين پنجاب ۾ هندن ۽ سکن جو قتل عام، جهيڙا...پر ڪنهن به خوبصورت ڇوڪريءَ سان پهرئين ملاقات ۾ ملڪي سياسي حالتن ۽ جهيڙن جو ذڪر ڪرڻ نه رڳو وقت جو وڃاڻ آهي پر ان جي هتڪ پڻ! بلڪ پوڪ پٽو!! تو بهن توبهن. هو اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي منهن کلڻ لڳو ۽ پنهنجي پاڻ کي چوڻ لڳو: 'اي ميان علي

بسڪوت. يعني بيوقوف! تون هڪ ڇوڪريءَ سان اهڙا بيهودا بحث ڪري ڊيٽ جو بيڙو ڇو ٿو ٻوڙين؟ هن کي بائيڪ جي Tank تي لڳل اهو اسٽڪر ياد آيو جنهن تي لکيل هئو:

'You Girls are all the same!'

دنيا جي ڪهڙي به رنگ ۽ نسل جي ڇوڪري هجي، ڪهڙي به مذهب جي پوئلڳ هجي پڙهيل لکيل هجي يا ڄٽ. هوءَ بس ڇوڪري آهي ۽ ان سان موسمن ۽ محبتن، گلن ۽ پوپٽن جون ڳالهيون ڪرڻ ئي مناسب آهي.

چڱو نيڪ آهي، اڄ مون واري بڪ نه هلندي ڊوڙ وڃي پائي مارشل لاءَ ۽ ملڪي حالتون. منهنجو ڇا وڃي. ماڻهو چوويهه ئي ڪلاڪ حالتن جي پينڊوليم ۾ ٽنگجي هيڏانهن هوڏانهن گهلبو ته نه رهندو نه؟ هن سوچيو. هو سيٽي وڄائيندي اُٿيو ۽ واش روم ۾ گهڙي ويو. شاور هينئان هن به تي انديا جا اڌو گابرا گانا ڳايا. سيٽيون وڄايون ۽ ٽوال ٻڌي ٻاهر نڪري آيو.

هن پنهنجي بهترين بليڪ Armani ٿوپيس تي ڪنٽراسٽ ڪلر جي شرٽ پاتي. نئون بوٽ پاتائين. ڳلي ۾ بو ٻڌي ڊريسنگ ٽيبل آڏو پنهنجي پاڻ تي نظر وڌائين: Excellent 'ها. ها. ها' مسٽر علي! هن پاڻ کي چيو ۽ پوءِ ڪوٽ پائي وارن کي برش هڻي، پرفيوم جو ڦوهارو هڻي دروازو بند ڪري ٻاهر نڪتو. 'لا لا لا لا! هو ن هون هون هون'.... هو جهونگاري رهيو هو.

۽ چاڙهين تي بينل پاڙي جي ٻارن جا ڳل پٽيندو ساڻن ڳالهائيندو ڪن کي چيونگم. ڪن کي ٽافيون ڏيندو هو هيٺ لهي آيو.

○

ارجنٽينا پارڪ تي شام سان گڏ ٿڏ ۽ اداسي به لهي رهي هئي. هڪ ڪنڊ وٽ پنهنجو بائيڪ بيهاري هو هڪ پاسي اچي ويٺو جتي املتاس جا وڻ الهڙ محبوبائن جيان پنهنجين چوٽين ۾ ڦڪا گل سجايو جڻ عاشقن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. هن جي دل جو دهڪو اهو سوچي وڌي ويو ته هاڻ ڪجهه ئي منٽن اندر هو ڪلديپ سان ملندو ۽ هن کيBig bite تي وٺي ويندو. جتي هو ٻئي ڪافي پيئندا ۽ پوءِ ڊنر ڪرڻ بعد Ice Cream کائيندا. خوبصورت ماحول ۾ خوبصورت چهري سان ملاقات ته شام جو لطف ٻوبالا ڪري ڇڏيندي.

پارڪ ۾ ڪافي ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيا هئا ۽ هو سيني ڏانهن نهاري رهيو هئو پر هوءَ اجان ڏسڻ ۾ نٿي آئي.

متان هوءَ بينچن ڏانهن وڃي ويٺي هجي! هن سوچيو ۽ هن جا قدم ان طرف وڌڻ لڳا. پارڪ جون ڏاڪڻيون لهي رڪيل سيني بينچن ڏانهن ڏسڻ لڳو. هڪ ٻن بينچن تي ڪي جوڙا ۽ انهن جا ٻار ويٺا هئا. ڪي ٻار هيٺ راند ڪڏي رهيا هئا. پر ڪلديپ هن کي اجان ڏسڻ ۾ نہ آئي. چنارن جي وڻن جي هيٺان تہ بيٺل ناهي؟ هن ٻيهر انو مان ظاهر ڪيو ۽ هلندو چنارن جي درختن هيٺان وڃي بيٺو پر ڪلديپ هن کي اتي بہ نظر نہ آئي تہ هن جيءَ دل جو دهڪو تهائين تيز ٿي ويو. هاڻ مايوسيءَ جا ارڙ ڪيس ٻڪ وجهڻ لڳا. هن سگريٽ ڪيڍي دکايو ۽ سوچيو: 'ائين تہ ممڪن ناهي تہ هوءَ نہ اچي' هن واچ ڏانهن نهاريو. ساڍا ڇهہ ٿي رهيا هئا. اُڻ_ تڻ ۽ اوسئيڙي واري اهڙي ڪيفيت ۾ هن جو من ڪنهن ڏکيل ٻکيءَ جان سيسڙاٽ ڪيڻ لڳو. هو هاڻ هيڏانهن هوڏانهن عجيب نظرن سان نهاري رهيو هئو. تہ ان ئي دم ڪلديپ ڪٿان نہ ڪٿان ظاهر ٿي پوندي ۽ هو چوندس: 'يار چڏا! ايترو انتظار ڪرائبو آهي ڇا. چڱو هاڻ هلہ تہ هلون' پر ڪافي دير گذرڻ بعد بہ هن ڪلديپ کي نہ ڏٺو تہ بدحواسيءَ مان هو وري مولسريءَ جي شاهي وڻن ڏانهن نهارڻ لڳو! سندس اکين ۾ اداسيءَ جا اولڙا ڇپرن جيان لهڻ لڳا.

'هوءَ نہ آئي!!' هن پڪڪيو ۽ دور بيٺل چنارن جي وڻن ڏانهن نهاريائين تہ کيس لڳو: هٽن جهڙا پتا. هوا ۾ ائين لڏي رهيا هئا جڻ الوداع الوداع! ٻيا ڪندا هجن. 'اي اجنبي مسافر. الوداع!' هن جي ذهن کي هڪ زلزلي جهڙو جهٽڪو آيو. هن جو وجود سراپجي ويو... هن جي چپن تي اچي ويو 'اهي وڻ بہ ڪهڙا نہ بيسرا آهن! جڻ پنهنجن پنن جي زبانن سان چٻارا ڏيئي رهيا هجن! اجنبي شهر ۾ اجنبي ڇوڪريءَ دوکو ڏنو' هن سوچيو ۽ هو آهستگيءَ سان پنهنجا قدم کڻندو کڻندو پارڪ جي بند تان هيٺ لهڻ لڳو. هن جو بت لهريون لهريون ٿجي ويو هو ۽ هو جڻ الفيءَ جهڙو مايوسيءَ جو لباس اوڍي ڍرو ڍرو ڪهين مقتل گاهہ ڏانهن وڃي رهيو هو. ان وقت هو ڪافي مايوس ٿيو جڏهن هن سوچيو تہ ڪلديپ جو ڪو Contact نمبر بہ نہ هئو. ان ڇوڪريءَ سان هڪ تقريب ۾ گذاريل بہ پل کن . ڇا ڪيس ان جي محبت جي دام ۾ ڦاسائي رهيا هئا جو هو ايترو پريشان ٿي ويو هئو؟ هو سوچڻ لڳو ڇا هو ان اجنبي ڇوڪريءَ لاءِ ڪجهہ گهٽو نہ سوچي رهيو هئو؟ Journalist

چوڪريءَ لاءِ هو ڪي بہ اهڙا خيال تہ نہ پيو رکي، جنهن کي محبت چئي سگهجي. محبت تہ انساني فطري جذبن منجهان هڪڙو انتهائي خوبصورت جذبو آهي پر هن کي اهڙو دورو ايترو جلدي نٿو پئجي سگهي. هن سوچيو پر ان هوندي بہ هن کي اجنبي چوڪريءَ جو اوسيئڙو ڳر ڪٽي ڪاريهر جيان ڏنگي رهيو هئو. هونئن هن شهر جي باري ۾ شايد بابرنامي ۾ لکيل آهي: 'هتي جا رستا هموار ناهن. وڻ ڦلدار ناهن. عورتون وفادار ناهن ۽ موسمون بي اعتبار آهن!' هن آسمان ڏانهن نهاريو شايد ستين انين تاريخ جي چند مثان اڀون اڇي وچي رهيون هيون. نراسائيءَ واري ڪيفيت هن تي ڀاري پئجي رهي هئي.

'خواهشن جي ابابيل کي ڪوبہ سنو چيتڙ ڪن _ پل ۾ ڦٽڪائي سگهي ٿو.' هن سوچيو بائيڪ کي ڪڪ هڻي اسٽارٽ ڪيو ۽ هو بگ_ بائيٽ تي هليو ويو.

ٽيبل تي ويهڻ بعد هن اڳيان پيل ڪُرسيءَ کي خطاب ڪيو:

'Sorry chair! no.... no: sorry! Miss Kaldeep Kore, Free lancer of Indian Express , Today you cant take something, well... you can see me only to eat!

هن اتي هڪ شاهي زِنگربرگر ۽ ڪافي جو آرڊر ڏنو ۽ هلڪي ميوزڪ مان محفوظ ٿيڻ لڳو.

●

رات جو رنگ

ان ڏينهن شام جو ڪلديپ ارجنتينا پارڪ پهتي ۽ هڪ طرف گاڏي پارڪ ڪري هوءَ ان کي تيڪ ڏيئي عليءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي. هر ايندڙ ويندڙ ۾ هوءَ غور سان نهاري رهي هئي. ڪافي ماڻهو اچي وڃي رهيا هئا. هوءَ سوچڻ لڳي: 'اجنبي ڇوڪرو جيڪو پنهنجيءَ پر ۾ يونيڪ آهي سو اچا نہ آيو. سو هوءَ گاڏيءَ ۾ ويهي پارڪ جو چوڌاري چڪر هڻي آئي وري ساڳئي هنڌ تي ويهي عليءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

ٿوري ٿوري دير ۾ کيس محسوس ٿي ٿيو تہ شايد هو هتي ئي ڪٿي آهي تہ هن هر ايندڙ ويندڙ ۾ غور سان ٿي ڏٺو.

شام جي شفق رنگ پرن ۾ آهستي آهستي رات جو رنگ پرجي رهيو هئو ۽ اها واهيري تي لهڻ جا سانباها ڪري رهي هئي. وڻن تي پکين جو شور وڌي ويو هو... ڪجهہ دير گذرڻ بعد نہ رڳو پکين پر ماڻهن جو چوبول ۽ ٽريفڪ جو شور بہ گهٽجي ويو. شام جڏهن اداس ٿي ويندي آهي تہ ماحول تي مانار ڇانئجي ويندي آهي ۽ رات اچڻ جي دک ۾ ذهنن تي دهشت ڇانئجي ويندي آهي! اهڙن اداس ۽ مقدس ڪيفيت وارن لمحن ۾ ڪلديپ پنهنجي گاڏيءَ جي ٽيپ ۾ پرارٿنا ۽ ڀڳتيءَ جي هڪڙي ڪئسيٽ لڳائي ڇڏي اسٽيئرنگ تي هن پنهنجيون ٻانهون رکيون ۽ انهن مٿان چهرو رکي ڇڏيو تہ هن جي اکين کي جڻ آساس اچڻ لڳو ۽ ننڊ پرجڻ لڳي. ٿوري ٿوري دير ۾ هن پنهنجيون خماريل اکيون کڻي املتاس جي پيلن گلن تي نظر ٿي وڌي جيڪي دور تائين وڻن ۾ ٽانڪيا پيا هئا ۽ جن جو رنگ هاڻ رات جي رنگ ملڻ جي ڪري ناسي ٿي ويو هو.

پارڪ آهستي آهستي ماڻهن کان خالي ٿيڻ ۽ سرديءَ ۽ خاموشيءَ سان پرجڻ لڳو هو. چوڌاري گلوب ۽ ٻيون بتيون ٻري ويون هيون ۽ ٿڌ وڌڻ

لڳي هئي. سڀي ڏينهن جي جاڳ کان پوءِ ورڻ هاڻ سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳا هئا. رستن جي وچ ۾ سوڊيم لائيٽس ٻري ويون. هڪ ٻيرو ٻيهر رستن تي ٽريفڪ جو شور وڌي ويو تہ ڪلديپ ڪڪ تي گاڏي سٽارٽ ڪئي ۽ تيز موڙ مڙندي اسڪريچ ڪيندي اي_ سيون ڏانهن وڃڻ لڳي.

●

پيلا گل گلاب جا

ان وقت شام جي بيوھہ ڪاري گنديءَ جو شاهي ٻڪل هنيو هو. عليءَ سندس دوست رينيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ سوچيو. ريني يوناني سفارتخاني جو هڪڙو ملازم هئو. گهر تي پهچي هن ڪال بيل تي هٿ رکيو تہ پهرين ڪتو ڀونڪيو ۽ پوءِ دروازي جي ننڍڙي ڳڙکي اندران کلي ۽ ان مان ريني اک وجهي ڏٺو ۽ اتان ئي رڙ ڪيائين:

"هلو هائو آريو عالي! ماءِ فرينڊ...ڪم آن ڪم آن.. ماءِ ڊيئر" هو ٿهڪ ڏيڻ ۽ در کولڻ لڳو. عليءَ کلندي بائيڪ اندر ڪيو ۽ گئريج ۾ بيهاري ساڻس زورائتو هٿ ملايو. ٻيئي جڻا گلن جي ڪونڊين پرسان گذرندا اندر ويا تہ ريني جي زال صوفيا بہ اچي کيس سلام ڪيو. هوءَ ايران پاتل هئي. انڪري ظاهر هئو تہ ڪچن ۾ ڪم ڪري رهي هئي هن جي پورن وارن ۾ هميشہ جيان گلاب جو گل لڳل هو. ڏڳهي ڳچي ۽ گوري رنگ سان هلڪڙي سلڪڙي صوفيا، سدائين پڙو پايو هلندي هئي. هن جي چهري مان هميشہ جيان معصوميت ائين ٿي اولڙا پاتا، جيئن شفاف پاڻيءَ جي جهرٽي تي صبح جي نو خيز سج جا ڪرٽا.

"چوپلا اج ڪجهہ تڪل تڪل تو لڳين!" رينيءَ پڇيو ۽ هڪ عجيب مرڪ سندس چهري تي، هوا جي جهوني وانگر ڦهلجي ويئي.

"يار! ڪلهہ هڪ ڇوڪريءَ سان ڊيٽ هئي، سو ٿڪل پهتي ئي ڪانہ." هن سچ ٻڌالهايو ۽ رينيءَ جي اکين ۾ ڏسڻ لڳو.

"ها ها.....هُوهُو...هوهو ووو." رينيءَ رڙيون ڪيون ٽهڪ ڏنا.

"يار! ڪلهہ هڪڙي انڊين ڇوڪريءَ ڊيٽ ڏني هئي سو پهتي ڪانہ ۽ سڄي شام بلڪ ڪالهوڪو سڄو ڏينهن برباد ٿي ويو." عليءَ ٻيهر ورجايو پر هن جي لهجي مان ڪوئي غم ۽ پريشاني ظاهر نٿي ٿي. هو پاڻ بہ کلي رهيو هو.

ريني، جنهن جو قد بندرو رنگ ٿامي جهڙو مٽي جا وڏا پورا وار ڪلهن تي پونڊڙ جن جي اڪثر هو چوٽي ٻڌي ان ۾ ربر بينڊ وجهي ڇڏيندو هو. چهري تي حضرت عيسيٰ جهڙي چاپئين پوري ڏاڙهي، ڇاتيءَ تي به پورا وار جن مٿان لٽڪندڙ سونو لاڪيٽ. جنهن ۾ ننڍڙو سونو چاقو پيو لٽڪندو هو.

هو اڪثر ڪري جينز تي چمڙي جو سينڊل ۽ ڪاٽن جي هاف سليوز قميص پهريل هوندو هو جنهن جو گلو اڪثر ڪليل هوندو هو. هو جڏهن ڪلندو هو ته لڳندو هو ته نه رڳو هن جو اکيون پر سندس جسم جي رڳ رڳ کلي رهي آهي. هن جي ٿامي رنگ منهن ۾ کلڻ سان رت پرجي ويندو هو.

هن صوفيا کي سڏ ڪيو... "صوفي...! صوفي! وپلو افتو بيريا ڪاروچي، دوسي اوراتو افتومته دي آر تي!!" هن جون اکيون ۽ پرون اڃان به کلي رهيا هئا ۽ منهن ۾ مڙيل رت هاڻ آهستي آهستي ونڙڻ لڳو هو.

(صوفيا او صوفيا! ڏس هن جا ڪم، اهڙين ڇوڪرين کان پيو ٽائيم وٺي، جيڪي وريو پهچڻ ئي ڪين.) هن صوفيا کي ٻڌايو جنهن بورچيخاني مان ٻاهر ايندي ٻڌو ۽ کلندي کلندي وري بورچيخاني ۾ هلي وئي پر سندس ٽهڪ اڃان به اتان پيرا ڪٽي عليءَ جي ڪنن ۾ نڙڪ نڙڪ ڊوڙي رهيا هئا. علي هاڻ سندن اهڙي رويي تي ککو وکو ٿيڻ لڳو هو ته رينيءَ ٻيهر ڳالهايو:

ڇڏيار! شام ويلا ڪنهن ڇوڪريءَ جو اوسئيڙو ڪرڻ کان بهتر آهي ته ماٺهو ڪراسيءَ جا ڏک پري گذاري، جيڪا ڪڏهن ڌوڪو ته نه ٿي ڏئي! ماڻهن کان ته شيون وڌيڪ وفادار هونديون آهن." ان مهل صوفيا گرم گرم فرنچ فرائيز جي پليٽ ڪٽي آئي. ٽيبل تي رکندي هو ٻيئي زال مڙس هڪ ٻئي ڏانهن نهاري کليا ۽ عليءَ کي چيڙايائون ته هو به ساٽن شڪي ٿيڻ ۽ کلڻ لڳو ۽ پوءِ چيائين: "Leave it please...! Leave it!" ته صوفيا سندس ٻنهي هٿن سان تاڙي وڄائي ۽ ٽهڪ ڏيندي ڪمري ۾ هلي وئي.

"يار ريني! ارسطو فينس ته عشق جي ايتري حمايت ڪئي آهي جو يونيورسٽيون ناهي ان ۾ عشق جي تعليم ڏيڻ لاءِ لکيو اٿس ۽ ارسطوءَ وري ان جي مخالفت ڪئي آهي. بهرحال عشق عظيم آهي. پر مون کي هن ڇوڪريءَ سان ملڻ کان پهرئين ئي پلا ڪيئن عشق ٿيندو؟ مان ان سان ڪو به عشق پشق ڪونه پيو ڪريان ٻڌئي!

"Yes boss! پر يار! مون کي تہ انهن فلاسفرن جا نالا ٻڌندي ئي الٽي اچڻ لڳندي آهي. هونئن 'ارسطو فينس' وري بہ چڱو ماڻهو هو. منهنجو جي وس هلي تہ اسانجن شهرن مان انهن جا مجسما لهرائي پيجرايان ۽ منهنجي صوفيءَ جا مجسما نهرائي هڻان. هو ٺهڪ ڏيڻ لڳو. ۽ انهن جي جاءِ تي سمورن عاشقن جا مجسما نهرائي انهن کي سلام ڪريان. سقراط ۽ بقراط کان وڌيڪ تہ هيلنُ هئي.

'Helen of Troy, the beautiful and dynamic girl of her times'.

"جنهن 'پيرس' سان عظيم عشق ڪيو تہ صوف جي وڻ ۾ ڦاهو ڏيئي ماري ڇڏيائونس. انهن فلسفين کان عظيم تہ سيفو هئي. باغن ۾ نچندڙ ۽ ڳائيندڙ شاعره ۽ نرتڪي، جنهن وٽ جماليات هئي، پيار هئو. منهنجي نظر ۾ هڪڙي فلاسافر کان وڌيڪ عظيم محبوبا آهي!" رينيءَ چيو.

"ماڻهو فلسفي جي مشڪ مان زهر اوتي پيئڻ ڪانسواءِ بہ هن دنيا ۾ گذاري سگهي ٿو. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي رڳو ماني کائڻ ۽ سيڪس انجواءِ ڪرڻ اچي ٿو تہ اهو هن دنيا جو ڪامياب ماڻهو آهي. ماڻهو فلسفن ۽ نظرين جي ڪارنهن منهن تي ملڻ ڪانسواءِ بہ جي سگهي ٿو ۽ مري سگهي ٿو!" عليءَ ڳالهايو.

"چڱو پلاهاڻ ڇا پيئبو؟" رينيءَ هن کان پڇيو.

"يار آءٌ تہ ڦهوو پيئندس." عليءَ چيو.

"بابا ڦهوو پيئڻ سان ان حسينا نازنينا جو غم غلط نہ ٿي سگهندو جنهن توکي آرفيوس بنائي ڇڏيو آهي." رينيءَ ڳالهہ اينگهائيندي چيو.

"نہ بابا نہ ڦهوو." عليءَ وراڻيو. "مان توسان ڳالهيون ڪرڻ آيو آهيان. مدهوش ٿيڻ نہ آيو آهيان."

هونئن وقت تہ ڪراسي پيئڻ جو هئو. پر اها پيئڻ بعد رينيءَ جي زبان جا لغام ڍرا ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ اها رڻ ۾ راهہ وچايل گهوڙي جيان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندي، اُٿڙجندي ويندي هئي! پيئڻ کان پوءِ هڪ تہ ريني اول فول بڪندو هو. پيو هر ڪنهن کي ڪچيون گاريون ڏيندو هو ۽ آخر ۾ پاڻ کي بہ

هڪڙي پيري رينيءَ ارسطو جي روحاني فلسفي تي چوهہ چنڊيندي چيو:

'ارسطوءَ پنهنجي دماغ جي خلل کي دنيا وارن جي دماغن ۾ ٺنبڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڇا آهي دنيا؟ ڪٿي آهي اها اُصل دنيا جنهن جو

پرتوو هيءَ دنيا آهي؟ جنهن جو پاڇو اسين آهيون؟ ڪٿي آهي اهو سڀ ڪجهه؟ ڪجهه بہ ڪونهي'. رينيءَ چيو هو.

'بس، سڀ ڪجهه هتي آهي.' عليءَ چيس: 'سڀ ڪجهه هيءَ ئي آهي. روح کي Describe ڪرڻ لاءِ ڇا ضروري آهي تہ سڄي ساري بي دنيا تخليق ڪئي وڃي؟' هو تاريخ جي مادي تصور جو شائق هئو. 'تاريخ، جيڪا مادي جي ڪانفلڪٽ جو نتيجو آهي ۽ جاگرافي، جيڪا مادي جي اٽريڪشن ۽ ريپلشن جو نتيجو آهي.' صوفيا هنن اڳيان جڳ، گلاس ۽ بوتل آڻي رکي ۽ هلي ويئي. چڱو هاڻ ٻڌ: عمر خيام ڇا ٿو چوي: عليءَ ڳالهايو.

Why all the Saints and sages who discussed
Of the two Worlds so learnedly are thrust,
Like foolish Prophets Forth,
Their Words to scorn are scattered, and their mouths are stop with dust!

سقراط لاءِ هن چيو: 'سقراط پوڙهو گندو ۽ زناڪار ماڻهو هو. سقراط رڳو ديوتائن خلاف بغاوت ڪئي. جنهن ڪري هو امر ٿي ويو! باقي هونئن هو هڪڙو گندو پوڙهو جنسي، ڇوڪري باز ۽ ناڪام ماڻهو هو جنهن سان زال جو نباهہ بہ نہ ٿيو ۽ جنهن اٿينس جي اميرن جي خوبصورت ڇوڪرن سان اغلام بازي ڪئي ۽ انهن کي تباهہ ڪيو بحث مباحثي ۽ ڳالهين کان پوءِ هنن ڊنر گڏجي ڪاڌي.

اسپيگٽي سان گڏ قيمو ۽ پاڇيون، اوباريل چانور سلائيس، سلاد، چڪن ڪري، مڱن جي دال ۽ آئيس ڪريم.

علي اتان اٿيو تہ رات جاڏهہ لڳي چڪا هئا. هو گهر کان ٻاهر نڪتو تہ کيس سيءَ جي لهر محسوس ٿي. هن پنهنجي شرٽ جا ڪالر مٿي ڪري ڇڏيا. بائيڪ اسٽارٽ ڪيو ۽ پوءِ گهر ويندي ويندي هن کي رينيءَ جا Comments ذهن ۾ چيڙ لڳا: 'سقراط گندو پوڙهو ڪرپٽ، جنهن اٿينس جي خوبصورت ڇوڪرن سان دوستيون رکيون'. هونئن بہ هر ماڻهو پنهنجيءَ پر ۾ ڪيڏو نہ ڪمينو هوندو آهي. ماڻهوءَ جي اسٽڊي ڪرڻي هجي تہ ان کي ڪاڏي جي ٽيبل ۽ بيڊ تي Observe ڪجي، هن ڪٿي پڙهيو هو: 'آئن اسٽائن بہ پنهنجيءَ زال تي تشدد ڪندو هو!' هن سوچيو تاريخ جا گهڻائي عظيم ڪردار جيڪي اڄ اسان کي فرشتا ٿا لڳن، اهي گهڻو ڪري جهڳي باز، بدڪردار، ظالم، بداخلاق ۽ قاتل رهيا آهن. ماڻهوءَ جي وجود سان گڏ

خواهشون ۽ انساني توڙي حيواني جذبا بہ ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ شامل هجن ٿا پر وقت شخصيتن کي غير مرئي ۽ عظيم بڻائي ٿو ڇڏي. يا اهي عام ماڻهو آهن جيڪي ڪين عظيم ٿا ٿاهين؟ هن پنهنجو بائيڪ ميلوڊي مارڪيٽ کان اندر موڙيو ۽ ٿڌيءَ هوا جي تهہ کي چيريندو وڃي ڪورڊ مارڪيٽ ويجهو پهتو. اتان هاڪي گرائونڊ وٽان گذرندو خانداني منصوبا بنديءَ جي هيڊ آفيس کان ٿيندو اسلامي نظرياتي ڪائونسل وٽ اچي بيٺو. هن جي اکين ۾ خمار هئا ۽ بت گرم هئو پر هوا ۾ ٿڌ محسوس ٿي رهي هئي. هن مسڪرايو ۽ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي آفيس ڏانهن نهاريو. جيڪا اسلامي بينڪاريءَ جا اصول واضح ڪرڻ کان وٺي عورت جي طلاق جي قانون، ۽ حدود آرڊيننس جي خالق هئي. شريعت ڪورٽن جي نفاذ کان پوءِ بہ ماڻهن کي شراب عام ملي ٿو وڃي. ۽ وياج واري نظام کي نفعي جو نالو ڏيئي اسلامي بينڪاري جي نالي ۾ ڪاروبار پيو ڪيو وڃي.

مارڪيٽ وٽ ڪيس ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو چائينيز ريسٽارنٽ تي ڊنر ڪندي نظر آيا. جتي گوشت ۽ ڪباب پچڻ ڪري دونهون اڏامي رهيو هئو.

اتان کان يوڪلپٽس جي رڪوع ۾ بيٺل انگاس وڻن جي قطار پرسان ٿيندو موڙ مڙندو انڊين سفارتخاني ٻاهران شو ڪيس ۾ انڊين پرائم منسٽر راجيو گانڌيءَ جي ڪلين شيو خوبصورت تصوير ڏسندو هو ايم اين اي هاسٽل پرسان ٿيندو هاڻ وري آب پاري ڏانهن وڃڻ لڳو.

●

سنو ريس

ڊسمبر جون آخري تاريخون هيون.

اج ڪوهه مريءَ ۾ ميلي جو سمو هئو. وڻن جا پنن ڇڻيل ننڊ برفيلا هئا. ٿڌ ۽ ڦرڪيءَ جي موسم هئي. سارو شهر برف جي ٿلهي تهه سان اڇو ٿيل هئو! ڪپهه جي پوٺين جهڙي برف. سڄي شهر جي رستن، پيچرن، پنن ڇڻيل وڻن جي ننڊن، گهرن جي ڇتين ۽ دوڪانن مٿان ڇانيل هئي ۽ مٿان حدنگاهه تائين نيلو آسمان، جنهن تي سفيد فوم جهڙا ڪڪر. انهن هيٺان ڪالام جون ڏورانهيون پهاڙيون، جن تي انڊيرو ڇانيل. لڳو ٿي برف جو هڪڙو ريگستان آهي. سڄو شهر هزارين ٻڍن، ٻارن، جوانن ۽ ڇوڪرين سان ڀريل هئو. هزارين، رنگين ٽريڪ سوٽ پاتل ڇوڪرا، ڇوڪريون، جوان، پوڙها، عورتون ۽ ٻار، شهر جي مرڪزي پوسٽ آفيس اڳيان 'Annual Snow Race' ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. هوٽلن، چانهه، ڪافي ڪارنرس ۽ ڊراءِ فروٽ جي هٽن تي تمام گهڻي رش هئي. ويلدي خوبصورت فيمليز جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٿڌي هوا کان بچڻ لاءِ گرم اوني ڪپڙا، مضبوط بوٽ ۽ ٽوپيون پائي هڪ ٻئي سان مذاق ڪري رهيا هئا. پٽ تان برف کڻي ان جا گولا ناهي هڪ ٻئي کي هڻي رهيا هئا. کلي رهيا هئا، ڊوڙي رهيا هئا. علي ۽ سندس پارٽنرز به سنو ريس ڏسڻ آيا هئا.

نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين مان ڪن کي ڳچين ۾ ڪئميرائون ۽ دوربينون، هٿن ۾ اسٽڪس، ڪي ته اهڙا به ڪريزي هئا جيڪي ماسڪ يا وري ڇيتي ۽ رڇ جي کلن جهڙا لباس پايو رستن تي ڊوڙي ڊوڙي رڙيون، ڪوڪون ڪري، عورتن ڇوڪرين ۽ ٻارن کي ڊيڄاري رهيا هئا.

سڄي شهر ۾ ڇهڇٽو ۽ ڇوڀول مٿل هئو.

"يار اڇو ته ڪجهه ڪائون، بک به لڳي آهي." عليءَ دوستن کي چيو.

"مانيءَ جو تہ ٽائيم ئي ڪونہ ٿيو آهي، چاڪ بار ڪائجي؟" عليءَ وري ڳالهايو.

"يار تون تہ درويش آهين! هلو ڪٽي تہ ڪي بوائل انڊا ڪائون ۽ ڪافي پي بدن کي گرم ڪريون. اهو برف وارو چاڪ بار ڪائي سر گير جي بيماري ونٽي آهي ڇا؟" امتياز جا ڏند ڪڙڪي رهيا هئا. سڀ ونٽي ڪليا.

"هائو يار! مون کي بہ ڏڪٽي نہ ونٽي وجي. هلو تہ ڪٽي ڪنهن ڪافي هائوس ۾ هلي ويهون...مرون ٽا، هيترا ڪوٽ، سيئٽر، دستانا، جوراب پر سرد هوا هڏين مان ٽي پار ٿئي." امين ڳالهايو.

"چيومانوَ ٽي تہ ٽي ٽي ڪوٽ سئيٽر، مفلر ۽ ٽوپيون پائجو. متان رکيا نہ هجو." شميم خان ڪلندي چيو: "جي ڪو مري ويو تہ هتان ڪنهن جو لاشو سنڌ پهچائڻ بہ مسئلو آهي. هاڻ پيا ڏڪو!... عليءَ کي تہ ڪجهہ ئي ڪونهي، پايو مفلر ڳچيءَ ۾ هلي، جهڙو لوهہ جو نهيل هجي." شميم خان چيو.

"هائو يار! رڳو هڪڙي جئڪيٽ پائي مڙس پڳو آهي...بابا هيءُ تہ انگريز آهي، جيڪي ڊسمبر ۾ بہ پڪنڪ پوائنٽس ٽي آئيس ڪريم ڪائيندا آهن ۽ زڪام نہ ونندو اٿن." امتياز ٽوڪ هنيس.

"بابا پاڻ تہ آهيون ٻچڙيوال ماڻهو هي ڇورا، ننڊا نيڻا، نہ ڦٽا نہ ڦاٽا سو سيءُ ڇا ڪندن؟" سراج چرڪو ڏنو تہ عليءَ سميت سڀ ڪلڻ لڳا.

"اهو بہ آهي پر هن کي او. ڊاڪٽر امام واري دعوت واري واڃاٽيءَ جي ياد گيرين جا پاٽي آهن نہ. سوگرم لڳو پيو آهي." امتياز ڪيس ٽوڪ هنئي تہ سڀ وري ڪلڻ لڳا. عليءَ کي اکين ٽي سن_ گلاسز هئا ۽ هو سندس ٻئي هٿ پينٽ ۾ وجهي چيونگم چٻاڙي رهيو هو. هاڻ شاهي چئونڪ ۾ هزارين جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ساوا، ڳاڙها، پيلا، ڪارا ٽريڪ سوٽ پاتل اڇي گڏ ٽيا هئا. پيا بہ ڪئين عام ماڻهو عام ڊريس ۾ ريس ۾ ڊوڙڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. جيڪا شهر جي ٻن مٿاهين، پنڊي پوائنٽ کان شروع ٿي ڪشمير پوائنٽ ٽائين وڃي ختم ٿيڻي هئي.

"يار ڇوريون تہ ڏسو." امين ٽڏو ساهہ پريو.

"هاءِ هاءِ...ابول!!" امين چيو تہ سڀ ٽهڪن ۾ پئجي ويا.

"وچ بيهان!...وئير...ماما هن پاسي تہ ڏسو ڇورين جا بہ ڪي مڻ آهن مڻ پيو!" امتياز ڳالهايو تہ سڀ وري ڪليا. وري ٽريڪ سوٽ پاتل...اهي

ٻوڙنديون." خالد حيرت ظاهر ڪئي "هائو اهي سنوريس ۾ ٻوڙنديون نہ تہ وري اسان سان لنچ ۾ شامل ٿينديون؟" عليءَ ڳالهايو تہ سڀ کليا.

"جواني هن دنيا جو هڪ وڏو سچ آهي. جي ماڻهو سچ آهي تہ جواني ان کان بہ وڏو سچ آهي! **لاهور جي چڪلي کي اميرالمومنين بند ڪرايو آهي. ۽ هاڻ سيئي پراسٽيٽيوٽس اتان نڪري گلبرگ، گرين ٽائون ۽ ٻين هنڌن تي بنگلا وٺي وڃي ويٺيون آهن. هاڻ هر گهٽيءَ ۾ چڪلو کليو آهي."**سيئي کلي رهيا هئا. "مان چڪلن جي فيور نٿو ڪريان پر چڪلا سماج جا باٿ روم آهن. جيئن هر گهر ۾ باٿ روم ضروري هوندو آهي. چون ٿا: جنت بہ ماڻهوءَ جي فطري گهرجن کي مد نظر رکي تخليق ڪئي ويئي آهي. سُنا طعام، سنا ڊرنڪس، فروٽ، تفريح ,سان گڏ حورون ۽ گلمان، شراباً طهورا، لنچون، ڊنرون، مولتي فوم جا گدا...."، علي خالد کي چيڙائڻ لاءِ ان ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو تہ سڀ کلڻ لڳا پر خالد جي چهري تي ڪاوڙ جا آثار اچڻ لڳا "...توبهہ توبهہ....**او ڪميونسٽا سامراج...! خدا جا دشمن!" خالد پنهنجي نڪ تي آڱر ملڻ لڳو." پاڻ تہ گناهہ گار آهين پر اسان کي بہ تو اسلام مان ڪڍائين. توبهہ استغفرالله مِني."** خالد واقعي سيريس هئو.

"چڏ يار! علي، تون وري پنهنجي دانشوريءَ ۾ شروع ٿي وئين. هيڏانهن ڏسو!" سراج سيني جو ڏيان هئي طرف ڇڪرايو. جتي ڪجهہ ڇوڪريون جينز پايو بيٺيون هيون. پيرن ۾ فليٽس، بت تي چمڙي جون جئڪيٽس، هٿن تي چمڙي جا دستانا، مٿن تي ڪيپس، "سبحان الله" عليءَ ڳالهايو. تہ سيئي خالد ڏانهن نهاري کليا. خالد اجا بہ عليءَ تي جڪ ڪائي رهيو هو.

نيڪ ڏهين وڳي اعلان ٿيو. رنگين جهنڊن جي قطار وٽان سيٽيون وڳيون، ڪبوتر ۽ ڦوڪڻا هوا ۾ ڇڏيا ويا تہ اهي صنوبر جي درختن جي چوٽين وٽان ٿي آڪاش جي وسعتن ڏانهن وڃڻ لڳا ۽ هيٺ برفپوش رستن ۽ گهٽين ۾ بڏل رسين جي وچ مان هزارين پار، ٻڍا، جوان، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، عورتون سڀ رنگين پاٽيءَ جي هڪ ريلي جيان وهڻ لڳا. ڏورين جي ٻنهي پاسن کان هزارين تماشائي بيهي اهو نظارو ڏسي رهيا هئا. سمورا ماڻهو Craisy ۽ خوش مزاج پوڙهن کي چيڙائي رهيا هئا ۽ جوان ڇوڪرين تي جملا ڪشي رهيا هئا. شهر ۾ اج رنگ، خوشبوئون، جواني ۽ خوبصورتي ٻري اٿي هئي. علي ۽ سندس پارٽنرز بہ ٻوڙندڙن تي جملا ناهي کلي ۽ تاڙيون ملائي رهياهئا تہ اوچتو عليءَ ڏٺو: ريلي ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري بہ ٻوڙي رهي

هئي. جنهن کي هو ڪئين ڏينهن کان وٺي رستن، گهٽين ۽ بازارين ۾ ڳولي رهيو هئو. هن چاهيو تہ ان ئي دم، هو ان کي سڏي ۽ ڊوڙي ان ريلي ۾ شامل ٿي وڃي پر لوڪ لڄا کان هو حيرت ۾ بيٺو رهيو. تنهن هوندي بہ بي اختيار هن جي وات مان نڪري ويو:

"ڪلديپ...." پر ڪنهن بہ نہ سمجهيو. هو رهي نہ سگهيو ۽ هن ڪلديپ کي ڊوڙي ملڻ جو فيصلو ڪيو. "توهين بيهو! مان اچان ٿو." هن دوستن کي چيو ۽ بي اختيار ڊوڙي ماڻهن جي ان ريلي ۾ شامل ٿي ويو. جيڪو مريءَ جي برف سان پريل هيٺ_ مٿاهين گهٽين مان هڪ ڳوڙهي رنگين مواد جيان وهي رهيو هئو! "ابا هلو هاڻ... عليءَ کي ڏسو!" امتياز ڪلڻ لڳو تہ سڀ کلڻ لڳا.

ڪوشش باوجود ڊوڙندي ڪلديپ هن کان ڪافي پري ٿي ويئي ۽ هو ان جي ويجهو پهچي نہ سگهيو. هن سوچيو: ڪيئن بہ ڪري هو ڪلديپ وٽ پهچندو ۽ ان سان ملندو. هو هاڻ پنهنجي سموريءَ قوت سان ماڻهن عورتن ۽ ڇوڪرين جي وچ ۾ ڊوڙڻ لڳو. هن بيهر ڪلديپ کي وڃائڻ نٿي چاهيو. سهڪندي سهڪندي ڊوڙي ڊوڙي، هو ان ڇوڪريءَ جي ويجهو اچي پهتو ۽ کيس سڏڻ لڳو: "ڪلديپ، ڪل....ديپ....ڪل ...ديپ.... هو سهڪي رهيو هو." پر ڪلديپ هن ڏانهن نهارڻ بنا ريلي ۾ تيزيءَ سان ڊوڙي رهي هئي.

"ڪلديپ... هلو!.. ڪل... ديپ"... هو تمام گهڻو سهڪي رهيو هيو ۽ نيٺ وڃي هن ان ڇوڪريءَ کي ٻانهن مان جهليو تہ ٻيئي حيران رهجي ويا!!

اها ڪا ٻي ڇوڪري هئي. ڇوڪريءَ جي اکين ۽ ناسن مان سهڪندي الا نڪري رهيا هئا. "Who are...oh fool!" چوندي ڇوڪريءَ کي الاجي ڇا ياد آيو تہ ان ڊوڙندڙ هجوم ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي غلطي جو احساس ٿيندي ئي پنٽي رهي وڃڻ جي ڊپ کان هوءَ وري وٺي ڊوڙي ۽ هجوم ۾ شامل ٿي ويئي ۽ علي ان اجنبي ڇوڪريءَ سان پنهنجي پشيمانيءَ جو اظهار بہ نہ ڪري سگهيو. جنهن کيس فول جي لقب سان نوازيو هو.

ڪافي دير کان پوءِ هن جو سهڪو بند ٿيو تہ هن محسوس ڪيو هيڏي سرديءَ ۾ بہ هن جي نرڙ تي هلڪو پگهر مڙي آيو هو. ڪاوڙ ۾ هن جو چپ ڏندن هيٺان اچي پڪوڙجڻ لڳو هو ۽ هو پنهنجي منهن تي ٻانهن ڏيئي بيهي رهيو. اُن ناراض ٻار جيان، جنهن کي مائٽن ڪو تول نہ وٺي ڏنو هجي!

ڪجهه دير لاءِ رستي جي پرسان لوهه جي ٽنبيل ريل گارڊس تي ٻانهن رکي هو ويهي رهيو ۽ هن جي اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهڻ لڳا. جيئن جيئن جلدي جلدي هن ٽشو ڪڍي اکيون اگهي ڇڏيا، هن جي ڇاتين ۾ هلڪو سور محسوس ٿيڻ لڳو. هن ڏٺو. پري پري تائين هڪ ڪاهي پکڙيل هئي، جنهن ۾ برف جو پٽڙ وڇايل هئو. ان وچ ۾ سَروَ ۽ چيل جا سيءَ ۾ ٽنبيل ننگا وڻ جڻ ڇهن مهينن کان ديون جيان اکيون پوري ستل هئا ۽ دور نيڻ نهار تائين ڪالامر جون برف پوش پهاڙيون، سج جي تڙڪي سان ڏچا ڏيئي رهيو هيون.

ان پل عليءَ سوچيو: هو جڻ ڪوهه ڪاف جي واديءَ ۾ پهچي ويو آهي، پراسرار ۽ ڏکوئيندڙ وادي ۾ ان ڪيفيت جو رنگ ڪهڙو هو؟ ان جو رنگ پيلو ۽ مايوسيءَ وارو هئو. 'مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟ آءُ هڪڙي ڇوڪريءَ جي پويان ايترو پريشان ڇو اچي ٿيو آهيان؟ ڇا هوءَ به مون کي ائين ياد ڪري رهي آهي؟ اهو سڀ ڪجهه ڇا آهي، جيڪو مان ڪري رهيو آهيان؟ ڇا اهو پيار آهي؟... الاجي؟' هن پنهنجي پاڻ کي چيو ۽ 'پيار ڇا آهي؟ محبت ڇا آهي؟ دماغي خلل يا وري جنسي جذبي جي تسڪين جو ڪو شعوري/ لاشعوري اظهار؟؟ بهرحال اهو طريقو صحيح ڪونهي!' هن دل ۾ چيو. 'مان شايد ان سِڪ ڇوڪريءَ جي حسن جي انداز ۽ رک رکاوَ کان متاثر ٿي ويو آهيان؟!'

'الائي ڇا ٿيو آهي،هن پنهنجي پاڻ کان پڇيو. خبر ئي نٿي پوي ته ائين ڇو ٿي ويو آهيان.' هن پنهنجي منهن پٽڪيو 'چريو ٿي پيو آهيان مان شايد پاڇولي پويان ڊوڙي رهيو آهيان. جيڪو هٿ ناهي اچڻو؟' هو آهستي آهستي هلندو اچي هڪڙي ڪافي ڪارنر تي ويٺو جتان هن ڪجهه پوٽيٽو چپس ۽ ڪافيءَ جو گلاس ورتو پئي ختم ڪري هن سگريٽ دکائي ته هن جي ٽٽڪيل اعصابن کي ڪجهه راحت ملي ۽ هو هلندو اچي پوسٽ آفيس وٽ پهتو جتي ان مهل سنوريس ڪنندڙ گڏ ٿي رهيا هئا ۽ ڪنندڙن جو اعلان ٿي رهيو هئو تاڙيون وڄي رهيون هيون وي آئي پيز کي گهرايو پئي ويو جن کي ڪنندڙن ۾ ڪپ ۽ شيلڊس ورهائڻا هئا.

●

مزاحمت

اها 83ع جي هڪ اجري صبح هئي جڏهن ملڪ جي آسمان تي ڪارن قانونن جا ڪڪر ڇانيل هئا. اپوزيشن پارٽين تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو هو. حڪومت وري پنهنجي بچاءَ ۾ فيصلا ڪرڻ شروع ڪيا هئا. نوان آرڊيننس لاڳو ڪري ماڻهن کي ڊيڄاريو پئي ويو. مارشل لاءِ نافذ ڪندڙ فوجي سربراهه ملڪ ۾ اسلامي نظام نافذ ڪرڻ جو اعلان ڪيو هئو. سڄي ملڪ ۾ ماڻهن جلسا جلوس ۽ ميڙاڪا ڪري حڪومت کي ننڊڻ شروع ڪيو. ماڻهو گرفتار ٿيڻ لڳا ۽ سمري ملٽري ڪورٽون کين ڦٽڪن، قيد ۽ ڏنڊن جون سزائون ڏيڻ لڳيون. جلوسن ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهن کي گرفتارڪري ٽاٽن ۽ ٽارچر ڪئمپن ۾ ماري ماري اڌ_مئو ڪري ڇڏيو ويندو هو. ڪي ته ٽارچر برداشت نه ڪري شهيد ٿي ويا. ظلم جي ڪاري رات سڄي ملڪ تي هڪ شاهي رڙ ۽ پڙاڏو بنجي لهرائي رهي هئي، ڪوبه جلسو جلوس ڪرڻ تي منع هئي. نعرو هڻڻ ۽ تقرير ڪرڻ جي پابنديءَ سان گڏ پرنٽ ميڊيا تي به سينسر لڳل هئو. اخبارن ۾ ڪا به خبر بنان سينسر جي نٿي ڇپجي سگهي. قانون جونفاذ ڪندڙ ادارن جون گاڏيون ملڪ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مضبوط جار جيان پکڙيل هيون! اپوزيشن جي جلوسن تي ٽيئر گيس، لٺبازي ۽ گولين جا وسڪارا عام هئا پر تحريڪ ڳوٺ ڳوٺ ۾ هلي، پکڙجي وئي هئي. جتي ماڻهن ڪڏهن وڻ ڪپي رستا بلاڪ ڪري ٿي ڇڏيا، ڪڏهن روڊن ۾ ڪنڌيون هڻي ٽريفڪ روڪي پنهنجي نفرت جو اظهار ٿي ڪيو ۽ ڪڏهن درياهن کي ٽڪا ڏيئي علائقا ٿي ٻوڙيا ويا. اهو ماڻهن جي نفرت جو اظهار هئو جيڪو هوپاڻ کي ئي نقصان ڏيئي ڪري رهيا هئا! ڪٿين هنڌن تي ريلوي ٽريڪ جا سليپر ساڙي ٽرينون روڪي ڇڏيون ويون.

ٻين صبحن جيان اجوڪي صبح به صاف هئي، نيري آسمان تي اڇيرڙا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ هيٺ زمين تي ڊامرجي ڪاري رستي تان ماڻهن

جو هڪ اداس ۽ غمزده جلوس وڃي رهيو هئو. سندن ڪلهن تي ڪجهه ڏوليون هيون جن ۾ انهن شهيدن جا لاش هئا، جن کي ڪالهه هڪ جلسي ۾ گوليون هڻي ماريو ويو هئو. کين دفن ڪرڻ لاءِ ماڻهن جو هجوم قبرستان ڏانهن وڃي رهيو هئو. سندن اکين ۾ غير جمهوري حڪومت خلاف احتجاج جا اُلا ۽ اندر ۾ نفرت جا لاوا پريل هئا ۽ انهيءَ جو اظهار هنن ڪيڏيءَ ڪيڏي مهل نعرا هڻي ظاهر پئي ڪيو. هڪ طرف عوام جوغمگين ۽ احتجاج پريل طوفان هئو. ٻئي طرف قانون نافذ ڪندڙ ادارن جا ماڻهو مٿن تي لوهي ٽوپلا پهري، چهري تي سختيءَ جو نقاب چاڙهي، هٿن ۾ لوهي مٿن واريون لٺيون ۽ ڍالون، ڳوڙها گئس جا شيل، رائيفلون ۽ هٿيارن جا انبارکڻيو سندن رستو روڪڻ لاءِ بيٺا هئا.

جلوس هاڻ شهرجي مين چوڪ تي پهتو تہ ادارن جي ماڻهن انهن کي وارننگ ڏني. سندن اڳيان وڏندڙ رستي تي باربيڊ وائر وڇائي ڇڏي ويئي هئي ۽ ميگا فون تي اعلان ڪيوويو تہ شهر ۾ جيئن تہ ايمرجنسي ۽ قلم 144 لڳل آهي ۽ آرڊيننس نمبر 12 تحت ملڪ ۾ ڪو بہ جلسو جلوس يا ميڙاڪوڪرڻ، نعرو هڻڻ ۽ سياسي پارٽين جا جهنڊا کڻي هلڻ يا تقرير ڪرڻ تي پابندي عائد آهي. ان ڪري ماڻهو جلوس ختم ڪري ڇڙوڇڙ ٿي وڃن. صرف چند ماڻهو ڏوليون کڻي قبرستان وڃي سگهن ٿا. ۽ ڪو بہ شخص هيءَ تار ٽپندو تہ ان کي قانون جي انحرافي سمجهندي گولي هلائي ويندي ماڻهن جي اکين ۾ نفرتن جا شعلا پڙ پڙ ڪرڻ لڳا. هو پڙ ڪري بيهي رهيا. ان قافلي ۾ ڪجهه عورتون بہ شامل هيون. ماڻهن جو خيال هئو تہ کين قبرستان تائين وڃڻ ڏنو وڃي پر قانون نافذ ڪندڙ پنهنجي ضد تي اٽل هئا. ماڻهن انهن خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪيا. 'ظالمو جواب ڏيو خون جو حساب ڏيو' ۽ باريڊ وائرز هٽائڻ شروع ڪئي تہ مٿن لٺيون وسڻ لڳيون. زخمي ٿيڻ بعد آمهون سامهون مقابلو شروع ٿي ويو. اها صورتحال ڏسندي ٽيئر گيس جا شيل اڇلايا ويا تہ ماڻهو ٻورين جي ٽڪرن سان ٻرندڙ شيل کڻي اهي وري انهن جي مٿان ئي اڇلائڻ لڳا. ڪي ماڻهو پاڻيءَ جون بالٽيون ڀري آيا ۽ رومال ۽ قميصون پُسائي پنهنجيون سڙندڙ اکيون آليون ڪرڻ لڳا. ڪجهه دير بعد ماڻهن ۽ ادارن جي سپاهين سيني جو حال ساڳيو ٿي ويو هو. ڪي کنگهي رهيا هئا ۽ ڪي وري روئي رهيا هئا. ميدان ڪار زار ۾ ڪجهه وقت لاءِ عوام قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي ماڻهن مٿان غالب اچڻ لڳي هئي.

عورتون روئي دانهون ڪري رهيون هيون. 'ظالمو! اسان سان گڏ لاش آهن. اسان صرف اهي پورڻ ٿا چاهيون. اسان پر امن آهيون. اسان جو احتجاج به پر امن آهي، ماڻهن جي اکين ۾ هاڻ ڪراهت بازن جيان لامارا ڏيئي رهي هئي. لنبازي جي ڪري ڪافي زخمي هئا ۽ گهڻن جي ڪپڙن تي رت جا چنڊا لڳل هئا.

ڪلديپ هڪ ڪنڊ کان بيهي اهي سڀ سنيپس پنهنجي ڪيميرا ۾ محفوظ ڪري رهي هئي. نيٺ ماڻهن کي رستو نه مليو ته انهن سرڪاري گاڏين تي حملو ڪيو ۽ انهن کي باهيون ڏيڻ لڳا. هاڻ حالتون هٿن مان نڪري ويون هيون. ماڻهو بي قابو ٿي چڪا هئا. هنن جي اندر ۾ نفرتن جا طوفان، سمنڊ جي اٿرڪيل لهرن جيان وراڪا ڏيئي ٻاهر نڪري رهيا هئا ته ڪمانڊر گولي هلائڻ جوحڪم ڏنو رڻ گجي اٿيو فائرنگ ٿيڻ لڳي ماڻهو ڦٿڪي ڦٿڪي ڪنل رتونبن جيان روڊ تي ڪرڻ لڳا. فائرنگ ۽ گوڙ ۾ ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو. ڪجهه دير کان پوءِ مجموعي مان به ڪنهن فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي ته ادارن جا ڪجهه ماڻهو به ڪرڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳا. رت ۾ ٻاهه جي راند ۾ جسم ليٽرجڻ، ڦٿڪڻ ۽ تڏا ٿيڻ لڳا. اُهو سڀ ڪجهه گهٽين جي آڏ ۾ صحافي ڏسي ۽ رپورٽ ڪري رهيا هئا جڏهن فائرنگ، رڙيون، دانهون، ڪوڪون، ڳوڙها، دونهون ۽ ڪنجهڪا بند ٿيا ته ڪلديپ ڏٺو: مئجسٽريٽ جاءِ واردات تي مشير ناما لکي رهيا هئا تي ماڻهو رت ۾ ليٽرٻيل وردين ۾ مئل هئا ۽ ست ماڻهو جلوس مان مئا هئا. جن مان ڪن جون ته ٽنگون ۽ ٻانهون به ڀڳل هيون. ۽ تمام گهڻا ماڻهو زخمي به هئا. انهن کي ڪٽي ايمبولينس ۾ رکيو ويو. لا تعداد زخمي. جن مان ڪي زخمن جو تاب نه سهي ڪنجهي ۽ سڏڪي آخري پساهه کڻي رهيا هئا. تن کي به ٻين گاڏين ۾ سٽيو ويو. ايمبولينسون پنهنجيون ڳاڙهيون بتيون ٻاري ۽ هارن وڄائي ڪاري ڏامرجي رستي تي پنهنجي ڦيٿن سان رت جا ڳاڙها گيهه ٺاهينديون روانيون ٿي چڪيون. سڄو ميدان رت جي دڙڳن پٿرن، ڏنڊن ، گولين جي خولن ۽ ٽيئر گيس جي شيلن سان سٽيل هئو. رت جا دٻا. شهيدن جا پروڻ ٿيل رت ۾ ليٽرٻيل لاش، ڪپڙا، جتيون، ٽوپيون، جهنڊا، پلي ڪارڊ، سڙيل ٻڪتر بند ۽ ٻيون سرڪاري گاڏيون. جن مان اڃان ٻاهه ۽ دونهان نڪري رهيا هئا ۽ فائر برگيڊ جي ٻاهه وسائيندڙ گاڏي، هڪ دهشتناڪ ۽ اندوهناڪ منظر هئو. غم جو هڪ سمو هئو. ظلم جو هڪڙو نوحو هئو

جيڪو سڄي رستي تي رقم تيل هئو ڦوهاري مٿان ويهندڙ ۽ چڱندڙ پاريهل جيڪي ڪجهہ وقت اڳ اڏامي ويا هئا، انهن جا ٻچا ٻپ ڪان پر سميٽي عمارتن جي ڪانسن تي ويٺل هئا. رستا ويران هئا. ڪافي سنيپس ڪيڻ ڪان پوءِ ڪلديپ واقعو/ خبر فائيل ڪرڻ لاءِ تڪڙي سندس گهر ڏانهن رواني ٿي ويئي.

●

سينسر

رات جو وقت هئو:

هڪ اخبار جي آفيس ۾ ايڊيٽر جي ڪمري ۾ ڪافي شور هئو. ملازمن ۽ مشينن جو آواز هئو ڪجهه ادارن جا عملدار پنهنجن پريل پريل ۽ خوبصورت گورن چهرن تي انتهائي سنجيد گيءَ جو اسٽيڪر چنبڙائي چمڙي جي اسٽڪس کي ڪچن ۾ وجهي چانهه پي رهيا هئا ۽ سامهون شيشي تي اخبار جو تازو پيسٽ ٿيل بٽر پيپر پيل هئو. جنهن کي هڪ آفيسر پنهنجيءَ اسٽڪ سان جاچي رهيو هئو. سنهي ڏگهي ۽ ڪمزور ايڊيٽر جي اکين ۾ ڪي قدر خوف جو تاثر هئو ۽ اندر ۾ اُڻ تڻ ۽ بي چيني.

نيٺ هڪ آفيسر ڳالهايو.

"ايڊيٽر صاحب, شهر ۾ ٿيل اجوڪي واقعي کي جنهن طريقي سان توهان فوٽو ڪمپوزيشن سميت ڪوريج ڏني آهي. سو طريقو Neat & Clean صحافت ۽ ملڪي قانون جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي. اسين سمجهون ٿا تہ هر حڪومت جي مخالفت ٿيندي آهي پر هاڻو ڪي گڙ ٻڙ ملڪ جي نظرياتي سرحدن ۽ بنيادي اصولن لاءِ کليو چئلينج آهي. ٻاهريون ايجنسيون اسانجي ملڪ ۾ گڙٻڙ ڦهلائڻ لاءِ ڪوشان آهن ۽ اهي انهن ماڻهن جي مدد ڪن ٿيون جيڪي ملڪي قانون کي هٿ ۾ کڻن ٿا ۽ ملڪ ۾ لا ايند آ رڊر جو مسئلو پيدا ڪن ٿا. يقينا اسين موجوده بد امنيءَ کي ٻاهرين ملندڙ ايڊ کان ڌار ڪري نٿا سگهون... اوهان کي ملڪي نظرياتي سرحدن جي حفاظت ڪاڻ اسان سان سات ڏيڻ گهرجي جيئن ملڪ ۾ بد امني ڦهلائيندڙن کي روڪي سگهجي! ۽ اهڙيءَ طرح ملڪ جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت بہ ڪري سگهجي. This type photo journalism will create problems."

"اهڙن واقعن جي همت افزائي ڪرڻ بجاءِ اوهان کي قانون نافذ ڪرڻ ۾ اسانجي مدد ڪرڻي کپي." ٻئي ڳالهايو.

"اوهان جي اخبار جي سرڪيوليشن تہ گهٽ آهي. اسان 'آزادي' ۽ 'امانت' جهڙيون وڏيون اخبارون بہ بند ڪري ڇڏيون." هيئي ڳالهايو ۽ پنهنجي ساٿين ڏانهن نهاريو.

"جيڪڏهن اوهان کي سرڪاري اشتهارن لاءِ ڪي شڪايتون آهن تہ ڳالهايو! اوهان جي شڪايت دور ٿي ويندي." ڀهرئين چيو.

"ملڪ ۾ پريس لاءِ آرڊيننس موجود آهي ۽ ان تحت اسين اوهان کي گرفتار ڪري ڪيس بہ هلائي سگهون ٿا ۽ اوهان جي اخبار جي آفيس ۽ پريس سيل بہ ٿي سگهي ٿي!" ٽئين واڌارو ڪيو.

ايڊيٽر جي چهري تي آيل ريڪائون وڌيڪ گهريون ٿي ويون ۽ هو هڙ بڙ ۾ پنهنجي ميز جي خاني مان رومال ڪڍي نرڙ اگهڻ ۽ پنهنجو چشمو لاهڻ پائڻ لڳو. سندس چهري تي هڪدم هڪدم ڦڪي ڪل ۽ وري پريشانيءَ گاڏڙ تاثر ايترو تہ جلد اچي وڃي رهيا هئا جو لڳو ٿي، هو سخت اندروني ڪشمڪش ۾ مبتلا هئو پر سندس اها ڪيفيت مڪمل طرح ظاهر نہ ٿي رهي هئي.

"سائين، اسين تہ صحافت جي خدمت.." هن ڳالهائڻ چاهيو.

"ڀلي ڪريو صحافت جي خدمت." آفيسر سندس جملو ڪٽيندي چيو. "پر قانون اندر رهندي" هنن آرڊر ڪيو. "اڄوڪي اخبار اسان سان گڏ آيل انفرميشن ۽ پريس جا ماڻهو چيڪ ڪري سينسر ڪندا ۽ پوءِ ڇپجي سگهجي ٿي." هنن پوءِ سموري ڪوريج کي ڪٽي ڇڏيو. اخبار ۾ حڪومت مخالف اڳواڻن جو ڪوبہ بيان رهڻ نہ ڏنو ويو ۽ جلوس جا سمورا فوٽو بہ اخبار جي ڪاپي مان ڪوري ڪڍي ڇڏيا ويا. سڀ ڪجهہ پنهنجيءَ مرضيءَ موجب سينسر ڪري هو جيپن ۾ چڙهي هليا ويا ۽ پويان ايڊيٽر ہيئي هٿ مٿي کي ڏيئي ويهي رهيو.

صبح جو ڇپيل اخبار ۾ ڪالمن جا ڪالم اڇا ۽ خالي هئا.

●

فَبِاَيِ آلاءِ ربڪُما تُڪذبن

پنهنجيءَ سروس لاءِ عليءَ همت نہ هاري ۽ مسلسل آفيسن ۽ سيڪريٽريٽ جا چڪر هڻندو رهيو. مسلسل هو چربي چڙهيل بيوروڪريٽس ۽ ارسٽوڪريٽس کي انٽرويو ڏيندو رهيو جيڪي قائداعظم محمد علي جناح جي تصوير اڳيان ويهي ڪيس هرپيري ناڪ آئوٽ ڪندا رهيا. بلڪ پنهنجن بي تڪن سوالن سان هن کي هرانٽرويو مان ڪڪ آئوٽ ڪندا رهيا. تنهن ڪري هن جي اها سوچ وڌيڪ پختي ٿي تہ: 'هن ملڪ ۾ نوڪري وٺڻ ڪان ڪوهہ قاف جبل مان ڪنهن ديوَ يا پريءَ جو روح آڻڻ وڌيڪ سولو ڪم آهي. سٺي نوڪري هوندئن بہ لوور ۽ لوورمڊل ڪلاس لاءِ تہ نهي ئي ڪانهي. آرمي عملداري، ڪسٽم، پي آءِ اي ۽ پراجيڪٽس جون سربراهيون ڇڏي، باقي ڪُت خلق لاءِ ڪلارڪيون، ماستريون ۽ ميٽرريڊريون وغيرهہ ئي تہ نهيل آهن. ڳوٺ ۾ چون: رمضان واڍي جو پٽ امام بخش شاهر ۾ نوڪري ڪندو آهي. گرن گنجن تي لڏ جمي پئي آهي، اها خبر ئي ڪانهي تہ واپڊا ۾ ايل ڊي سي يا يوڊي سي آهي يا ٽي اين ٽي ۾ ٽيليفون آپريٽر آهي. همراهہ کي هرڪو پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرائڻ لاءِ آتو هوندو ۽ جڏهن ڪنهن اڻ_پڙهيل سوٽ، ماسات سان شادي ٿيندس تہ مڙس ملڪ جي ليبر ڪلاس ۾ واڌارو آڻڻ ۾ جنبي ويندو! مٿي ۾ تيل، اکين ۾ سرمو ,جمعي جمعي تي گليءَ لڳل ڪپڙا پائي. گذريل سال واري عيد تي ورتل گيتلو گهليندي گهليندي، قرض وٺي وٺي، باس جا دڙڪا کائي کائي وڃي مهيني جي پڇاڙي ڪندو. تڏهن وڃي تيرهن سئو ستاويهہ روپيا اٺ آنا ملندس. انهن آني جي روينيو ٽڪلي هٽي صحيح ڪري پگهار وٺڻ ڪان پوءِ جڏهن گهر ويندو تہ زال لاءِ بن روپين جون سوپاريون وٺيو ويندو. ۽ **هتي ,هن شهر ۾ جيڪو سڄي ملڪ جو دماغ آهي. اتي ويٺل هڪ آفيسر جي زال جي ڊنر لاءِ خصوصي پلين ڪراچي ٿو وڃي! بندو خان جا گرم گرم ڪباب**

ونئي اچڻ لاءِ! ۽ ملڪ جو ناهيندڙ سربراهه جڏهن بيمار هئو ۽ هيءَ دنيا ڇڏي رهيو هئو تہ ان جي لاءِ هن ملڪ وٽ هڪ ايمبولينس بہ نہ هئي، جيڪا ڪيس عام ماڻهوءَ جيئن اسپتال پهچائي سگهي! ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ملڪ ٺاهيندڙ جناح لاءِ هڪ ايمبولينس موجود نہ هئي!

"اي منهنجا خدا! ڇا تہ ملڪ آهي ۽ ڇا تہ ان جا رکوالا آهن." هو سوچي ٿو. اسان سان هڪ ٿي گهر ۾ بگ برادر جهڙو سلوڪ ڪيو پيو وڃي.

بگ برادر بيورو ڪريٽس پنهنجن نانين، ياڻين ۽ ڀاڻيجن کي نوڪريون ڏيارڻ لاءِ PC_I ناهيو نوان نوان پراجيڪٽس منظور ڪريو ڪين Consultant اپائنٽ ڪرايو ڇڏين. 35 ـ هزار روپيا سيلري، 20 هزار هائوس سيلنگ، 30 هزار گاڏيءَ جو پيٽرول ۽ مينٽينس، گهر ۾ ٽيليفون، اي سي، ٽو پيس ٺاءِ، ڏن هل جو پاڪيٽ لائيٽر هٿ ۾ ريوالونگ چيئر جڻ چوندا هجن:

"اي اسان جا پٽئو پوٽئو نانيو اوهان هن ملڪ ۾ ڪهڙي نوڪري ونئي ڪهڙي ونندئو ڀڏايو؟

'فباي آلاءِ ربکما تُڪذبان؟' اوهان کي ڇا گهرجي؟ اوهان هن ملڪ ۾ رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کي نڪرائيندؤ جيڪي بہ گهرجيو سو گهرو هيءَ ملڪ اسان جي بابي.....'What a Country! What a country' رکي رکي هن کي اڌما ٿي آيا ۽ هن کي پنهنجي نڪمائي جو احساس بہ ماري ٿي ويو. هر اداري جي مين گيٽ تي 'No, Vacancy' جو بورڊ لڳل آهي ۽ ايوانن ۾ رڳو پنهنجي غير قانوني اقتدار جي رسيءَ کي شيطان جي آنڊي جيان ڏگهو ڪرڻ لاءِ سازشون ٿي رهيون آهن. مان جڻ يونيورسٽيءَ جو پوزيشن هولڊر نہ پر اُوٺو هجان؟ مان ڪاڪرچ ۾ تبديل ٿي رهيو آهيان يا مون کي ٽِڏي کان وڌيڪ حيثيت ڪانهي!

عليءَ کي مارگلا جون، سايون گاهہ سان ڳتيل ٻهاڙيون ان وقت ڪنهن قيد جون شاهي پٽيون محسوس ٿيڻ لڳيون. هن سوچيو تہ 'هاڻ هو جلدئي هن قيد مان نڪري، سنڌ جي بيابانن ۾ وڃي وڏا وڏا ساهہ کڻندو. تصورئي تصور ۾ ٻهاڙيون هن کي پنهنجي چوڏاري سسندي محسوس ٿيڻ لڳيون ۽ هن جي ويجهو اچي چيپاٽڻ، چيوڙڻ ۽ نپوڙڻ لڳيون تہ هن جي هڏين مان تڙڪا نڪرڻ لڳا. ڏپ مان هن کي لڳو تہ سندس اکين جا دوڏا ٻاهر نڪري آيا هئا ۽ بدن جو سمورو رت منهن ۾ مڙي آيو هئو. هن جي بت مان ڀگهر وهڻ لڳو هئو. وحشت مان هن جي وات مان ڪجهہ لفظ نڪتا، 'نہ... نہ....نہ!' هن

ڏٺو تہ هو ڪنهن شاهي پکيءَ ۾ تبديل ٿي رهيو هو. هن جون ٻيئي ٻانهون شاهي پرن ۾ بدلجي رهيون هيون ۽ چهرو سِرڻ جهڙي ڪنهن پکيءَ ۾ تبديل ٿي رهيو هو. هن جو خيال هو تہ هو اڏامي هتان ڪان دور هليو وڃي. مارگلہ جون ساهہ گهٽيندڙ پهاڙيون، وڻ ۽ آسمان پنيان ڇڏيندو هو تيزيءَ سان اڏامڻ لڳو هاڻ هزارين ميٽرن جي بلنديءَ تان هن کي اهو شهر ڏسڻ ۾ آيو ۽ هو ان وقت ئي ڪنهن جهاز جيان هيٺ اچڻ لڳو تہ هن هيانءَ ڦاٽي رڙ ڪئي. هو ٻنهي هٿن سان 'نہ' 'نہ' ڪندو رهيو. هن جي نڙي سڪي ٺوٺ ٿي ويئي هئي ۽ پگهر ۾ شل هاڻ هو ڏڪي رهيو هئو. هن جو دماغ تم ٿي ويو هو ۽ اکين اڳيان ترورا اچي ويس. هن اکيون کولي پلنگ جي ٻئي طرف نهاريو. ڪمري ۾ سندس ٻيو پارٽنر گهريءَ ننڊ ۾ ستل هئو. هن ڪمبل لاهي پري اڇلايو. واچ ۾ ٽائيم ڏٺائين. رات جا اڍائي ٿي رهيا هئا.هو پلنگ تان هيٺ لٿو ۽ باٿ روم ۾ وڃي پيشاب ڪيائين. هن جي رت ۾ جڻ ڪي ماڪوڙا ڊوڙي رهيا هئا ۽ هن جي ٻت تي ڪوليون سُري رهيون هيون. هو اٿيو ڪچن ۾ ويو ۽ فرج کولي پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي گلاس پري پيتائين تہ ڪجهہ سامت ۾ آيو. هاڻ شايد هن کي ننڊ نہ اچي، هن سوچيو ۽ سگريٽ دکائي اوندهہ ۾ دير تائين سموڪنگ ڪندو، سوچيندو رهيو. پنهنجي ڳوٺ بابت، ماءُ ۽ ڀين مائٽن بابت. هن کي ان وقت پنهنجو پيءُ ياد آيو. ڪافي دير تائين هو سندس ننڍپڻ بابت سوچيندو رهيو. جڏهن هن جو پيءُ جيپ مان لهي هن کي پنهنجي ڪلهي تي چاڙهي،گهر تائين آڻيندو هئو. هن لاءِ چاڪليٽن، ڪٽمٺن ۽ بسڪيٽن جا ٿن آڻيندو هئو. جڏهن بہ شهر ويندو هئو وليز جيپ ۾ هن کي پاڻ سان گڏکڻي ويندو هو. ان بعد هو ننڍو ئي هو تہ هنن جي ڪافي زمين هندستان مان آيل پناهہ گيرن کي ڪليم ۾ ملي هئي. هو نئين دور جي Technology کي تڪڙو own نہ ڪري سگهيا ۽ پوءِ آهستي آهستي هنن جون ٻنيون گهٽجنديون ويون آمدني بہ گهٽ ٿيندي ويئي. **'دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ پناهہ گيرن کي ايتري عزت نہ ملي آهي، جيتري هتي هن ملڪ ۾.'**هن سوچيو سنڌ مان ويل هندن جي ڇڏيل مضبوط ۽ قيمتي جاين جا تالا هو ائين پيجي ۽ کولي ويهي رهيا، جڻ هنن لاءِ ئي نهيون هيون ۽ اتي جا ڪلارڪ هتي ڊي سي پرتي ٿي ويا ۽ اتي جا سپرنٽنڊنٽ هتي اچي ڪمشنر ٿي ويا!ڪافي دير بعد نيٺ هن کي ننڊ اچڻ لڳي تہ هو سمهي پيو.

●

تلسيءَ جا پن

اهو جنوريءَ جو مهينو هئو.

سيءَ ڪافي وڌيل هئو ۽ گڏوگڏ مينهن وسڻ سان موسم وڌيڪ ٿڌي بڻجي ٿي وئي. شهر ۾ رهندي هاڻ هن کي مڪمل طرح مايوسيءَ جو چار وڪوڙي چڪو هئو. نيٺ هن فيصلو ڪيو تہ هن لاءِ بهتر آهي تہ هو هاڻ واپس پنهنجي ڳوٺ هليو وڃي! اهڙين حالتن ۾ جڏهن هن لاءِ هتي، هن ڌرتيءَ تي، هن ملڪ ۾ ڪابہ جاءِ ناهي، هو ڪيئن اتي وڌيڪ وقت رهي انتظار جي عذاب مان گذرندو رهي!؟

"مان ڪڏهن اچتو خود ڪشي ڪري ڇڏيندس!" هو ڪڏهن ڪڏهن دوستن کي چوندو هئو تہ سڀ پريشان ٿي ويندا هئا ۽ هن کي آسرا ڏيڻ لڳندا هئا. هن کي اها بہ خبر هئي تہ ڪافي اهڙن هنڌن تي هو انٽرويو ڏيئي چڪوهئو جتي هن جي اهليت کي نظر انداز ڪنديءَ سفارش تي اميدوار ڪنيا ويا هئا. دوستن بہ هاڻ هن کي وڌيڪ تنگ ڪرڻ مناسب نٿي سمجهيو هن سنڌ وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن وڃي پنهنجي ريزرويشن ڪرائي آيو. پنج ڏينهن هن ڪتاب پڙهي پڙهي ۽ سمهي گذاريا ۽ نيٺ ريزرويشن واري ڏينهن هو پنهنجي بيگ ۾ مختصر سامان کڻي سيني کان موڪلائي نڪري آيو. مارڪيٽ ۾ پهچي هن ڪجهہ چيونگم ۽ سگريٽ خريد ڪيا ۽ سگريٽ دڪائي مڙيو تہ هن کي پويان سڏ ٿيو:

"مسٽر علي! هلو.....مسٽر علي" هلو...وا' هن ڪو سريلو آواز ٻڌو هن پوئتي مڙي نهاريو تہ هن جي حيرت جي انتها نہ رهي.... ان مهل عليءَ ڄڻ صدين کان پنهنجن ننڊپيل ۽ اسڙڪيل جذبن جو ن آهستي آهستي اکيون کلندي محسوس ڪيون. هن جو گلو پرجي آيو. هن کي يقين ئي نٿي آيو تہ سندس بلڪل سامهون ڪلديپ بيٺل هئي! **هن جي غائبانا چاهت جو هڪڙو وساريل صفحو جيڪو هن کي پڙهڻ وسري ويو هئو ياسڀ ڪجهہ**

ايترو جلدي جلدي ٿيو هئو جنهن کي ياد ڪري هو وساري بہ چڪو هئو. ڪلديپ بہ هن اڳيان حيران بيٺل هئي ۽ شايد هوءَ سوچي رهي هئي تہ شروعات ڪيئن ڪجي! سندس ڏگها وار کليل هئا. اکين تي وائيٽ پلاسٽڪ فريم ۾ سن گلاسز اچي شرٽ ۽ بليوجين جي پئنٽ سان هوءَ مسڪرائڻ مهل ڪا اپسرا ڀاسي رهي هئي.

ڪاڪل آءِ ڪئياس، پنيو جو پنيور ۾!

هن جي ذهن تي لطيف جو شعر تري آيو. تنهنجن انهن ڏگهن کليل وارن بابت اسانجي شاعر ائين ئي چيو آهي! هن دل ۾ ڳالهايو پوءِ پنهنجن بمورن جذبن کي قبضي ۾ ڪيو ۽ هن کي چيائين: "اوهان اچ اوچتو ۽ بي وقت ملي حيران ڪري ڇڏيو آهي! مس ڪلديپ ڪور."

"اوهان ڪٿي هئا، ايترا ڏينهن."..... ڪلديپ ٺهڪ ڏنو."اسان ملي ئي نہ سگهيا سون.... Really مون اوهان کي ڏاڍو ڳوليو هئو.... بهرحال! اچو هلون، ڪٿي هلون." هن عليءَ کي چيو.'Its very Sorry' منهنجي ٽرين اچڻ ۾ صرف ڏيڍ ڪلاڪ آهي." عليءَ واچ ۾ ٽائيم ڏسندي چيو.

"ڪهڙي ٽرين؟"

"سنڌ ويڃڻ لاءِ"

"ڇو؟' اوهان کي منهنجي ڪمپني سٺي نہ لڳي ڇا؟"

"اهڙي ڳالهہ ڪانهي مون هن شهري دغاباز کي ڇڏي سنڌ ويڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

"اوهان ڪنهن ٻئي وقت هليا وڃو ها!"

"مطلب تہ مان اچ واپس وڃي رهيو آهيان" عليءَ پنهنجيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو.

"Oh may Goodness!" ڪلديپ رڙ ڪئي.

"مون کي هي شهر وڻي ئي نٿو مان هن شهرمان فيڊ-اپ ٿي ويو آهيان."

"I want to go there.... in my Native village."

ڪلديپ منٿ ڪئي:

"I will accompany you Mr: Ali, can you post_pone your programe, for some time please?"

ڪجهہ لمحا هو چپ بينا هڪ ٻئي کي حيرت مان ڏسندا رهيا.

هلندا هلندا هو اچي هڪ ڪافي ڪارنر ۾ گهڙيا. ان وچ ۾ ڪلديپ ڳالهائيندي رهي 'مان توهان کي ڳوليندي رهي آهيان مسٽر علي!'
"You know, I was worried about you!"

ڪلديپ هن جي چهري ڏانهن نهاريندي چيو: "توهان سان پهريون ڀيرو ملڻ کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو تہ پاڻ ٻئي ان کان اڳ بہ مِلي چُڪا آهيون."

ڪڏهن؟ اها خبر ڪانهي، شايد ڪنهن گذريل جنم ۾؟!..."
ڪلديپ مسڪرايو.

"ان تقريب کان پوءِ مون سوچيو تہ اوهان شايد هتان هليا ويا آهيو پنهنجي ان ڳوٺ ۾ جتان جون ڳالهيون ٻڌايو. مان اوهان کي تمام گهڻو ڳوليو. اوهان اهڙا ماڻهو آهيو جنهن جي پر ۾ هجڻ سان هڪڙو زبردست اطمينان محسوس ٿئي ٿو. ڪلديپ بنان ڪنهن رک رکاءَ جي چيو Really I'm very lucky to meet with you! توهان جي Personality ۾ ڪجهہ نئون ۽ ڪجهہ انوکو آهي." آيل بيري کي آرڊر ڏيئي هو وري بہ ڳالهين ۾ محو ٿي ويا.

"تقريباً هر شام جو ايندي ويندي، مون هن شهر جي رستن، چونڪن ۽ بس اسٽاپن تي جتي ڪٿي اوهان کي ڳولڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هئي پر اوهان هيا سي ليوئي نہ پيا!" ڪلديپ ٽهڪ ڏنو. "مان هڪ اخبار لاءِ فري لانسنگ بہ ڪندي آهيان مون اوهان کي شايد اهو ٻڌايو هو. پهرين تہ سوچيم، جي اوهان جو فوٽو هجي تہ اخبار ۾ ڏيان" ها! ها! ها! ٻنهي گڏ ٽهڪ ڏنا!

تمام شهر هي جس ڪي تلاش مين گم ٿا،
مين اس ڪي گهر ڪا پتہ ڪس سي پوڇتا يارو!

"واهہ ڪيڏو نہ خوبصورت شعر آهي. اوهان شاعري بہ ڪنديون آهيون؟"

"نہ پڙهندي آهيان!"

"مون ان اداس شام جو اوهان جو ڪافي انتظار ڪيو هئو. پر اوهان کي شايد ٽائيم نہ مليو ۽ نہ آيئو." عليءَ جڻ شڪايت ڪئي. ڪلديپ ان شام جو ذڪر ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو. "ان تقريب ۾ اوهان ڪافي.....Cute لڳي رهيا هئا ۽ You know اڄ بہ تمام ڊفرنٽ ۽

اٿريڪوٽو.“ هن کي محسوس ٿيو تہ هن جون جاڙيون ۽ ڪنڌ جون رڳون ان وقت تاڻجي ويون هيون. هن جا اعصاب ڇڪجي رهيا. هنا ۽ ڪوشش جي باوجود بہ هو Relax نہ ٿيو ڪري سگهي! شايد خوبصورت ڇوڪريءَ سامهون.... بلڪ ان خوبصورت ڇوڪريءَ سامهون هو سونهن ۽ بولڊنيس جي شاهي بار هيٺ دٻجي رهيو هو ياوري هوڪو Depression محسوس ڪري رهيو هو. هن سگريٽ دکائي ۽ آهستي آهستي ڪش هڻڻ لڳو ڪافيءَ جا وڏا وڏا ڍڪ ڀريائين.هن جي حالت بنهہ ان شام جهڙي بڻجي ويئي 'اتاولي، انتظار ۽ اداسيءَ واري . هن سوچيو: 'هو ڪيئن ان سڄيءَ حالت جو ذڪر ڪري.جيڪا هن ان بعد بہ محسوس ڪئي هئي ۽ ڪلديپ بغير عليءَ کي اهو سڄو وقت ڪيترن سالن ۽ صدين جو ياسيو هو؟! ۽ ان ڪيفيت کي ڪجهہ دير لاءِ هن سائيءَ جي رنگ جهڙي ڪيفيت قرار ڏنو. اوگار جهڙي ويڳاڻي. اڪيلائيءَ ڀريل ڪيفيت. جنهن جو تصور ڪري ماڻهوءَ کي الٽي اچي وڃي پر هو چپ رهيو. هن حال في الحال ڪجهہ ٻڌائڻ مناسب نہ سمجهيو. دٻيل ۽ اجهل جذبا هو پنهنجي اندر ۾ هڪ هڪ ڪري قتل ڪري رهيو هو!

"اوهانکي لهي سچ تہ تمام گهڻي خوشي ٿي آهي.“ ڪلديپ ڇپن ۾ ڳالهايو. اوهان سان ملڻ ۾ ڪا بہ اوپرائپ محسوس نٿي ٿئي. اوهان تمام سنا پرفارمر آهيو.! Really! you can explain every thing with good sense جيڪا صلاحيت مون وٽ ڪانهي. مون وٽ اهي لفظ ئي ڪونهن، مون وٽ اهڙي سوچ ئي ڪانهي!“

"...By the way اوهان وٽ جي وقت آهي تہ اسين لنچ لاءِ پنهنجي مامي جي گهر هلون؟ هڪڙو بهترين ايجد ماڻهو جيڪو اوهان سان ملي يقينا خوش ٿيندو.“ مان اوهان کي ان سان ملائڻ چاهيان ٿي! عليءَ پنهنجي واچ ڏٺي."هاڻي...؟“ هن پڇيو ۽ پنهنجي بيگ مان ڪجهہ چيونگم ڪڍي هن کي ڏنا ۽ پاڻ بہ چينج ڪيو. 'هاڻ تہ شايد هن جي ٽرين اسٽيشن تي بہ اچي ويئي هوندي ۽ جي نہ بہ آئي تہ هاڻ ڪير ڳوٺ ويندو! ڪلديپ کي ڇڏي' هن فيلصوڪيو.

"شايد اوهان سنڌ وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي مسٽر علي؟“ ڪلديپ هن جي چهري ۾ نهاريندي پڇيو:

”هاڻ ٽرين اسٽيشن تان هلڻ واري هوندي... اوهان لاءِ وقت ڪڏهن سگهجي ٿو!“ هو ٻيئي مرڪيا. ان وقت عليءَ فيصلو ڪيو ته هو هاڻ تڪڙو ڳوٺ نہ ويندو.

”ماما....!?who is Mama “ عليءَ پڇيو.

”توهان کي سڀ خبرپئجي ويندي، مون اوهان کي شايد ان ڏينهن بہ ٻڌايو هو.“ ڪلديپ چيو.

هنن ٻنهي ڪن پل لاءِ هڪ ٻئي جي نگاهن جو جائزو ورتو. سندن نگاهن ۾ نہ رڳو سوين سوال پر سوين جواب بہ سمايل هئا. هنن هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري جڻ ان وقت هڪ ٻئي لاءِ محبتن جي پڪ ٿي ورتي. يا اهو ڪجهہ ٻيو هو؟ ماڻهو ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڏسڻ واريءَ اونهيءَ اک سان بہ جاچڻ چاهيندو آهي، شايد ڪو فيصلو ڪرڻ لاءِ؟ ۽ اهڙا ڪي پل زندگيءَ ۾ صدين بعد صرف هڪ_ اڌ ڀيرو ايندا آهن. بہ جوان دليون جڏهن گڏ هونديون آهن تہ وقت يا تہ بيهي/ٺهرجي ويندو آهي يا وري ڪنهن زناٽا ايڪسپريس جيان گذرڻ لڳندو آهي، اک ڇنڀ ۾ گذرندڙ انهن پلن ۾ انسان هڪ ٻئي سان ايتريون تہ ڳالهيون ڪري ويندو آهي جو عام طور تي انهن لاءِ ڪئين ڏينهن ۽ راتيون، تمام گهڻا جملا ۽ لفظ جواب ۽ سوال کپندا آهن.

”هلو....!“عليءَ هاڪار ڪئي.

ٻيئي ٽرجون چاڙهيون لهي هيٺ آيا، ڪلديپ سندس گاڏيءَ ڏانهن وڌي ۽ وچي دروازو کوليو عليءَ پويون دروازو کولي، سندس ٿيلهو پوئين سيٽ تي ائين سٽيو جڻ ڪنهن وڏي آپدا مان جند ٿي ڇڏايائين. ۽ اڳيون دروازو کولي ويهي رهيو.

انجڻ اسٽارٽ ٿي تہ حبيب ولي محمد جي آواز ۾ ”گاري بدروا...ڇائي اداسي، رم جهم پلڪين. پيار ڪي پياسي.“ وڄڻ لڳو.

ان مهل هو ٻيئي ماٺ وٺا رهيا ڪجهہ دير لاءِ وري چُپ... اداسي... ۽ ماٺ. ڇانئجي ويئي. حبيب ولي محمد سروڪيري رهيو هو عليءَ ڊرائيونگ ڪندڙ ڪلديپ ۾ ڏٺو هوءَ سندر سلوڻي ۽ معصوم هئي. عليءَ جي نهار کي هوءَ بہ محسوس ڪري رهي هئي پر هوءَ اهڙي ڪيفيت مان محظوظ ٿيندي گاڏيءَ کي رستن تي ڊوڙائيندي رهي. گاڏي جڏهن جنرل پوسٽ آفيس وٽان ٿيندي ارجنٽينا پارڪ وٽان لنگهي تہ ڪلديپ ڳالهايو:

"ان ڏينهن هن ئي گاڏيءَ ۾ مون هتي اوهان جو انتظار ڪيو هو. لڳي تو ته ادائي ڪلاڪ ته ٿي ويا هوندا. گاڏي بيهاري هتي انتظار ڪندي ۽ بور ٿيندي رهيس پر اوهان نه مليا!" هن عليءَ ڏانهن نهاريندي چيو. علي حيرت ۾ هن جي اکين ۾ نهارڻ لڳو. "ڇا اوهان اينتري دير منهنجو انتظار ڪيو؟" عليءَ حيرت مان نهاريندي پڇيو.

'Off course!' ڪلديپ چيو.

"مون پنهنجي مامي کي اڳ ئي ٻڌايو ڇڏيو هو توهان لاءِ. آءٌ جڏهن گهر اڪيلي پهتس ته هن پڻ اوهان لاءِ پڇيو هو مون کان."ڪلديپ ٻيهر وضاحت ڪئي.

"هن باغ جا سڀ وڻ شاهد آهن ته مون اوهان جو ڪافي انتظار ڪيو هو ۽ توهان کي ڪافي ڳوليو هو مون کي ڪهڙي خبر ته اوهين گاڏيءَ ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيون هيون....افسوس جو ان ڏينهن پاڻ ملي نه سگهيا سون...خير..." عليءَ ٿڌو ساهه ڀريندي وضاحت ڪئي.

"هم ني ماناڪه تغافل نه ڪروگي ليڪن! خاڪ هو جائين گي هم تم کو خبر هوني تڪا!" عليءَ شعرپڙهيو ته ڪلديپ ٽهڪ ڏنو.

"توهان آيا هئا....؟ توهان به مون کي ڳوليو هو يا نه؟" ڪلديپ هن کان وري ڪنهن ٻار جيان پڇيو. هن جي اندر جا اولڙا ٻڌائي رهيا هئا ته هوءَ ڪنهن پيڙا مان گذري رهي هئي! "آءٌ ڇا چوان؟" عليءَ جي اندر جو ٻڏل ڦٽ اُڪرڻ لڳو.

"آءٌ ڇا چوان بس، مان ڪجهه به نٿو چوان. ڇو ٻڌايان ته ڇا ٿيو هو؟"

"ڇا ٿيو هو؟ ٻڌايو نه هان؟" ڪلديپ ضد ڪيو.

"بس ڪجهه به نه ٿيو هو.... وري به.... اوهان آياهئو؟"

"مون چيو نه ته ان جي هاڻ ڪا ضرورت ڪانهي!" عليءَ چيو ته ڪلديپ ٽهڪ ڏيڻ لڳي ۽ عليءَ مسڪرايو.

ان مهل عليءَ سوچيو: "لفظ ڪيترا نه نا ڪافي هوندا آهن. ڪنهن کي يقين ڏيارڻ لاءِ. لفظ ناڪافي ۽ يتيم ٿي پوندا آهن ان وقت، جڏهن ماڻهوءَ کي ڪا خاص ڪيفيت بيان ڪرڻي هوندي آهي؛ ڪي خاص جذبا ظاهر ڪرڻا هوندا آهن.من جي اهڙيءَ خاص ڪيفيت کي صرف ماڻهوءَ جون اکيون ئي سهارو ڏيئي سگهنديون آهن. اکيون آرسيون ٿي بيهنديون آهن، اکيون ئي آهن جيڪي ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائينديون آهن. عليءَ

ڪي ڪلديپ جي اهڙي اظهار بعد نہ رڳو حيراني ٿي پر ڪافي خوشي بہ محسوس ٿي ۽ هن پنهنجي اندر ڪي ڪجهہ وڏيڪ طاقتور ڀانيو. گاڏي هاڻ جناح سپر مارڪيٽ اُڪري اي۔سيون جي علائقي ڏانهن هلڻ لڳي. نيٺ هڪ بنگلي اڳيان روڪي ڪلديپ هارن ڏنو.”هيءَ آهي منهنجي مامي جو گهر!“ڪلديپ عليءَ کي ٻڌايو. اندران نوڪر ڊوڙندي اچي گيٽ کوليو. گاڏي وسيع پورچ ۾ پهچي بيهي ويئي، جتي اڳ هڪ بليڪ ڪلرجي مرسڊيز بينز بيٺي هئي.

علي ڪلديپ جي پويان وڃڻ لڳو. Living Room ۾ شاهي صوفا رکيل هئا جنجي پاسن ۾ مئگزين هولڊرس ۽ ڪجهہ اخبارون.ڪنڊن ۾ ٿامي جون گلڪاري سان ڪونڊيون ۽ انهن ۾ ڪئڪٽس، مني پلانٽ ۽ ٻيا انڊور پلانٽس رکيل هئا. ”اچو پهرين توهان کي ماما سان ملايان.“ ڪلديپ هلندي چيو.

هو چاڙهيون چڙهندا فرسٽ فلور تي پهتا. ڪلديپ اڳيان هلندي وچي هڪڙي ڪمري جي در تي هلڪو ٺڪ ڪيو اندران هلڪو ميوزڪ جو آواز اچي رهيوهو. در کوليائين تہ هارمونيم جوهڪڙو دلپذير لهرو عليءَ جي ڪنن ۾ اوتجي ويو.

”بابا...! منهنجو دوست.... علي آيو آهي!“ ڪلديپ رڙ ڪندي ماماس کي ٻڌايو.

”اچو....پٽ...اچو!“ اندران هڪڙو ڳرو پر معتبر قسم جو آواز آيو ۽ وڄندڙ هارمونيم بند ٿي ويو. هن جي مامي جي اکين ۾ ڪا جوت هئي جنهن کي هو محسوس ڪري سگهيو ٿي!

”ويهو..! اچو بابا!“ هن ٻيهر ورجايو.

”گرودت سنگهہ منهنجو مامو.... ۽ ماما هيءَ علي رضا آهي.“

نيم روشن ڪمري ۾ هو اندر گهڙيو تہ کيس وال ٽو وال ميرون ڪارپيٽ مٿان ايراني غاليچي تي طول وهاٽي ڪي ٽيڪ ڏنل ڪليل سفيد ڇهري جو مالڪ هڪڙو معمر قسم جو ماڻهو ويٺل نظر آيو جنهن ٻنهي کي ويهڻ لاءِ چيو تہ هو ويهي رهيا. اڌڙوٺ شخص ڪي بوسڪيءَ جا ڪپڙ اپاتل هئا. هٿن ۾ يمني عقيق ۽ لاجورد جون منڊيون، ڳچيءَ ۾ عقيق پٿر جو هڪڙو نازڪ ڪنٺو ۽ اکين ۾ بزرگيءَ ۽ محبت واري چمڪ پريل هئي. ڇهري تي

خوبصورت ڏاڙهي، جنهن ۾ اڇا بہ هئا. تنهن سندس شخصيت ۾ تهائين وڌيڪ ماٺيءَ جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو هو.
عليءَ ان شخص جو جائزو ورتو تہ کيس لڳو هيءَ شخص پنهنجي جوانيءَ ۾ بہ تمام خوبصورت مرد رهيو هوندو سندس اڳيان هڪڙو هارمونيم ۽ ان پرسان ڪو پراڻو ڪتاب ڪليو رکيو هو.
گرودت سنگهہ ڪتاب بند ڪيو عليءَ تي هڪڙي گهري نظر وڌي ۽ پڇيو:
"خوش آهين پٽ".
"اوهان جي دعا آهي سائين." علي نماڻائيءَ سان چيو.
علي ڪمري جو جائزو ورتو تہ کيس ماٺهوءَ جي قدجيڏن شيڊز جي ڌيمي روشنيءَ ۾ هڪ طرف برنڊڙ بخاري مٿان بابا گرونانڪ جي سفيد سونهاريءَ سان سڪون ڏيندڙ اکين واري تصوير، پِتل جي هڪ خوبصورت چمڪندڙ فريم ۾ نظر آئي. جنهن تي اڇن ۽ ڦڪن گلابن جا هار پيل هئا. ڀِئي پاسي ريڪ ۾ ڪجهہ ڪتاب پيل نظر آيس. ڪمري جي اولاهين دريءَ جو پردو هٽيل هو جتان ڪان ٻاهر ڌوتل پوتل اڇي ۽ نيري آڪاش تي هن کي گهاٽين سفيد ڪڪرين جي وچ ۾ شاهہ فيصل مسجد جا منارا نظر آيا.
"پٽ! مون کي ڪلديپ توهان لاءِ ٻڌايو هو...مون بہ کيس چيو هئو تہ مان توهان سان ملندس...... ڪلديپ توهان جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي هئي."
"جي سائين..." علي ان وقت شرمساريءَ مان ائين ڳالهائي رهيو هو جڻ نڙيءَ ۾ ڪنڊي ڦاٿل هئس. هن ڪلديپ جي مامي ۾ غور سان نهاريو: سندس مٿي جي نيور ڪارن وارن ۾ وچان وچان سينڊ وٽان اڇا نڪري آيا هئا.
"هيءَ ڇوڪري هندوستان ۾ پلي نپني آهي! پر هاڻ پاڪستاني شهري آهي." مامي ڪلديپ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.
"هينئر يتيم آهي....!" هو ڪنهن بوڏار ۾ هليو ويو.
"انهيءَ يتيميءَ ئي کيس تمام گهڻو نهوڙيو آهي. هيءَ هتي مون وٽ پهتي هئي تہ هتي سندس ڪافي وقت Psyco_Treatment تي آهي تڏهن وڃي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙي تي آهي.... هوءَ Post traumatic distress dis_order ۾ مبتلا هئي. ماءُ پيءُ جي وڇوڙي ۽ ڏکن هن کي اعصابي بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو." هو مسلسل ڳالهائي رهيو هو.

".....صدر صاحب جي مهربانيءَ ڪري هن ڪي هتي جي شهريت ملي آهي... ۽ هاڻ هيءَ ڪافي ٺيڪ آهي." علي حيران ٿيڻ لڳو. ڪلديپ ان وقت ويٺي غاليچي تي آڱر ڦيرائي رهي هئي.

"By the way هن ڇوڪريءَ تمام گهڻا ڏک ڏٺا آهن مسٽر علي....! ان ڪري آءٌ مٿس پنهنجي ڪا بہ مرضي ٿڦي نٿو سگهان..... بلڪ هونءَ بہ هڪڙي ذهني طرح ڊسٽربڊ ڇوڪريءَ کي ڪجهہ چوڻ آڪڻ جو منهنجو ڪو بہ حق نٿو ٿئي! سندس خوشيءَ ۾ منهنجي بہ خوشي سمايل آهي."هنن بنهي ڪلديپ ڏانهن نهاريو جيڪا سنئين سڌي ۽ نارمل ڇوڪري ڏسڻ ۾ ٿي آئي. عليءَ سمجهيو تہ شايد ڪلديپ کي ڪا بيماري هجي!

"...ها تہ پٽ، مون پئي چيو تہ، مان هن ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڌيءَ وانگر ئي سمجهان ٿو ۽ ڪيس اهڙو ئي پيار ڏيان ٿو...ڏاڍي ذهين اٿئي.... ذهين ماڻهو ئي دنيا ۾..... زندگيءَ ۾ وڏا وڏا سنڪلپ سهندا آهن ۽ ائبنارمل رهندا آهن.....ڇو تہ هيءَ دنيا مهاويرن ۽ مها ڪوين جي نظر ۾ دک جو اننت ساگر بہ آهي" گمڀير شخص مسلسل خوبصورتيءَ سان ڳالهائي رهيو هو.

".....ڪجهہ ڏينهن اڳ توهان پارٽ ۾ ملڻ جو پروگرام ناهيو هو تہ مون کي ڪافي وقت بعد خوش ڏسڻ ۾ آئي هئي. ۽ ان بعد اوهان پارٽ ۾ نہ مليا تہ مون کي تمام گهڻي اداس ڏسڻ ۾ آئي هئي، هوءَ مسلسل ڊائننگ ٽيبل تي اوهان جو ذِڪر ڪندي رهي آهي. هيءَ هتي اڪيلائپ ۾ گرفتار آهي. سندس ايج گروپ جو ڪوبہ هم خيال ساٿي نہ ٿو مليس. هتي وڏن شهرن ۾ بنگلن جون ننڍيون پتيون هونديون بہ گهر گهر کان جدا هوندا آهن.هتي پتيون ٽپي، وليون ۽ وڻ تہ هڪٻئي سان ڳالهائين ٿا پر ماڻهو ماڻهوءَ کان پري آهي....." هو کلڻ لڳو. "آءٌ دنياوي رشتن ناتن کي مستقل اهميت جو حامل نہ سمجهندو آهيان....اهي For the time being هوندا آهن. پر وري بہ ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ سان واسطو تہ رکڻو ئي پوي... هڪ سٺي دوست جي حيثيت ۾ ڪيس بهتر گائيڊنس ڏجانءِ... نوجوان آهيو. سڀ ڪجهہ سمجهو ٿا. باقي مون ۾ ڪو ڪم ڪار هجي تہ هميشہ حاضر هوندس."

"جي سائين..!" عليءَ ڳيت ڏيئي ڳالهايو ۽ ڪلديپ ڏانهن ڏسڻ لڳو جيڪا هاڻ غاليچي تي ٻئي ٽريون ڪوڙيون، ائين ويٺي هئي، جيئن ڪو ٻار وڏن جون ڳالهيون ٻڌندو هجي. عليءَ جو اهڙي ماحول ۾ ساهہ گهٽجي رهيو هو ۽ چاهيائين ٿي تہ جيترو جلد ڪلديپ اتي اوترو چڱو.

"بابا! علي سنڌ کان هتي آيو آهي.B.E ڪيل اٿس ۽ ڏاڍي سٺي بريڪ ڊانس بہ ڄاڻندو آهي." ڪلديپ عليءَ جو تعارف ڪرايو.
"Excellent!" هن چيو ۽ سندس آڱرين ۾ پيل يمني عقيق، لاجورد ۽ پکراج جڙيل منڊين ڪي ڦيرائڻ لڳو.

"بابا! علي اڄ اسان سان لنچ ڪندو ۽ پوءِ شايد اسين گهمڻ وڃون. ٺيڪ آهي نہ بابا؟" ڪلديپ پڇيو.

"ٺيڪ آهي پٽ." مامس ڪيس جواب ڏنو.

"چڱو بابا. اسين هاڻ وڃون ٿا."

"چڱو پٽ" گمڀير شخص وراڻيو ۽ هو ٻئي سلام ڪندا ڪمري مان نڪتا.

ڊائننگ ٽيبل تي لنچ ڪندي هو ٽيئي هندوستان ۾ نئين سياسي Development بابت ڳالهائيندا رهيا. جيڪا گولڊن ٽيمپل تي حملي کان پوءِ ۽ بعد ۾ اندرا گانڌيءَ جي قتل، سک دهشت گردي ۽ هندو دهشت گرديءَ بابت هئي. هڪ ماريل سک مذهبي اڳواڻ ڀنڊرانوالا طرفان گورنمينٽ کي مسلسل Threats ۽ انڊيا ۾ وڌايل مذهبي دهشت گرديءَ بابت هئي. سمورين ڳالهين دوران ڪلديپ چپ رهي. گوردت سنگهہ رڳو دال ۽ ڀاڄيون کاڌيون. علي ۽ ڪلديپ مٽن، چڪن ۽ مڇي کاڌي.

●

موٽ

رات ڏاري علي جڏهن اپارٽمينٽ تي دوستن وٽ واپس پهتو تہ اهي حيران ٿي ويا. "Hello Guys.......! Good night!" علي رڙ ڪئي.

"يار هينئر ئي تنهنجو ذڪر پئي هليو حياتي وڏي اٿئي. چو يلا خير تہ آ نہ. گاڏي نہ مليئي ڇا؟" امين ڪلندي پڇيو.

" نہ گاڏي تہ ملي هئي." هن جواب ڏنو ۽ مسڪرائڻ لڳو تہ سڀ هن ڏانهن ڏسڻ لڳا.

"پوءِ نہ چڙهئين ڇا....؟" سراج مسڪرائيندي پڇيس.

" نہ گاڏيءَ تي چڙهيس بہ!" علي مرڪندي وراڻيو.

"عجيب ڳالهہ آهي، گاڏي بہ ملي، ان تي چڙهيو بہ سهي پر وري سنڌ پهچڻ بجاءِ جي- سيون ٿو پهتو آهي، ان جو مطلب تہ دنيا گول آهي!" امين ٽهڪ ڏيندي چيو.

"هاهاها....."عليءَ ٽهڪ ڏنو "اڙي بابا، واقعي دنيا گول آهي... آءُ اڄ تمام گهڻو خوش آهيان....يار ترين ملڻ بجاءِ ڪلديپ جي گاڏي ملي هئي. ان ۾ چڙهيو هئس!" هن وضاحت ڪئي.

"ابول! تہ ائين چئہ نہ تہ ملي هيئي پنهنجي ڇگهہ جنهن نہ ڇڏيئہ ڳوٺ لاءِ؟" امتياز ڳالهايو.

سمورن دوستن ٽهڪ ڏنا، "هو هو....هو هو.... How she was? ماما ڇوڪريءَ جي ڪهڙي خوشبوءِ ۽ رنگ هئا؟" امين پُڇيس.

"يار هيءَ شهر مون کي نہ ڇڏيندو! سياڻ بابا کي فون ڪندس تہ پئسا اماڻي...آءُ هاڻي هتي آهيان." عليءَ جڻ اعلان ڪيو.

"خير اهو تہ سٺو ٿيو تنهنجي هتي رهڻ جو بهانو ۽ سبب تہ بڻيو." امتياز چيو

عمر خيام جو شعر I came like water and like wind I will go!
آهي.عليءَ چيو.

"بابا هاڻ ڇوڪرو نہ بچي، هيءُ شهر ڪائي ويس." سراج ڳالهايو تہ سيني ٿهڪ ڏانا.

"ابا ڪو گهٽ سمجهيو اٿوس ڇا. آخر سمارٽ، هينڊسم ۽ ويل ڊريسڊ نوجوان آهي. جيئن نہ ڪينجهر تي آيل رتونبا واپس سائيبيريا مشڪل موٽن. تيئن هتي پهتل جوان بہ ڪٿون ڪٽائي پهچندا آهن....پوڻوار اٿو بابا. پوڻوار! جتي جو پاڻي پيئڻ سان وڻ تہ ٺهيو ماڻهوءَ کي بہ پاڙون لڳيو وڃن!" خالد بورچيخاني مان ماني کڻي آيو ۽ سيني اڳيان رکندي چيائين: "لڪانا! يار جلد ياجي کڻي اچ".

"ڇگو هاڻ اچ...تہ ماني کائون." امين عليءَ کي چيو.

"ماني کاڌي اٿم...." عليءَ وراڻيو.

"هاڻ...لالا! سِر ڇوريءَ ڇگو وڃايو اٿئي... کهڙيءَ هوٽل ۾...تاج محل ۾"؟ امين حيرت مان هن ڏانهن نهاري پڇيو.

"هوٽل ۾ نہ. ڪلديپ جي گهر کاڌيسون.. اڄ لنچ ڊنر هيئي اتي ڪئيسون... هينئر ڇڏي ويئي اٿم هتي." هن ٻڌايو.

"الا! قسم سان پيارا! اسان کي تہ ڪا ڪنگهي ئي ڪانہ. اڙي تون تہ ڏاڍو Lucky آن مولا جو قسم.اڃا بہ هن شهرمان ڪڪ تو ٿئين؟" امتياز گرهہ پريندي چيو.

"ابا منائي ورهايو رُنو راڻو موٽيو آهي. باشا.چيو مانءِ نئي تہ وينو هج. ڳوٺ وڃي وري کهڙيون ڪنديون چارٽيون اٿئي. اتي ر يو بہ چاهي؟" دوست هن بابت Comments ڏيندا رهيا ۽ هو کلندو رهيو.

رات جو دير تائين هو ڪلديپ ۽ پاڻ بابت سوچيندو رهيو ۽ پوءِ ڪو ڪتاب پڙهندي پڙهندي هن کي ننڊ وٺي ويئي.

●

ڪِراسيءَ جو ڏُک

ان وقت شام ٿي چڪي هئي، وڻن جا پاڇا ڪارپيٽيڊ رستن تي ٽنگون ڊگهيون ڪري رهيا هئا.

علي مارڪيٽ مان هلندوهلندو رينيءَ جي جاءِ تي اچي پهتو ۽ بيل وڄايائين تہ هميشہ جيان پهرين ڪُتي ڀونڪيو ۽ پوءِ ريني ڪاٺيءَ جي مين گيٽ ۾ لڳل ننڍڙي دريءَ مان پنهنجو گلابي چهرو ڪڍي مسڪرايو ۽ ڳالهايو.

"پوسي اِسٽِس پلي ميرا؟" (يوناني)

"ڪتي هئين هيترا ڏينهن؟"

"ايدو اي ني!" (يوناني)

"هتي ئي هئس!" عليءَ وراڻيو.

رينيءَ دروازو کوليو. علي اندر ٿيو تہ رينيءَ پڇيس:

"تي ڪانيس؟" (يوناني)

"ڪهڙا حال اٿئي؟"

"اگو ڪالو" (يوناني)

"بس نيڪ آهيان." عليءَ ٻڌايس ۽ مرڪيو. هن جي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ هئي.

هو گهر ۾ گهڙيو تہ معمول مطابق صوفيا کيس بورچيخاني ۾ سانجهہ ڪندي نظر آئي. جتان ٻاهر اچي هن عليءَ کي کلندي سلام ڪيو.

"صوفي، او صوفي، فڪسي ڪراسي." رينيءَ سندس زال کي بيئر آڻڻ لاءِ چيو:

"اڄ علي گهٽي وقت کان پوءِ آيو آهي."

"نہ يار! اڄ مان بلڪل خوش ۽ نيڪ آهيان. اڄ ڪراسيءَ جي ضرورت ناهي."

”چڏ يار! هن جي ڇهري تي ڪل گاڏڙ تاثر هئو. مون تہ سوچيو پئي ڪو تو جهڙو دوست اڃي تہ ڪجهہ پيئجي مان بہ ڪٿي ٿو پيئان هاڻ. بس ڪڏهن ڪڏهن اهو تو جهڙو ڪو دوست آيو تہ ....باقي روز روز شام جو چانهن يا ڪافي پيئڻ پيئارڻ بہ ڪا شرافت آهي؟“ ريني سندس روايتي انداز سان ڳالهائيندي نيٽ جي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

”هائو هاڻ ٻڌاءِ تہ اڄ خوش ڪيئن آهين؟ ڪو اپائنٽمينٽ آرڊر مليو اٿئي ڇا؟“ ڪراسي آئي تہ: رينيءَ گلاس پريا ۽ چيئرز ڪري هڪ سٽ ۾ اڌ گلاس پي ويو.

”نوڪري جو اپائنٽمينٽ آرڊر تہ ناهي مليو. باقي اُن ڇوڪريءَ سان اپائنٽمينٽ ٿي ويئي آهي، جنهن کي هن شهر جي رستن تي ڳوليندي ڳوليندي منهنجيون اکيون اپاٽڪيون ٿيجي ويون هيون ۽ مان ديوداس جي رتوڇاڻ روح جيان تڙپي رهيو هئس. خوبصورت وارن ۽ اکين واري ڇوڪري“

”هن جي اکين ۾ بنان ڪجل پائڻ جي ڏار آهي. سانوري ۽ هينڊسم جنهن جي ڇهري ۾ گمڀيرتا ۽ الڳتا آهي. I mean اهڙيون سنجيده ۽ Deep ڇوڪريون ورلي ملنديون آهن جن کي ڊريسنگ ٽيبل سان گهٽ چاهہ هجي! هن منهنجا سڀ پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيا آهن! مان سنڌ ويندي ويندي رڪجي ويو آهيان. منهنجيون اڪيليون ۽ طويل راتيون هاڻ هن جي خوابن جي رنگين پوپٽن، پنکڙين ۽ اوجاڳن سان پريل آهن.“ عليءَ ٻڌايو.

”هو...هو...هئو....“ رينيءَ ٽهڪ ڏنو....”۽ اسان کي ٻڌائڻ بنان اهو سڀ ڪجهہ ٿي رهيو آهي؟“ رينيءَ ڊڪ پريو.

”علي! ڇوڪريون نانگن ۽ بلائن جيان خوبصورت ۽ خطرناڪ هونديون اٿيئي.“ رينيءَ جي دماغ کي آهستي آهستي ڪراسي پنهنجي اثر ۾ وٺي رهي هئي.

”هوءَ ڏس صوفي!هن ڪچن ڏانهن اشارو ڪندي ڳالهايو. ان بہ مون سان شروع ۾ ائين ڪيو.“ هن ٿڌو ساهہ پريو ۽ پنهنجيون پوريون مڇون هٿ سان ناهيون. هن جي نيرين اکين ۾ ياد جي چمڪ هئي. ”منهنجا رات ڏينهن اٿينس جي سوڙهين گهٽين، پبس ۽ هوٽلن تي گذارندا هئا. مان انهن ڏينهن Gambling ڪندو رهندو هئس. رستن ۽ گهٽين جو رولاڪ هئس. رولو ڪتن جيان رستا ماپيندو هئس. صبح کان رات تائين مان پنهنجي تنگ ۾

•بڪ نائيف پڏي هلندو هئس! دل ۾ سوچيندو هئس تہ ڪنهن نہ ڪنهن جا آنڊا ڪڍٽا اٿم! روز پوليس پڏندي هئم. روز ڇڏيندي هئم. بندرگاه تي مزدوري ملي ويئي تہ ڪري وٺندو هئس ۽ جهازين جي بچائي سرور ۾ اڇلايل يا پن ۾ مليل وسڪيءَ جا ڍڪ پيري پنهنجي قميص لاهي راتين تائين خالي پر عجيب ۽ پر اسرار رستن تي (جن پرسان نهيل پراڻن ۽ مضبوط بنگلن جا ڊرائنگ رومس جا ڳندا هئا) ويهي ڳانا ڳائيندو هئس. ڇا تہ خوبصورت ۽ آزاد زندگي هئي!" هن جڻ ان وقت ۾ نہ جيئڻ جو دک مٽائڻ لاءِ گلاس کنيو ۽ هڪ شاهي ڍڪ اندر لاٿو ۽ ساهي کنئي.

"پوءِ هڪ ڏينهن مون هڪ لوڪل بس ۾ هن کي ڏٺو". ريني‌ءَ صوفيا ڏانهن اشارو ڪيو". ساين اکين واري معصوم ڇوڪري! پهرين تہ سوچيم. هن جو پرس ڦري پڄان پر پوءِ سندس معصوميت مون کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو ۽ مون ساڻس دوستي رکي. هوءَ دوائن جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ پيڪنگ جو ڪم ڪندي هئي ۽ پنهنجيءَ ماءُ ۽ پنهنجي پيٽ ۾ سلائيس ۽ سلاد پرڻ جي ذميواري هن تي هئي." هن عليءَ ڏانهن نهاريو. جيڪو انتهائي سنجيدگيءَ سان پنهنجي ڳل تي هٿ رکي هن کي پڏي رهيو هئو.

"باقي هڪڙي ڳالهہ مجبي...هن مون کي سڏاري ڇڏيو. مون کي رولو ڪتي مان رٽ ۾ بدل تئون بٽائي ڇڏيائين!پنهنجي ملڪ کان هيترو پري روزگار لاءِ رڳو هن ڪاڻ اچي پهتو آهيان."

عليءَ مسڪرايو. "Its good!" چيو ۽ سگريٽ زبان سان پسائي دکائي.

"هيءُ بيو گلاس •باخوس جي نالي." ريني‌ءَ گلاس پريندي چيو پوءِ فرج کولي ڪجهہ پيسٽريون ۽ چاڪليٽ ڪٽي آيو ۽ ڇريءَ سان ڪٽي پليٽ عليءَ ڏانهن وڌايائين.

"عورت دنيا جي عجيب ۽ خوبصورت شيءَ آهي. اها ان ڪري نهي آهي تہ دنيا جي بد صورت ڪينواس تي پنهنجي خوبصورت بدن جي رنگن جا ڇتر ناهي." عليءَ ڳالهايو.

"اهو تہ واقعي سچ آهي. عورت کانسواءِ دنيا اڻ پوري ۽ بي سود آهي." ريني چاڪليٽ جو ٽڪرو کنيو ۽ ان بعد هميشہ جيان سندس سفارتڪار باس کي ناهوڪيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون: 'تہ اهو سندس

• بڪ نائيف: هڪ قسم جو تيز ڌار چاقو جنهن سان ٽين بہ ڪٽجي وڃي.
• باخوس: مئہ جو يوناني ديوتا.

Due پروموشن نٿو ڪري ۽ هو ٽائيپ ڪري ڪري مري ويو آهي. پر سندس ڪو قدر ڪونهي'.

"يار شڪر ڪر شڪر، جو نوڪريءَ ۽ روز گار سان ته آهين. اسان کان پڇ بيروزگاريءَ جو عذاب. چڱي خاصي پاڪستاني آفيسر جيترو پگهار ٿو کٽين ته به خوش ناهين؟" عليءَ ڏڪ پريو.

"يار علي!" رينيءَ وري گفتگوءَ جو رخ بدلايو. "يلا ڀاڻ دنيا ۾ ڇو پيدا ٿيا آهيون؟....رڳو محنت ڪرڻ ۽ ڳهڻ جي لاءِ؟ ڪم ڪرڻ لاءِ، اولاد ڄڻڻ لاءِ ۽ مري وڃڻ لاءِ؟" رينيءَ تڙ تڪڙ ۾ ڳالهايو.

"مون کي به ان جو ڪو خاص سبب نظر نٿو اچي ته ماڻهو هن دنيا ۾ ڇو پيدا ٿيو آهي." عليءَ ذهن تي زور ڏيندي چيو. "پر اهو ڪو عام سوال ڪونهي ان سوال سمورن انساني نسلن کي سوچڻ تي مجبور رکيو آهي. ان سوال سوين سياڻا پيدا ڪيا آهن....اسين ڇو آهيون، ان لاءِ مذهبي جواز مطمئن ڪندڙ نه آهي!" عليءَ ڳالهائيندي چيو. ۽ اڄ تائين ان جو ڪو مطمئن ڪندڙ جواب نه مليو سگهيو آهي."

"يلا! جيڪڏهن مان تنهنجيءَ جاءِ تي هجان ها ۽ تون مون جهڙو ته ڇا ٿئي ها؟" معنيٰ منهنجو مهاندو تو جهڙو هجي ها ۽ تنهنجو مون جهڙو ته پوءِ ڪيئن ٿئي ها!" ريني سنجيده هئو.

"ڪجهه به نه ٿئي ها! جيڪڏهن تنهنجو چهرو مون جهڙو هجي ها ۽ منهنجو تو جهڙو ته اسان کي خبر ئي نه پوي ها. هاڻ به اسانجا چهرا جهڙا به آهن، اسين مطمئن آهيون. منهنجي خيال ۾ ماڻهو جهڙو به آهي جيئن به آهي اهو سمجهي ٿو ته مون کي ائين ئي هئڻ گهربو هو ۽ هو مطمئن ٿي وڃي ٿو. ماڻهو پنهنجي رنگ، نسل، قد، بت، چهري، Complexion، ايستائين جو نالي، سڀ ڪجهه سان پيار ٿو ڪري. ڪي ماڻهو ته سڄي زندگي پنهنجي نڪ_ نقشي، مهاندي ۽قد، بت تي نه سوچيندا آهن! ۽ شايد ڪي اهوسوچي غير مطمئن ٿيندا آهن ته هو ڪارا ڇو آهن، بندرا ۽ ننڍڙا ڇو آهن. بهرحال ماڻهوءَ کي پنهنجي باري ۾ مطمئن هئڻ"...اوڏيءَ مهل ئي ريني هن جي ڳالهه ڪٽي چيو.

"يار! پڌ، سفارتخاني مان اجان سيلري به نه ملي آهي....ماڻهو پنهنجي ڪا سولي سڌي خواهش به پوري نٿو ڪري سگهي. يار! آفيس وارا حرامي آهن. ماڻهو دنيا ۾ ڪهي ڏاڍو ٿو. عالي! تون ٻاءِ ويٺو آهين مون محسوس ڪيو

آهي تہ سڀ ماڻهو ڏاڍا حرامي آهن." نيٺ هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ پوءِ هن سڏڪا ڀري روئڻ شروع ڪيو! صوفيا هن جي اها حالت ڏسي ڪجھہ پريشان ٿي ويئي تنهنڪري هوءَ آئي ۽ علي جو گلاس ڀري ٻي بوتل کڻي هلي ويئي.

"يار! پيئڻ ئي نٿا ڏين...."هن عليءَ سان ڪمزور لهجي ۾ شڪايت ڪئي. هن کي پڳھر اچي رهيو هئو.

"سڄي دنيا تہ منهنجي مخالف پر الله بہ مخالف. آهي ڪو ڪنهن کي رحم؟ الله بہ مون لاءِ چڱو نٿو سوچي!" هو ٻارن جيان روئڻ لڳو.

"چڏيار! خدا خدا ڪر. ڪفر نہ بَڪ. اهو چاهي تہ ماڻهو بہ ڏيک پي ويهي ڪُفر بڪي!" عليءَ اهڙي ريت ڳالهايو جنهن سان هو وڌيڪ چڙڻ لڳو.

"يار علي، سڀ منهنجا دشمن آهن. سڄي دنيا منهنجي مخالف آهي." هو ڀڻ ڀڻ ڪندو روئيندو رهيو ۽ نيٺ چپ ٿي اُٿي باٿ روم ڏانهن هليو ويو. منهن ڌوئي ٻاهر آيو ۽ پوءِ وري کلڻ ۽ ڳالهائڻ لڳو. ڄڻ ڪجھہ ٿيو ئي ڪونہ هئو!

"تہ تنهنجي دوست ڪٿي آهي؟ وٺي نہ آئينس؟" هن عليءَ کان پڇيو.

"يار! هوءَ جنهن جي اکين ۾ ڪامڻ آهي ۽ پدمڻي آهي تنهن جي انتظار ۾ مون الاجي ڪيتريون راتيون گذاريون هيون ۽ ڪيترو عذاب برداشت ڪيو هئو پر هاڻ ملڻ بعد. مون وٽ هن جي اُها معنيٰ ڪانهي. Any way مان هن سان محبت ڪريان ٿو. ۽ هاڻ لڳيم ٿو ڄڻ ڪو ڏيِ. ڪو آسرو ملي ويو هجيم....ماڻهو ايترو تہ اڪيلو آهي جو اهو پنهنجو پاڻ کي سواءِ ڪن سهارن، آسرن ۽ اميدن جي اتاڳو ٿو محسوس ڪري . هي وهسڪي، هيءَ محبت. هي نشا سڀ دنيا جي ڏَر کان ماڻهوءَ جو چند گهڙين لاءِ فرار آهن. دنيا ايتري ظالم. پاڻ مرادي ۽ سڀ ڪنهن کي ڪچلي ڇڏيندڙ آهي جو ان جي لاشعوري ڊپ کان ماڻهو فراريت پسند ڪري ٿو....منهنجي نظر ۾ عبادت بہ هڪ قسم جو فرار آهي. چند گهڙين جو فرار: جيڪو ماڻهوءَ کي سڪون بخشي ٿو!" ريني هن کي غور سان ٻڌي رهيو هئو.

".....حساس ماڻهوءَ جي دماغ ۾ دنيا جي سوچ ڄڻ ڪئنسر جو ٽيومر آهي، جيڪو هن کي تڙپائيندو رهندو آهي. هيءَ دنيا ڏاڍي ڀيانڪ آهي، ڏاڍي ڊپ ۾ وڪوڙيندڙ آهي. هيءَ دنيا عجيب ۽ پر اسرار آهي. اسان جي سمجھہ ۽ عقل کان بالاتر آهي. انڪري تہ حساس طبع ماڻهو صوفي ٿي ويا. دنيا جي بي سود ذائقن ۽ مزن کي تياڳي ڇڏيائون. روح راحت ٿو گهري ۽ اها

تيستائين نٿي ملي سگهي، جيستائين ماڻهو بي لوث نہ ٿي وڃي!" علي ڪنڌ هيٺ ڪري سوچڻ لڳو. ڪجهہ وقت لاءِ چپ ٿي ويئي. لڳو ٿي ماحول نهايت رُڪو، ٻسو ۽ بي ذائقي ٿو ويو آهي. نيٺ رينيءَ ٽهڪ ڏنو... "ها... ها.....ها...دنيا ڇا آهي يار اها اسان کان زور آهي. اِهي مسئلا اسان جي حل ڪرڻ جا ناهن. اسين تہ ڏيکي جيان گاهہ جي ڳولا ۾ آهيون. اسين انهن فلسفن تي سوچيون: اهڙي بيوقوفي مون کان نہ پڇندي " هن چاڪليٽ جو هڪ ٽڪرو ڪپيو ۽ چٻاڙڻ لڳو. صوفيا هاڻ ڪم ڪار مان واندي ٿي چڪي هئي. سنهڙي ڇوڪري، جنهن کي اڄ پڙي بجاءِ جينز ۽ سنهڙي پيچ ڪلر جي ٽي شرٽ پيل هئي، جنهن تي خوبصورت ايمبوس ٿيل مڇيون ڇاپيل هيون ۽ Sea World لکيل هئو. سندس گهرن پورن وارن جي پوني ٻڌل هئي، ڳلن تي لالاڻ چمڪي رهي هئي ۽ پيرن ۾ اڇي چمڙي جي جتي، هن پڪل گوشت جي ڊش پليٽون ۽ سلاد هنن اڳيان رکيو ۽ هنن سان گڏ اچي ويٺي.

"علي... زندگي هيءَ اٿيئي..." رينيءَ صوفيا ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "زندگي هيءَ اٿئي." هن گلاس مان ڍڪ پريو. **"زندگي رات جي راڻيءَ جي** خوشبوءِ آهي. زندگي عظيم ۽ خوبصورت آهي ان کي ڀرپور طرح انجواءِ ڪر. ڪاٿ پيءَ خوشبوئن جي وچ ۾ رهہ. گهمر، ڦر سوچڻ ڇڏي ڏي دِلبر!"

"منهنجي اندر جي اُونهاين ۾ فاصلن جا ريگستان وڇايل آهن ۽ ڏُوريون ٿوهرن جهڙو زهر ٿيون پرين، منهنجو اندر دنيا جي رنگيني ۽ بيڪاريءَ لاءِ اتاڳي ٻار جيان روئي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو اٿم تہ مان هن دنيا کي سمجهي ويو آهيان! اها ڪکن جو ڍير آهي، اها گند جو ڍڳ آهي، اها روشنين، خوشبوئن ۽ محبت جو ميلاپ آهي پر صرف چند پل. محبتون ۽ ڪفلتون هڪ ئي شيءِ جو ٻيو پاسو آهن. روشنيون ۽ اونداهيون وڻ ويڙهيءَ جيان هڪ ٻئي کي ٻکين پيل آهن. سڀ ڳالهيون، سڀ ابتڙ ريل جي پٽڙين جيان هلن ٿا. ۽ پوءِ وري بہ اهو سوال سوال ئي رهي ٿو تہ زندگي الا جي ڇا آهي؟" هن ٿڏو ساهہ ڀريو.

"هن منهنجيءَ دل کي ائين گرفت ۾ ورتو آهي جيئن باز پنهنجن مضبوط چنبن ۾ ڪبوتر کي وٺي، مان هاڻ هن لاءِ ڏاڍو سوچيان ٿو. مان هن سان عشق ڪرڻ لڳو آهيان...."علي‌ءَ چئي ڏنو.

"اوهان ٻنهي کي شادي ڪرڻ کپي. ڇو تہ اهو ئي محبت جو معراج آهي!" رينيءَ ڳالهايو.

"Ultimately, love is a Delicate, land balanced Part of human Condition."

"منهنجي نظر ۾ شايد محبت جو معراج شادي ناهي. شادي محبت جي ٻوٽي لاءِ سوڪهڙي جو مرض آهي....پر هونئن به مان هن سان موجوده صورت ۾ شادي نه ڪري سگهندس. ڇو ته هوءَ ان مذهب سان تعلق رکي ٿي جنهن جا مڃتائو هٿيار کڻي هلڻ کي عبادت سمجهن ٿا پر مان سمورن مذهبن جي عزت ڪريان ٿو ۽ منهنجو مذهب مختلف آهي Conversion کي Crimeتو سمجهان. جيڪو جتي آهي اتي هجڻ کپي. ڇو ته مذهب بدلائڻ سان ماڻهوءَ جو رت نه ٿو بدلجي، شڪل ۽ عادتون نه ٿيون بدلجن!"

"اهو صحيح آهي پر سڄيءَ دنيا ۾ اهو رواج عام آهي ته ڪن به ٻن مذهبن جا مڃيندڙ پنهنجين عبادتن جي طريقن ۽ عقيدن کي پاسيرو رکي هڪ ئي گهر ۾ Secular way of life گذاري سگهن ٿا." رينيءَ ڳالهايو.

"مان هڪ اهڙي ملڪ ۾ رهان ٿو جنهن جي قانونن جون واڳون هاڻ بنياد پرستن جي اثر هيٺ آهن."

"بنياد پرستن جو اثر ڏينهون ڏينهن گهرو ٿي رهيو آهي. سڄي ڌرتي پاڻ ۾ ملي پيئي آهي. سڄو آسمان جتي ڪٿي ساڳيو آهي. سچ هڪ . چند هڪ خدا هڪ. پر ماڻهو ماڻهوءَ سان جنگاهه لايو بيٺو آهي. ماڻهو ماڻهوءَ کان نفرت ٿو ڪري. ڌڄي ٿو رڙي ٿو ڪنبي ٿو. ساڳيءَ هوا ۾ ساهه کڻندي به ٻئي جو ساهه نپوڙڻ لاءِ آتو آهي. ان جو سبب آهي ته ماڻهن کي ڏيڇاري رکيو ويو آهي. مذهبي اڳواڻن ماڻهن جي دل ۾ وسوسا ڀري ڇڏيا آهن." هو جوشيلو ٿي ويو هو.

"مان ان سان اتفاق ڪريان ٿو پر اوهان وٽ هٿيارن سان ماڻهوءَ جي سري لاهڻ عبادت سمجهيو ويندو آهي!" رينيءَ ڳالهايو. "اهڙا جهيڙا روزانو ٿين ٿا. مان اخبارن ۾ پڙهان ٿو."

"دنيا جا سڀ مذهب امن ۽ سلامتيءَ جا متلاشي آهن پر اهي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اچي پنهنجن بنيادي اصولن جي نفي ڪرڻ لڳا آهن."

"When man Practices Religions Changes" علي ڳالهايو. صوفيا هنن کي غور سان ٻڌي رهي هئي.

"ماڻهوءَ جي فطرت مذهبن جون شڪليون بدلائي ڇڏيون آهن. هونئن مذهب ۽ نظريا جڏهن ابتدا ۾ هئا ته خوبصورت هئا پر جڏهن اُهي

عمل جي بنهيءَ مان گذريا تہ سونهري هرڻن مان ڦري پٽاپٽي چيتا ٿي پيا. جيئن سڄيءَ دنيا ۾ ٿي رهيو آهي."

"صوفيا سندس ڳل تي آڱر رکي غور سان ڪين ٻڌي رهي هئي.

"جيئن ڪميونسٽ ڪري رهيا آهن...جيئن ڪيپيٽلسٽ ڪري رهيا آهن 'All the Religions & Theories are going no Where' ڪو بہ صحيح دڳ ڏانهن نہ پيو وڃي." رينيءَ ٻڌايو.

"هاڻ ان صورت ۾ ماڻهوءَ کي خدا جي ضرورت وڌيڪ محسوس ٿي رهي آهي. خدا جيڪو مذهبن ۽ نظرين کان مٿاهون آهي سو هن دنيا کي هڪ ڀيرو ڀيهر پنهنجن عظيم ۽ خوبصورت هٿن سان ڇهي تہ شايد اها ڪيڏي نہ بدلجي وڃي. ڇو تہ ماڻهو غلط طرف ڏانهن وڃي رهيو آهي. دڳ ڀلجي چڪو آهي. ماڻهو هڪ ٻئي کي ماري سرهوٺ ٿيڻ جي پاونا ۾ لڳل آهن. 'This is vary Cruel' سڀ هڪ ٻئي جا آنڌا ڪيڏي خوش ٿين ٿا!" عليءَ ڳالهايو.

"اهڙيءَ صورت ۾ ڪٿي آهي اوهان سڀني جو خدا؟ جنهن کي ويجهو ٿيڻ لاءِ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي ماري رهيو آهي. مون کي تہ سڀني کان ڪراهت ٿي اچي. 'الفا' ۽ 'اوميگا' ڪٿي آهي؟" رينيءَ خيال ظاهر ڪيو.

"توبهن! توبهن! تون خدا جي عظمت کان انڪار نٿو ڪري سگهين. ڇو تہ ان جي عظمت کان انڪار جو مطلب، پنهنجي وجود جي نفي ڪرڻ آهي!" عليءَ ڳالهايو.

"ادا! هن کي ڇڏي ڏيو هي شروع کان ئي اهڙو آهي. صوفيا جي چهري تي گهنج هئا، شروع کان ئي نڪو مسيح کي مڃي، نڪو مريم کي ۽ نڪو الله کي." صوفيا عليءَ کي جڻ سمجهائيندي چيو.

رينيءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو اڳڻ ۾ بيٺل سنبل جو وڻ ڪيڏي ڪيڏي مهل ڳل ڪيرائي رهيو هئو. رينيءَ ٽهڪ ڏيندي ڏيندي وڃي فرج مان بوتل ڪڍي ۽ صوفيا کي چيائين:

"صوفي! دوسي ڏاري" (اسان لاءِ ماني تہ آڻ) هن پليٽ ڪڻي عليءَ ڏانهن وڌائي، جنهن ڪانٽي سان هڪ پيسٽريءَ جو ڪٽيل ٽڪرو کنيو.

صوفيا اٿي ۽ ڊائننگ ٽيبل تي پليٽون ۽ رومال رکڻ لڳي.

●

ڪئلينڊر

ٻئي ڏينهن ڪلديپ آئي ته هو اڃان ننڊ مان به نه اٿيو هو.
"اڃان ته آءُ تيار ٿي ناهيان ٿيو."
"پوءِ جلدي تيار ٿي وٺ." ڪلديپ چڙ حڪم ڪيو.
"مان ايترو جلدي تيار نٿو ٿي سگهان! Sorry" عليءَ چيو.
"ڇو؟ مان ته پندرهن منٽن ۾ تيار ٿي سگهان ٿي".
"مان اهڙو چريو ناهيان".
"ڇو ان ۾ چريائپ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"
عليءَ ٽوال کنيو ۽ سيٽي وڄائيندو واش روم هليو ويو. جلدي جلدي شيو ڪرڻ لڳو ته چهري تي هُتان هُتان ڏگر ڪڍي وڌائين، ۽ ٽڪڙ ۾ وهنجي ڪپڙا پائي پئنٽ جو پٽو چڪيندو باٿ روم مان ٻاهر نڪتو ته ڪلديپ جيڪا اخبار پڙهي رهي هئي، ڪلڻ لڳي.
"هلو.... If you don't Mind! چا ڪافي ٺاهڻ ايندي اٿو؟" عليءَ هن کان پڇيو.
"نه...، مان اهڙن ڪمن ۾ ڪوري آهيان! اهو ڪم اندر نٿي ڪري آئين؟" هن چيس.
هو ڪکو وکو ٿي ويو ".Sorry for that .. انهي تنهنجي جلديءَ ته اهو ڪرايو آهي. هي ڏس، ڪيڏا ڏگر نڪري ويا آهن. شيو ڪنديءَ وري لوشن به ختم ٿي ويو هو جو هٽان ها." عليءَ هن کي زخم ڏيکاريندي چيو.
هو ڪچن ۾ ويو ۽ ڪافي ٺاهڻ شروع ڪيائين. ٻه ڪپ ناهي ڪجهه بسڪيٽن سان آٽي ٽيبل تي رکيائين ۽ ڪپڙا چينج ڪرڻ هليو ويو.
"اڇا، تون پنهنجو فِليٽ ۽ واڪنگ ڪاسٽيومس ضرور ڪڻجانءِ.... اڄ شام جو پارڪ واڪ تي هلنداسين."

عليءَ ڪجهه سوچيندي چيو "......Ok"

رستي هلنديء علي جڏهن هن کان سندس ۽ سندس مامي بابت ڪجهه پڇڻ چاهيو تہ ڪلديپ هن کي ٻڌايو: 'هن جو مامو سنياسي قسم جو ماڻهو هئو جنهن اڄ ڏينهن تائين شادي نہ ڪئي هئي. هن پنهنجي جوانيءَ جي پيار ۾ ڪاپاري ڌڪ کاڌو هو. ناڪام پيار هن جو دنيا مان چاهہ ختم ڪري ڇڏيو هو. ڪجهه وقت پهرين تہ هو سنياس يوڳڻ ۽ سنسار تياڳڻ لڳو هو پر پوءِ واپس موٽي ماڳ آيو. زندگيءَ جي باري ۾ هو هاڻ ڪافي گنڀير ٿي ويو هو. هاڻ هو گهٽ ڪري گيت، ڀڄن آلاپي ۽ ڳائي پنهنجي ڏک جي انيئو کي مانو ڪندو رهندو آهي. سمجهہ تہ هو هاڻ لبرل خيالن جو ماڻهو ٿي چڪو آهي. ڌرم ۾ بہ هن کي ڪا گهڻي دلچسپي نہ رهي آهي. پر ڀڳوان سان هن جو عشق آهي ۽ هاڻ هو امن ۽ شانتيءَ جي گيتن ۽ موسيقيءَ سان دل ونڊرائي ٿو. انسان دنيا ۾ ڪو وڏو ڌڪ کائڻ بعد امن پسند ٿي ويندو آهي يا وري دهشت گرد! سوچيندڙ ماڻهو تہ ٿٽي آهستي آهستي وکرڻ لڳندا آهن....يا سندن شخصيت جي ظاهري مضبوط ديوار کي سيمو ونئي ويندو آهي ۽ هڪ ڏينهن اهي ڀُتل يت جيان ڌڙام ڪري ڊهي پوندا آهن!" عليءَ چيو.

"انڊسٽريل ايريا ۾ هن جي ماربل جي فيڪٽري آهي ۽ هو بيور ويجٽيرين آهي."

"۽ ها... اهو صدر صاحب جي مهربانيءَ سان توکي هتي جي شهريت ڪيئن ملي آهي؟"

"چوان ۾ تنهنجي ڪاوڙجڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟......"

"صدر صاحب، منهنجي مامي جو دوست آهي. هونئن بہ منهنجو اتي ڪوبہ نہ رهيو...مان اڪيلي هئس سو هتي اچڻ بعد ماما مون کي پاڪستان جي شهريت ونرائي ڏني." ڪلديپ تفصيل ٻڌايا.

"اچااچا! تہ محترم صدر صاحب دنيا ۾ ڪو چڱو ڪم ڪيو آهي تہ اهو ئي هوندو".

"صدر رڳو اهڙا ڪم ڪري تہ چڱو......!Idea... يار! صدر صاحب کي Request تا ڪريون تہ پاڙي وارن ملڪن مان خوبصورت ۽ چارمنگ چوڪرين جون ڪجهه ٽرينون پرجي اچن تہ شايد اسان جي ملڪ جي Weather

ڏئي؟" علي مرڪندي چيو ته ڪلديپ به کلڻ لڳي. "جيڪي افغان پناهه گير گهرايا اٿيئن...انهن ته ...خير..." علي وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو. سڀ ڪان پهرين هو گهر ويا. "This is my bed Room" ڪلديپ هڪڙي ڪمري جو دروازو کوليو اچ، هن چيو ۽ بتي آن ڪئي.

عليءَ کي هيءُ ڪمرو به تقريباً ساڳي طرز تي ڏسڻ ۾ آيو. هن ڪمري ۾ به ساڳيو ڪارپيٽ ۽ ان مٿان ايراني غاليچو بخاري جي ڪام تي توڙي ريڪ مٿان شوپيسز. ميز تي رائل ساليوٽ جي خالي ڪيل بوتل ۾ مني پلانٽ پيل. ڪمري جي ٻئي طرف پٽ تي گرونانڪ جي تصوير ٽنگيل هئي ۽ ساڳي ئي فريم ۾ ان تي صندل جي خوشبودار تسبيح ٽنگيل هئي. ڪمري جي هڪ پاسي سيٽيءَ مٿان ستار رکي هئي ۽ سمورين درين تي اڇي رنگ جا چاريدار پردا آيل هئا. هڪ ڪنڊ ۾ پتل جي چمڪندڙ گلن سان ڪاري ڪاٺيءَ جي ڪونڊي ۽ سامهون واري ريڪ تي ٿامي جو Laughing Buddha رکيل هئو.

"....ته هيءُ آهي تنهنجو ڪمرو....! هون! ڪافي خرچ ڪيو ويو آهي... پر..." "پر؟"...ڪلديپ يڪدم پڇيو. "پر ڪافي غيرمناسب قسم جو Interior آهي. I mean ڪمري جو رنگ، پردا... خير" عليءَ چيو ته ڪلديپ جو منهن لهي ويو.

"Excellent one." عليءَ کلندي چيو. "واقعي! ائين آهي ؟!" ڪلديپ هن کان پڪ وٺڻ خاطر پڇيو.

"چا ائين آهي؟" هن ٻيهر پڇيو پر علي چپ رهيو.

"تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ يعني..." عليءَ چيو.

"يعني ته؟"

"مان. محترما! تنهنجي مامي جي ساراهه ڪري رهيو آهيان."

"يعني...!"ڪلديپ جي چهري تي املتاس جاگل پکڙي ويا.

"يعني ته خوبصورت ايجڏ ماڻهوءَ جي پسند واقعي خوبصورت آهي!"

"ستار وڄائڻ ايندي اٿئي؟" علي ستار ڏانهن نهاريندي پڇيو.

"اڇا ته موسيقيءَ سان تو کي به لڳاءُ آهي...." علي جواب ملڻ کان اڳ چڻ پاڻ ئي جواب ڏنو.

نه رڳو موسيقيءَ سان بلڪ ناچ سان به....مان ڪٿڪ ڊانس به سکيل آهيان. ڪلديپ انڪشاف ڪيو.

”مون ستار انڊيا ۾ پنهنجي پاءَ ڪان سکي هئي... ۽ مان...وڄائي سگهندي آهيان. تون سکندين ڇا؟“ هن عليءَ کان پڇيو پر علي چپ رهيو.

”آءٌ جڏهن بہ موسيقي ٻڌندي آهيان تہ لڳندو اٿم تہ بنهہ هلڪي...هلڪي ٿي. آڪاس_ منڊل ۾ ڪڪرين سان گڏ اڏامندي ٿي وڃان!“ ڪلديپ اهو چوندي وچي ستار کنئي ۽ غاليچي تي گوڏا اونڌا ڪري ويهي عليءَ کان پڇيائين: ”ڪهڙو گيت پسند اٿئي، نہ...ڪهڙو گانو وڻندو اٿئي ها...انڊيا جو گانو.“ ”ڇو انڊيا جو گانو؟“ عليءَ چيو.

”ڪلديپ! تنهنجي اکين ۾ مون کي هڪڙي اداسي پريل ٿي لڳي.

”ڪهڙي اداسي؟“

”بس لڳي ٿو تہ تنهنجين اکين ۾ ڪا ويراني آهي.“

”ويهہ ويهہ هيٺ....“ هن عليءَ جي ڳالهہ کي اڻ ٻڌو ڪندي چيو ۽ ستار جون تارون ٽڻڪڻ لڳي تہ لڳو: هوءَ ڪنهن ماهر گائڪا جيان هاڻ راڳ شروع ڪندي ۽ پوءِ سندس سُرن جي لهرن تي گروان تصوير مان نئون جنم وٺي ست جڳ مان نڪري ڪلجڳ ۾ ايندو ۽ جهولڻ لڳندو۽ پوءِ پتيون، دريون، دروازا سمورا شو پيس پڻ ڳائڻ نچڻ، جهولڻ ۽ جهومڻ لڳندا. علي ان سڄي ساري وجداني ڪيفيت جي خيال ۾ گم ٿي ويو. انهن چند پَلن جي سپني ۾ گم سُم عليءَ کي ڏسندي ڪلديپ ڏانهس گهور ڪري هڪ پيروڏنو ۽ هن جي ڏيان تي هن پنهنجي اکين کي شرابيدا ۽ مخمور ڪري پيهر هن ڏانهن نهاريو تہ هن ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو. هن پيهر ڪلديپ ۾ نهاريو پر وري نهاري نہ سگهيو. صاف وڏين وڏين اکين جي مدّ_ مست گهور نظر، هن جي من تي عجيب اثر ڪيو ۽ بي وس ٿي هن ڪٽي ڪلديپ جي هٿ ۾ جهليو ۽ ان کي زور سان پڪڙي بي تابيءَ سان سندس مَر مَر جهڙين مخروطي آگرين کي چميو...وري چميو.....وري چميو ۽ ان جي ريکائن ۾ ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ چڏي ڏنو. هو سهڪي رهيو هئو. هاڻ نہ رڳوستار جون تارون ٽڻڪجي، ڪشجي چڪيون هيون پر هن جي نوخيز جذبن جون تندون پڻ ڪمان جان ڇڪجي ويون هيون. ڪلديپ مضراب سان تار کي ڇيڙيو ۽ پوءِ چپ چاپ اکيون بند ڪري وڄائڻ لڳي.

”تم جگ جگ جيئو مهراج ري..“ هوءَ وڄائڻ ۾ مگن هئي ۽ علي هن جي سونهن جو ساءُ ۽ سماءُ وٺي رهيو هو . هن سوچيو، هو ڪيڏو نہ

خوشنصيب شخص هو جنهن کي ان سونهن ۾ سُر ساز جا لمحا ميسر هئا ۽ انهن لهرن جو رنگ ڇا هوندو؟ شايد انڊلٺ جهڙو ست رنگو ست سُرا!

سموري ڪائنات ۾ انگي حساب جا اصول ڪم ڪن ٿا ۽ دنيا پنهنجي هر عمل ۾ انگي حساب آهي. هر مظهر ۾ ميٿاميٽڪس آهي. هن سوچيو: هُو ان وقت بيحد خوش هو. هن جي اندر ۾ اڄ جڻ ڪي هزارين لکين ترانا وڄي اٿيا هئا. ۽ چنبيليءَ جا ڪروڙين گل ٽڙي پيا هئا.

ڪجهه ئي لمحن بعد عليءَ ڏٺو ڪلديپ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا هئا ۽ ان بعد آهستي آهستي هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي... تہ هو حيران ٿي ويو!

"What happened wrong" علي هن کان پڇڻ لڳو.

"منهنجو پاءَ.....امان، بابا، سڀ ياد پيا اچن." هن سڏ ڪندي وراڻيو.

"ڇو...؟ پوءِ...؟؟ هاها!!" هو يڪدم اهي بي معنيٰ لفظ چئي ويو.

هن جي اهڙي ڪيفيت ڏسي، علي ڪجهہ پريشان ٿيو ۽ هن سوچيو تہ ڪلديپ جي آهڙي غمگين ڪيفيت جو رنگ سليٽي دونهين جهڙو هوندو! يا ڪافيءَ ۽ چاڪليٽ جي رنگ جهڙو؟!

"منهنجو پاءُ سريندر سنگهہ ڪيڏو نہ سٺو هو ڪيڏو نہ سٺو پاءُ هو هُو! ڪيڏو نہ شوق هئس موسيقيءَ سان...سُريندر ئي مون کي موسيقيءَ جو سبق ڏنو هو." ڪلديپ عليءَ کي ٻڌائڻ لڳي . عليءَ حيرانيءَ مان هن کي ڏسي رهيو هئو.

"هنن ظالمن ٻين سيني کي تہ ماريو پر منهنجي پاءُ کي بہ ماري ڇڏيو."هن جڻ انڪشاف ڪيو. علي ڪافي وقت تائين تہ سوچيندو رهيو پر ان مهل مناسب نہ سمجهيائين پڇا ڳاڇا ڪرڻ سو ھو چپ رهيو. پر سوال هن جي ذهن جي آڪيري ۾ منجهي پيا هئا. 'ڪنهن هن جي پاءُ ۽ ٻين کي ماريو؟ ڇو ماريو؟ اهو سڀ ڇاهو؟ جنهن جي ڪري ڪلديپ پريشان هئي؟'"!sorryعلي مون توکي پريشان ڪيو." ڪلديپ چيو ۽ واش روم ڏانهن هلي وئي.

شام جو دير تائين هو ٻئي گڏ هئا. مارڪيٽ تان هنن ڪجهہ مئگزين، چاڪ، بارس ورتا. جيولس جي پرفيوم، شيونگ لوشن، Anti Perspirant خريد ڪري ڪلديپ عليءَ کي گفٽ ڪئي.

"هيءَ ڇا آهي؟"

"هي تنهنجي لاءِ ڪجهہ ضرورت جون شيون آهن"

"Sorry!" "مان اهي نٿو ڪٽي سگهان!"
"ڇو؟" ڪلديپ پڇيو.
"لڳي ٿو توهان سان تعلقات ختم ڪرڻا پوندا".
"اهي اڃا شروع ڪٿي ٿيا آهن جو ختم ڪندئو؟" تہ عليءَ ٺهڪ ڏنو
"سياڻي جو ڇا پروگرام آهي؟" عليءَ پڇيو
"ڪو خاص ڪونهي پر ڇو؟"
"سياڻ سنڌي نائيٽ آهي ان ڪري You are invited for Dinner!"
"Ok." سڀاڻ شام جو ائين وڳي اوهان کي ڊنر مون سان ڪرڻي آهي." علي حڪم آرڊر ڪيو.
"ان جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"
"تو جهڙي خوبصورت ڇوڪريءَ کان ان طريقي سان بدلو وٺڻ جو سٺو موقعو آهي."
"هن کان پهرين گهڻين خوبصورت ڇوڪرين کان اِن طريقي سان بدلو وٺي چڪا آهيو؟"
علي منجهي پيو "يعني.... تہ" "يعني؟"
"ها يعني ڪنهن بہ ڇوڪريءَ سان ڊنر ڪرڻ جو بهانو لائين هٽڻ جو سٺو بهانو آهي. پر مون کي سياڻي ٽائيم ڪونهي." ڪلديپ ڪلندي چيو!...... "Its ok...by!" علي ڊڪندو –ڳالهائيندو وڃڻ لڳو "مان سياڻ صبح جو ڪن آفيسن ۾ ويندس ۽ ٺيڪ ائين وڳي تيار ٿي P.C تي پهچي ويندس جيڪڏهن پهتينءَ تہ ٺيڪ، نہ تہ تنهنجي خالي ڪرسيءَ تي تنهنجي غائبانا تصوير رکي مان ڊنر ڪري ڇڏيندس ۽ توکي مس ڪندس!"
"Have you got it…well, good night." عليءَ هٿ لوڏيو. ڊوڙندي ڊوڙندي ڇيو ۽ ڏاڪڻيون بہ ڊوڙي چڙهي ويو.

●

Generation, Re_Generation, De_Generation!

عليءَ جا ڪافي ڏينهن ائين ئي ڪلندي ٺهڪ ڏيندي گذري ويا سمهڪ ئي ڪانہ پئي، هڪ ڏينهن، هو گهر پهتو تہ ڪيس ٽيليگرام مليو.

"وڏيرو رضا محمد جوٽيجو سخت بيمار آهي، جلد پهچ".

هن جو دماغ ٺُمر تي ويو. 'بابا سخت بيمار آهي! ڇا ٿيس؟ ضرور ڪو مسئلو آهي'. اهو سوچي سرديءَ ۾ بہ هن جي نرڙ تي پگهر جون بوندون مڙي آيون. ان بعد هن سندس سؤٽ سراج کي فون ڪيو ۽ منجهند واري فلائيٽ جي ٽڪيٽ ارينج ڪرڻ لاءِ چيو. ٻيو فون هن ڪلديپ کي ڪيو ۽ کيس ٻئين وڳين اچڻ لاءِ چيو. هن تڙ ڪيو تيار ٿيو ۽ ڪجھ ضروري سامان پيڪ ڪري ويهي رهيو. سراج ڏيڍ وڳي پهتو تہ اهو بہ ڪافي سنجيده هئو. هنن ماني ڪاڏي تہ اها بہ اڌوري.

فڪس ٽائيم تي ڪلديپ آئي تہ علي ۽ سراج ٻيئي هيٺ لٿا.

"پهچي ڪال ڪجانءِ". سراج تاڪيد ڪيس.

گاڏي اسٽارٽ ڪندي ڪلديپ ڳالهايو: "لڳي ٿو تون تمام گهڻو پريشان آهين علي !Take it easy please ڪنهن بہ مسئلي جو اثر وٺي ان کي پنهنجي دماغ تي حاوي ڪرڻ سان پيدا ٿيل صورتحال ۾ گهڻتائي نہ ايندي آهي. Take Care."

"بابا، سچي زندگي... اڄ تائين مون سان جيتري محبت ڪئي آهي، اوتري منهنجي ڪنهن بہ ڀاءُ سان نہ. منهنجو آئيڊيل منهنجو بابا آهي. فصل مارڪيٽ ۾ وڪامجڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين هو مون کي ئي سڀ ڪجھ وٺي ڏيندو آهي. مان هن جو موچي پٽ آهيان." عليءَ ڪلديپ کي ٻڌايو.

رستي ۾ موضوع چينج ڪرڻ لاءِ ڪلديپ بگڙيل ملڪي صورتحال تي ڳالهايو. "مان هڪ اسٽوري فائل ڪري رهي آهيان مارشل لاءَ ڏاڍي ڏکي

تي ويئي آهي، جنرل روز روز نوان اعلان ڪري ۽ سخت آرڊيننس جاري ڪري ماڻهن کي دهشت زنده ڪري رهيو آهي، هر اداري ۾ ڪرپشن وڌي رهي آهي.“ ڪلديپ هن کان موٽڻ لاءِ پڇيو ته هن ٻڌايس:

”بس هفتي کن ۾ مان موٽندس... پهچي تو کي اطلاع ڪندس، فون تي اچڻ جو ٻڌائيندس.“

ٽرمينل ٻاهران ڪلديپ هن کي الوداع ڪرڻ مهل چيو:

"Good bye, take care!"

پريشانيءَ جي عالم ۾ هن پنهنجو سامان چيڪ ڪرائي ڪائونٽر تان بورڊنگ ڪارڊ ورتو ۽ سموڪنگ ڪارنر ۾ هليو ويو سگريٽ دکائي ڪش هڻڻ لڳو. فلائيٽ جو اڃا اعلان نه ٿيو هئو. ان ڪري هن ٽرمينل لائونج ۾ ڪتابن جي بوڪ اسٽال کي ڏسڻ گهريو.

عليءَ جي سگريٽ پيئڻ جي انداز مان ظاهر هئو ته هو جلديءَ ۽ بيچينيءَ ۾ هئو.

حيدرآباد پهچي هو هڪ ٽرين ۾ اچي چڙهيو ان مهل رات ٿي چڪي هئي چڪڙڪ چڪڙڪ ڪندي ٽرين هڪ ننڍڙيءَ اسٽيشن تي اچي بيٺي ته هو لٿو.

پليٽ فارم تي فانوس ٻري چڪا هئا. اسٽيشن ٻاهران بيٺل نمن جي وڻن هيٺان اونده ۾ بيٺل ٽانگن مان هڪ ٽانگي تي اچي چڙهيو. ٽانگي بان هن کي ڏسي سلام ڪيو ”بابا سائين.....بابا سائين! اچو اچو ۽ پنهنجي پوٽاري سان سيٺ چنبڙي هن کي ويهاريو وڏيرا سائين! ڪنهن وڏي شهر ۾ نوڪري ٿا ڪريو؟“ ته علي ڪليو ۽ چپ ٿي ويو. وڏي شاهي درياءَ مٿان ٻڌل برطانوي دور جي گول درن واري آرچ برج مٿان ناسي رنگ جي ريلنگ اڪرندو ٽانگو ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پڪين سرن ۽ واريءَ واري رستي تي هلڻ لڳو. پل، جنهن هيٺان هيستائين الائجي ڪروڙين، اربين ڪيوسڪ پاڻي گذري چڪو هئو. درياءَ مسلسل روان دوان هئو. تنهن ۾ ڏينهن جو ڪئين دنگيون ۽ ٻيڙيون ترنديون رهنديون هيون. ان جي پريان جتي درياءَ جو پيٽ وڏو ويڪرو ٿي تمام گهٽي پاڻيءَ کي جاءِ ڏيئي رهيو هئو. مهاڻا ۽ مهاڻيون رڇ هڻي مڇيون ۽ پلا ماريندا هئا.

”وڏو وڏيرو....“

”هائو بابا بيمار آهي، مون کي تار پهتي آهي ان ڪري آيو آهيان.“ عليءَ ٽانگي واري جي ڳالهه ڪٽي ڇڏي

ٽانگي وارو هن کي ڳوٺ جا ٻيا واقعا ٻڌائڻ لڳو جن ۾ راضو واڍي جي ڌيءُ ڀڄي ويئي هئي. فيضوءَ جي پٽ ۽ جانيءَ جي ڌيءَ کي ڪارو ڪري ماريو ويو هئو عالمو ڌاڙيل پرواري ڳوٺ تي حملو ڪيو هئو جنهن ۾ ٽي ماڻهو ۽ ڍور ڍڳا مارجي ويا هئا. بخشو چريو درياءَ ۾ وهنجڻ ويو تہ ٻڏي ويو. هاڻ پري کان هنن جي اٿي جي چڪيءَ جو آواز ٻڌجڻ لڳو 'ڀڪ... ڀڪ...ڀڪ' سرن واري روڊ تان لهي، ٽانگو درياءَ جي ڪڙڏيئي هلڻ لڳو ۽ پوءِ ڪڻڪ ۽ برسيم پوکيل ٻارن وٽان پيچري تان ٿيندو ڳوٺ جا ڌڏڙ پريل رستا, لوڙها ۽ ڪچيون جايون چڙهيندو وڏي ميدان کان پوءِ شاهي اوڏڪي پٽ پرسان اچي بيٺو جتي ڳوناٽن جي غير معمولي اچ_ وچ لڳي پيئي هئي. ڪافي عورتون اچا برقعا پاتل اچي وڃي رهيون هيون. شاهي دروازي وٽ هو لٿو تہ گهڻن ئي ماڻهن هن کي جهڪي سلام ڪيو ۽ هڪڙي اچي هن جي بيگ کنئي.

"وڏيرو علي رضا اچي ويو... ننڍو وڏيرو اچي ويو." ماڻهو ڳالهيون ڪرڻ لڳا. وٽاڻ اڪري وڏي دروازي مان هو اندر گهڙيو تہ هن ڏٺو. ميدان تي هن جا پاءَ هٿن ۾ ٽڪر جا ڪٺونرا جهليو بيٺا هئا تہ هن جي دل ڇڻ بيهي ويئي. لمحي لاءِ هو سڪتي ۾ اچي ويو. ويجهو پهچي کٽ جي اوٽ ۾ ڪاٺي جي تختي تي پيل هن پيءُ جو ستر ڍڪيل لاش ڏٺو جنهن کي ملون تڙ ڏيئي رهيو هئو تہ. هن کان اوچنگار ڇڏائجي ويئي.

"اڙي منهنجا بابا!" هن رڙ ڪئي پائر ڪٺونرا ڇڏي هن ڏانهن وڌيا ۽ ڀاڪرين ڀئجي ويا.

"اڙي بابا!.....بابا!..هي ڪيئن ٿيو...؟ مون کي تہ ڪنهن ٻڌايو بہ ڪونہ ...اڙي تون ڪيڏانهن وئين بابا!" ڳوڙها هن جي اکين مان زارو قطار وهڻ لڳا تہ ٻيا بہ روئڻ لڳا. ۽ جڏهن ڪجهہ مانار تي تہ هو دهلي ٿيپي اندر حويليءَ ڏانهن ڀڳو: " امان.....امان امان...!" هو سڏڻ لڳو...شاهي اڱڻ ۾ تڏن ۽ گلمن تي سوين عورتون ويٺيون هيون. جن ۾ هن جون پينرون، سئوتون، ماساتيون، ماروتون، سڀ هن کي ڏسي چنبڙي ويون. "او منهنجا مسافر ابا!".... هن جي وڏيءَ ڀيڻ دانهن ڪئي...."او منهنجا دادلا بابا!....", تون اڄ ڪهڙي سفر تي روانو ٿيو آن!"..."او منهنجا اڇا, بکيا مسافر بابلا...! اهو ڏسي ٻيون بہ ڪئين عورتون پار ڪڍي روئڻ لڳيون....۽ سندن ٻار بہ دانهون ڪو ڪون ڪرڻ لڳا ۽ حويليءَ ۾ ڪهرام مچي ويو. عليءَ محسوس ڪيو. سچي

حويلي تي انڌ چانئجڻ لڳي هئي. جڏهن عورتن جا پار هلڪا ٿيا تہ هو وراندو اڪري اندرين ڪمرن ڏانهن ويو. جتي سندس ماءُ مصلي تي هڪ ڪنڊ ۾ ڪارو رئو اوڍيو قرآن شريف پڙهي رهي هئي. ماءُ کي پاڪر پائيندي عليءَ کي آٿت اچڻ لڳو. هن جي خوبصورت پوڙهي ماءُ، جنهن کي هن ڪڏهن بہ روئيندي نہ ڏٺو هئو. هن جي روئڻ ۾ هڪڙو زبردست وقار ۽ شان هئو. خوبصورت پوڙهي ڏک پريل عورت. جيڪا هاڻ بيوهہ ٿي ويئي هئي، تنهن هن ڳوٺ جي وڏيري ٿي عليءَ جي پيءُ سان پنجونجاهہ سالن کان گهڻو عرصو گذاريو هئو.

تنهن جو ساٿ، خوشين، ڏک، سلامتي، پرسي ۽ شان جو عرصو سڱ جي اها تند هاڻ ڇڄي پيئي هئي. هوءَ پنهنجي پٽ کي پاڪر پائي سُڏڪا ڀرڻ لڳي. گهر جون سڀ ڪتون اونڌيون هيون. پينگها لٽل ۽ متن جو پاٽي هاريل.

پري پري کان ايندڙ ماڻتن ۽ عزيزن ڪاڻ هنن صبح تائين انتظار ڪيو نيٺ جڏهن سڄو ڳوٺ ۽ پاسي وارا ڳوٺ، راڄ ۽ هتان هتان جا ماڻٿ سڀ گڏ ٿي ويا تہ عليءَ جي پڙهيل لکيل شهري ٽائيپ وڏيري ۽ مامي اوطاق ۾ اچي اعلان ڪيو. "بابا اٿو هاڻ وڏيري کي ڪڻون ٿا".

سڀ ماڻهو پوڙها ٻڪا، غريب غربا، امير ڪبير اٿڻ لڳا. ڪن پٽڪا ٻڌا، ڪن ٽوپيون پاتيون، ڪن رومال ٻڌا ۽ اوطاق مان نڪرڻ لڳا. ٻاهر ميدان ۾ بہ ماڻهن جا هشام گڏ هئا. سمورن تي اداسي ۽ ڏک ڇانيل هئو حويليءَ ۾ کٽ تي پيل لاش جي چوڌاري ڇوڪريون قرآن شريف جو ختم ڪدي رهيون هيون ۽ لاش مٿان مڪي شريف مان ورتل ڪلمن ۽ آيتن سان چادر پيل هئي. کٽ تان تڏي سميت لاش کڻي ڏوليءَ ۾ وجهڻ لڳا تہ سموريون ڇوڪريون ۽ عورتون دانهون ڪنديون اچي مڙيون. عورتن ۽ ٻارن جي روئڻ جا آواز حويليءَ جي ڳرين ٿلهين ڀتين ۽ جهونين نمن سان ٽڪرائيندا ٻاهر نڪرڻ لڳا! "او منهنجا جيجڙا ابا!" سمورين عورتن ڳوٺ محمد صالح جوٽيجي جي وڏيري رضا محمد جوٽيجي جو آخري ديدار ڪيو تہ منجهن ڪو ڪراٽيون پئجي ويون! وڏيرو رضا محمد جڻ ڪجهہ دير اڳ ننڊ ستو هو. منهن تي نور جو پرتوو هئس. سندس منهن تان هتايل ڪفن ڏيئي منيو ٻڌو ويو ۽ گهر جا مرد ڏولي کڻي ٻاهر نڪرڻ لڳا. "اشهد ان لاالله الاالله و اشهد ان محمداً عبدهٗ و رسولہ" ڪلمہ شهادت سان حويلي ۽ پوءِ اوطاق ٻُرڻ لڳيون تہ ڪجهہ عورتون ڏوليءَ کي چنبڙي ويون جن کي پري

ڪيو ويو سڀ ماڻهو هل هلان ۾ پئجي ويا. هر ڪو ڪلهو ڏيڻ لاءِ تڪڙو هئو. وڏي دروازي تائين ڇوڪريون ۽ عورتون ڏوليءَ کي ويندي ڏسنديون رهيون ۽ پنهنجا مٿا درجي بانهين ۾ تاڪن سان ٽڪرائينديون روئينديون رهيون. ڳوٺ جا ڪچا ۽ لوڙهن وارا گهر گذرندا پيچرو وٺي اچي ڳوٺ جي عيد گاهه ۾ ڏولي رکي ويئي، جتي جنازي نماز کان پوءِ پري پري کان آيل ماڻهن ۽ ٻين سيني دوستن، سڄاڻن وڏيري رضا محمد جو منهن ڏٺو 'سبحان الله ڇهري تي ڇا تہ نور آهي.' ڪافي ماڻهن رڙيون ڪيون قبرستان ۾ درگاهه پرسان نهيل ٿلهي تي، جتي خاندان جي ٻين ماڻهن جون بہ قبرون نهيل هيون، پرسان ڪيس دفنائڻ لاءِ ڪٺي آيا. چاڙون لاهي لاش قبر ۾ لاٿائون ۽ آخري اجرڪ ڪڍي مٽي ورائي ويئي. 'هميرن حساب، ڪهه ڇاٽان ڪهڙو ٿيو.'؟ پوڙهي نوڪر جَادل جي اندر مان آواز نڪتو ۽ سڏڪو عليءَ سوچيو: 'هاڻ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. بس هاڻ رڳو يادن جي ڪا سرهاڻ، ڪا تند رهجي ويئي هئي. سندس ڳوڙها وهڻ لڳا، جيڪي هن رومال سان اگهيا. دوست هن کي تسلي ڏيڻ لڳا.

گهر پهچي هو سندس خاندان جي سلسلي جا هٿ جا ناهيل توڙي ڪئميرا جا نڪتل ۽ فريم ٿيل فوٽو پٽ تي ٽنگيل ڏسندو رهيو. ڇهن پيڙهين کان لڳل فوٽو جيڪي پنهنجي پنهنجي دور جا ڪردار هئا ۽ هاڻ ان قطار ۾ بابا جو فوٽو بہ لڳندو. جوانيءَ جو نڪتل فوٽو جيڪو سندس والد جي ڪمري ۾ ٽنگيل هئو. 1918ع جو نڪتل هو. هن ڪمري ۾ وچي ڏٺو. وڏي رائل ڪرسيءَ تي هٿ رکي بيٺل وڏيرو گرم ٽري پيس پاتل، پيرن ۾ ڪُرم جي چمڙي جو ڪارو بوٽ، مٿي تي ترڪي ٽوپي، ۽ پاسي واري ٽپائيءَ تي گلدستو. ڇا تہ سهڻو جوان هئو. ساين اکين، پريل ڇهري ۽ اسٽالن ٽائيپ مڇن سان بنهه انگريز ٿي لڳو.

شام تائين هن جو سئوٽ سراج بہ پهچي ويو.هئي ڏينهن علي **قبرستان ۾ گل رکڻ ويو تہ دعا گهرندي هن سوچيو: 'ماڻهو جي مرڻ بعد قبر ۾ ڇا حالت ٿيندي هوندي؟ ڪيئن ماڻهو** Degenerate **ٿيندو هوندو؟** شروع ۾ ماڻهوءَ جا اندريان عضوا ڳرڻ شروع ٿيندا هوندا! هن کي ميڊيڪل ڪاليج جو اهو Dissection Hall ذهن ۾ ڦري ويو جتي هڪ پيري هو پنهنجي هڪ دوست ۽ ميڊيڪل جي شاگرديائي 'تانيہ' سان گڏجي ويو هو. شاگردن جي تجربن لاءِ اڪثر حادثن ۾ مئل لاوارث مڙدا رکيل هئا جن جي گوشت ۽ رڳن

ڪي شاگردن نشترن سان ڪپي ڪپي، چٽي ڇيتيون ڪري ڇڏيو هو! سڄي هال ۾ دوائن جي Treatment ڏيڻ کان پوءِ بہ سڙيل مڙدن جي عجيب بوءِ هئي.

پر قبر ۾ اندر ڳرڻ سڙڻ بعد شايد ماڻهوءَ جي بدن جي سوراخن مان سائو ڪارو پاڻي نڪرندو هوندو؟ اکين، نڪ ۽ ڪنن مان پئراسائيٽس ۽ جيتن جي اندران کائڻ ۽ ڳرڻ جي ڪري پاڻي ۽ مواد وهندو هوندو؟ گوشت ۽ کل جو رنگ بہ بدلجي ويندو هوندو؟ ۽ ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ ڇا حالت ٿيندي هوندي ماڻهوءَ جي؟... هن سوچيو: ماڻهو تہ ڏسڻ ۾ ئي ڪين ايندو، رڳو جيتن جو ڍير هوندو. جيڪو رهيل گوشت کي کائڻ ۾ جنبيل هوندو. مختلف نوع جي جيتن ۾ Competition متل هوندي! سڀ بلائن جهڙا سرٽا، سانپا ۽ الاجي ڇاڇا، ان ماڻهوءَ کي کائڻ جي ڊوڙ ۾ شامل هوندا. جنهن ڪڏهن جيئري هوندي سوچيو هوندو ڪئين خواهشون ڪيون هونديون، نخرا ڪيا هونداڻين، خوش ٿيو هوندو، ٿهڪ ڏنا هونداڻين، پيار ڪيو هونداڻين، سيڪس انجواءِ ڪيو هونداڻين، ان پيٽ ۾ سٺا طعام پريا هونداڻين، جنهن ۾ هينئر بلائن ۽ سرٽن جي وچ ۾ جنگ متل آهي. ڪامپيٽيشن، نابودي، Expiration _Nihilation! اوهہ ماءِ گاڊ! سڀ ڪجهہ ڇا آهي؟ هن کي اڳي موت کان ڊپ ٿيندو هئو. قبرن کان بہ ڊڄندو هو. پر هاڻ هن جو پيءُ گذاري ويو تہ هن کي ڄڻ موت جو ڊپ ئي لهي ويو هو. موت هن جي ايڏو ويجهو اچي ناچ نچي ويو هئو جو ان جي هن اڳيان اهميت ئي ختم ٿي ويئي هئي.

’ڇا آهي موت ۽ حياتي؟ بيئي ڪجهہ بہ ناهن، ٻنهي جي ڪائي معني ناهي.‘ هن سوچيو: ’ماڻهو ناقص شيءِ آهي ان ڪري ناقصيت پويان پڄڻ، ان جو شيوو آهي.‘

ڪلديپ طرفان ڪافي فون ڪرڻ باوجود هو مهينو کن ڳوٺ جي پيچرن تي اتاولو _اتاڳو هلندو گهمندو رهيو. نارَ جي پرسان، درگاهہ ۾ سندس والد جي قبر تي، سندس باغ جا تازا گل رکندو ۽ اگربتيون ٻاريندو رهيو. انبن جي باغ ۾ ڏارن تي ويهي پکين جي لات ٻڌندو شام جو لهندڙ سج جا نظارا پسندو درياءَ جي ڪنٺ تي هلندو مينهن، ڳئن جا ايندڙ ويندڙ ڌڻ، گابا، گابيون، پاڏا پاڏيون، ڌنار، ڪاٺيون ڪندڙ ماڻهو وغيره وغيره ڏسندو رهيو. هن سوچيو هاڻ مهيني کان پوءِ قبر اندر مئل ماڻهوءَ جي حالت ڇا هوندي؟ سڀ جيت، پئراسائيٽس ۽ سُرٽا هليا ويا هوندا؟؟ شايد هڏا وار ۽

ڪجھ گھم، فنا، فنا، فنا! جيڪا اڄ تر ۽ سڀ ڪجھ ڪرائيندڙ آهي! فنا، جنهن جو نالو ٻڌڻ سان رعد بہ رڙيون ٿو ڪري ۽اسين سڀ پنهنجين دلين کي کنين ڪٽل زخمي پکين جيان جهپ هٽي جهليون ٿا. ڪيڏي نہ ذليل ۽ ڪيڏي نہ عظيم آهي ڊي_ جنريشن، جنهن سان سڀ ڪجھ بدلجيو وڃي!

سڀ ڪجھ... ماٺهو نظارا، موسمون، وقت، تاريخون سڀ ڪجھ! هن کي ياد ٿا اچن ننڍي هوندي جا واقعا، جڏهن سندس پيءُ جا گھرا دوست پري پري کان ڪهي هن وٽ ايندا هئا ۽ هنن جي اوطاق تي اچي ڪڙھ ۾ گھوڙا ٻڌندا هئا. ٻاهر اوپل، ويلز ۽ مرسڊيز بينز هفتن جا هفتا ڊرائيورن سميت انتظار ۾ بيٺيون هونديون هيون! شامن جو اوطاق مان کل جا ٺاڙهيا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. آيل مهمان سڄو ڏينهن سمهي يا وري پتي ۽ شطرنج سان دل وندرائيندا رهندا هئا. نوڪر چاڪر ٻاهر نمن ۽ ڪرڙن جي وٽن هيٺان چانورن، ٻوڙن ۽ پلاهن جون ديگون چاڙهيندا هئا. ٻڪر ذبح ٿيندا رهندا هئا. سڄي ڳوٺ جا ڪڪڙ اچي گڏ ٿيندا هئا، روسٽ ٺهندا هئا. شام ٿيندي ئي اوطاق تي چنڪارون ٿينديون هيون. گولا ٻرندا هئا. گلم ۽ رليون وڇائبيون هيون، شرابن جا دُن کلندا هئا ۽ حيدرآباد مان آيل سَت سَت رنڊيون جيڪي سڄو ڏينهن ستيون آرام ڪنديون هيون، سينگار ڪري ٻاهر نڪرنديون هيون. طبلي ۽ هارمونيم تي محفل مچندي هئي. هن کي اڄ لکي ياد گيري آهي تہ هن جو پيءُ بہ بہ هفتا تہ حويليءَ جي چائنٽ ئي نہ ٽپندو هئو. هن جي ماءُ هن کي وهنجاري، سهنجاري ڪپڙا پارائي، اکين ۾ سرمو ۽ مٿي ۾ تيل وجهي چوندي هئس: ”وڃ اوطاق تان بابهن وٽان تي اچ!“

۽ هو پوءِ بيڙيون ڇڪيندڙ نوڪرياڻيءَ سان گڏجي اوطاق تائين ويندو هئو. جتي هن جي پيءُ جا دوست کيس پنهنجي پرسان ويهاري کيسن ۾ ٻُڪ نوٽن جا وجهندا هئا. هن سان پيار ڪندا هئا. گھرين ساين اکين ۽ گلابي رنگت وارو هن جو پيءُ هن سان کلندو رهندو هو. هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندو رهندو هئو. ڇا تہ حياتي هئي ۽ ان جا رنگ!!

وري هن کي ياد آيو: هڪڙي ڀيري جڏهن مينهوڳي هئي ۽ هن جي پيءُ جي سنگتياڻي شهناز بيگم سنکيو ڪاڏو هئو. هن جي پيءُ طرفان ساڻس شادي نہ ڪرڻ تي ۽ ٻن ڏينهن کان هوءَ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جي تاري هئي. نوڪر هن کي سڄي ڳيھ جا وٽا پيئاري رهياهئا جيڪي هوءَ الٽيون ڪري ڪڍي رهي هئي. ٽئين ڏينهن تائين هوءَ رِڪور نہ ڪري سگھي ۽ گذاري

ويئي تہ جڏهن هنن جي خاندان جوڪو ماڻهو گذاري ويو هئو. شهناز بيگم جو ڪو والي وارث نہ هئو. ان ڪري ڪيس درگاهہ واري قبرستان ۾ دفنايو ويو هئو. ان بعد هن وري اوطاق تي محفل نہ ڏني. سندس پيءُ جو معمول ئي بدلجي ويو وڏيرو ان کان پوءِ روزي نماز جو پابند ٿي ويو هئو ۽ سندس ماءُ سان گڏ حج بہ ڪيو هئائين.

'او منهنجا خدا! مان اهڙيءَ دنيا ۾ ڇو پيدا ڪيو ويس، جيڪا منهنجن خيالن وٽان ناهي! مان ڇو جنريشن، ريجنريشن ۽ ڊي جنريشن جي اڻ کٽ چڪر ۾ ڦاٿس؟ مون کي ڪا بہ خبر ناهي تہ سڀ ماڻهو جانور ۽ پکي ڇو آهن؟ ۽ ڇو نٿا رهن؟ ' هن هڪ پٽر کٽي نار جي لوٽن کي هنيو. نڪاءَ سان وٽن تي وينل چرچر ڪندڙ سڀ پکي ڇپ ٿي ويا تہ جڏهن باغ ۾ ڪو راڪاس گهمي ويو.

●

بوريت

اج بہ عليءَ جو انٽرويو هئو.

ڪافي مهينن جي مٿا ڪٿ ڪان پوءِ عليءَ کي محسوس ٿيو تہ وزيرن کان وڌيڪ طاقت وارا اهي بيورو ڪريٽ آهن جيڪي هر سج جا سلامي هوندا آهن ۽ ڪرٽي کي ڪنڌ ورائي ڏسندا بہ ناهن!

انصاف، جنهن لاءِ ماڻهو رڻ ۾ راهہ وڃايل روجهہ جيان رلن ٿا، نہ ملڪ جي ڪورٽن ۾ هئو ۽ نہ وري ايوانن ۾ ئي جتي چونڊيل نمائندا بہ پنهنجو اگهہ مقرر ڪرڻ ۽ بليڪ ميلنگ جي ڌنڌي ۾ مشغول هئا. ملڪ جي طاقتور ورڻ جي ٽارين مان بيورو ڪريسي، جيوڊيشري ۽ پارليامينٽ جي وڻ_ ويڙهيءَ رت پِٽ چوسي، ماڻهن لاءِ موت ۽ نا اميديءَ جو سامان پيدا ڪيو هئو.

هن تي اهو بہ ظاهر ٿيو تہ **سياست کي بيورو ڪريسيءَ جي حرام پريل گهر جي ايوان ۾ نچندڙ رنڊي بڻائي ڇڏيو ويو هئو.** جنهن جي گنديءَ گراهہ جو دارو مدار پڻ بيورو ڪريسيءَ جي ۽ ايجنسين جي دلال جي هٿ_ وس هئو تہ اهو ڪهڙي گراهڪ کي پسند ڪري ٿو ونئي اچي! هن هڪ ڀيري ڪلديپ کي چيو هو:

'هيءَ **شهر انتظارن ۽ اداسيءَ جو شهر آهي. هن شهر جا سمورا رستا مايوسيءَ جي جهنگن ۽ هيٺ مٿاهين پهاڙين ڏانهن وڃن ٿا.** هيءَ شهر بيوفائيءَ، اڪيلائي ۽ دغابازيءَ جو شهر آهي.'

ڪلديپ اهو ٻڌي ڪافي سيرس ٿي وئي هئي. هڪ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان لاءِ هتي ڪا بہ پسند جي جاءِ نہ هئي! روزگار جو ڪو عزت ڀريو طريقو نہ هئو.

جيڪا حڪومت مون کي انصاف ۽ روزگار نٿي ڏيئي سگهي، تنهن حڪومت کي مان ڇو تسليم ڪريان ۽ ان سان وفاداريءَ جو مان ڇو سوچيان؟ ۽ ڪا بہ حڪومت مقدس ناهي هوندي، مقدس تہ رڳو ملڪ ۽

ڏرتيون هونديون آهن، هن سوچيو ٻڪتيئرن هن ملڪ جون نظرياتي سرحدون بدلائي ڇڏيون آهن. وفاداريءَ ۽ عزت لاءِ اهو سوال پاڪ سر زمين تي وسندڙ انهن قومن جو هئو. جن جي ٻڍن ۽ جوانن هن ملڪ جي قائم ٿيڻ لاءِ قربانيون ڏنيون هيون پر اڄڪلهه حالت ڏاڍي ابتڙ آهي 'ڪتا ڪوٺ پڳياس، ته ملڪ نه مارو ساڳيا.'

هن جهولندڙ سائي ۽ اڇي جهنڊي هيٺان عمارتن ۾ ويٺل، نيڪٽاءِ پاتل بيوروڪريٽن کي به ڏٺو هئو جهنڊو جيڪو ساون سبز ميدانن جو علمبردار هئو. امن ۽ سلامتيءَ جو نشان هئو عزمي عالي شان جيان ڦڙڪي رهيو هئو. پر ان کي سامهون رکي هو رڳو مخصوص مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا.

هيڏيءَ ڪوشش بعد به هن کي نوڪريءَ جي جل پري هٿ نه لڳي ته محسوس ٿيو هاڻ ڏرتيءَ تي ڪٿي به هن لاءِ ڪا جاءِ خالي ناهي رهي!

ان ئي مهل هن سوچيو: 'هن جي خاندان، هن ڌرتيءَ، هن ملڪ لاءِ ڪيتريون نه قربانيون ڏنيون هيون. هن جو چاچو ۽ والد پنهنجي جوانيءَ ۾ ترڪي ٽوپي پائيندا هئا ۽ ملڪ ناهڻ لاءِ ٿيل چونڊن ۾ سڄي ٿَر ۾ محنت ڪئي هئائون. جيپون ڊوڙايون هئائون.' اهو هن جي وڏن هن کي ٻڌايو هئو. هن کي ياد آيو. 'هو تمام ننڍڙو هو جڏهن 65ع واري جنگ جا جهاز ملڪ جي آسمان مٿان لامارا ڏيئي رهيا هئا: تڏهن هن جي پيءُ ۽ چاچي محاذ تي موڪلڻ لاءِ ماڻهو ڀرتي ڪيا هئا. جيڪي بارڊر تي وڃي دشمن فوج سان وڙهيا هئا ۽ پنهنجي وطن جي ننگ ۽ ناموس لاءِ شهيد به ٿيا هئا. 71ع ۾ جڏهن وطن تي وري يلغار ٿي هئي ته به هنن صدارتي فنڊ ۾ لکين روپين جو چندو جمع ڪرايو هو.'

'اي منهنجا وطن! مون کي تنهنجن کيٽن، ٻيٽن، پهاڙن، ريگستانن ۽ ميدانن سان ايترو ئي پيار آهي، جيترو ڪنهن ٻئي کي. اي منهنجا عظيم وطن،' هودل ئي دل ۾ روئي ويٺو. اهو سڀ ڪجهه سوچي سوچي هن کي بيزاريءَ جا دورا پوڻ لڳندا هئا.

○

"Hello Guys!" هن هميشه جيان گهر ۾ گهڙندي رڙ ڪئي.

"لالا انٽرويو جي خبر ٻڌاءِ." امتياز هن کان پڇيو.

"Shit! My life is looking like Shit"

"يار ڪنهنB.E هولڊرڪان دعاءِ قنوت پڇڻ جي ڪهڙي تُڪ آهي. ۽ ڇهون ڪلمو..... ۽ پاڪستان جو خواب ڪنهن لڌو؟" هن پنهنجا هٿ لوڏيا.
سڀ هن ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ هو ڪمري ۾ ڦري گهري رهيو هو.
"يار جيڪڏهن ڪنهن کي دعاءِ قنوت نـ اچي تـ اهو Concrete جو Slump نـ ناهي سگهندو؟ جنهن کي ڇهون ڪلمو ياد ڪونهي تـ اُهو چا Good soaking Quality واري سر نـ سڃاڻي سگهندو؟" هون انٽرويو ٽا ڪن گڏهـ! هن سگريٽ ڪيي دکايو.

يار "Think logically" سراج چيس.

"What is the logic of this Country?"

"Or there were Religion? Secularism? Liberty? Free Market?"

"ڪهڙو لاجڪ هو هن ملڪ جو ۽ هاڻ ڪهڙو لا جڪ _ Impose ٿيل آهي 'Law of Necessity' مارشل لاءِ بلڪ مارشل لاجڪ؟!

منهنجي زندگي مذاق بڻجي ويئي آهي، "There fore,I will commit suicide."

سمورن نوجوانن جي زندگي ائين ئي آهي.
سڀ چپ ڪري هن کي ٻڌي رهيا هئا.

●

ڏوتل وڻ - لِپ اسٽڪ

سڄي رات مينهن پوڻ کان پوءِ اڄ موسم صاف ۽ ماحول خوشبودار هئو. پري کان ساوڪ ڀريل پهاڙيون ۽ انهن مٿان شفاف نيلو آسمان، جنهن تي ڪٿي ڪٿي اڇين ڪڪرين جي خوبصورت پانڪ لڳل هئي. رستن جي وچ تي گرين بيلٽس ۾ بينل ٽڪنا ۽ پيلو اوليئينڊر جي وٽن ۾ پيازيءَ ٽڪا ۽ اڇا گل، معصوم ٻارڙن جيان اکيون ڇنڀي رهيا هئا.ڪجهه گل، گئونچ ۽ پن، راتوڪيءَ برسات جي سٽڪي پنل زمين تي ڪيرائي ڇڏيا هئا. مٽيءَ ۽ گلن جي خوشبوءِ ملي عجيب سڳنڌ پيدا ڪري ڇڏي هئي. يوڪلپٽس ۽ مولتري جا وڻ بہ بهار بهار هئا تہ اهڙي سمي ٻاهران هارن جو آواز آيو.

بيڊ تي ليٽيل عليءَ ڪتاب اڇلايو تپ ڏيئي لٿو ۽ بالڪنيءَ مان هيٺ نهاريائين. مُولتريءَ جي وڻ جي هينان پٽ تي جتي ڪافي گلن جو ڪنڌ پکڙل هئو سرمائي اڪارڊ جي دريءَ مان ڪلديپ مٿي نهاري رهي هئي. هن جي چپن تي تکي گلابي رنگ جي لپ اسٽڪ جو تهہ لڳل هئو ۽ اکين تي ڪاري رنگ جا سن _ گلاسز هئا.

ڪلديپ هٿ لوڏيو تہ عليءَ جي چپن تي مرڪ اچي ويئي عليءَ پنهنجي هٿ کي ڪس ڪري اها پو پٽ جيان هن ڏانهن اڇلائي ۽ هو در کولي ڊوڙندو اٺ ڏاڪڻيون لهي هيٺ پهتو تہ سندس ساهہ پرجي آيو ۽ پگهرجي ويو. هيٺ اچي هن پهرين تہ پنهنجا ساهہ درست ڪيا "ايتري ۾ سهڪي پيو آهين؟ How about your Stamina" ڪلديپ هن تي کلندي ۽ ٺهڪ ڏيندي رهي. نيٺ هو گاڏيءَ ڏانهن ويو ۽ در کولي اڳئين سيٽ تي ويهي رهيو.

"I am not confused about my stamina!" عليءَ سهڪندي چيو.

"آسمان تي رهندئو تہ ائين ٿيندو." ڪلديپ ڳالهايو.

"ڇا ڪريون! مجبوري.... غربت هن شهر ۾ اها سرڪاري جڳهه بہ غنيمت آهي ساءِ ڊيئر." عليءَ ڳالهايو ۽ هن جو جائزو ورتائين: بليو سوٽ، گلابي لپ اسٽڪ، گورن پيرن ۾ ڪارو پامپي ۽ اکين تي سن گلاسز "Its very beautiful my dear!" عليءَ چيو تہ هوءَ مرڪي پئي.

"هلو: دنيا جا سڀ مرد لڳي ٿو هڪجهڙا آهن. شل نہ ڪا اڪيلي ڇوڪري ملين بس پنهنجي اصليت تي اچي ويندا."

"جيڪڏهن مرد جيّ اهائي اصليت آهي تہ پوءِ مان مڙندس ڪونہ! اڄ بهارن جي رنگن جو انتخاب خوب آهي". عليءَ ٻيهر مرڪندي ڳالهايو.

"سچ! ڪيئن آهي اهو رنگ؟" ڪلديپ بيتابيءَ مان پڇيو.

"رڳو رنگن جو ئي ڪمال ناهي هوندو. اچي ويئينءَ نہ پنهنجي اصليت تي." ٻيئي گڏ کليا. "اصل ۾ خوبصورت تہ اها شخصيت هوندي آهي، جنهن تي هر رنگ پنهنجي الڳ معنيٰ سان ظاهر تي پوندو آهي. مون توکي پهرئين پيري بہ ڏٺو هئو. تون گيڙوءَ رتن ڪپڙن ۾ هئينءَ ۽ تنهنجن چپن تي واڱڻائي لپ_ اسٽڪ لڳل هئي. تون ڪنهن نانگڻ جيان لڳي رهي هئينءَ. مون کي ان دم الائجي ڇو اهو خيال آيو تہ هئو تون مون کي ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪٿي نہ ڪٿي، ضرور ملي آهين. الائجي ڪٿي؟...ياد نٿو اچي شايد خوابن ۾، يا وري گذريل جنمن ۾، مون کي ائين ئي محسوس ٿيو هئو. اهو منهنجو ايمان آهي." هو سنجيده ٿي ويو.

"لائين مار رهي هو؟" ڪلديپ هن جي هٿ کي پڪڙيندي چيو.

"Oh! No, really these are my passions!"

ڪلديپ مرڪڻ لڳي تہ محسوس ٿيو اها مرڪ موتئي جي ٽڙيل هار جيان گل گل مڪڙي مڪڙي هن جي اندر جي سمورن تهن ۾ وکري خوشبوءِ ڦهلائڻ لڳي هئي ۽ ڇا هئو ان مرڪ جو رنگ؟

ان مُرڪ جو رنگ سفيد هئو هرڪ جي تاڪئي جهڙو معصوميت، پاڪائيءَ ۽ امن جهڙو. ماٺهو ۽ ان جي دنيا ڪيڏي نہ خوبصورت آهي. ڇا ان ڪان وڌيڪ حسين ۽ محبوب ٻي ڪا دنيا تي سگهي ٿي؟ ڪڏهن بہ نہ! بلڪل نہ. عليءَ سوچيو. "ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي وئين؟ نہ ڪائي سوچ ڪانهي I have Idea.... ها اڄ ٽيڪسيلا هلون؟" عليءَ پڇيو.

"Its Ok!" ڪلديپ جا موتين جهڙا خوبصورت ڏند ٽڙي پيا.

هو ٻئي مٿي آيا، عليءَ ڪپڙا چينج ڪيا. تيستائين ڪلديپ ڪو مئگزين پڙهندي رهي واش روم مان نڪري عليءَ هن کي ڪو لطيفو ٻڌايو.

جنهن تي هو ٿهڪ ڏيندا چاڙهيءَ تان لهندا وچي گاڏيءَ ۾ ويٺا. "ها مون کي ياد آيو... تنهنجا لفظ تہ دنياجا سڀ مرد هڪجهڙا هوندا آهن شل نہ ڪا اڪيلي ڇوڪري ملين. مون کان پهرين گهڻن کي قتل ڪري چڪي آهين؟" ڪلديپ گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ آءِ ايٽ ون جا موڙ مڙندي نيشنل هاءِ وي تي اچي چڙهي. هوءَ ان سوال تي مسلسل مسڪرائي رهي هئي.

پهرين تہ ڪلديپ هن ۾ هڪ خماريل گهور سان ڏٺو ۽ هن گاڏيءَ کي بريڪ هڻي شولڊرتي بيهاريو. "ڇو؟"

"ڪجھ سڙي ٻيو. ڪٿي تون تہ نٿو سڙين؟" هن ڇيو ۽ عليءَ جي خيالن جي ڳتيل وارن کي پريشان ڪندي ٻڌا ٽهڪ ڏيڻ لڳي تہ علي بہ کلڻ لڳو.

ان مهل هن چيو: "جي ائين هوندو تہ ان جو سبب تون ئي هونديئن!"

"پهرين تہ اهڙي ڪائي ڳالھ ڪانهي منهنجي عادت ۾ قتل ڪرڻ ۽ ڪنهن کي ساڙڻ شامل ناهي مون کي ان ڳالھ کان ڇئو تو ٿئي."

"پوءِ گهڻن کي جيئاريو اٿئي؟"

"هاڻ لڳي ٿو تہ واقعي ڪٿي Heart burning ٿي رهي آهي. ڪجھ باربي ڪيو ٿي رهيو آهي. شايد منهنجي پاسي مان ئي گوشت پچڻ جي خوشبوءِ آهي." تہ هو ٻيئي کلڻ لڳا.

عليءَ هاڻ وري هن جو جائزو ورتو. سهڻي ڪاڏي ويڪرو چاڪليٽي چهرو وضعدار سنها چپ، جن تي لپ_ اسٽڪ جو مڪُ، ننڍو وات ان مٿان ڊگهو مناسب نڪ، خوبصورت وڏيون سفيد چمڪندڙ اکيون، ڊگها ڪارا وار چهري هيٺان ڊگهي ڳچي ۽ پوءِ ڇاتي ۽ پوءِ جسم، آخر ۾ خوبصورت پير، جن ۾ ڪاري چمڙي جي پاميي جيڪا ڪلچ ۽ بريڪ تي پئجي رهي هئي ۽ سڄو سراپا... سونهن جو ڪارج ڇو ناهي؟ سونهن جو تہ ڪو اتاهون روحاني ڪارج آهي جنهن جي ڪائي قيمت ناهي ۽ Long Run ۾ اهو مادي ڪارج بہ ٻڌجي ٿو. هن محسوس ڪيو ڊرين مان وڻ پوئتي ڊوڙي رهيا هئا.

"ٺهہ... ٺهہ" ڪلديپ ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين.

"علي! آءُ جڏهن تو سان هوندي آهيان تہ لڳندو اٿم، منهنجي تن من مان زندگيءَ جي ڪا شڪتيوان لهر گذرندي ٿي رهي، جيڪا منهنجي سريرکي سڌير ڪريو ڇڏي، منهنجي اندر ۾ جڻ سمنڊ جون ڇوليون ڊوڙڻ

ٿيون لڳن...تون ڪڏهن گوا ويو آهين؟" هن عليءَ کان پڇيو پر عليءَ کو جواب ڏيڻ بجاءِ چيو:

"تنهنجا خوبصورت هٿ ۽ پير ڏسي دل ٿي چوي زهرا ديويءَ جي قدمن جيان تنهنجا پير چمان !" عليءَ جي اکين ۾ عقيدت جي چمڪ هئي. "ڦرلائين مار رهي هو؟" ڪلديپ چيو ته ٻنهي جا ٽهڪ ٻري ويا! ڪلديپ گاڏي ڪينٽ روڊ ڏانهن موڙي ڇڏي ۽ وري ٻيهر شرارتي نظرن سان هن ڏانهن نهارڻ لڳي. گاڏي ٻاڪا گراس واري وسيع ميدان جي وچ ۾ ٿهيل ننڍڙي سوڙهي رستي تان ٿيندي پٿر ۽ مٽيءَ جي شوپيسز جي دوڪانن اڳيان گذرندي، ڪجهه پراڻن کنڊرن کي ڇڏيندي ميوزيم جي مين گيٽ اڳيان اچي بيٺي. جتي ڪافي ماڻهو اچي وڃي رهيا هئا. پري پري تائين ساوڪ ۽ سڳنڌ ڦهليل هئي، جنهن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ به شامل هئي. ميوزيم اندر گيلريز ۾ گوتم، سندس چيلن ۽ ڀڪشوئن جا ڪاري ۽ اڇي پٿر مان گهڙيل بُت، مٽء جا پراڻا مَٽ، پراڻا سِڪا، عورتن جي هار سينگار لاءِ گهه ڳنا ۽ داسين جا بت رکيل هئا.

"هيڏانهن ڏس! گوتم جي هن مورتيءَ جي چهري تي دنيا جي دکن جا پاڇا آهن ۽ هو مايوس آهي!" عليءَ ڳالهايو.

"Are Goutama was surreaist?" ڪلديپ پڇيو.

"۽ هن ۾ وري لڳي ٿو سندس من تازي ڪنول جيان ڦٽي ڦارون ٿيو آهي. نرواڻ ملڻ تي"

"I think Goutama was some what like that !" عليءَ چيو.

"هون هون! مون اهو وڻ ڏٺو آهي، جتي گوتم کي نرواڻ مليو هئو. ان وڻ جا پن سڳنڌ واسيل آهن." ڪلديپ چيونگم چٻاڙيندي ڳالهايو.

"هي ڀڪشوءِ داسيون اٿئي."

'مان تنهنجي داسي آهيان علي!'

"اب تم لائين مار رهي هو؟ ۽ هنن ٻنهي وري ٽهڪ ڏنا.

"ٻڌمت وٽ رياست ۽ جنگ جو ڪو به تصور ڪونه هئو. ان ڪري هندو ازم ٻيهر مٿس حاوي ٿي ويو. گوتم ماس نه کائڻ کان وٺي بيڪٽيريا ۽ فنگس کي به نه مارڻ لاءِ چيو. ان ڪري هن جا لاما، پنهنجي نڪ تي ڪپڙو ٻڌندا هئا، جيئن هوا ۾ موجود بيڪٽيريا ۽ جيوڙا ساهه سان گڏ نڪ ۾ اندر وڃي مري نه وڃن؟"

"Off Course!" ڪلديپ چيو.

شوڪيس پرسان هلندي هلندي هو ڳالهائيندو رهيو: "جن بہ قومن ماس کائڻ روا رکيو. سي پنهنجي فطري وحشت کي پلي نہ سگهيون ۽ ماڻهوءَ جو رت وهائيندڙيون رهيون ۽ جن ماس کان نفرت ڪئي سي امن پسند ٿي ويا."

"ليڪن مان توسان سهمت ناهيان. وحشت انسان جي اندر ۾ شروع کان وٺي پريل هوندي آهي. ان ۾ نہ Food جو ڏوهہ آهي ۽ نہ Religion جو!"

"هونءَ مذهب اصل ۾ عورتن جو ڏنڌو آهي نہ ڪي مردن جو." عليءَ چيو.

هو ٻئي طرف ٻاهر نڪتا تہ پري پري تائين سرو جا نازنينائن جهڙا وڻ قطارن ۾ بيٺل جڻ پنهنجين ڇهنبن تي ڪڪرين کي ڪٽيو بيٺا هئا.

انهن پويان ساوڪ ۽ گلن جا مچا ٽڙيل هئا. عليءَ پنهنجا وار ٺاهيا ۽ شرٽ جا ڪف ٻانهن تي چاڙهيا. هن جي هڪ ٻانهن ۾ پتل جو هڪ چوڙو پيل هئو ۽ ٻيءَ ۾ واچ.

هو ٻاهر آيا ۽ گاڏيءَ کي لنڍيءَ جيان ور وڪڙ کائيندڙ هڪ رستي تي لاهي چڙهيائون. جتان کان ڪجهہ دور ڪي پورهيت پهاڙيءَ مان نڪتل ڪاري پٿر مان اکريون مهريون ٺاهي رهيا هئا.

'سرڪپ' جي قتل شهر ۾ پهچي هو صدين جي ڳريل کنڊرن ۾ گم ٿي ويا.

"هيءَ گول مندر آهي سر! "اتي بيٺل هڪ گائيڊ هنن کي ٻڌايو. "هي ماڻهن جي رهڻ جون جايون هيون."

"۽ هيڏانهن وري هي وڻج واپار لاءِ هٽ هئا...هيءَ شهر چار پيرا قتو ۽ نهيو. چون ٿا هن شهر ۾ ستن سرين وارا ست راڪشس رهندا هئا، جن مان هڪ جو نالو 'سرڪپ' هئو....راڪاس جيئرن ماڻهن کي جهلي کائي ڇڏيندا هئا. نيٺ راجا رسالو انهن کي ماريو ۽ ماڻهن جي جان ڇٽي." ڪلديپ پنهنجي ڊائريءَ تي ڪجهہ Notes ورتا. ان ئي دم عليءَ پنهنجي پئنٽ جي پاڪيٽ ۾ هٿ وجهي ويلٽ مان ڪجهہ روپيا ڪڍيا ۽ گائيڊ جي هٿ تي رکندي چيو. "منهنجا دوست! تنهنجي مهرباني جو ست راڪاس مارائي. اسان هاڻ پنهنجي منهن گهمنداسين ۽ پنهنجن راڪاسن کي پاڻ ماريندا سون."

"چو...؟" ڪلديپ پڇيو.
"بس، هي ماڻهو مون کي اسان جي وچ ۾ Disturb ڪندڙ تو لڳي." علي چيو تہ هوءَ کلي پئي.
"ها هن منٺ ۾ ست راڪاس مارايا ۽ هاڻ وري جنگيون لڳرائي هيءُ شهر چار دفعا تباهہ ڪرائي ها." ڪلديپ چيو تہ ٻئي ٽهڪ ڏيڻ لڳا.
"هونئن هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪڙو Monster ويٺل هوندو آهي!" ڪلديپ ڳالهايو.
"هن شهر جون گهٽيون ۽ رستا آڏا ابتا آهن. لڳي ٿو هتي جا انجنيئر موهن جي دڙي جي انجنيئرن جهڙا هوشيار ۽ ڪاريگر نہ هئا. شهر ۾ جتي ڪٿي حد_ دخلي ٿيل آهي."
"تون هن شهر کي هڪ انجنيئر جي نظر سان ڏسي رهيو آهين؟ جڏهن تہ مان هڪ سياح جان آهيان!"
ان بعد هو 'سر سک' جي قتل شهر ۾ ويا ۽ بعد ۾ 'جوليان' جي آثارن ڏانهن پڻ، جتي راجا 'اشوڪا' ڪنهن دؤر ۾ هڪڙي يونيورسٽي نهرائي هئي، جتي گوتم جي شبدن جي پچار ٿيندي هئي ۽ فڪر ۽ فلسفي تي، جتان ڪتان ڪهي آيل گيڙوءَ رتا لانگوٽا ٻڌل، مٿا ڪوڙيل ڪاٺ جون چاکڙيون پاتل، 'لاما' ۽ 'ڀڪشو'....جڏهن لائين ٺاهي هن پهاڙيءَ تي چڙهندا هوندا تہ ڪيئن لڳندا هوندا! ۽ ائين صدين جا سفر، اڻ کٽ....صدين جا لاحاصل پنڌ..... هو پنهنجي اندر ۾ اهو سڀ ڪجهہ سوچيندو سوچيندو اڳيان نڪري ويو. هن ڏٺو پويان ڪلديپ چنارن جي پنن کي هٿن سان ڇهي رهي هئي.
'اي خدا! هيءَ دنيا منهنجي سمجهہ کان مٿي آهي ۽ تون بہ منهنجي سمجهہ کان مٿي آهين!، ڪاش، دنيا ۾... انسان کي ٻئي انسان جو پئو لهي وڃي. شايد انسان، انسان کي سمجهي سگهي... رت جي بوءِ ڌرتيءَ جي پيٽ مان اوبارا پئي ڏئي.' شهر تباهہ ٿي رهيا آهن. ميزائيل هڪڙي ڪنڌ مان ٻئي ڪنڌ تائين پيا اڇلجن ۽ سڄيءَ دنيا ۾ بي وطن، بي ڪفن ماڻهن جون دليون زخمي پکين جيان چيرجي اڏامنديون ٿيون وتن. شايد گوتم ماڻهن جي مدد ڪري؟' هن سوچيندي پوئتي نهاريو تہ ڪلديپ هن کي پري کان ڏسي رهي هئي. هو وڏي ويو ڪلديپ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتائين هو ٻيئي پراچين سمي جي ڪن ڪردارن جيان ڪنڊر ٿيل گهٽين جي فرش تي هلي رهيا هئا.

هن واچ ڏني، ساڊا ٻارهن ٿيا هئا پر سج اڃان بہ نہ اپريو هئو ۽ ويتر اوندهہ ڇانئجڻ لڳي هئي . اوڏيءَ مهل عليءَ ڪلديپ جي ڪلهي تي هٿ رکيو تہ هوءَ ٻيهي رهي "...... جي .....".

"ڪلي!...." هن جا راهہ وڃائيندڙ هٿ سندس ڳچيءَ ۽ ڪنن جي پاپڙين تائين ويا هليا تہ ڪلديپ سندس ڇاتيءَ ۾ پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. هن جڻ پنهنجيون اکيون تي لڪايون. عليءَ هن کي ڀاڪر ۾ مضبوط جهليو ۽ هن جي ڇاتين سان پنهنجي ڇاتي ملائي زور ڏنو... "اوهہ..."ڪلديپ رڙڪئي تہ هن سندس چهرو هٿن ۾ وٺي چپن سان چپ ملائي ڇڏيا.

"اون... اون.... اون ڏندن ۾ سور تو ٿئي ٿورو آهستي...." عليءَ جا هٿ چار مان نڪتل تارن ڏنيرن جيان ٿتڪڻ لڳا هئا ۽ ڪلديپ جي بدن جي ٻيڙي درياءَ تي تلڪڻ لڳي هئي تہ ٻيهر ڪلديپ جو هٿ هن ڏانهن وڌي ويو:

"سور ٿو ٿئي علي! اتي ڇا ٿو ڳولين؟"

"اتي پنهنجيون اکيون ٿو ڳوليان!" عليءَ جي اکين ۾ ڳاڙها ڏورا مڙي آيا هئا. ڪلديپ هن کي چمڻ شروع ڪيو.

" مان 'ڪپل _ وستوءَ' جي راجا 'سڌو ڌن' جو راجمڪار آهيان. ڳلي .... ۽ تون، راجڪماري 'پاروتي!'... تنهنجيون اکيون اربيلا جهڙيون ۽ هٿ راڻي 'جوڌا ٻائي' جهڙا آهن." عليءَ بيتاب ٿيندي هٿ وڌايو تہ ڪلديپ هن کي روڪيو.

"Stop it!." ڏسو تہ سهي گوتم ۽ سندس ڪم تہ راوڻ وارا آهن گوتم کي مادي دنيا کان مٿي تي سوچڻ کپي ..!" هن عليءَ جو هٿ ڇڏايو ۽ سوچيو 'ڦمڙي کنڊر شهر جي اڪيلائيءَ ۾ هو الف تي سڀ ڪجهہ ڪري شهر جي ڏيهل تاريخ کي ورجائين. هن محسوس ڪيو ان مهل پراچين کنڊرن ۾ پسمر ٿيل گوپين جا سوين روح رڙي رهيا هئا. هن پنهنجي خيالن جي ڊوڙندڙ گهوڙي جون رينون ڇڪيون: ٻيئي ريس ڪورس جي گهوڙن جيان سهڪي رهيا هئا.

"Now we should leave." ڪلديپ آهستگيءَ سان چيو ۽ هڪدم هن کان پري ٿي ويئي. ٻيئي هلندا گاڏيءَ ڏانهن آيا. "هاڻ.... هلڻ کپي." ڪلديپ ٻيهر چيو.

"ها، هاڻ واپس هلڻ گهرجي." عليءَ کلندي چيو. اڃان هن جي اکين مان ڳاڙها ڏورا نہ هٽيا هئا. چاٻي وٺي پاڻ اچي اسٽيئرنگ تي ويٺو گاڏي

اسٽارٽ ڪيائين تہ هن کي محسوس ٿيو هن جي چاڙيءَ ۾ ڪجھ ڪتو ڪتو پرجي ويو هئو. هن ڳيت ڏني. هن ڪلديپ ۾ نهاريو جنهن پرس مان آرسي ۽ ٽشو پيپر ڪڍي پنهنجا لپ _ اسٽڪ لٿل چپ چڱيءَ طرح صاف ڪري وري لپ اسٽڪ هنئي. عليءَ کي ڏسي ڪلڻ لڳي ۽ پوءِ ان کي بہ ٽشو ڏيندي چيائين:پنهنجا چپ صاف ڪري ڇڏيو!" جڏهن ڪلديپ هن ڏانهن نهاريو ۽ ڪليو تہ هو بہ مرڪيو.

گاڏي هلندي وقت ڪجھ وقت هو ٻئي هڪ ٻئي کان نظرون چورائيندا رهيا. ان مهل عليءَ کي پنهنجي مڱيندي ياد آئي. شهلا، جنهن سان هن کي شادي ڪرڻي هئي. هن کي محسوس ٿيو تہ هو شايد شهلا سان بي وفائي ڪري رهيو هو. جڏهن هو شادي ڪندو تہ ان کي چوندو، 'ماءِ ڊيئر هي هٽ، هي چپ هيءَ ڪلها، هيءَ وارن پريل ڇاتي. سڀ ڪجھ تو لاءِ آهي، تو لاءِ هئا'ان دم هن کي ڪجھ اطمينان جو احساس بہ ٿيو پر وري سوچيائين: 'ماڻهو وڏو مڪريل ۽ ڪمينو آهي. شايد سڀيئي ماڻهو اهڙا هوندا هيو.... رڳو منهن تي شرافت جو رومال چاڙهيو هلن! ماڻهوءَ جي اصل خبر ڊائننگ ٽيبل تي ۽ بيڊ روم ۾ پوندي آهي. سڀ ماڻهو سيڪنڊ هينڊ ڪارجيان ٽين ٽا!'

گاڏي هلائيندي هن سوچيو تہ: 'سندس اهڙي ايگريسو مزاج ۾ سندس وراثتي جاگيرداري اثر ۽ ٻوناٽو ماحول تہ حاوي نہ هئو؟ شايد هو پنهنجي ٻوناٽي نيچر مان جان نہ ڇڏائي سگهيو هو يا الاجي!' هو ان وقت ڪوبہ فيصلو نہ ڪري سگهيو. نيشنل هاءِ وي تي چڙهندي هن کي پنهنجو ٻوٺ ياد اچڻ لڳو:

'انبن ۽ ليمن جو باغ، جنهن ۾ ڊسمبر جي ٿڌ ۾ گوبيون، گوگڙو موريون ٽماٽا، ٿوم ۽ بصر جي گڏ ڪنڌڙ هاري جهونن ديسي انبن جي وڻن جون قطارون، جن جي پورن ۾ ٻچا ڪنڌڙ طوطا. انهن جي ٿي پرسان ڪجھ فاصلي تي موهن جي دڙي جي اڏاوت جهڙين سرن ۽ گچ سان ٺهيل سندس پڙ ڏاڏي جي درگاهہ. جنهن سر چارلس نيپيئر کان ڏهہ هزار ايڪڙ زمين جي سند نہ ورتي. درگاهہ جي ٿلهين پٿين جي ڪُڏڙن منجھہ ڳترڳون، ڳترڳون ڪنڌڙ سليٽي پاريهل چوڏاري دڪي مٿان اچي گچ جون ٺهيل خاندان جي اهم ماڻهن جون قبرون ۽ انهن هينان خاندان جي غير اهم فردن جون قبرون. هڪ طرف خاص خليفن جون قبرون ۽ پوءِ هزارين قبرن جو آستان. جن وچ

۾ ڪرڙ ۽ ڪٻڙ جا جھونا وڻ، جيڪي مٽيءَ جو ميدان ۽ بعد ۾ شاهي اوڏڪي پٽ، جنهن اندر پڪي حويلي. حويليءَ کان اوپر طرف هڪڙو پيچرو گاهه ٻوٽن ۽ جهنگلي گلن سان ڍڪيل، جنهن جي ختم ٿيڻ بعد ريلوي لائين گذرندي هئي جتان اڪثر پنهنجن وقتن تي گوڙ ڪري ٽرينون ايندي ويندي ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون ۽ ان کان ڪلوميٽر کن جي فاصلي تي وهندڙ درياءَ مٿان برطانيا جي دؤر جون ٺاهيل ناسي رنگ ڏنل لوهي ٻه آرچ پليون هيون. جن مان هڪ تان ٽرين ۽ ٻيءَ تان لاريون ٽانگا ۽ ٻي ٽرئفڪ لنگهندي هئي. درياءَ اندر مڇيون ۽ پلا ماريندڙ هُڙا، ٻيڙا، ڪناريون ، ٻيلي مان ڪپيل وڻن سان ڀريل ٻيڙيون، جيڪي ڪپر تي ڪاٺيون لاهينديون هيون. ڪيڏو نه خوبصورت ڳوٺ هو هن جو.هن سوچيو ۽ پوءِ مارگلا جي پهاڙي سلسلي ڏانهن ڏٺو جتي پهاڙ ٽُڪي ڪرش ڪرڻ لاءِ ڪرشر ڪم ڪري رهيا هئا. هو ڊرائيونگ ڪري رهيو هئو ڪلديپ به چپ ڪري ڪجهه سوچي رهي هئي . 'هنن جي شاهي حويليءَ جي اڱڻ ۾ بيٺل پوڙهين نمن جي وڻن هيٺان شام جو نوڪرياڻيون ڏڏن تي هڪٻئي جي مٿن مان جُيون ڪڍي ماريندڙيون هيون. چانور سوئينديون هيون يا وري رليون سبنديون هيون . ان جي اڳيان ورانڊا هئا، وڏن پيل پاون ۽ آرچ دروازن جي پويان، مٿان چڪون ويڙهيل، جيڪي سخت گرمين ۽ سردين ۾ ڪلنديون ۽ بند ٿينديون رهنديون هيون. انهن بعد وڏا، ويڪرا، ڪشادا ۽ وڏين ڇتين وارا ڪمرا، جن بعد وري اندريان ڪمرا ۽ وري اندريان ڪمرا. ٻاهر رڌڻا، چارچار ٻُهرا، جن ۾ ٽامي جون ديڳيون، ڪنجهي ۽ پتل جا مخبا، ٿالهيون، طباق، ٿالهه ، وٽا، ڪرنقل ۽ ڪاڏي لاءِ آن جون ٻوريون ۽ ٻاهر اوطاق، وٿاڻ ۽ ڪڙهه .'

ترنول وارو موڙ مڙندي هن ڪلديپ ڏانهن نهاريو. جيڪا اڃا به چپ ويٺي ڪجهه سوچي رهي هئي ته عليءَ ٺهڪ ڏنو.. هن به مسڪرايو.

"مان تنهنجي اندر ۾ سمائجڻ ٿو چاهيان." هن مرڪندي پنهنجو خيال ظاهر ڪيو ۽ ڪلديپ کي ڪلهي تي ٺونگو هنيو.

"مطلب " ..؟" ڪلديپ پڇيو.

"مطلب ته مان تو سان ملي هڪ ٿي وڃڻ ٿو چاهيان. مان جسمن جو ترانو ٿو ٻڌڻ چاهيان."

"Its Freidan way of thinking….. are you believe in physical meeting?"

"off Coarse _ مان فرائڊ کي حقيقت پسند ٿو سمجهان ماڻهوءَ جو جسم ئي دنيا جي حقيقت آهي . ماڻهوءَ جي جسم ۾ جذهن رت ٿمڪڻ شروع ڪندو آهي ۽ ان مان ڄرون نڪرڻ شروع ٿينديون آهن تہ هن اڳيان سمورا عظيم ۽ پيارا رشتا بہ دونهاتجي ويندا آهن." هن پنهنجو خيال ظاهر ڪيو.

"خبر اٿئي......"

"ڇاجي؟"

"جڏهن ڪان تون مليو آهين، مون ٽرانڪيولائيزرس کائڻ ڇڏي ڏنا آهن.... مون پنهنجي Treatment ڪندڙ ڊاڪٽر جا سڀ مشورا ڇڏي ڏنا آهن ۽... مون پنهنجي پرس مان ڊاڪٽر جي پرسڪرپشن اڇلائي تنهنجين kisses جي Priscription لکي رکي آهي. That's enough my dear!" ڪلديپ چيو.

"Oh my goodness!" عليءَ چيو تہ ڪلديپ جي اکين جي ڪنارن تي جذبات ڪان هلڪو پاڻي تري آيو. ان مهل عليءَ سوچيو: 'هو ڪيترو نہ منافق ۽ بيهودو هئو جو هن اڄ تائين ڪلديپ جي ڪابہ مهرباني نہ مڃي هئي. هن جو خوبصورت ساٿ، بگ بائيٽ P.C ۽ تاج محل جا ڳرا بل، پلي بواءِ ۽ ڪرسچن ڊائر جون ڪِٽس، گلاسز، بوٽ، پرفيومس، وي _ تي جا سُوٽ، ڪيڪ ۽ سڀ ڪان وڌ تہ هن جو بي انتها پيار. پر سندس لاءِ هن اڄ تائين هڪ لفظ بہ نہ ڪچيو هئو. ڪئمپس واري زندگيءَ ۾ هن ڊيل ڪارنيگيءَ کي از بر ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي ۽ هن کي خبر هئي تہ، ساراهہ دنيا ۾ نيپام بم ڪان بہ وڌيڪ مضبوط ۽ خطرناڪ هٿيار آهي، پر تہ بہ هن شايد ڪلديپ کي اهو احساس نٿي ڏيارڻ چاهيو تہ هوءَ سندس لاءِ ڪيتري اهميت رکي ٿي. پر اهڙي ساراهہ نہ ڪرڻ جو شايد ڪو لاشعوري سبب هيو! هن سوچيو: ها، هئو هڪڙو لاشعوري ڪارڻ تہ 'سدائين هن جي جسم جي گولاين ۽ گهراين ڏانهن سندس وڌندڙ هٿن کي روڪيو ويندو هو.' ائين، جيئن مشرقي جرمني وارن مغربي جرمني وارن کي پٽ ڏيئي روڪيو هئو. پر هن ڪٿي پڙهيو هئو: Love is Thicker then concrete! پيار عظيم ۽ طاقتور آهي. ان کي ڪا بہ آڏ روڪي نٿي سگهي! ۽ هو پوءِ بہ ان خوبصورت جرنلسٽ ڇوڪريءَ اڳيان اهو اظهار نہ ڪري سگهيو! يا وري هن جي اندر ۾ ڪو Metro Sexual فرد وينل هئو.

" Kaldeep! have you not created Iron curtain betwean you and me?"

ڪلديپ پنهنجي وارن ۾ برش ڏيڻ لڳي.

"You knok, it is need of the day." ڪلديپ لاپرواهيءَ سان چيو ۽ برش پرس ۾ وجهي هن پنهي هٿن سان وَارَ ناهيا ۽ انهن ۾ ڪلپ هڻڻ لڳي.

گهر تي پهچي هو گاڏيءَ مان لٿا تہ السيشن ڊوڙي اچي هنن جي پيرن ۾ پيو. ڪارو خوفناڪ السيشن، جنهن جي اکين مٿان بہ اڇا اکين جهڙا نشان هئا. اکين مٿان جڻ بہ ٻيون پوائنٽيون اکيون.

هو ٻيئي چاڙهيون چڙهندا فرسٽ فلور تي ائين هليا ويا، جڻ سندن نڪاح پئجي چڪو هو.

●

خدا پاڻيءَ جي رنگ جيان آهي!

اڄ صبح سان هن ريني کي فون ڪيو تہ هُن ڪيس سندس پروموشن لاءِ ٻڌايو. هن کي هاڻ اسٽينوٽائيپسٽ جو قلم مليو هو.

"مبارڪ اٿئي، تنهنجي باس کي ڪا سمجهہ تہ آئي." عليءَ چيس.

"سوان خوشيءَ ۾ مون اڄ سڄي آفيس کي invite ڪيو آهي ان سان گڏ تو کي بہ. اڄ شام جو Diner Party آهي." رينيءَ ٻڌايس.

"Congratulations again, I will come at evening Thank you Mr. Rainy". عليءَ چيو.

شام جو هو رينيءَ وٽ ويو تہ اهو ڪيس ڏاڍو خوش نظر آيو. صوفيا ساڳيءَ طرح ڪچن ۾ نظر آئي ۽ ان سان گڏ ڪجهہ ٻيون عورتون بہ هن کي مدد ڪري رهيون هيون. پورن سڌن وارن ڪار_ سرين پورين اکين. ڳوري چمڙي هٿن تي نيريون نسون ظاهر. اپران ٻڌل صوفيا جيڪا اڄ انتهائي خوش هئي ڪچن مان نڪتي ۽ هن کي سلام ڪري، مسڪرائيندي وري هلي وئي. ريني اڄ ٿوپيس پاتل هئو ڪجهہ موسم ۽ ٿڌ جي ڪري ۽ ڪجهہ وڏيڪ اپ ٿو ڏيٺ ظاهر ٿيڻ لاءِ. گهر ۾ گهڻن مهمانن جي ڪري گوڙ هئو.

"مسٽر رونالڊ، تو کي تنهنجي Promotion لاءِ وري بہ مبارڪون." عليءَ رينيءَ سان ڳالهايو ۽ مسز صوفيا رونالڊ کي بہ مبارڪون. " هن رڙ ڪئي تہ صوفيا ڪچن مان ٺي ڪلڻ لڳي. هن رينيءَ لاءِ آندل هڪڙو گفٽ پيڪ ۽ بنچ آف فلاورس ڏنو.

"ها! ڪيئن آهي هوءَ تنهنجي لورا؟" رينيءَ هن کان پڇيو.

"اڄڪلهہ منهنجو ڏينهن جو آڌ ٽائيم ڪلڊيپ لاءِ مخصوص آهي. هوءَ بلڪل نيڪ آهي. هوءَ مڪمل طرح پنهنجي حسن سان آراستا ۽ پيراستا. ڪوهہ قاف جي ماٿريءَ ۾ گهمندڙ ۽ ڊوڙندڙ ميڪسي پاتل انهن

اُپسرائن جهڙي آهي، جيڪي موسيقيءَ جي لهرن ۾ خوبصورت مڌر آواز تي هيڏانهن هوڏانهن ڇم، ڇم... ڇم، ڇم..... قدم قدم هلنديون رهنديون آهن.“ ’ها ها ها!‘ هن سگريٽ دکايو.

”واهه... ڇا ته تشبيهه آهي... تون ڪامياب عاشق آهين منهنجا دوست! تون ڪڏهن به عشق ۾ ناڪام نٿو ٿي سگهين.“ ريني ٿهڪ ڏيڻ لڳو. ” اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن مان به ڪندو هئس پر هاڻ نٿو پڄي!“ هن صوفيا ڏانهن نهاريندي ٿهڪ ڏنو جيڪا ان وقت اتان لنگهي رهي هئي.

”هوءَ ڏيمي، نرم گرم ۽ ڪڙڪ بلڪل يونائيٽيڊ بيڪريءَ جي ترن ڇنيل سفيد برائون نان جهڙي آهي، هن جي اکين ۾ منهنجي چاهت جا ديپ ٻرن ٿا.“ عليءَ کليو ته ريني به کليو پوءِ هن سگريٽ دکايو ۽ مسلسل ڳالهائڻ لڳو رينيءَ هن جو سمورن مهمانن سان تعارف ڪرائيندو رهيو. لان ۾ مهمان آهستي آهستي وڌي رهيا هئا.

”هن دغاباز شهر ۾ هوءَ منهنجي ٿڪل ۽ اڪيلائي پريل شامن جو سهارو آهي .... ۽ هن شهر جي پگهل ۽ تيپا تيپا ٿي ڇٽندڙ راتين ۾ بي انت آٿت آهي. نه ته، هن شهر جي اڪيلين ۽ انڌارين شامن ۾ مان غرق ٿي وڃان ها مسٽر رونالڊ!!“ عليءَ ڪش هنيو. ڪرسين ڏانهن نهاريو جتي هڪڙو ڳاڙهين مڇن وارو ۽ ٻيو گنجو يوناني وينل هئا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

”لان ۾ رکيل هر ٽيبل مٿان ڪراسي ۽ گلاس سجيل هئا ۽ هاڻ صوفيا جي ڪائي دوست انهن تي برف جا ٿرماس رکي رهي هئي. رينيءَ سيني کي سڏيو ته سڀ اٿيا ۽ پنهنجا پنهنجا گلاس ڀريائون.

”Let us Start my friends“ رينيءَ ڳالهايو.

” پر ياد رکجانءِ محبت جي ابتدا ۾ تصور ئي رڳو خوبصورت هوندو آهي. حقيقي دنيا جا مسئلا ٻيا آهن. ماڻهوءَ کي دنيا ۾ ڪجهه ٻيو کپندو آهي. ماڻهو جڏهن بچلر هوندو آهي، بيروزگار هوندو آهي ته هن جا مسئلا ٻيا هوندا آهن ۽ جڏهن هو شادي ۽ نوڪريءَ جي رسي ۾ نوڙ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيرن ۾ وجهندو آهي ته پير زمين تي پوندا آهن.“

عورت دنيا جي عظيم ۽ خوبصورت شيءِ آهي ” عليءَ ڳالهايو.

”عورت، واقعي دنيا جي عظيم ۽ خوبصورت شيءِ آهي.“..... اها واقعي قدر لائق آهي پر محبوبا جي روپ ۾، زال جي روپ ۾ نه ! محبوبا ۽ زال

هڪڙيءَ آرسيءَ ۾ بيٺل اولڙو ۽ ٻي حقيقت هونديون آهن." صوفيا اهو پڙدي کلڻ لڳي.

"My Dear! Marriage is very Lovely institution, so you have to marry with your girl friend."

سڀ عليءَ ڏانهن نهاري رهيا هئا.

ريني اڄ ڏاڍيون ذميداريءَ واريون ڳالهيون ڪري رهيو هو.

"عورت دنيا جي خوبصورت تخليق آهي ۽ عشق دنيا جو وڏي ۾ وڏو مذهب. عشق اهڙو گل آهي، جيڪو هر روح جي سائي تاريءَ مان تڙي ٿو.عشق فطري مذهب آهي!" عليءَ دليل ڏنا ۽ گلاس ڪٽي ڊڪ پريو. آيل سڀ مهمان ٽولا ٽولا ٿاهي ڳالهائي رهيا هئا. ريني ٿوري ٿوري دير ۾ سمورن وٽان چڪر هڻندو ٿي آيو."

"هائو پر تون جن اسان جن ابن ڏاڏن جا ڳڻ ڳائيندو آهين سي سڀ عورت ۽ عشق جا مخالف هئا. انهن عورت جي مقابلي ۾ مرد کي بهتر ڄاتو، ڇوڪري جي محبت کي مڪمل بلڪ هم _ جنس پرستيءَ کي عشق جو معراج ڄاتو ۽ عورت جي محبت کي بدڪاري!" صوفيا اٿي هلي ويئي.

ان مهل صوفيا جي ڪا دوست ٽيبل تي ڪيڪ، چريون ۽ چاڪليٽن جا دٻا رکي هلي وئي.

"منهنجا يار! منهنجي نظر ۾ تہ اها ئي زندگي آهي. ڪنهن سان پيار پيٽ پوڄا ۽ بس... ڪجهہ بہ ڪونهي هتي ۽ هتي ... ڪجهہ بہ ڪونهي ! توکي تہ خبر آهي تہ مان اٿيسٽ آهيان. صوفي بہ چوندي آهيم، پر اڄ آءٌ بلڪل خوش آهيان، اڄ مان ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ چوندس..... اڄ رڳو کائبو ۽ پيئبو ۽ نچبو." رينيءَ ٿهڪ ڏنو تہ ڇهري تي رت مڙي آيس.

عليءَ هڪ وڏو ڊڪ پري ڪراسيءَ جي ڪٺوڙاڻ سان پنهنجي اندر ۾ پريل زهر کي مارڻ چاهيو ۽ ڳالهايو. "مان بہ سمجهان ٿو تہ شايد سڀ ڪجهہ هتي ئي آهي. ان کان پوءِ ڪجهہبہ نہ آهي. هو چوندا ناهن تہ 'سِر کان پوءِ سج ايري يا نہ ايري ڪهڙو فرق ٿو پوي؟' پر خدا کي ماڻهو پاسيرو نٿو ڪري سگهي. **خدا پاڻيءَ جيان آهي، ڪائنات ۾ اهو تبديليءَ جو مسلسل مسلسل روان دوان، لازوال عمل آهي. جنهن کي ڪنهن بہ مادي تجربي سان پرکي نٿو سگهجي.**" عليءَ ڳالهايو.

"پر اهو ممڪن آهي تہ ڪا شيءِ سچيءَ ڪائنات تي حاوي بہ هجي. وجود بہ رکي پر ڪيس ڏسي يا ڇُهي نہ سگهجي؟ اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي." رينيءَ ڳالهايو.

" دنيا ۾ اهڙيون ڪئين شيون موجود آهن، جن کي ڏسي نٿو سگهجي، ڪن کي تہ ڇُهي بہ نٿو سگهجي پر اهي موجود آهن. اسين انهن سمورين شين کي ان ڪري نٿا سمجهي سگهون جو اسان جا حواس محدود آهن. آواز، بجلي ۽ ٻيون ڪافي شيون ڏسي نٿيون سگهجن. تڏهن بہ وجود رکن ٿيون ۽ سڀ شيون مادي جون نُهيل آهن. منهنجي خيال ۾ دنيا ۾ صرف ۽ صرف مادو آهي، هڪڙو مادو لطيف ۽ ٻيو مادو ڪثيف. ڪثيف مادو ڏسڻ ۾ تو اچي ۽ لطيف مادي جون سڀ شڪليون ڏسي نٿيون سگهجن. سڀ ڪجهہ مادو هئڻ ڪري مادي جي تعريف بدلائڻ گهرجي . جيئن فورٿ اسٽيٽ آف ميٽر آهي، تيئن ففٿ اسٽيٽ آف ميٽر بہ هوندي ۽ مون کي يقين آهي.... تہ اهو ان عظيم قوت جو مسئلو ناهي جو اها اسان کي ڏسڻ ۾ نٿي اچي پر اها اسان جي ناقصيت آهي جو اسين ان کي ڏسي نٿا سگهون. مُڏي ڇُري جيڪڏهن گوشت کي ڪٽي نٿي سگهي تہ ان ۾ گوشت جو ڪهڙو ڏوهہ؟ جڏهن ڇري تيز ڪبي تہ گوشت آرام سان ڪٽجي سگهبو." علي هن کي سمجهائي رهيو هئو.

"يار اسين زمين کان ٿيندا آسمان تي پهچي ويا آهيون. ڇڏ انهن ڏکين ڳالهين کي. هاڻ ٻڌاءِ تہ تنهنجي Loverجا تي ڪري ۽ ڪيئن آهي؟"

"هوءَ Daily Indian Express لاءِ هاڻ پاڪستان ۾ بيورو چيف آهي."

"Beautiful! Handsome! Well dressed: But not well behaved!!"

"What" ريني رڙ ڪئي،

"هائو ڪڏهن ڪڏهن لڳندو اٿم تہ هوءَ مون سان پيار نٿي ڪري بلڪ منهنجي بي عزتي تي ڪري. هوءَ پيار جي ڀرئين موسم ۾ آڪيري جو ٻَکيو آهي ۽ آءُ اڏامڻ کان پوءِ، هماليا جي سمورين چوٽين تي چڙهڻ ٿو چاهيان. *ڪنچن جنگا تائين رسڻ ٿو چاهيان. سمورين چوٽيون سر ڪرڻ جي خواهش، جيڪا اندر ۾ هاڻ ڦٽ بنجندي ٿي وڃي. مان بهار جي رنگن سان نو روز ملهائڻ ٿو چاهيان. سمورين موسمن جا رنگ پنهنجي بدن تي

* ڪنچن جنگا: هماليہ جي هڪ چوٽي.

هٽي، هوليءَ جو ڏڻ ملهائڻ تو چاهيان. هوءَ تازي گهوڙي جيان هلندي هلندي چڙ بيهي رهندي آهي گِهڙ ڪري!"

"تون سيڪسي آن .... تون بکيو آن." رينيءَ مرڪندي ڪيس چيو.

"Oh! Young crazy man, don't make yourself ill. Put sex back in your Life!!"

"ڪيئن ...؟ مان ڪيئن ڪريان _ مان Scorpion آهيان. منهنجي ذهن جون وسعتون خلائن ڏانهن وڃن ٿيون. منهنجي زوئڊڪ جو نشان انساني جسم ۾ مخصوص عضون واري جڳهه آهي، مان.... ظاهر آهي....." عليءَ ڳالهايو تہ رينيءَ ٽهڪ ڏنا.

رات ٽائين هو سڀ ڪائيندا پيئندا ۽ گوڙ ڪندا رهيا. پوءِ عليءَ هن کان موڪلايو ۽ پنهنجي بائيڪ تي چڙهي گهر ڏانهن راهي ٿيو.

●

ڪافيءَ جو مگ ۽ ڳوڙها

اڄ موسم خنڪ هئي، شهر جي هوا ۾ ڪجهه اجنبيت ۽ اڪيلائي پريل هئي. هو ٻئي سڄو ڏينهن شهر ۾ گهمندا ۽ شاپنگ ڪندا رهيا. هنن ماني بہ هڪ هوٽل تي کاڌي، شام جو هڪ ڪافي ڪارنرتي ويا. هوا ۾ يوڪلپٽس جا پتا روڊن جي وچ ۾ گرين بيلٽن پرسان گڏ تي رهيا هئا. اونده چانئجڻ لڳي هئي. شيشي جي ٺهيل ڪافي ڪارنر جي چوڌاري اندران ڏگها ٿلها پردا ڏنل هئا، اندر جو ماحول گرم هئو ۽ مزو ڏيئي رهيو هئو. ان محل اتي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ويٺل هئا. ڪجهه دير ڪان پوءِ ڪلديپ پردو هٽائي ڏٺو تہ ٻاهر برسات وسي رهي هئي.

"هيءَ شهر ڏاڍو خوبصورت آهي، مون کي هن شهر جي موسم ڏاڍي وڻي ٿي." ڪلديپ ڳالهايو.

"ٻيو ڪجهه." عليءَ پڇيس.

"ٻيو... ڪجهه...." هن ورجايو "ٻيو".... هن پنهنجي مخروطي آڱر ڳل تي رکي ۽ سوچڻ کان پوءِ چيو: "ٻيو تنهنجي موجودگي ۽ تنهنجي دوستي!" "ٻنهي ٿمڪ ڏنا.

بيرو پاڻي کڻي آيو تہ هنن ڪجهه چڪن رولس ۽ ڪافي جو آرڊر ڏنو.

"هن شهر جي موسم، هيٺ مٿاهان رستا، جهنگلي وڻن جا ننڍا ننڍا جهڳٽا، خوبصورت ماڻهو مون کي بہ تمام گهڻا وڻن ٿا.... توکي پلا پنهنجو ملڪ ياد ايندو آهي؟" عليءَ هن کان پڇيو.

"هائو! تمام گهڻو ياد ايندو آهي.... جنهن ملڪ ۾ مان ڄائس، نپنس، وڏي ٿيس سو ملڪ..." هوءَ هاڻ سنجيده ٿي ويئي "منهنجو شهر، منهنجو گهر... ۽ گهر جا سمورا ڀاتي.... هن ڇت ڏانهن نهاريو ۽ ٿڌو ساهہ ڀريو. ڏاڍا ياد ايندا آهن." اهو چوندي هن جي اکين ۾ ڪائي اٽلڪي چمڪ اچڻ کان

پوءِ آهستي آهستي سندس اکين ۾ لهندڙ رات جيان وحشت پرجي ويئي، هن جي اکين جي ويرانيءَ ۾ جڻ ڇپرا اڏامي رهيا هئا۽ ان بعد هن جون اکيون ڳوڙهن سان تر ٿي ويون تہ ٽيبل جي شيشي تي ڳوڙها ڪرڻ لڳا.

"هندوستان ڏاڍو ڪلرفل ملڪ آهي. مسٽر علي!"

"The country of colours, contrasts, contra dictions constantly tugging the soul of peoples."

"ماڻهو جنهن بہ ڌرتيءَ جي خمير مان جنم وٺي ٿو ان لاءِ ڪيس سدائين ڇڪ ۽ ڪشاڪش رهي ٿي پر ماڻهو مئنيج ڪريو وڃي.... تو بہ ڪافي ريڪور ڪيو آهي... پر اڃان تو کي مئنيج ڪرڻو آهي." علي ڳالهايو.

هوءَ خالي هال جي ٻئي ڪارنر تائين ڏسڻ لڳي. تڏهن ڪلف لڳل ۽ وائيٽ ڊريس ۽ وائيٽ ٽوپي پاتل بيئرر ٽري کڻي آيو ۽ هنن اڳيان سيپ شيون رکي هليو ويو. هوءَ ٻيهر هال جي ڇت ۾ لڳل شينڊليئرس ۾ نهارڻ لڳي: هن جي وڏين اکين ۾ گلابي ڏورا صاف نظر اچي رهيا هئا ۽ اهي ڳوڙهن سان ڀريل هيون.

"اها بہ مينهوڳيءَ جي موسم هئي". هن ڪجهہ ياد ڪندي ڳالهايو.

ماضي جي بي رحم گهوڙي جي سنبن هن جي دل جي ميدان کي آهوڙڻ سُنبن سان لتاڙڻ شروع ڪيو هو.

"Are you recalling flash back's?" عليءَ پڇيس.

"اها برسات جي موسم هئي... مان اسان جي چنڊي ڳڙهہ واري گهر ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پڙهي رهي هئس... منهنجي دريءَ جي ٻاهران ديودار جي پتن مان مينهن جا ڦڙا اڃان ٽمي رهيا هئا. موسم ۾ مستي پرجي ويئي هئي. آسمان ڏوپيءَ جي ڌوتل چادر جيئن ٿي لڳو لان ۾ ڊاڪاگراس جي ڇمنبن ۾ بہ ڦڙا چمڪي رهيا هئا.... امي ڪچن ۾ بورچيءَ کي هدايتون ڏيئي رهي هئي تہ منهنجي پيءُ اني ۽ پاءُ سريندر مون کي ڇيڙائڻ لاءِ اچي منهنجي ڪمري ۾ گهڙيا. مان پنهنجي گهر ۾ روئڻي جي نالي سان مشهور هئس." ان وقت هوءَ شرمساري محسوس ڪري رهي هئي: سندس گلو پرجي آيو هئو.... هن ٽشو پيپر سان ڳوڙها اگهيا.

"ٿوري ٿوري ڳالهہ تي روئي پوندي هئس..." هن ٻڌايو. علي ان مهل ڪافي ٺاهي رهيو هو.

"امان کي چيائون.... امي، ڪليءَ کي گھوٽ... تہ مون هڪدم رڙ ڪئي... امان! هنن کي سمجهاءِ."

"امان!" ادا چئي رهيو هئو: "ڪليءَ کي گھوٽ تہ ڪاٺو ئي ملندو نہ!" سينئي ٺهڪ ڏنا هئا، ۽ مان هميشہ جيان روئي پيئي هئس. ڳوڙها منهنجي پڙهڻ واري ميز تي پيل ڪتابن ۽ ڪاپين تي ڪرڻ لڳا هئا. تہ وري بہ سريندر مون کي چيڙايو". علي حيرانيءَ مان هن ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ ڪافي ٿاهي هن اڳيان رکيائين هال جو ماحول سنجيده ٿي ويو هئو. هن ڀيهر پنهنجا ڳوڙها اگھيا...

"نہ چئوس، چو ٿا روئاڙيوس؟." امان کين روڪيندي رهي. ماضيءَ جي ڏرتيءَ کي گھوڙي جا سنب اچا آهوڙي رهيا هئا. هوءَ وري ڳالهائڻ لڳي.

"منهنجو پاءُ سريندر پنهنجي چشمي مان اکيون ڦيرائي، ٻاڏيون ڪري ۽ هڪڙي بند ڪري مون کي چوڻ لڳو ڏس، ڏس، ڪلي! ههڙو گھوٽ تہ ڀهرين تہ روئيندي مون کي ڪل اچي ويئي، پر پوءِ مان وري وٺي هاءِ گھوڙا ڪئي تہ امي اچي سريندر کي اتان ڊوڙايو ۽ مون کي پرچائڻ لڳي..... اهڙو ماحول هئو گھر جو.

پوءِ هڪڙيءَ رات هنن اسان جي پاڙي تي حملو ڪيو. اورينج رنگ وارا جٽيا ۽ ڌوتين پاتل انتها پسند..... هنن جي هٿن ۾ هتيار هئا ۽ هو جئي شري ڪرشن! جئي شري رام! جا نعرا هڻي رهيا هئا! هنن اسان جي سڄي پاڙي جي گھرن تي حملو ڪري رات وچ ۾ چوپهہ ماڻهو ماري ڇڏيا ....." علي حيرانيءَ مان نهاري رهيو هو. "۽ گھرن کي باهيون ڏيئي ڇڏيائون. سڄي پاڙي ۾ ڪهرام مچي ويو. هنن اسان جي گھرن ۾ گھڙي ڦرلٽ ڪئي . منهنجي ماءُ کي گولي هڻي ماريائون ...." ڪلديپ سڏڪو ڀريو"..... منهنجي پاءُ کي ....، جيڪو ان ئي وقت گھر ۾ آيو هو ۽ ماني کائي رهيو هو وات ۾ ڪپڙو ڦُسي باٿ روم ۾ وڃي خنجر سان ڪُهي ڇڏيائون. جيڪو منظر ڏسڻ بعد مان ڇڻ چري ٿي پئي هئس باٿ روم ۾ هن جي منڍي ۽ آنڊا ۽ رت فرش تي ٻاهر پيا هئا."

ڪلديپ جي اکين مان هاڻ ڳوڙهن جي برسات وسي رهي هئي.

"Oh my God!" عليءَ جون اکيون ڦهلجي ويون ۽ هو حيرانگيءَ مان هن ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڪلديپ مسلسل ڳالهائي رهي هئي. "منهنجي بابا کي

سندس بيڊ روم ۾ ماريو ويو. اهو ڏسي منهنجي ننڍي ڀيڻ جو هيانءُ ڦاٽي پيو. ڇري تي پئي....

"Oh my God"are you feeling black stairs?"

"علي هنن مون سان گنگ ريپ ڪيو ..... هن سڏڪو ڀريو . هنن منهنجي عزت لٽي ۽ پوءِ منهنجو بہ پيٽ ڦاڙي آنڊا ڪڍي ڇڏيائون ۽ سمجهيائون تہ مري ويس.... پر مان هن دنيا ۾ ذليل ٿيڻ لاءِ رهجي ويس! مون کي اسپتال پهچايو ويو ۽ ڪافي مهينن کان پوءِ مون کي ڊسچارج ڪيو ويو. هن سڏڪو ڀريو. اسين مذهبن جي چڪر ۾ گهوماتجي وياسون . مذهب اسان کي ڪٿي جو بہ نہ ڇڏيو. مذهب اسان کي بچائي نہ سگهيو. **جنهن مذهب اسان کي سرڳ جي پڪ ڏني آهي اهو دنيا ۾ ڦهليل گندي سياست ۽ تعصب کان ڏاڍو ڪمزور نڪتو!"** ڪلديپ جڙ شڪايت ڪئي . عليءَ جون اکيون اجان تائين ڦهليل هيون ۽ هو سمجهي نہ پئي سگهيو تہ ڪلديپ جي اندر ۾ ڪڙهندڙ گهاءَ جي ڪهاڻي ايڏي دردناڪ ٿي سگهي ٿي!

"Oh my God, Its very sad my dear!" عليءَ ٻيهر چيو. هن جون اکيون وڏيڪ ڦهلجي ويون هيون.

ڪجهہ دير بعد ڪلديپ سپ ڪجهہ ڀلائي کلي رهي هئي.

"Sorry for that Ali!" مون تو کي پريشان ڪيو. مون کي معاف ڪجانءِ. اسان کي مينهوڳيءَ جي هن موسم ۾ ڪجهہ ٻيو سوچڻ کپي ها!

●

ماڊ گرل

شام لهي چڪي هئي. جڏهن علي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ وڏن شاپرس سان گڏ گهر ۾ گهڙيو ته سيني ڇٽن ونڃي هُو هُو ڪار ڪئي ۽ ٽهڪ ڏنا.....

"Hello! all the beautiful & Duity full Guys"

هن هميشه جيان پڪاريو.

"باشا! تون ته خير سان موٽئين نه." امتياز هن کان پڇيو ۽ ٽهڪ ڏنو.

"خير خير ....!" عليءَ پڇيو.

"اڄ ڪيڏانهن ڪٽي ويئي هيئي؟" امين پڇيس.

"اڄ اتي شهر ۾ ئي هئاسون." هن بوٽ جا ڪشا کوليندي ٻڌايو.

"پر هتي خير ته هو"؟ عليءَ سيني ڏانهن نهاريندي پڇيو.

"خالد کان خبرون پڇيون اٿئي؟" سراج ڪلندي ڪلندي ڪيرو ٿي ويو.

"مڙس جو اڄ مٿو ويو هو..... اغوا ٿيندي بچيو اٿئي." امين ڳالهايو.

" هائو ماما!..... خير ته هو ڇا ٿيو هئو؟" هن خالد کان پڇيو جنهن کي سڀ مڙيو وينا هئا.

"يار تون. ويهه ته سهي نه. سڀ ٿو ٻڌائينئي." امين چيس ته هن جوراب لاٿا. چمپل ريڙهي پاتي ۽ صوفي تي ويهي رهيو.

."مڙس سان ڏاڍي ٿي اٿيئي". امتياز ٻڌايس.

"هائو ابا. ٻڌاءِ خير ته ٿيو؟" هن خالد کان خبرون وٺڻ واري انداز سان پڇيو.

"يار ڳالهه نه پڇ. بس ..." خالد چپ ٿي ويو ڪنڌ کي ڌوڻو ڏنائين ۽ وري ڪنڌ مٿي ڪٽي تفصيل ٻڌائڻ لڳو:

"يار. اڄ بليو ايريا مان پئي آيس ته چائنا چوڪ وٽ منهنجي پرسان هڪڙي ڪار اچي بريڪ هنيو....." امتياز ٽهڪ ڏنو ته سيئي وري اچي کل ۾ پيا.

"يار ڪلو نہ!" خالد احتجاج ڪيو.

"مون ڪار ڏانهن نهاريو تہ ڊرائيونگ سيٽ تي هڪڙي ماڊ ڇوڪري ڏسڻ ۾ آيم. جنهن جهڪي منهنجي طرف واري دري کولي ۽ مون کي سڏ ڪيو. مون سمجهيو ويچاري رستو ٿي پڇي، سو مان اوڏانهن ويس تہ چيائين:

"پليز اچو... ويهو!" مون حيرانيءَ مان نهاريو مانس. سڀ کلڻ لڳا.

"..... پهرين تہ ڪچان نہ پيو..... پوءِ پڇيومانس: "ڇو......، ڪو ڪم آهي؟" تہ هن چيو "بس ائين ئي .... ڪٿي ڪافي جو ڪپ تا پيئون ..."

"واه ڇوڪرا تنهنجا ڀاڳ" امتياز رڙ ڪئي تہ وري سمورا کلڻ لڳا. مان ساري ڪٿي مانس ۽ اڳتي وڌڻ لڳس تہ هن گاڏي وري منهنجي اڳيان اچي روڪي ۽ ٻيهر مون کي ويهڻ لاءِ چيائين:

"Please come on with me for a cup of coffee" .... مون وري انڪار ڪيو مون کي ٿورو ڊپ ٿيو. ۽ ڊوڙي هڪ آفيس طرف وڃڻ لڳس تہ هوءَ گاڏي پويان ڪٽي آئي ۽ اسڪريچ ڪيڏي لٽي ۽ منهنجو رستو روڪي رعب سان چوڻ لڳي "اوهان مهرباني ڪري گاڏي ۾ ويهو" ۽ انگريزي ۾ چيائين: "I want nothing but your Company please!" هن حڪم واري انداز ۾ ڳالهايو.

تہ مون چيومانس، "مان نہ ويهندس .... مان اوهان کي نٿو سڃاڻان، تہ هن نہ ڪئي هم نہ تہ مون کي ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين. جنهن تي مون بہ رک رڪاءُ بنهہ نہ ڪيومانس ۽ ٺڪاءُ ڪرائي مانس ٿڦڙ ٻوٿ ۾ تہ هن مون کي ڪراٽي جو هڪڙو داءُ هنيو تہ مان وڃي روڊ تي ڪريس." سيئي وري کلڻ لڳا پر امتياز رڙيون ڪري کلڻ لڳو.

"هيءَ ٻانهن ۾ رهڙ بہ آيم. مان جيستائين اٿان اٿان، هوءَ ڪار ۾ ويهي رفو چڪر ٿي وئي."

سيئي ٺهڪ ڏيندا رهيا.

"ان کان پوءِ شهري پوليس جو هڪڙو سپاهي ڊوڙندو آيو ۽ مون کان پڇڻ لڳو چاهي ڪهڙو مسئلو آهي؟"

"مون کي ڪهڙي خبر تہ ڇاهي!" مون چيومانس.

"وچ بيهان پوءِ!" عليءَ ٺهڪ ڏنو ۽ پڇيو. "بس مون ڪيس پنهنجو آفيس ڪارڊ ڏيکاريو ۽ ٻڌايومانس تہ الاجي ڪير هئي مون کي زوريءَ

گاڏيءَ ۾ ويهڻ جو پئي چوي مان نہ وينس تہ مون کي ڌڪ هڻي پڇي ويئي آهي. " سڀ وري کليا.

"اڇا .... پوءِ " عليءَ پڇيو:

"پوليس واري ڪارڊ واپس ڪيو ۽ کلندو هليو ويو. "

"ها ها ها!" سيئي ٽهڪن ۾ ونجي ويا.

"پوءِ ماما!؟" عليءَ ٽهڪندي پڇيس.

"يار! اڇا تائين ڪن ۾ سور آهي ٽڦڙ بہ جمائي هنئي هئائين. " خالد پنهنجي ڪن تي هٿ رکيو.

"ماما، ڇوڪرو ڪم صفا خراب ڪري آيو اٿئي. " امين کلندي ڳالهايو.

"پلا ڇوري ڪيئن هئي؟ هئس ڪو افعال يا؟" عليءَ پڇيو.

"افعال! ميان ٿهر لڳي پئي هئي. جين جي پئنٽ پيل هئس ، لڳو ٿي فارين رٽرن هئي. پر پلا اسان فقيرن جي مٿي ۾ لڳڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڏٺي ها ڪنهن توجهڙي کي پاسو تہ ڪا هڙ حاصل بہ ٿيئس ها. اڇي اڇي مون تي پئي. " خالد مسڪرائيندي چيو.

"يار! سچو ڪم هٽي ڦتائي ڇڏيئي. يار وئينس نتي ساڻ مزا ڪرائينئي ها!" شميم خان چيس.

"اهڙيون ڇوڪريون پاڻ سان States وٺي ويندڀون اٿئي سچ ... " عليءَ مذاق ڪرايس.

" لا!لا! ڪٿي چور سچا، ڪٿي ڊور سچا ماما." امتياز مذاق مان ٽڏو ساهہ پريو ۽ چيو" يار، اهڙيون بہ وچيو مُلن، نمازين ۽ پرهيزگارن مٿان ڪرن، اسان کي تہ ڪا ڪنگهي ئي ڪانہ ." امتياز چيو.

"نہ ادا، نہ چاڻ نہ سڃاڻ جاڙا خان ڪتو جهلجانءِ. مان اهڙي تہ _ پتائڻ سان ويهي رهان ها تہ وجهيم ها وچي ڪنهن آهيءَ ۾.... ڪهڙي خبر. " خالد انديشو ظاهر ڪيو.

"هائو يار! چڱو ڪيئي جو نہ وئين، ميان هتي جي ماڻهن تي ڪهڙو اعتبار ۽ وري جوان ڇوڪري ، ڪٿي وچي ڦاسائي ها تہ پئي ڏينهن خبر پوي ها تہ مڙسُ جو هڪڙو گردو آهي ئي ڪين!" سراج ڳالهايو.

"يار يونيورسٽيءَ وارو واقعو ياد اٿوَ؟" سراج سيني ڏانهن منهن ڪري پڇيو.

"ها ..... هو رنگ واري پناڻ ڇوڪري کي اغوا ڪري ڪٽي ويون هيون نہ." امتياز ياد ڏياريو.

"هائو! جيڪو ڇوڪرين جي هاسٽل ۾ رنگ ڪرڻ آيو هو. ۽ ٽن ڏينهن تائين ڪيس Inject ڪنديون رهيون هيون. آخر ۾ لڏو بہ رڳو غريب جو لاش، هاسٽلن پويان ... مري ويو وبچارو تہ ڪٽي پويان اڇلائي ڇڏيائونس. ڪنهن پڙڪ بہ نہ ڪڍي. وي سيءَ اخبار وارن کي گهرائي ڇانهہ پيئاري اعتماد ۾ ورتو تہ يونيورسٽيءَ جي بدنامي ٿيندي!" سراج ڳالهہ پوري ڪئي.

"هائو يار ..... ائين بہ ٿيندو آهي!" امين چيو. "هي علائقو آڙيڪاپ ماڻهن جو آهي . ڇوڪرن جي اغوا جا ڪيس تہ هتي عام آهن. خرڪار ڪئمپن ۾ پرتي ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي هتان اغوا ڪريو وڃن. هتي جا پنڊي وال، وڏا استاد ڇُري باز آهن. ڊگهيون قميصون، پيرن ۾ چمڙي جي چمپل چون ٿا پراڻي دؤر ۾ ڏهين ربئين لاءِ ماڻهو ماريندي دير نہ ڪندا هئا. هاڻ تہ شهر نهي پيو آهي، سڀ ٽرانسپورٽر ٿي پيا آهن. پر تڏهن بہ اجان هتڙي هٽندا آهن ... ۽ ماڻهن کي ڦاسائي گردو ڪڍي ڇڏڻ وارا ڪم بہ عام آهن."

"يار توفيق وارو قصو اجان پراڻو ٿيو آهي ڇا؟ جو وبچارو ٽرين مان لٿو ۽ شهر ۾ وڃائجي ويو. سال ڪان پوءِ رڳو سندس ڊاڪيومينٽس لڌا! الاجي ويچارو ڪيڏانهن ويو. مائٽ اجان ٿا روئينس." سراج ڳالهايو.

"هائو پر ضروري تہ ڪونهي تہ خالد ڪنهن خرڪار ڪئمپ ۾ پهچي ها. May be بگ بائيٽ جي خوبصورت ماحول ۾ چڪن سينڊوچ ۽ ڪريم ڪافي جي ڪپ تي ويهاريس ها. يا مسٽر برگر تي فاسٽ فوڊ کائي ها يا وري E_7 جي ڪنهن بنگلي جي ايئرڪنڊيشنڊ روم ۾ ڊيڪ تي ايلوس پرسلي، ڊوناسمرز يا مائيڪل جيڪسن جي ڪئسيٽ جي لهري تي گرم گرم جسماني برگر جا چڪ پري ها.!" عليءَ ڳالهہ ۾ رنگ پريو.

"ها ها! ائين بہ ٿي سگهيو ٿي. بلڪ ائين ئي ٿئي ها .... پر وبچارو خالد نماز جو ٽائيم ٿيندي ئي ايلوِس پرسلي کي بند ڪري مصلو وڇائي ڪيسي مان ڪڍي ها اڇو ٽوپي ......" امتياز چيو.

"ها ها ها !" سيني ٺهڪ ڏنا.

" ۽ جي پهچي ها ڪنهن زيب النساءِ هاسٽل تي تہ ڪچومر بہ نڪري وڃيس ها...." امين رڙيون ڪري ڳالهايو ۽ وهاڻو ڪٽي بيڊ تي زور زور سان هٽڻ لڳو تہ سڀ کل ۾ ٻنجي ويا.

"بنگلو ڪار بينڪ بيلنس." عليءَ ڳالهايو
"ءِگرين ڪارڊ ماما چوڪرو سڀ ڪجهه وڃائي آيو." امتياز رڙ ڪئي. " ها. اهو ته مون کي وسري ويو. اوهو ماما واهه جو ڏڪ وڃائي ڇڏيئه... زندگي نهي وڃئي ها... قسم سان انهيءَ پلاننگ منسٽريءَ ۾ سترهين گريڊ جي نوڪري جنهن کي ڪير ٺڪ ئي نه هٽي! ملڻ کان پهرين به ماٺهو پريشان ۽ پوءِ به پريشان." عليءَ ڪيس چيڙائيندي سامهون دري جي پريان بلاڪ جي ڇت تي ٽينس کيڏندڙ ڇوڪرين سان هڪ ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "يلاهن اچن ڪپڙن واريءَ کان به سهٽي هئي؟"
"يار ڇڏيو مذاق." خالد هاڻ چڙندي چيو "... هر پيرو ويهي رهان ها ڪار ۾ چريو آهيان ڇا؟" خالد خفا ٿيندي چيو. "توبهن...... ميان! منهنجي نماز جو ٽائيم پيو ٿئي، مان وڃان ٿو." ته سڀ کلي کلي چپ ٿي ويا.
هتي باهران موٽيل خاندانن جون مغربي ماحول ۾ پليل جوان جماڻ ڇوڪريون ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ڪم ڪنديون آهن!" امين ٻڌايو.
ڳالهه جتي ڪتي هڪ جهڙي آهي، لالا! سيڪس شيءِ ئي اهڙي آهي، هو چوندا ناهن ته. سر چڙهه ڪر بولتا هي، سو جڏهن اهو ماڻهوءَ تي سوار ٿيندو آهي ته هر ماڻهو ائين ئي ڪندو آهي." امتياز ڳالهايو.
"جڏهن حقيقت ڳالهائي ٿي ته ديوتا به چپ ڪريو ويهو رهن.'
"When facts speak, Even gods become Silent!" اهو مارڪس چيو آهي: شهرن ۾ ڪي ماڻهو بنهه ائين اگهاڙا تا ٿي ويهن ته گهٽ ڀراڙيءَ ۾ به ڪانهي. اتي به ڪماڙين مان نڪريون وڃن. ته به جوڙا ملڻ کان نٽا مڙن. ڳيا ڳيا ٿيو وڃن پر عشق سلامت آهي..." سراج ڳالهايو. هو لطيفو ٻڌوا ٿو؟ ڪهڙو؟
"يار هڪڙي ويچاري عاشق کي ڪنهن ڳوٺ ۾ سندس محبوبا سان پڪڙي وڌائون... ته جهلي وني آيس وڏيري جي اوطاق تي ته: 'سائين هيءَ ڪارو آهي' فيصلو ڪريو. وڏيرو جيڪو پاڻ پرايون مايون ڪٽائيندو هو. ڪنگهڪار ڪندي پڇيائينس: "اڙي چورا! ڪارو آهين؟" ته عاشق به ٺڙٺپ جواب ڏنس: "... سائين ڪارا سڀ آهن. پر مون غريب تان رڳو ڪک لهي پيا آهن..." ته سڀ وني کليا.
"چڱو هاڻي ٻيو لطيفو ٻڌو: امتياز چيو "ٻڌاءِ!" سڀ تيار ٿي ويٺا: "هڪڙي مولويءَ هڪڙو ڪم ڪيو: سڀ چپ ٿي ويا. "اڳتي؟...."

”هڪڙي مولويءَ هڪڙي سهڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي!“ سڀ چپ ڪري امتياز ڏانهن نهارڻ لڳا. اڳتي؟ عليءَ پڇيو: ”اڳتي ڪجهه به نه! ها.... ها.... ها...“. ”اهو به ڪو لطيفو ٿيو؟“ ته سڀ کلڻ لڳا. ”چڱو چڱو هاڻي لطيفو ٻڌو:“ امتياز کلندي چيو: ”هڪڙيءَ عورت کي ڌيءَ ڄائي ته سس ڇيس: اڙي ننهن شابس ٿئي انن سالن کان پوءِ به ڌيءَ ڄائي اٿئي؟ تنهُن تي ننهن چيس : تنهنجي پٽ جي آسري تي رهان ها ته اها به ڪانه ٿئي ها!“

”ها ها ها.... ها ها ها.... ها ها ها....“

”ادا! هاڻ ڪا ماني تڪيءَ جي به ڪندئو يا رڳو ڪچهريون ڪنديون؟“ سراج چيو ته امتياز ۽ امين چيو ته ، ”اسين تورين جي پاڇي ناهي ٿا وٺون ....ماما لڪانا. تون ماني پچاءِ.“

”يلا ماما. تنهنجي هوءَ يارڙي ڪيئن آهي؟“ امتياز عليءَ کان پڇيو.

”ماما! پاڻ ته ڪڏهوڪوا اغوا ٿي ويا آهيون....پر لڳندو اٿم. ڪنهن غلط بس ۾ سوار ٿي ويو آهيان. جيڪا مسلسل هلندي رهندي يا ننان اسٽاپ جي ڪٿي بيهي رهندي!...يار ڳالهه هي آهي ته هوءَ عشق جي روحاني پهلوءَ کي وڏيڪ پسند ڪري ۽ مان جسماني Aspect کي. منهنجي نظر ۾ جسم جو جسم سان ڇهاءُ ئي اصل ۾ محبت آهي.... اسين درويش ته آهيون ڪونه شيرين فرهاد وارا عشق ائبنارمل عشق هئا. اسين زماني جي مادي خواهشن کان بالاتر ته آهيون ئي ڪونه. اسان جي روحن جي اڃ تڏهن ئي اجهامي سگهي ٿي. جڏهن اسين هڪبئي جي جسمن جي ٻنين ۾ هر هلايون ۽ انهن کي ريج ڏيئي سيراب ڪريون اسان جا جسم Fellow Lands جيان آهن. دنيا ۾ رڳو به شيون پنهنجو زبردست وجود رکن ٿيون ۽ انهن ٻن شين جي ڪري، ماڻهوءَ جي سڄي شخصيت نهي ۽ ڊهي ٿي. اهي ٻه شيون آهن ڪاڏو ۽ جنس انهن ٻن شين کان پوءِ ئي دنيا کي معنيٰ ملي ٿي .... ماڻهوءَ جا ٻه حقيقي، ازلي ابدي ديوتا اهي ٻه Food ۽ Sex ئي آهن. ماڻهوءَ ته خواهه مخواهه ڪٿي ديوتائن ۽ ديوين جا لشڪر ناهيا آهن.“

هوءَ اجا تائين ائبنارمل آهي. هن جي سڄي فيمليءَ کي انڊيا ۾ انتهاپسند هندن قتل ڪري ڇڏيو هو. هنجو پيءُ، هن جو ڀاءُ، هن جي ڀيڻ ۽ ماءُ کي انتها پسند هندن خنجرن ۽ گولين سان ماري ڇڏيو. ان بعد هوءَ دماغي طرح صحيح نه رهي آهي. ملڪ ورهائجي ويو پر مسئلا ختم نه ٿيا....
ن جو مطلب اهو آهي ته دنيا جو ڪو به جهنڊو ماڻهوءَ کي اها ضمانت نٿو

ڏئي تہ ان جي پاڇولي هيٺ هو امن، عزت ۽ سڪون سان رهندو! الڳ جهنڊا ۽ ورهاڱا ڪنهن کي ڪابہ ضمانت نٿا ڏين!.“ سڀ عليءَ کي ٻڌي رهيا هئا.

’محبت‘ بلڪ هڪ ٻئي تي پهرئين نظر Sex Attraction **جو لاشعوري** اظهار هوندي آهي ۽ جنهن محبت ۾ Sexual Satisfaction **جو شعوري يا** لاشعوري اظهار نہ هجي، سا محبت ٿي ئي نٿي سگهي.“ سراج رايو ڏنو.

”مون کي خبر ڪانهي تہ محبت ڇا آهي ۽ ان جا بنياد ڇا آهن. بهرحال! جنس، انساني زندگيءَ جو هڪڙو ضروري باب آهي... مون ڪٿي پڙهيو هئو تہ، جنس، انسان جي سموري زندگيءَ تي اثر وجهي ٿي. هونئن گوشت کائيندڙ ماڻهو جنسي طرح وڌيڪ طاقتور ٿئي ٿو. وڌيڪ جذباتي ٿئي ٿو. چون ٿا، گوشت خور ماڻهوءَ جو دماغ وڌيڪ ڪم نہ ڪندو آهي. شايد مهتا ان ڪري حساب ڪتاب ۾ تيز ٿين ٿا. ساڳيءَ طرح جنسي طرح مضبوط ماڻهو وڌيڪ بهادر، وڌيڪ ڪم وارو ۽ Effective ٿئي ٿو. **اوهان ڪڏهن ڪڏڙي کي مثالي عشق ڪندي نہ ڏٺو هوندو. ڪڏڙو جهاز جو پائليٽ نٿو ٿي سگهي.“ عليءَ ڳالهايو.**

” محبت، جنس جي لاشعوري اظهار کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. عشق جنسي خواهش جو ڊڪ آهي جيئن چانهہ جي ڪٽليءَ مٿان ٽيڪوزي. عشق جو صوفياڻو تصور بہ جنس سان عبارت آهي!“

بات نڪلي گي تو ڦر دور تلڪ جائي گي،
لوگ ظالم هين هر اڪ بات ڪا طعنہ دين گي.

●

ميرو من

ٻئي ڏينهن هو هڪ ريلوي اوورهيڊ برج تي وڃي ويٺو. ڪجهہ دير هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ کان پوءِ هن هڪڙي گدلي پناڻ ڇوڪري کي تاڙيو. ڇوڪري جي ٻُت تي گرا ڪپڙا پيل هئا. پيرن ۾ گرا جوراب. چتيون لڳل پشاوري سينڊل. ٻت تي ڦاٽل ڪوٽ ۽ مٿي تي ڦاٽل ۽ ميري ٽوپي جيڪا وياج خور پائي نمازون پڙهندا آهن. اها ريلوي پُل سري لنڪا جي ڪنهن گهٽي يا بئنڪاڪ جي ڪنهن رستي جيان مشهور هئي. جتان ڪيڏيءَ مهل بہ اندر جي اڃ اجهائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي سگهندو هو. هن ڇوڪر کي اک ٻڳي ۽ ويهي رهيو. هن جي دل ڌڙڪي رهي هئي. 'ڪيو تہ ڪنو ڪم اٿم.' هن سوچيو.... اشارو سمجهندي ئي ڇوڪرو هن جي ويجهو آيو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري پڇيائينس.

"ڪتنا دينگا."

"دس، بيس .... ڪتنا ليتا هي؟"

"بيس، هم بيس سي ڪم نهين ليتا". ڇوڪري جو ڪنڌ هيٺ هو

"ٺيڪ هي .... تم بيس لينا." هن چڪايو

"ديکو بيس سي ڪم نهين هوگا" ڇوڪري جڻ هن کي وارننگ ڏني.

هو ڇوڪري کي بائيڪ تي ويهاري پنهنجي گهر وٺي آيو. ڏينهن جو وقت هو سڀ آفيس ويا هئا ۽ گهر خالي هئو.

روپيا هٿ تي رکي جڏهن هن ڇوڪري کي گهر مان ٻاهر ڪڍيو تہ کيس چيائين.

"ڪل ڦر آنا...... اب گهر تو ديک ليا هي. ڪل تيس روپيا دونگا."

دروازو بند ڪندي هن سوچيو 'هو ڏاڍو هيٺ ڪري چڪو هئو ... ڪير ڏسي وني ها تہ ڇا سوچي ها؟.... ذلالت .... پر ماٺهو تہ هن کي ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڏسندا تڏهن بہ بخش نہ ڪندا. هتي ماڻهو ٻئي کي سهن ئي

ڪين ... پر اهو طريقو غلط آهي. هن جو اندر ڪيس ملامت ڪرڻ لڳو. غير فطري طريقو..... ماڻهو جڻ پنهنجي نظر ۾ بہ ڪريو پوي.'

'پر....، سڀ ماڻهو جنس جي بک پنهنجي وجود ۾ سانڍي هلن ٿا. سڀني ماڻهن جي اندر جي وڻ تي جنس جو نانگ ويڙهيل هوندو آهي. پر چپ ڪريو هلن. وڏيرا، نڌيرا، سڀ ائين ڪن ٿا. ڪي تہ ڇوڪرا پالين ٿا ۽ انهن جا خرچ بہ برداشت ڪن ٿا. خوبصورت ڇوڪرن سان عشق ڪن ٿا. هو پنهنجي پاڻ کي مطمئن ٿو ڪري... پوليس وارا، حجام، بسن جا اسٽاٽر، ڊرائيور. پشاور کان ڪراچيءَ تائين هاءِ وي هوٽلن تي روش (روسٽ) ڪائينڊز ڊرائيورن وٽ ڪلينر ڇوڪرا، مستقبل جا ٽرڪ ڊرائيورا... اسانجن عوامي شاعرن جي شاعريءَ ۾ دلبر يار سهٽل سائين. ۽ محبوب منو وري ڇا آهي؟ ۽ سموري ايشيا، يورپ ، اميريڪا ۽ آسٽريليا ۽ آفريقا _ سڀ ڪنڌ Gay couples سان پريا پيا آهن ۽ سڀ Gays فخر بہ محسوس ڪن ٿا؟! هر ڪنهن کي خبر آهي. هر ڪنهن جو پنهنجو ٽيسٽ آهي! بهرحال، اهو زندگيءَ جو هڪڙو رخ ضرور آهي، شرمناڪ ئي سهي. جنهن جاءِ تي شاديون بي جوڙ ۽ مهانگيون آهن اتي تہ ٺٺي ئي پر جتي شاديون آسان آهن اتي بہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي چوائس آهي،' هن اهو سڀ ڪجهہ سوچي پنهنجي پاڻ کي ڪجهہ هلڪو محسوس ڪيو. 'ماڻهوءَ جي فطرت ۾ شامل ڏوهہ ڪرڻ جي خواهش. جنهن مان ڪيس لطف ملي ٿو ۽ جنهن کي هو دٻائي يا محدود نٿو ڪري سگهي ان خواهش جي ڪري ئي ماڻهو مطمئن ٿئي ٿو.' هن سوچيو. پلنگ تي وڇي ليٽيو ۽ پنهنجي منهنجي تي اخبار رکي گهري ننڊ سمهي پيو.

●

رامڪلي

شهر ۾ ڪافي Tense پيدا ٿي ويو هو. هزارين ماڻهو جلوس ڪيدي آيا هئا. سندن هٿن ۾ جهنڊا_ بينر ۽ پلي ڪارڊ جهليل هئا هو جنرل ۽ ان جي غير قانوني اقتدار خلاف زوردار نعرا هڻي رهيا هئا. ليڊرن ۽ عوام جنرل طرفان ملڪ ۾ شيطان جي آندي جيڏي ڏکهي ۽ ظالم حڪومت خلاف مزاحمت ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ صدر هائوس جو گهيراءُ ڪرڻ جو ارادو ورجايو هو. صدر هائوس. جيڪو عوام جي قسمتن جي وارثيءَ کان وٺي انهن جي جيئڻ مرڻ جو حق بہ پاڻ وٽ قابو ڪريو وينو هئو ان ڏانهن اڄ ڪاوڙيل ۽ مچريل ماڻهو آهستي آهستي وڌڻ لڳا هئا. جلوس جي هڪ پاسي کان ملڪي توڙي غير ملڪي اخبارن، رسالن ۽ چينلز جا نمائندا هلي رهيا هئا. جيڪي موويز پري رهيا هئا. ڪلديپ بہ ڪيميرا ڳچيءَ ۾ لڙڪائي جلوس سان هلي رهي هئي ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل سنيپس ڪيدي رهي هئي. علي هن سان گڏ هئو. ماڻهو هلندي هلندي هڪ موڙ تي پهتا تہ سامهون فورس جون بڪتربند گاڏيون بيٺل هيون ۽ ان کان پريان فورسز جي، اڳيان ڪنڌائين واڙ سان رستو بند ڪيل هئو. ڪئين گاڏين ۾ مشين گنون ۽ برين گنون فٽ ڪيل هيون جن جا مُنهن ماڻهن طرف هئا. سوين لٺ بردار سپاهي لوهي ٽوپلا پائي حڪم جي انتظار ۾ هئا. ليڊرن پنهنجين تقريرن ۾ ماڻهن کي پر امن رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ سرڪاري آفيسرن کي چتاءُ ڏنو تہ هو سندن پر امن جدوجهد جو رستو نہ روڪين ڇو تہ هو رڳو پنهنجو پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ چاهين ٿا. پر ايجنسين طرفان ڪين ڀڙوڇڙ تي وجهڻ لاءِ ڇيو ويو جيڪا ڳالهہ انهن نہ مڃي هنن اڄ ڪنهن بہ صورت ۾ صدر هائوس جو گهيراءُ ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ تي چاهيو. ماڻهن جا پختا ارادا ڏسي سپاهين مٿن ڳوڙها گئس اڇلائڻ شروع ڪئي تہ ماڻهن ڪنڌائين _ واڙ هٽائڻ شروع ڪئي ۽ سپاهين تي پٿراءُ ڪرڻ شروع ڪيو

هڪ آفيسر ڪجهہ صحافين کان ڪئميرائون ڦري انهن مان رول ڪڍي کين واپس ڪرڻ لڳو ۽ موويز وارن کي بہ روڪيو ويو.

"اهو اوهان جو اخلاق آهي ....؟ ماڻهن تي ظلم ٿي رهيو آهي ۽ ان کي مجرمانا طريقي سان لڪائڻ جو خاص انتظام بہ آهي؟" ڪلديپ ڪاوڙ مان ڳالهايو.

"اهو نہ رڳو اسان جو اخلاق آهي پر قانون بہ آهي. سمجهيئہ محترما!..... Don't discuss a lot! .....هونئن تون ڪجهہ وڌيڪ نہ ڳالهائي رهي آهين؟" هن ڪيمرا موٽائيندي کيس دڙڪو ڏنو. ان مهل هن جي ڦقڙن ۾ ڳوڙها گئس پرجهڻ لڳي تہ ان جي دونهين ۾ ڪنگهندي هن عليءَ کي ڏنو. پر اهو کيس ڏسڻ ۾ نہ آيو. ماڻهن طرفان پٿراءُ جاري هو ۽ هو مسلسل اڳتي وڌي رهيا هئا! ڪلديپ ڳوڙها ڳاڙيندي، پٿرن سان پريل رستي تان گذرندي، پنهنجي خالي ڪيمرا ڳچيءَ ۾ لٽڪائيندي، ٿڙندي، ٿابڙجندي، ڏڪندي، پنهنجي مٿو جهليندي اچي پنهنجي ڪار ۾ ويٺي. هن جي مٿي ۾ سور پئجي ويو. اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا هو چڱيءَ طرح ساهہ نٿي کڻي سگهي ۽ کنگهي رهي هئي. هن پنهنجو رومال ڪڍي هڪ ڇوڪر ڏانهن وڌايو، جيڪو پاڻيءَ جي بالٽي پري جلوس ڏانهن کڻي وڃي رهيو هئو. پُسيل رومال هن پنهنجين اکين ۽ منهن تي ڦيرايو تہ کنگهہ ۽ ڳوڙها بند ٿيس. پر اوچتو ئي اوچتو جلوس تي فائرنگ شروع ٿي ويئي. ونڊ_ اسڪرين مان هن ڏٺو مشين گنن مان هاڻ برست نڪري رهيا هئا ۽ سرڪاري گاڏيون ماڻهن کي چلهي ۽ چٽي رهيون هيون. سموري فضا ۾ هلندڙ گولين جا ٺڪاءَ، ماڻهن جون آهون، دانهون، ڪوڪون ۽ آهہ زاري پرجي ويئي. شهر ۾ جڻ ڪو ديو گهڙي آيو هو جيڪو ماڻهن جي هجوم کي رڙڪي رهيو هو ۽ رستن کي اٿلائي پٿلائي رهيو هو. قيامت جو سمو برپا هئو. بي هٿيار ماڻهوگولين جي وسڪاري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا هئا گولين جي زد ۾ ايندڙ ماڻهو هيٺ ڪري ڦٿڪڻ تي لڳا. رت جي ڦوهارن سان رستا ڳاڙها ٿي ويا.

اهڙو خوني منظر ڏسندي ئي ڪلديپ کي ڏڪڻي وٺي ويئي. هن کي هڪدم عليءَ جو خيال آيو تہ گاڏي اسٽارٽ ڪيائين: Treacher's! Assassinators! هن جي ڏڪندڙ چپن مان لفظ نڪتا ۽ اکين مان ڳوڙهن جي تسبيح. ماحول ۾ تباهيءَ ۽ دهشت پرجي ويئي هئي. ميدان ۾ سروٽا، پٿر، لاش ۽ ڪنجهندڙ زخمي ماڻهو پيل هئا. ۽ پريان بڪتر بند گاڏيءَ مان

اجا بہ رکي رکي فائرنگ تي رهي هئي. بدحواسي مان هوءَ گاڏي ڊرائيور ڪندي جلوس ڏانهن وڌي ويئي.

دونهون ، رت ، بارود جي بوءِ ۽ گولين جا ٺَڪاءَ هيانءَ ۾ گهاءُ ڪري رهيا هئا. هوءَ گاڏيءَ مان لٿي ۽ عليءَ کي ڳولڻ لڳي. "علي... علي.... علي!" هن جا چپ خشڪ ٿي ويا هئا. ۽ اکين ۾ دهشت جي ويراني ۽ ڳوڙها پريل هئس. هوءَ ديوانن وانگيان رڙيون ڪري رهي هئي.

"Where are you Ali?"

زمين تي ڪريل شهيد ۽ رت جي دڙڳن ۾ ٿٿڪندڙ ۽ چنگهندڙ ماڻهن جو خواب ڇا هئو؟ صرف جمهوريت! هن سوچيو هوءَ تمام گهڻي پريشان ٿي ويئي جڏهن هن عليءَ کي ڪٿي بہ نہ ڏٺو. هن جون اکيون ڳوڙهن ۽ درد سان ترهيون ۽ وار پريشان! ڪنگهندي ڪنگهندي هوءَ ميدان ڪارزار ۾ پيل لاشن ۽ زخمين جا چهرا سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

• "علي!" هن ٻيهر رڙ ڪئي "Where are you Ali..."

"Where are you ?" پر هوءَ بيوسيءَ مان اهو سڀ ڪجھہ چئي رهي هئي. علي ڏسڻ ۾ نہ آيو تہ هوءَ سرڪاري گاڏين ڏانهن وڌي ويئي. جتي هاڻ زخمين کي سٽيو پئي ويو ۽ لاش ايمبولينس ۾ پريا پئي ويا.

"Kaldeep kore, representative Indian Express, I want to see my friend please!"

"Where are your friend?....may be he wounded!"

هن آفيسر ڏانهن ڏسندي چيو.

" Nothing, No permission at all!"

ساڳئي آفيسر هن کي ڪاوڙ مان چيو جنهن سندس ڪيميرا مان رول ڪڍيو هو. ان وقت هن جي چهري تي پٿر جهڙي سختي هئي ڪلديپ هاڻي ڪافي ڏڄي وئي هئي.

هن ويجهي پي سي او تان عليءَ جي سئوٽ سراج کي فون ڪري کيس عليءَ جي لاپتا ٿيڻ جو ٻڌايو تہ هوءَ ذري گهٽ سُڏڪي رهي هئي.

"توهان پي.سي وٽ اچو تہ کيس گڏجي ڳوليون." سراج چيس.

ڪافي دير تائين هو ٻئي اسپتالن ۽ ٿاڻن ۾ عليءَ کي Inquire ڪندا ۽ پريشان ٿيندا رهيا. نيٺ مايوس ٿي هو گهر پُهتا تہ هنن ڏٺو علي اتي پلنگ تي ليٽيل هئو. سندس هڪ ٻانهن زخمي هئي ۽ هو چنگهي رهيو هو.

”مان الاجي هتي ڪيئن پهتو آهيان...هن ٻڌايو.. بيهوش ٿي ويو هئس...! هن سُورَ کان چنگهندي ٻڌايو. تہ ڪلديپ هن مٿان ڪري پئي ۽ ڪيس ڀاڪر پائي چمڻ لڳي. “ ”Oh my dear! Where were you?“

سراج ڪمري کان ٻاهر هليو ويو هوءَ ڪافي دير تائين سڏڪندي رهي ۽ عليءَ جي زخم کي ڏسندي ڪيس اُگهندي هٿ ڦيرائيندي رهي سندس اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا.

نيٺ سراج هن کي سڏ ڪري گاڏيءَ جي چابي ورتي ۽ پنهنجي هڪ ڊاڪٽر دوست کي وٺي آيو. جنهن عليءَ جي زخم کي ٽانڪا هڻيا ڊريسنگ ڪئي ۽ هن لاءِ پرسڪرپشن لکي ڏيئي ويو. شام تائين عليءَ کي ڪجهہ سڪت آئي تہ هن کين ٻڌايو:

’جڏهن جتان ڪٿان رڙيون ۽ ڪوڪون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون. تہ رستن تي اينڊڙ ويندڙ گاڏيون بيهي رهيون. ڊپ مان ماڻهو پوئتي موٽڻ لڳا هئا ۽ گاڏيون بہ پوئتي ورڻ لڳيون هيون. مارڪيٽ ۾ دوڪانن جا شٽر بند ٿيڻ لڳا هئا. اهڙي صورتحال ۾ هو هڪ گهٽيءَ ڏانهن ڊوڙي نڪتو تہ سامهون واري گهٽيءَ ۾ ٻن سپاهين هن مٿان رائفلون تاڻيون ”بيهہ.....!“ هنن رڙ ڪئي هن هڪدم موٽ کاڌي ۽ ٻئي طرف ڀڄڻ لڳو تہ هنن پويان مٿس بہ فائر ڪيا. جن مان هڪ هن جي ٻانهن ۾ لڳو ۽ هڪ پيٽ ۾ تہ هو رستي تي ڪري پيو هن جي ٻانهن مان رت نيڏيون ڪري وهڻ لڳو. گولي هن جي گوشت کي چيريندي نڪري ويئي هئي. هو يڪدم اٿيو ۽ هڪ طرف ڀڄڻ لڳو تہ وري هن تي فائر ٿيو. هو موڙ مڙي ڪنهن گهٽيءَ ۾ تڪڙو ڊوڙڻ لڳو. ڊوڙندو ڊوڙندو گهرن جي دروازن وٽان ٿيندو هو هڪ مسجد جو در کيل ڏسي ڊوڙي ان ۾ ويو تہ سامهون هن مسجد جي پيش امام کي ڏٺو جيڪو در بند ڪرڻ اچي رهيو هئو ان هن کي زخمي ڏٺو تہ ڊوڙي وڃي اندران لٺ کڻي آيو ۽ هن کي دڙڪا ڏيڻ لڳو. ”نڪر خبيث.... اسلام جا دشمن!“ هو اتان بہ ٻاهر آيو ۽ لڪندو ڇپندو پنهنجيءَ ٻانهن کي هٿ ڏيندو نيٺ پٽ تي ويهي رهيو. هن پنهنجي کيسي مان رومال ڪڍيو. ٻانهن تي رکيو ۽ وٽن جي هڪ جهڳٽي ۾ اچي گهڙيو. جتان هڪ واهي وهي رهي هئي. هو ڪيتريءَ دير تائين اتي پيو رهيو ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هن کي هـ

شهر ۾ جڻ راڪاس گهمي ويو هو. رات تائين سڄي شهر ۾ ڪرفيوءَ جو اعلان ڪيو ويو هو. ڪٿي بہ چار ماڻهو گڏ ٿي بيهي نٿي سگهيا ۽ گهرن مان نڪرڻ تي گوليءَ جو آرڊر هئو. اپوزيشن حڪومت جي اهڙي وحشياڻي ڪاروائي تي هئي ڏينهن بليڪ ڊي جو سڏ ڏنو ۽ شهيد ٿيلن جي غائباڻي جنازي نماز لاءِ اپيل ڪئي. ملڪي ريڊيو ۽ ٽيليويزن ماڻهن جي ان مزاحمت کي صدر هائوس تي حملي جي ڪوشش ۽ بغاوت قرار ڏيندي سندن مذمت ڪئي ۽ کين چتاءُ ڏنو تہ ڪنهن بہ باغيءَ کي نہ ڇڏيو ويندو ۽ کين لوهي هٿ سان ڪچليو ويندو.

ادارن جا ماڻهو اخباري آفيسن ۾ پيسٽ ٿيل خبرون سينسر ڪرڻ لاءِ پهچي ويا هئي ڏينهن اخبارن ۾ ڪالمن جا ڪالم خالي ڇپيا. ماڻهن جي جلوس ۾ مزاحمت کي غيرقانوني ڪوٺيو ويو. سرڪاري اخبارن جلوس ۽ عوام جي اجتماع جي مذمت ڪندي ان کي ملڪ جي نظريي ۽ سالميت لاءِ خطرو ڄاڻايو.

●

چوڪريون ۽ آئيس ڪريم

شام آهستي آهستي چهرن جي ولر جيان ڪنهن آفت جيان لهي رهي هئي. ڪڪر گهرا ٿي ويا هئا ۽ وڻ چپ ۽ ساڪت.

آفيس مان موڪل ملڻ تي جڏهن سڀ پارٽنرز اپارٽمينٽ تي پهتا ته عليءَ جي زخمي حالت تي سڀ حيران ۽ پريشان هئا. اڄ سامهون واري بلاڪ مٿان چوڪريون به ٽينس کيڏڻ نه آيون هيون.

لکاڏني ذڪر ڪيو ته 'سندس آفيس ۾ UDC غفرانا هن کي ٻڌايو ته سڄي ڪيپيٽل سٽيءَ ۾ اِها ڳالهه عام هئي ته جنرل ضياءَ تي حملو ڪري ماڻهن ان کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي.'

امتياز ٻڌايو: 'سيڪريٽريٽ ۾ اهو افواهه عام هئو ته صدر هائوس ۾ ماڻهن پيچ ـ ڊاهه ڪئي آهي. ماڻهن هڪ شورا جي ميمبر جي گهر تي حملو ڪري ان کي ۽ ان جي ٻاهر بيٺل گارڊن کي ماري ڇڏيو آهي! حقيقت ڇا آهي، ان جي ڪابه خبر ناهي ڇو ته خبرن ۽ اخبارن تي سينسر هئو.'

"يار! الائجي ڇا ٿيندو اسان جي ملڪ جو؟" سراج چيو.

"جنهن ملڪ ۾ اسلامي قانون ناهي ان ۾ ظلم ٿيندو رهندو." مولوي خالد ڳالهايو.

"سڄي يورپ ۾ اسلامي قانون ڪونهي، پوءِ اتي ڇو انساني آزاديون، جمهوريت ۽ سماجي انصاف آهي؟" سراج ڳالهايو.

"يار! مذهب ۽ رياستي طاقت کي صرف ان ڪري ڳنڍيو ويندو آهي ته جيئن بادشاهه جو اقتدار مضبوط ٿئي ۽ عام ماڻهن کي ڪوبه رليڪس نه ملي! دنيا جي سموري تاريخ ۾ نه رڳو اسلام پر عيسائيت به جڏهن پاڻ کي اقتدار ۾ شامل ڪيو ته لکين ماڻهن جون مُنڍيون ڪپجي ويون! پر ماڻهن جا مسئلا اتي جو اتي رهيا." عليءَ ڳالهايو.

"جنرل ضياءَ جو پاڳلپڻو هن ملڪ کي الائجي ڪٿي پهچائيندو؟" سراج ڳالهايو.

"اسان جي ملڪ جي چوندبل وزيراعظم کي ڦاهي چاڙهيو ويو. جنهن ڪري ملڪ انارڪي جو شڪار آهي" مير ڳالهايو.

"يار! افغان پناهه گيرن جون لوڏيون شهرن جي ٻاهران ڪئمپن جي صورت ۾ آباد آهن. هر ٽئين چوٿين ڏينهن بازارين ۾ بم ڌماڪا پيا ٿين. رشيا اسان کان انتقام ان صورت ۾ پيو وٺي. اسان جي حڪمرانن جي پرو اميريڪن هجڻ جو. سڄي دنيا ۾ اميريڪا اسلامي قوتن کي شهه ڏيئي ڪميونزم جو رستو پيئي روڪي. خبر ٿي پوي ته افغاني ئي اهي بم رکيو وڃن ۽ حڪومت بيان ٿي ڏئي: 'پاڙيسري ملڪ ان سازش ۾ شامل آهي!' ٿي سگهي ٿو ائين به هجي ڪهڙي خبر پر "افغانين کي پاڪستان ۾ سٽڻ جو مطلب ڇا آهي؟" امتياز ڳالهايو.

"ان جو مطلب آهي، پنهنجي ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ." مير ڳالهايو.

"يار! جيڪڏهن ملڪ کي مذهب ڏانهن ڇڪيو ويو ته هن ملڪ جا ماڻهو. بلڪه هن ڪيپيٽل سٽيءَ جا ماڻهو به ڪجهه وقت کان پوءِ گهٽين ۾ نڪري نه سگهندا ۽ بازارين ۾ ٻار ۽ خوبصورت ڇوڪريون اڇي آئيس ڪريم نه کائي سگهنديون!" عليءَ ڳالهايو ته سيني ٿهڪ ڏنا.

"ڪلهه ياجيءَ واري چيو: "پيٽرول مهانگو ٿي ويو آهي. سڀ شيون مهانگيون ٿينديون. اٽو مهانگو ٿيندو، دال ۽ ياجي به مهانگي ٿي ويندي!" لکا ڏني ٻڌايو.

"۽ سرڪاري ملازمن جا پگهار! اهي ڪيئن ڪندا؟" امتياز چيو.

"انهن کي پنهنجي White collar جو ڀرم رکڻ ڏکيو ٿي پوندو." سراج چيو.

"يار ڇانهه ته ڪاڙهيو..." سراج چيو.

"عليءَ واري ڳالهه ته جيڪڏهن خوبصورت ڇوڪريون "سپر جناح" ۽ "سپر مارڪيٽ" ۾ اڇي آئيس ڪريم نه کائي سگهنديون ته پوءِ جناح جي هن پاڪستان جو ڇا ٿيندو؟" مير ڳالهايو.

"I hate this country.....your Jinah's Pakistan!"

مردان جو منسٽري آف پاپوليشن پلاننگ ۾ ڪم ڪندڙ شميم خان، پنهنجي ڪمري مان ٻاهر آيو ۽ ڳالهايائين.

"ان ۾ پاڪستان جو ڪهڙو ڏوهه آهي لالا! پاڪستان ته ڪشمير ۽ گلگت جا خوبصورت نظارا آهي. اهو ته مانسرور جي زندگيءَ بخش ڍنڍ آهي. جنهن علائقي جو نالو پاڪستان رکيو ويو آهي سو دراصل Indus

Valley آهي، اهو تہ Indus River آهي. اهو تہ... چناب، ستلج ۽ راوي آهي. اهو تہ ڪراچيءَ جو سمنڊ آهي. اهو تہ پهاڙ ميدان ۽ ريگستان آهي. ڇا انهن ريگستانن، جبلن ۽ دريائن جو ڏوهہ آهي؟" سراج ڳالهايو تہ شميم خان جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

"هن ملڪ ۾ پهرئين ئي ڏينهن کان ونيءِ انگريز سامراج جي ڇڏيل واهيات باقيات جنهن ۾ مسلم ليگ بہ شامل آهي، سازشون ڪيون آهن. هنن گانڌي، غفار خان، شيخ مجيب ۽ جي ايم سيد جي ڳالهہ نہ مڃي، هنن ڪڏهن بہ عوام جي نمائندن ۽ عوام کي قبول نہ ڪيو غلط پاليسيون Adopt ڪيون جنهن ڪري ملڪ ٽڪرا ٿي ويو." هاڻ پڻي صاحب رهيل پاڪستان کي اجان ڇهہ ستن سالن ۾ مس سنڀاليو تہ وري ان کي بہ قيد ڪري ڦاسي ڏني ويئي، مارشل لا عوام ۽ پاڪستان مٿان لعنتن جيان وسي رهي آهي!" شميم خان چيو.

"شميم خان تون صحيح آهين پر ان ۾ جناح ۽ پاڪستان جو ڪو ڏوهہ ناهي." سراج ڳالهايو.

"مسلم ليگ هڪڙي اهڙي رنڊي آهي جنهن هر جنرل جي ڪڇ ۾ ڪجهہ راتيون گذاريون آهن. هر جنرل جي ملڪ تي قبضو ڪرڻ بعد ان بيوٽي پارلر جو رخ ڪيو آهي ۽ اتان تيار ٿي نئين شڪل ۾ نڪتي آهي!

"ڇڏيو يار! اهي سياسي ڳالهيون."

"لڪاڏنا.... ٻڌاءِ تنهنجي پبلڪ سروس ڪميشن واري غفرانا جا ڪهڙا حال آهن؟" شميم خان پڇيو.

"سر! اها بلڪل ٺيڪ آهي." لڪاڏنو کلڻ لڳو.

"هر مهيني جي پهرئين تاريخ سڄو پگهار ان تي ڪپائي ٿو اڇي ۽ پوءِ سڄو مهينو اوڌر تي گذارو اٿس!" امتياز ٻڌايو تہ سڀئي کلڻ لڳا.

"ها تہ ٻڌاءِ ڪڏهن ٿو مِس غفرانا سان شادي ڪري جناح جي هن آزادي ڏياريل ملڪ جي آباديءَ ۾ اضافو ڪرين؟"

"ها ها ها! ها ها ها!" لڪاڏنو کلڻ لڳو تہ ٻيا بہ کلڻ لڳا.

"يار سراج! اسان جي ملڪ تي آباديءَ جو بوجهہ ڪيترو نہ وڌي رهيو آهي؟" شميم ٻڌائڻ لڳو.

"يار ڪلهہ مون فائيلن ۾ ڇڻن ئي صوبن جي آباديءَ جا انگ اکر ڏٺا آهن تہ اکيون ڦاٽي ويون اٿم. هڪ سروي موجب ڪجهہ ئي سالن ۾ ملڪ ي آبادي پنجٽيهہ ڪروڙ ٿي ويندي! روزانو ماڻهو مري رهيا آهن پر ان کان

انوٽا جمي رهيا آهن ۽ انهن جي زندگيءَ جو معيار ڇا آهي؟ بنا تعليم، بنا ڪاڏي، بنا تربيت، بنا غذا ۽ دوا جي، بنا عزت جي ماڻهن جا انبوهہ ڄڻ Cockroaches ۽ ڪوئن جا ولر...! Shit ... Shit" شميم خان ٻڌايو.

"توهان فڪر نہ ڪريو جيڪڏهن ملڪ ۾ جنرل ضياءُ الحق (حق جي روشني) ڪجهہ سال وڌيڪ رهيو تہ آباديءَ جو انگ پاڻهي برابر ٿي ويندو ۽ ملڪ کي پاپوليشن پلاننگ واري منسٽريءَ جي ڪا خاص ضرورت نہ پوندي ۽ اها بند ڪرڻي پوندي!" امتياز ڳالهايو تہ سيئي کلڻ لڳا.

"۽ هي جيڪي روسي ساخت جا بم پيا ڦاٽن، اهي بہ آباديءَ ۾ خاطر خواهہ ڪمي آڻي ڇڏيندا! Don't worry" عليءَ چيو تہ سڀ کلڻ لڳا.

عليءَ سگريٽ دکايو ۽ ڳالهائڻ لڳو:

"اصل ڳالهہ جيڪا ڪنهن جي سمجهہ ۾ نٿي اچي تنهن بابت ڪنهن سوچيو آهي: ننڍي کنڊ ۾ جيڪا وِلين جي سرزمين آهي. اتي هندن ۽ مسلمانن ۾ Rivality ڪيئن پيدا ٿي ويئي؟ ۽ اتي هندو ۽ مسلمانن کي ڪنهن ڏار ڪيو؟ ۽ بچيل پاڪستان ۾ اصل قومن کي قومن سان ويڙهائڻ ۾ ڪنهن ڪردار ادا ڪيو؟ قومن ۾ ۽ صوبن ۾ نفرتن جو ٻج ڪنهن پوکيو؟ آهي ڪو جيڪو ان ڳالهہ جو پيچ پڪڙي؟ "گولڊن ٽيمپل"، "بابري مسجد" ۽ هتي پاڪستان ۾ مندرن تي حملا ۽ ڪليسائن تي بمباريون؟ اهو سڀ ڪجهہ ڪير ٿو سوچي ۽ ڪري؟"

"۽ هتي قادياني، سني، شيعہ، فرقيواريت سڀ ڪجهہ ڪير پيو ڪري؟ گهٽ ۾ گهٽ اِها ڳالهہ آسمان وانگر صاف آهي تہ عام ماڻهو اهو سڀ ڪجهہ نٿو چاهي!" ٻاهر ڄڻ دهشت جو ماحول پکڙجي ويو هو. سڀ چپ ڪري عليءَ کي ٻڌي رهيا هئا.

●

Fried Eggs, without Fry Pane

ٻئي ڏينهن شام جو صدر صاحب هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي. پريس ڪانفرنس کان اڳ هڪڙو مولوي آيو ۽ ان قرآن شريف جي هڪ آيت جي تلاوت ڪئي. صدر صاحب جنهن جي پويان ڀت تي قائدي اعظم جي تصوير لڳل هئي، جنهن ۾ قائدي اعظم لڳو ٿي مسڪرائڻ بجاءِ غمگين هئو. پريس ڪانفرنس ڪندي هن سندس حڪومت کي انصاف ۽ عدل قائم ڪندڙ حڪومت قرار ڏنو ۽ چيو. هن ملڪ ۾ ماڻهن جي لاءِ اسلامي نظام کان سواءِ ٻيو ڪوبہ بهتر نظام ٿي ئي نٿو سگهي. ڇو تہ هيءُ ملڪ مذهب جي ناليِ تي ٺاهيو ويو هو ۽ ماڻهو مذهب جي ڇانو هيٺ ئي رهڻ پسند ڪن ٿا.

Our country's integrity is now at stake: It is now our duty as guardians of this Islamic Republic to preserve our religion and our country. That's why Pakistan exists. We are like Israel. An ideological state. Take Judaism out of Israel and it will collapse. Take Islam out of Pakistan and make it a secular state we will collapse.

صدر هڪ جهوني صحافي جي سوال جي جواب ۾ چيو.

"سمورا ماڻهو الله جي حڪومت هيٺ رهڻ پسند ڪن ٿا. باقي چند سياستدان جيڪي عوام کي رستن تي آڻي پنهنجا ذاتي مفاد پورا ڪرڻ ٿا چاهين، تن کي اسين ڪنهن بہ صورت ۾ Spare نہ ڪنداسون. اسلامي نظام جو عدل ۽انصاف آڻڻ جي راهہ ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي مضبوط لوهي هٿ سان ڪچليو ويندو. ماڻهو اسلامي نظام ٿا چاهين." هو ڏند ڪُرٽي رهيو هئو هن جي اکين جي چوڌاري پيل ناسي دائرا ان ڳالهہ جو ثبوت هئا تہ هو سخت پريشانيءَ ۾ هئو.

"جناب صدر! ماڻهو پنهنجا بنيادي انساني حق چاهين ٿا. سندن اظهار جي آزاديءَ جو حق، سندن تقرير ۽ تحرير جو حق، سندن ووٽ جو حق،

جيڪو آزاد معاشرن ۾ هر بالغ ماڻهوءَ کي استعمال ڪرڻو آهي. ۽ ماڻهن جي روزگار جو حق، مانيءَ جو حق." ڪلديپ هٿ کڻي سوال پڇيو.

"اسين عوام کان سندن ووٽ جو حق ضرور استعمال ڪرائيندا سون." جنرل پنهنجي ڪريهه ۾ ڪاوڙيل ڇهري تي ڪاوڙ ڏيري ڪندي چيو. "اسان انهن کان ريفرنڊم ۾ ووٽ وجهرائيندا سين! تہ آيا هو ناڪارا، سڙيل ڳريل ۽ بيهودو مغربي نظام چاهين ٿا يا اسلامي نظام جنهن ۾ هر ماڻهو برابريءَ جو حق رکي ٿو ۽ ڪتو بہ بک وگهي نٿو مري!" هن تير هنيو تہ سڀ چپ ٿي ويا.

"مسٽر پريزيڊنٽ! پر ماڻهن جي بنيادي آزادي، لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي حقن بابت ڇا پروگرام آهي". ڪلديپ ٻيهر سوال ڪيو.

"اسلام ۾ سڀي گنجائش موجود آهي، پاڪستان ڪا مطلب ڪيا؟ لا الله الاالله!، پاڪستان اسلام لاءِ ٺهيو هو. پر اسين اهڙن نابالغ سياستدانن کي قطعي اجازت نہ ڏينداسين تہ اهي ماڻهن کي پنهنجن ذاتي مقصدن لاءِ استعمال ڪن ۽ اهڙيون آزاديون طلبين، تئين دنيا جي ملڪن ۾ عام ماڻهن جو مسئلو سندن زندگيءَ جي معيار کي مٿي آڻڻ آهي نہ ڪہ انهن جي تقرير ۽ تحرير جو مسئلو جيڪو سراسر چند ڊرائنگ روم دانشور پسند ڪن ٿا." ڪلديپ وري سوال ڪيو:

"Mr: president! What is about the speech of Qaide_Azam Muhammad Ali Jinah the Founder of Country who has delevered on August 11th 1947."

'You are free, you are free to go to your temples you are free to go to your mosques or, to any other place of worship in this state of Pakistan, you many belong to any religion or caste & creed _that has nothing to do with the buisness of the state.'

جنرل پنهنجو چشمو ٺاهيو ۽ شيشن مان نهاريندي چيائين: "يہ تاريخ سي کهلا مذاق هي جو ڪچهہ سيڪولر تاريخ دانون ني کيا هي."

"Qaide_Azam has never delievered the speech like that!"

"We will see and correct the curriculum a the subject of History that what is going on in books such are reading our boys!"

"An other Question?" هن جڻ ڏند ڪرٽيا ۽ سمورن ڏانهن نهارڻ لڳو. "ٻيو ڪو سوال"؟

"ڪو بہ نہ" سيني چيو"مهرباني." ۽ ڪلديپ ڊنر ۾ شريڪ ٿيڻ بجاءِپنهنجي رپورٽ فائيل ڪرڻ اسلام آباد هوٽل ڏانهن رواني ٿي. صحافي جڏهن صدر طرفان ڏنل ڊنر ۾ شريڪ هئا. جنرل پنهنجي Politeness ظاهر ڪرڻ لاءِ سيني سان گهلي ملي رهي هئو ۽ ڪي صحافي سندس اجوڪي پريس ڪانفرنس لاءِ پنهنجي اخبارن لاءِ ذهن ۾ خوبصورت جهلڪيون ناهي رهيا هئا تہ ڪلديپ ۽ علي ان وقت شهر جي هڪ هوٽل جي ٽيبل تي ڊسڪس ڪري رهيا هئا.

عليءَ جي ٻانهن ٻڌل هئي. "جيڪڏهن مان آرٽسٽ هجان ها تہ هڪ پينٽنگ ناهيان ها. جنهن ۾ جنرل کي هڪ هاٿي ڪري ڏيکاريان ها. جيڪو هڪ فصل کي نہ رڳو کائي ٿو پر لتاڙي بہ ٿو ۽ آخر ۾ ان جي out put لڏ آهي." عليءَ چيو.

هو ٻيئي ڪالهہ صبح واري اها ظالماڻي وارتا هڪٻئي کي وري ٻڌائي رهيا هئا. جڏهن معصوم ماڻهن کي گولين سان پروڻ ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي ويئي هئي ۽ جڏهن ماڻهو پنهنجين گهٽين. گهرن ۽ شهرن مٿان جمهوريت جي پردي تاڻڻ لاءِ جدوجهد ڪندي جان جو نذرانو ڏيئي ۽ رت وهائي رهيا هئا ۽ ان سموري ظالماڻي عمل کي اسلام جي نالي ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ٿِئي ڪئي ويئي. پريس ڪانفرنس ۾ اسلام جو نالو استعمال ڪيو ٿِئي ويو. ملڪ جي غريب ۽ ٻي روزگار ماڻهن جي ڦٽن تي مذهب جو مرهم ٿِئي رکيو ويو. مذهب جو ورد ڪري انهن تي حڪومت ڪرڻ جو گهمنڊ ڪيڏيءَ نہ شدت سان جنرل کي هئو. **جنرل ڇاتو ٿي تہ ملڪ جا سادا سودا ۽ اٻوجهہ ماڻهو الله جي حڪومت جي نالي ۾ چپ رهي ٿي سگهيا.** ڇا تہ بيان جي خوبصورتي آهي! ماڻهن جي جدوجهد سان جڏهن حڪمرانن کي خطرو محسوس ٿئي ٿو تہ هو ان کي ملڪ جي Integrity سان ٿا ڳنڍين!"

"The General has Ideological holes in his theory, like Feuer Bach's philosophy."

عليءَ ڳالهايو.

"اسلام جي ٽيڪ تي هلندڙ جنرل جيڪو ٿائي لينڊ ۾ هڪ لاماجي چوڻ تي پنهنجي اقتدار جي ٻينگهہ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پڳوڏا ۾ گهنڊ ٿو وڄائي. اسٽيٽس ۾ پورڪ فلڊ سينڊوچز ٿو کائي! تقريبن ۾ شوبز

جي مشهور اسٽارز ۽ ليڊيز سان چرچا ٿو ڪري. سو اسلام جو داعي آهي حيرت آهي. "ڪلديپ ڳالهايو.

"He want to present Fried Eggs without Frying Pan.but he has no sheer force for his thundering thinkings"

عليءَ چيو.

"علي! اداسي ڏکي ٻڌجي ويئي آهي. مون کان ڪلهه صبح وارو قتل عام سڄي زندگي نه وسرندو! مون کي اجان تائين مٿي ۾ سور آهي ۽ ان مهل منهنجي دل جو ڌڙڪو وڌي ٿو ويجي. جڏهن ڪلهه صبح وارو منظر فلم جيان منهنجي ذهن جي اسڪرين تي هلي ٿو. مون کي جرنلزم جو پروفيشن نه اختيار ڪرڻ گهرجي ها!" ڪلديپ جي چهري تي اداسي، بيماريءَ جيان پاسي تي. "مان رات ٽرانڪيو لائزرس ورتيون آهن. مان اڄ رات به سمهي نه سگهنديس. خوني منظر هر دم منهنجي ذهن تي ڦرندو ٿو رهي."

تڏهن هوءَ پنهنجي بيگ مان ڪجهه ٽيبليٽس ڪڍي پاڻيءَ جو گلاس پري تي ته علي پنهنجي هينڊبيگ مان هڪ ڪتاب ڪڍي ان مان شعر پڙهڻ لڳي ٿو. "هيءَ ڪتاب اڄ ئي مليو آهي. ۽ ڪالهه واري واقعي جي عڪاسي ڪري ٿو."

وردي پوشن،
ڌارئين ملڪ جيان،
منهنجي گهر تي حملو ڪري.
راتا هو هنيو
منهنجن پائرن جو رت رستن تي ائين هاريو ويو.
جڻ ڪو جشن ملهائڻ لاءِ.
شهر سينگاريو تي ويو!
ڪاري ڏامر جي رستن تي جڻ.
ڳاڙهي رت سان گل چٽ تي ڪڍيائون!
لاش، جيڪي
لوهي نال لڳل بوٽن سان لتاڙيا ۽ چيٿاڙيا ويا!
منهنجا سپ شعر ساڙيا ويا!
منهنجا احساس ڪيا ويا تلف.
منهنجا ڪتاب.

تيهتر جو آئين سمجهي،
سندن خلاف لکيل هر ڳالهہ ڪاتي چڙهي وئي!
"Its Excellent!" ڪلديپ ڳالهايو.
عليءَ گلاس مان پاڻيءَ جو ڍڪ پريو ۽ وري پڙهڻ لڳو.
منهنجا قلم پڇي،
سمجهيو ويو تہ:
تاريخ جون ٽنگون پڇي پيون!
هاڻ اها سفر نہ ڪري سگهندي
شهر جي گهٽين ۾
هٿيار کڻي هو آزاديءَ سان گهمندا رهيا.
پر هين کي اهڙي آزادي نہ هئي!
ان تي مون سوچيو:
جنهن جي هٿ ۾ هٿيار آهي،
سو آزاد آهي!،
سڀ رستا بند ڪري ڇڏيا ويا آهن،
پر سمورن سپنن جو اکيون، هاڻ کلي رهيون آهن!
سپنا، جي مون بند اکين ۾
ستل گوريلن جان لڪا هئا،
ڪرَ موڙي جا ڳي رهيا آهن،
اڳتي هلڻ لئہ اٿڻ لڳا آهن،
"Well_done" چا تہ اج جي ملڪي صورتحال جي بلڪل، Acurat
تصوير "ڪلديپ _ Comments ڏنا.
هنن طرفان تہ سمجهيو ويو
ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان رابطو ٽٽي چڪو
پر هاڻ، ماڻهو اکين جي زبان ڳالهائي ڄاڻن!
زندگيءَ جون سڀ پتڙيون،
اکڙي ويون .
حياتيءَ جون سڀ بو گيون،
ڏامر جي ڏہن جيان سڙي چڪيون!
تار تار سان نٿي ملي!

پر پوءِ به،
ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان رابطو آهي.
سمورن کي ڄاڻ آهي،
ته ڪين ڇا ڪرڻو آهي!
وردي پوشن،
ڏاڙهين ملڪ جي سپاهين جيان،
منهنجي امن ـ پرئي گهر تي حملو ڪري،
شهر کي ائين ساڙيو
ڄڻ اهو ويران قبرستان هئو!
هاڻ ڇپائيپ ۾ تاريخ جا بدصورت چهرا
ڪٿن جيان ڏاڙهي رهيا آهن،
ڪُتا، پنهنجا ڦٽ پيا چٽين،
ڪتا، پنهنجي زخمي ضمير جي اخبار جي واهيات صفحن تي،
گيرَ ڪري رهيا آهن!
۽ ڪتا پاڻ کي اشراف پيا ثابت ڪن!
پر سيني کي خبر آهي،
ته اهي ڀوتيون پٽيندڙ
لاش لتاڙيندڙ آهن!
"واهه واهه واهه...... ڪلديپ مسڪرائڻ لڳي. Excellent!".
هو ٻئي ڪافي دير تائين ان صورتحال تي ڳالهائيندا رهيا.

●

لُبيل دنيا

ڪافي ڏينهن گذري ويا علي پنهنجي اپارٽمينٽ تي هئو.

بيل وڳي تہ علي وڃي دروازو کوليو. ساڳيو پناڻ ڇوڪرو جنهن جا ڳل صوف جي رنگ جيان ڳاڙها، بُت گوشت سان پُر، چپ گلابي، اکيون سايون، ڪپڙا گرا ۽ بدن گدلو هئو سو هن اڳيان بيٺو هو.

"تہ تون اچي وئين؟" علي مرڪي پڇيو.

"هائو...! مان ڪلهہ بہ آيو هئس پر دروازو بند هئو." ڇوڪري ٻڌايو.

اڃان صرف صبح جا ساڍا يارهن ٿيا هئا. ٻين ساٿين جي اچڻ جو ڪو امڪان ڪو نہ هئو. عليءَ سوچي اطمينان ڪيو.

"اندر اچ!" عليءَ دروازو کولي هن کي ٻانهن کان وٺي اندر ڪيو ۽ دروازو بند ڪندي هن کي باٿ روم ڏانهن وٺي ويو.

"هاڻ هيئن ڪر..."عليءَ ڪجهہ سوچيندي چيو: "تون باٿ روم ۾ وڃي وهنج. گرم پاڻي هلي ٿو. وهنجي صفائي ڪر تہ مان ڪپڙا ڏيانءِ. اهي پائي پوءِ ٻاهر نڪر."

"مان وهنجان؟" ڇوڪري حيرانيءَ مان هن ڏانهن نهاريو.

"هائو... توکي وهنجڻو پوندو. تون گدلو ٿيو ٿو هلين."

ڇوڪرو ڪجهہ سوچيندي، ٻنان حجاب جي باٿ روم ۾ گهڙي ويو.

عليءَ الماريءَ مان پنهنجو هڪڙو سُوٽ ڪڍيو ۽ هن کي ڏيندي چيائين: "چڱيءَ طرح صفائي ڪجانءِ ۽ پوءِ هي ڪپڙا پائجان".

"هائو هائو..." ڇوڪري اندران جواب ڏنو.

علي سگريٽ دکائي وڃي بالڪنيءَ ۾ بيٺو ۽ ڪجهہ وقت هيٺ رستن ۽ فوٽ پاٿن تي هلندڙ ماڻهن، اليڪٽريشن ۽ پلمبرن کي ڏسڻ لڳو جيڪي اڪثر فليٽن ۾ بجليءَ ۽ پاڻيءَ جي مرمت لاءِ اوزار کڻي اچي وڃي رهيا هئا.

ڇوڪرو ٻاهر نڪتو تہ ٻنهي بدلجي چڪو هئو. صفائي بعد هن جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو اچي ويو هئو. "هاڻ ڏس! تون ڪيترو بدلجي چڪو آهين....اچ الماريءَ ۾ اچي ڏس." هو ڇوڪري کي ٻانهن کان وٺي قد_ آدم آرسيءَ اڳيان وٺي آيو تہ ڇوڪرو پاڻ کي ڏسي کلڻ لڳو. ۽ هن جي منهن ۾ نهارڻ لڳو "هاڻ هيڏانهن اچ." هو ڇوڪري کي بيڊروم ۾ وٺي ويو. پهرين هن جي سڄي جسم تي پائوڊر ثقيائين، پوءِ يو ڊي ڪولون جو ڦوهارو هڻي هن کي پلنگ تي سمهاري ڇڏيائين.

وچڙ مهل. هن ڇوڪري جي کيسي ۾ پنجاهہ رپين جو نوٽ وجهي ڇڏيو تہ ان جون واڇون ٽڙي پيون. هو وڃڻ لڳو تہ وري سڏ ڪيائينس... "ٻڌ...ٻڌ! اهو جوتو نہ پاءِ.... اڇلاءِ اهو.... هيڏانهن اچ." هن الماريءَ جو هيٺيون خانو کوليو ۽ ان مان سندس هڪ بوٽ ڪڍي ڏنائينس "

"پاءِ...پورو آهي؟.....وڏو تہ ناهي؟"

" صاحب ٿورو وڏو آهي." "ان ۾ پاتاوا وجهجان". ڇوڪرو هن جي اهڙي فياضيءَ تي مرڪي رهيو هئو.

"'ٺيڪ سر!' ڇوڪرو ٻيهر مرڪيو.

"اچي هي جوراب وٺ. گرم آهن..." عليءَ مرڪندي کيس جوراب ڏنا.

ڇوڪرو جوراب ۽ بوٽ پائي چڪو تہ علي هن کي دروازي تي ڇڏڻ آيو ۽ ٻاهر نڪرندي ئي دروازو بند ڪري اچي بيڊ تي ليٽيو. هو ان مهل پاڻ کي ڪافي بهتر. ڪافي رليڪس محسوس ڪري رهيو هئو. لمحي لاءِ هن کي اهو خيال ايندي ئي ڪافي شرمساري محسوس ٿي تہ ان مهل فليٽ تي هن جو ڪو پارٽنر اچي وڃي ها تہ هو کيس ڇا جواب ڏئي ها! هن سوچيو ۽ هن تي اهو راز بہ کُليو تہ انساني جسم جي ڪا بہ اهميت ڪانهي ماڻهوءَ جي جسم جي ڪا خاص حيثيت ڪانهي. اهو ڪارو هجي يا گورو. اهو ڇوڪريءَ جو هجي يا ڇوڪري جو سيڪس بس سيڪس آهي. حقيقت ۾ سيڪس بہ ڪا ايڏي وڏي شيءِ ڪانهي. ننڍا ماڻهو ڪاڏي ۽ سيڪس لاءِ آتا هوندا آهن ماڻهوءَ جو جسم دراصل گند سان ڀريل کڏ آهي. پر ماڻهو جڏهن نخرا تو ڪري تہ لڳي ٿو ان کان وڏي ۽ طاقتور شيءِ دنيا ۾ ٿيندي ئي ڪانہ! اهو سوچيندي سوچيندي هن کي گهري ننڊ وٺي ويئي.

●

ٻہ تصويرون

اج عليءَ لاءِ سڀاڳو ڏينهن هو. هن کي ٻہ لفافا مليا. جن ۾ هن لاءِ ٻہ آفر ليٽر هئا. هڪڙي هنڌ هن کي آفيسريءَ جي پوسٽ ملي هئي ۽ ٻئي ۾ وري نان گزيٽيڊ نوڪريءَ جو آرڊر هئو. جنهن مان ڪوبہ هڪ جوائن ڪرڻ لاءِ هو سوچڻ لڳو. شام ٿيندي ئي سڀ دوست جڏهن مڙيا تہ گهر ۾ کل کلوڙ مچي ويئي.

"مون چيو ڪو نہ تہ نيٽ ڪم ٿي ويندو." امين چيو.

"بابا ان خوشيءَ ۾ مان سنگت کي تاج محل ۾ ڊنر ڏيندس." امين اعلان ڪيو.

"۽ آءٌ چائنيز تي ڊنر...." امتياز چيو.

"شڪر ٿيو يار...هاڻ واندڪائيءَ کان تہ ڇُٽو." سراج چيو "۽ ان خوشيءَ ۾ منهنجي پاران يونائيٽيڊ بيڪريءَ جو پنجن پائونڊن جو ڪيڪ...." واہ واہ واہ سڀني تاڙيون وڄايون.

"پيارا! مبارڪ هجئي، هاڻ ڪڏهن ٿو جوائن ڪرين؟"

"ڇوڪريءَ ۽ نوڪريءَ ٻنهي جي." مير چرڪو ڏنو.

"ها ها ها....ها ها...." سڀئي کليا تہ هو پاڻ بہ کلڻ لڳو

"نيٽ چاندئي صاحب ڪم ڪيو... يار ڏاڍو سُٺو ماڻهو آهي." امتياز چيو.

"ادا، مون بہ سندس پاڻيجي جو ڪم ڪيو هو. جڏهن فارين آفيس جي انٽرويو ۾ مان ڪميٽيءَ جو ميمبر هئس، سو اسانجو ڪم بہ ڪرڻو هئس." سراج ٻڌايو.

"لالا، پلا ڏي خبر. تنهنجيءَ هن جي، او تنهنجيءَ ڇگهہ جي؟" امتياز پڇيو

”ٺيڪ آهي.... يار آءِ سوچيان ٿو ڪهڙي اداس ۽ ذليل شهر ۾ توهان دوستن جو ساٿ نہ هجيم ها تہ ڪيئن گذاريان ها؟“

”۽ هوءَ جيڪا وتي ٿي توکي ڏاهيندي سنواريندي؟ ۽ گهمائيندي ڦيرائيندي؟ امين ڳالهايو. ”اها صرف هڪ سٺي صحافي آهي ۽ منهنجي بينڪ بہ آهي منهنجا ڳرابل پرڻ لاءِ. ٻيو ڪجهہ بہ نہ.“ هن مايوسيءَ مان چيو.

“She is just a good journalist but not good lover at all …you know!?”

”ماما...سچ اسان کي تہ ڪالفت ئي ڪانهي، آفيس ۾ بہ سڀ پري پري ٿيون پڇن. ڪا لائن ئي نٿي ڪرائي، جڏهن اسين ماڻهو نہ پر ڄڻ جنات هجون. هونئن سُپر وچ تہ گاڏيءَ ۾ ويهڻ واريون ڪوڙ پر اهڙي ڪا ملي، جيڪا سنگت بہ رکي ۽ مال بہ ڏئي.“ امتياز ڳالهايو.

”هن کي تہ لاڪيٽ، منديون....ٽوپيس را_سِلڪ جا سُوٽ الائي ڇا ڇا ٿي ڏئي....!“ خالد ڳالهايو

”۽ هيءَ بہ پايو ٽوپيس...بو ٿايون ڪٽ ۾ ٿيو هلي.“ امين چيو.

”سچ تہ يار آفيسر تہ هيءَ تو لڳي. اسين تہ ائين ئي آهيون. اسان کي تہ ڪپڙن پائڻ جو ئي Sense ڪونهي.“ امين چيو.

”يار واقعي، اسان کي تہ ڪپڙا بہ نٿا پائڻ اچن ايمان سان.“ مير چيو.

”يار پلا ڪرينس نٿو شادي، ڇو پلا ڪنورٽ نٿي ٿئي ڇا؟“ امتياز ڳالهايو.

”يار ڪهڙي تا ڳالهہ پڇو بس......“

”ڇو بس؟“ خالد هڪدم چيو.

”مسلمان ٿيندي تہ خوشي ٿيندي مسلمان وڌندا“ خالد چيو.

”شادي ڪرڻ لاءِ ڪنهنجو Convert ٿيڻ ضروري آهي؟..... پر شادي منهنجي نظر ۾ ماڻهوءَ جو معراج تہ ناهي. هوءَ ڪجهہ ائبنارمل بہ رهي آهي. ڪجهہ سببن جي ڪري “عليءَ کين ٻڌايو.

ٻئي ڏينهن هو سيڪريٽريٽ ويو اتان ليٽر وٺي فيڊرل هاسپيٽل مان پنهنجو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرايائين ۽ ٻيون فارملٽيز پوريون ڪرڻ ۾ جنبي ويو.

ڪافي ڏينهن گذري ويا پر هو وري بہ روزانو آفيس مان ناڪام موٽڻ لڳو. هن جي جوائننگ نٿي ورتائون. آخر ۾ خبر پيئي تہ سيڪريٽريءَ ۽ منسٽر جي پاڻ ۾ اڻ بڻت جي ڪري سڀ آرڊر ڪينسل ڪيا ويا هئا. اهو

ٻڌڻ بعد علي پهرين تہ سڪتي ۾ اچي ويو هو. جڏهن ايڊمن آفيسر ڪيس چشمي مان ڏسندي ٻڌايو هو. هن ڏٺو ايڊمن آفيسر جي پويان گڏو گڏ ٻہ تصويرون هن تي ڪلي رهيون هيون. هڪ قائدي اعظم جي ۽ ٻي جنرل جي تصوير هڪ ايمان، اتحاد. يقين محڪم جي ۽ ٻي انصاف ۽ ميرٽ جي جنازي جي تصوير. ان ڏينهن اهو ٻڌڻ بعد علي چاڙهيون لهندي رُنو هو. روئيندي روئيندي هو هيٺ لهي آيو. آڪٽوبر جي ٿڌي آسمانَ تي هن ڏٺو ڪجهہ بہ نہ هو. ٿڌو ۽ ٻي جان شهر برف وانگيان. هيٽرن سان گرم ڪمرن ۾ ويهندڙ ٿري پيسن ۽ واسڪوٽين ۾ آفيسرن/بيورو ڪريٽس جي قلمن ۾ مس نہ پر برف پريل آهي. دلين ۾ برف، اکين ۾ برف ۽ هٿن ۾ برف.

'What a Country!' هن پڪڪيو 'مان هاڻ بغاوت ڪندس. مان ضرور بغاوت ڪندس'.

●

نو رُشوت، نو سفارش!

ڪافي هائوس جي ٻاهران ٿڌڙي هوا لڳي رهي هئي ۽ آسمان تي گهاٽا ڪڪر ڇانيل هئا. علي ۽ ڪلديپ آمهون سامهون ويٺل هئا.....

"Ali, what is about your job?"

ڪلديپ ٻئو سوال ڪيو.

"Why did you look for a job Ali?"

"تون ڪجهه ٻيو ڪر نہ ڪنهن اخبار ۾... ڪنهن جاءِ.... تون ريڊيو يا ٽي وي تي خبرون Translate ڪري سگهين ٿو. پارٽ ٽائيم ڪجهه بہ ڪري سگهين ٿو. يا وري انجنيئرنگ/ڪنسٽرڪشن ڪمپني کولي سگهين ٿو.

"I mean you are not trying seriously Ali."

"مون توکي چيو هو تہ ڪجهہ ڪر يار! ڪجهہ وزيرن سان مل، ڪجهہ سيڪريٽريز سان مل، جيڪڏهن ڪري سگهين ٿو تہ يا وري مون کي چئہ بلڪ مون کي Request ڪر." هن مسڪرايو.

But you did nothing....absolutely nothing.

"جيڪڏهن.... تون مون کي ريڪئيسٽ...ڪرين تہ...!" هوءَ ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

"اوهہ... ان جي تون مون مان صرف توقع ئي رکي سگهين ٿي!"

"چو... باءِ دي وي مون اڳيان.. پاڻ کي گهٽ محسوس ڪندين؟"

"گهٽ .... محسوس...؟ مان اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي."

"سچ علي.... Be serious now جيڪڏهن تون مائينڊ نہ ڪرين تہ... مان ماما کي چوان؟ اهو 'President' ڪان تنهنجي لاءِ نوڪري وٺي سگهي ٿو." هوءَ عليءَ جي چهري کي تڪڻ لڳي.

"Sorry!" مان University Top ڪيو آهي، ۽ منهنجو حق آهي تہ مون کي سڌي جاب ڏني وڃي. نو رشوت، نو سفارش."

"يار !Nothing to be sorry about"

"I know; I know علي.... پر توکي خبر آهي تہ اسان وٽ _sub continent.... ۾ هر جائز ڪم لاءِ بہ سفارش ۽ رشوت جي اڪثر ضرورت پوندي آهي؟ ۽ اهو ماٺهو کي ڪرڻو پوندو آهي."

علي مسلسل ڪجهہ دير لاءِ ڪلديپ کي تڪيندو رهيو ۽ ڪلديپ هن جي اکين جي گهور محسوس ڪندي رهي ۽ پوءِ علي ٺهڪ ڏيڻ لڳو.....

"توکي خبر آهي تہ:

Kaldeep_You have solved my mystery in seconds but!

.... ها ها ها......"

ان ئي مهل ڪلديپ کي محسوس ٿيو تہ هن عليءَ جي ذات بابت ڳالهائي هن شايد غلطي ڪئي آهي ۽ هن ڪجهہ دير لاءِ عليءَ جي گهور کي ايئن محسوس ڪيو جڻ اها هن جي اندر تائين سُوئي جيان لهي هن کي ڦٽڪائي رهي هئي. هن محسوس ڪيو جڻ ان گهُور هن کي عليءَ اڳيان بي لباس ڪري ڇڏيو هو ان ڪري هوءَ شرمندگي محسوس ڪرڻ لڳي ۽ هن شدت سان محسوس ڪيو تہ اندر جي جذبن سان اٽيل ڪا چادر هجي جنهن کي هو پاڻ مٿان اوڍي ڇڏي!

"ماٺهوءَ کي نوڪري وٺڻ کان پوءِ ڇوڪريءَ جي ضرورت بہ پوندي آهي.

I'm thinking about that....You know that...?"

"تہ؟"

"تہ ڇا توکي مون جهڙي هينڊسم ۽ جوان ماٺهوءَ سان شادي ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي ڪانهي؟" عليءَ مسڪرايو.

"ان جو مطلب تہ... تون مون کي پروپوز پيو ڪرين؟"

"Off course!" عليءَ کلندي چيو.

"حال في الحال......حال في الحال.. مان ڪنهن بيروزگار ماٺهوءَ جي پار جي ماءُ ٿيڻ پسند نہ ڪندس! سمجهيئہ؟" ۽ هوءَ کلڻ لڳي.

●

اينجل ڪاٽيج

مريءَ شهر جي گهٽين ۾ رستن تي بيٺل وڻن جا ٽنڊ برفيلا بڻجي چڪا هئا. رستن ۽ گهرن جي لهوارين ڇتين تي برف جو ڀورو ڪپهه جي ڍڳن جيان پيل هئو. اونداهي سُرمائي شام ڪنهن ڊنل محبوبا جان پيرا پري اچي رهي هئي. شام جي ڳلن تي لڳل شفق جي سرخي هاڻ اوندهه ۾ ڳوهجڻ لڳي هئي ۽ رات جي خوبصورت اکين ۾ ڪجل پرجڻ لڳو هو. ڏنڊ شهر کي وڪوڙي وئي هئي. اهڙي سمي علي ۽ ڪلديپ اينجل ڪاٽِيج ۾ ٽيرس هيٺيان نيٽ جي چيئرز تي ويهي گرم گرم ڪافي جون سُرڪيون ڀري رهيا هئا. سندن اڳيان پيل ٽيبل تي ڊراءِ فروٽ جون پلٽيون هيون. ٻنهي کي اوور ڪوٽ ۽ هٿن تي دستانا پيل هئا. ڪاٽيج جي آڳر ۾ جهنگلي توت سَرو ۽ مولٽريءَ جا انگاس اگهاڙا وڻ بيٺل هئا.

اُينجل ڪاٽيج جو اهو ريسٽ هائوس، هنن ٻن ڏينهن جي لاءِ هاير ڪرايو هئو جنهن جي آڳر بيٺل مولٽري جي وڻن جا پتا برفباري ۾ ائين ڇڻي ويا هئا، جيئن پراڻين پوٿين جا اخلاقي شبد وقت گذرڻ سان بي اثر ٿي ويندا آهن! ڪنڊ ۾ بيٺل صوف جو وڻ ائين ڏيکائي ڏئي رهيو هو جڻ پريم جو معصوم اگهاڙو يوناني ديوتا ايروس. سيءَ ۽ ٿڌ ۾ ٿڙڪي رهيو هئو.

رات جي ماني جو هنن بورچيءَ کي اڳيئي چئي ڇڏيو هئو ان ڪري بورچيخاني مان رکي رکي ديڳڙين ۽ چمچن ٺڙڪڻ جا آواز اچي رهيا هئا. ڪيڏي ڪيڏي مهل سردي جي ڪائي لهر هنن جي بدن ۾ ٽنبيل سيخ جيان لهي ياد ڏياري ٿي ويئي تہ سڄو شهر ڄمي ويو هئو. اتان ڪان دور ڪالام جي پهاڙن مٿان ڄميل برف جا تهہ جيڪي صبح جو ڪچي چاندي جي پٽڙيءَ جيئن ڏڄا ڏيندا هئا، اوندهہ جي چادر ۾ ويڙهجي چڪا هئا. ان وقت عليءَ سوچيو: ڪافيءَ جي چسڪي سان گڏ هو اتي ڪلديپ جي سنهڙن چپن مان بہ چُڪي ڀري ڇڏي، هن ڪلديپ ڏانهن نهاريو جيڪا

جڏهن هن کي پيارڪرڻ لڳندي هئي تہ محسوس ٿيندو هئو هن کي برف جي ڪيوب وانگي وات ۾ جهلي ختم ڪري ڇڏيندي.

"هم ني مانا ڪي تغافل نہ ڪرو گي ليڪن،
خاڪ هو جائين گي هم تم ڪو خبر هوني تڪ!"

عليءَ چيو ۽ ڪلديپ جي خماريل اکين ۾ ائين نهاريو ڄڻ انهن ۾ پيرن سان هلي لهي وڃڻ چاهيندو هجي.

"زندگي جسم جي زبان مان اپري ٿي. ڌيمي ڌيمي، نرم نرم ۽ گداز گداز جسم جي ٻولي، جيڪا بہ جسم تمايت ٿي مڪمل طرح ڳالهائي سگهندا آهن." هن ڳالهايو.

"ليڪن مان ان سان اتفاق نٿي ڪريان. زندگي جسم جي ڇهاءَ کان سواءِ اڻ پوري آهي، پر زندگي رڳو سيڪس ڪونهي. اها پار جي هونگڙي بہ آهي، اُها ماءُ جي مامتا جي آهي، اُها پيءُ جو پاڪ رشتو بہ آهي، اُها گلن جي خوشبوءِ بہ آهي، اها پاڻيءَ جو جهرڻو بہ آهي." ڪلديپ پنهنجا هٿ هلائيندي دليل ڏنو. پر لڳو ٿي هو اهي لفظ متئين دل سان چئي رهي هُئي.

"آہ کو چاهئي اک عمرُ اثر هوني تک،
کون جيتا هي تيري زلف کي سرهوني تک"

"جيڪو ماٺهو ڪنهن بہ جسم سان ايتري محبت ڪندو هجي جيتري مان تنهنجي بدن سان، ان کي اهو جسم واپرائڻ جي اجازت بہ هئڻ کپي. مان تنهنجا دليل نٿو مڃان. اهو سڀ نٿو مڃان. مان فرائيڊين آهيان. هنن ڪافي جون سرڪيون ڀريون ۽ وري ڳالهايو. "مان علي الا علان چوان ٿو تہ هن دنيا ۾ رڳو بہ مسئلا آهن: هڪڙو فوڊ ۽ ٻيو سيڪس. ٿيون ڪجهہ بہ نہ آهي. 'If you want to prove your self prove your self with sex' رجنيش چوي ٿو!"

ڪلديپ ان مهل بيد جي ڪرسيءَ ۾ ديجي ويئي هئي ۽ اها ڳالهہ ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي رهي هئي تہ ان ئي مهل اڌ _ اونداهي ماحول ۾ آسمان تان ڪا شيءِ آواز ڪندي نڪاءَ سان اچي صوف جي وڻ جي ٽارين ۾ ڦاٿي ٿي چرڪي ويا. سيءَ جي هڪ لهر سندن ٻنيءَ جي ڪنڌن مان آرپار ٿي ويئي. ٻنهي هڪدم سڌو ٿي اوڏانهن نهاريو. ڪريل شيءَ ڦڙ ڦڙ ڪري آواز ڪڍڻ لڳي. عليءَ اٿي صحن جي بتي ٻاري تہ هنن ڏٺو ڪوئي ڳرو پکي اهڙا خوفناڪ آواز ڪڍي رهيو هئو.

"لالا او لالا...." عليءَ ڪشميري بورچي کي سڏڻ شروع ڪيو جيڪو بورچيخاني ۾ ڪاڏو رڌڻ ۾ مصروف هئو.

"جي سرڪار! جي سرڪار!" بورچي ڊوڙندو ٻاهر آيو.

"هيءَ ڏس وڻ هيٺان ڇا اڇي ڪريو آهي"؟ ٻئي اٿي بيهي رهيا هئا ۽ پکيءَ کي غور سان ڏسي رهيا هئا.

"اهو تہ رتونبو آهي سائين." بورچيءَ کلندي چيو ۽ ڦٿڙندڙ پکيءَ کي وچي کنيائين تہ رت جي ڪاري ڏار وهي پٽ تي اڏ گول ناهي ڇڏيو.

"سائين هي رتونبو آهي.... ڏکيل رتونبو...." هن پنهنجا ميرا ڏند ڪڍي ٺهڪ ڏنو. "ڪنهن شڪاريءَ ڏک هنيو اٿس پر هيءُ هتي اچي ڪريو آهي."

ڪلديپ ۽ علي هاڻ بورچيءَ جي ويجهو اچي ٿڏو ٿيندڙ پکيءَ کي غور سان ڏسڻ لڳا تہ هو ڪين ڏيڪارڻ لڳو ۽ پوءِ کلندو بورچيخاني ڏانهن ويندي ويندي ڳالهائڻ لڳو....."هونئن ئي مري ويندو. سير وجهي ڇلي فرج ۾ ٿو رکانس سياڻ فراءِ ٿيندو تہ ڏاڍو مزيدار ٿيندو!"

"صاحب اوهان تہ واقعي ڊڄي ويا هوندا جڏهن مٿان ڪريو هوندو پر هيءَ خوفناڪ شيءِ ناهي." بورچي رکجي ڳالهايو.

"هي پهرين وڻ جي ٽارين سان اچي ٽڪريو.... ۽ پوءِ هيٺ ڪري ڦٿڪڻ لڳو." عليءَ ڳالهايو.

"خير.... تون بخاري کي دکاءِ اسان هاڻ ڪمري ۾ ٿا وڃون."

بورچي جلد ئي اندر اچي ڪجهہ ساڳ جون ڪاٺيون بخاري ۾ وجهي تيلي ڏني ۽ دروازو بيڪڙي ٻاهر هليو ويو.

هو ٻئي اندر آيا. پنهنجا جوتا، جوراب ۽ اوورڪوٽ لاهي ڊريسنگ روم ۾ هنن ڪپڙا چينج ڪيا ۽ پوءِ ٿڌي بيڊ تي ڊبل اسپيني ڪمبل ۾ ويڙهجي ، وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي هو ويهي ڳالهائڻ لڳا. آهستي آهستي بيڊ گرم ٿيڻ لڳو ۽ هنن جا ساهہ بہ.

اڄ هنن کي هتي پهريون ڏينهن هئو ۽ بيڊ تي پنهنجي جسمن جي ڇهاءَ سان گرمي پيدا ڪري ٿڪجي پيا هئا. علي تہ هاڻ exhaust ٿيڻ لڳو هئو.

پنهنجيءَ ٻانهن جي مٿان پيل ڪلديپ جي ڪنڌ کي هن سوريو ۽ سندس بدن پنهنجي وجود سان ملائيندي چيو:

"Will you marry me?"

......

"پاڻ شادي تہ نٿا ڪري سگھون پر enjoy تہ ڪري سگھون ٿا." ڪافي دير تائين هو ٻيئي سوچيندا وري هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا. ان دوران هو پنهنجن آڱوٺن کي زور ڏيندو رهيو. ۽ انهن جي پاڻن کي کوٽيندو رهيو. پريشانيءَ دوران هو اڪثر ائين ڪندو هئو.

۽ هن پنهنجا آڱوٺا کوٽي کوٽي ڦڏا ڪري ڇڏيا هئا. ڪلديپ هن ڏانهن ۽ وري ڇت ڏانهن نهاريندي رهي. اهڙي ڪيفيت جو رنگ ميرون ٿي سگھي ٿو. جوش ۽ اداسي واري اها گڏيل ڪيفيت هن سوچيو ميرون رنگ جي هوندي؟ يا هيڊي رنگ جي هوندي؟

"تو سان ملندي اداسي جو هڪڙو احساس شدت سان ڏاڙهيندو رهندو آهي. لڳندو آهي تون ايٽلانٽڪ ۾ برف جو اهڙو ڳگ ٽيل پهاڙ آهين، جنهن کي مان پنهنجيءَ گرم زبان سان چٽي صدين تائين بہ رجائي نٿو سگهان! ناممڪن آهي اهو." عليءَ ڳالهايو.

"تون واقعي بہ مون کي سمجهہ ۾ نہ اچي سگھي آهين مس ڪلديپ ڪور انڊين ايڪسپريس جي فري لانسگ جرنلسٽ! جرنلزم ۽ ڊاڪٽري ڪيترا نہ ٽڏا پيشا آهن. احساسن کان عاري" هو مسلسل ڳالهائيندو رهيو تہ ڪلديپ پنهنجي منهن تي ٻانهن ڏيئي ڇڏي.

"هان...?come on" ڪلديپ پنهنجي مضبوط آواز سان "نہ" ڪئي. ۽ ان 'نہ' جو هن کي پورو حق هئو. عليءَ اڳيان اها ڪيفيت ائين هئي، جڻ ڪنهن زرهہ بڪتر جنگجوءَ لاءِ مضبوط قلعي تي حملو ڪري فتح نہ ڪري سگهڻ واري صورتحال! ۽ ان ڪيفيت جو رنگ رتونبي جي جميل رت جهڙو ناسي هئو؟ هن سوچيو. ان ئي مهل بورچيءَ اچي دروازو ناڪ ڪيو تہ هنن جا منتشل ست جهڙا خيال ٽٽي پيا...

"هائو! ماني لڳائي اسين اچون ٿا." عليءَ اندران ئي چيس.

ڪجهہ دير کان پوءِ هو ٻئي چپ چاپ اٿيا. هڪٻئي سان نظرون نہ ٽڪرائي سگهڻ واريءَ حالت ۾ هو ڪمري مان نڪتا ۽ ڊائننگ هال ڏانهن وڃڻ لڳا جتي ڪينڊل لائيٽ ڊنر هنن ٻنهي جو انتظار ڪري رهي هئي.

●

All the Shades of Grey!

اج منجهند ڪان وٺي هنن ڪي سمهندي سمهندي رات ٿي ويئي هئي. ڪاري رات واريون سڀ ڳالهيون وساري، سارو ڏينهن هو شهر جي گهٽين ۾ هليا هئا، ڪافي سنيپس ڪڍيا هئائون، هنن چيونگم چٻاڙيا هئا، چاڪ بارس ۽ پوٽيٽو چپس کاڌا هئا، ننڍ وٽن هينان برف جا گهر ناهيا ڊاهيا هئا. هڪ ٻئي کي برف جا گولا ناهي هنيا هئا، هڪٻئي پويان ڀڳا ڊوڙيا هئا، ڪليا هئا، ٿڪ ڏنا هئائون ۽ شام جو ٿڪي اچي سمهي رهيا هئا. علي ننڍ مان جاڳيو تہ وال ڪلاڪ رات جا ساڍا نَوَ ٻڌايا. سانت ۽ سڪوت جي اهڙي عالمَ ۾ هن سائيڊ ٽيبل تي پيل ريڊيو لڳايو تہ آشا ڳائي رهي هئي:

"تم سامني بيٺي رهو، پلڪين ميري جم جائين." تہ علي بہ سر ملائڻ ۽ جهونگارڻ لڳو:

'تم.... سامني بيٺي رهو..... پلڪين ميري... جم جائين..... '

"تنهنجو آواز ڏاڍو سنو سريلو آهي علي". ڪلديپ جي وات ۾ ٿڪ پريل هئي هن بورچيءَ کي سڏ ڪرڻ لاءِ بيل وڄائي تہ ڪلديپ بہ پنهنجن بگڙيل وارن سان اٿي. جن ۾ اج عليءَ ڪافي دير تائين آڱرين جون ڦٽيون گهمايون هيون. هن آرس ڀڳو ۽ واش روم ڏانهن وڃي ٿڪ اڇلايائين.

بورچي آيو تہ عليءَ ان کي ڪافي آڻڻ لاءِ چيو ۽ رات جي مانيءَ لاءِ ٻڌايائينس.

ڪمري ۾ ڏکڻ طرف هڪ صوفو پيل هئو ۽ اولهہ طرف بخارو هئو جنهن ۾ گئس جو هيٽر دکي رهيو هئو. فرش تي هڪڙو وڏو ايراني غاليچو وڇايل هئو.

ڪلديپ صابڻ سان پنهنجو منهن ڌوئي برش ڪيو ۽ وانگوڙو ناهي، وارن ۾ ڪِلپ هڻي ٻاهر نڪتي تہ هن جو چهرو تازي رابيل جيان ڪڙيل لڳو.

ڪمري ۾ هڪ طرف ويهي پهرين تہ هوءَ گروءَ جا ڪي شبد اچارڻ لڳي ۽ پوءِ هوءَ پنهنجيون ڪڪڙ جهڙيون خوبصورت اڇيون اکيون بند

ڪري ورد ڪرڻ لڳي. جڏهن هن اکيون کوليون تہ اهي ڳوڙهن سان ڀريل هيون. هن جون اکيون گلابي ٿي ويون هيون ۽ مٽيون ڀڪوڙيل هيون. "تنهنجي اندر ۾ صدين جيڏو درد آهي." علي چيس تہ هوءَ کِلي ويئي. "نہ نہ ائين ڪونهي، مان تہ ٻيڳوان جي ويدنا تي ڪريان." هن عليءَ ڏانهن ايندي چيو.

"علي! ڇا توکي مون سان محبت آهي...؟ ڇا تون مون کي پنهنجيءَ دل سان چاهين ٿو؟" هن علي جي اکين ۾ نهاريندي پڇيو: "ڪٿي تون مون کي ڇڏي تہ نہ ويندين.؟" هوءَ پنهنجين گول گول اکين ۾ پاڻي ڀري هن ڏانهن نهاري رهي هئي. مون کي لڳي ٿو تہ توکي مون کان ڪافي شڪايتون آهن. پر ڇا ڪريان، شايد منهنجي قسمت ايڏي خراب آهي!.... مون کي ڏاڍو ڊپ ٿيندو آهي تہ تون هڪ ڏينهن هليو ويندين.... مون کي ڪنهن ڪتاب جو وساريل ورق سمجهي.... سونگهيل گل سمجهي يا صدين جي ڪا سڙيل پوٿي سمجهي!" ريڊيو تي هاڻ جگجيت ڳائي رهيو هو.

کوئي دوست هي نہ رقيب هي،
تيرا شهر بهي کتنا عجيب هي.

مين کسي کهون ميري ساٿ چل،
يهان سب ڪي سرپہ صليب هي!

"ڪلي! تون منهنجي لاءِ اها اوشا آهين، جنهن جي انتظار ۾ ديوانا ريتن جو شراب پي پي رات ڳاريندا آهن. منهنجي اندر جي ڪئنواس تي جيڪا گهري ۾ گهري تصوير آهي سا تنهنجي ئي آهي ۽ مون کي محبتن جا ثبوت ڏيڻ نہ وڻندا آهن. محبت جي اخلاقيات بس اها آهي تہ ان جون پاڙون Understanding جي واريءَ ۾ پوريل هونديون آهن ۽ اها خلوص ۽ قربانيءَ جي پاڻيءَ تي پلبي آهي."

"واعدن جا واجهہ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ وجهڻ سان ڪجهہ بہ پلئہ پوي ٿو ڇا؟ محبت کي تہ برطانيا جو آئين هجڻ کپي، اڻ لکيل! رڳو دلين تي اڪُريل!" عليءَ وضاحت ڪئي پر لڳو ٿي ان مان ڪافي جملن سان هو سهمت نہ هئو.

"جڏهن محبتن جي هوٺن ۾ واعدن جون وڻ- ويڙهيون پلجڻ لڳنديون آهن تہ يقين جا گل ٽڙڻ بجاءِ شڪ جا ٿوهر ۽ ڪنڊا پيدا ٿيڻ لڳن ٿا!" هن

ڪلديپ جو ڏوتل پوتل شيتل چهرو پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ ورتو. جگجيت جو غزل اڃان هلي رهيو هو.

يهان ڪس ڪا چهره پڙها ڪرون يهان ڪون ڪتنا قريب هي
تجهي ديکهہ ڪر مين هون سوچتا، تو حبيب هي يا رقيب هي؟

ان ئي مهل بورچيءَ در تي ڪڙڪو ڪيو.

"صاحب ڪافي تيار آهي!" ته هو ٻئي پري ٿي ويا.

"ڪٽي اچ.... ڪٽي اچ... " علي حڪم ڪيو ته بورچيءَ در کولي پهرين ٽري اندر ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي پٺيءَ سان پردو هٽائي پاڻ به اندر آيو ۽ ٽري ميز تي رکي مسڪرائيندو هليو ويو.

مِلڪ ڪافيءَ دوران هو سڄي ڏينهن جي مصروفيت تي ڳالهائيندا، کلندا رهيا.

ڪپ خالي ڪري عليءَ هن کي ڪسِ ڪيو.

"ڪيڏا نه مٺا آهن."

"انهن ۾ ڪافيءَ جي ڪڙاڻ شامل ناهي؟" ڪلديپ پڇيو.

"نه... انهن ۾ فطري مناڻ ڳوهيل آهي،
"They are roasted withHoney my dear!"

تون خوبصورتيءَ ۽ نرماڻ جو مجسمو آهين. "تون منهنجين تنهاين جي سرحدن تي اڪيلو خوبصورت نغمو آهين. هڪڙي ڳالهه چوان؟" عليءَ ڪجهه سوچيندي چيو "پاڻ کي هاڻ شادي ڪرڻ کپي. مان ان سلسلي ۾ تنهنجي ماما سان ڳالهائيندس" ۽ چٽ ڏانهن نهارڻ لڳو ته ڪلديپ جو منهن لهي ويو. هوءَ پهرين ته هن کي پٿرايل خالي خالي اکين سان ائين ڏسڻ لڳي جڻ ڪجهه به نه سمجهندي هجي. هن جي چهري تي بنهه مايوسيءَ واري ڪيفيت هئي ۽ هوءَ هيٺ فرش ڏانهن نهاري مسلسل سوچي رهي هئي. لڳو ٿي هن جي اکين ۾ هڪدم هڪڙو صحرا گهڙي آيو هو.

"And what about Shahla: your fiancee waiting for marriage?"

ڪلديپ پڇيو.

"ڇا رضا تي راضي رهڻ ئي زندگي آهي؟ مون کي خبر آهي ته شهلا ڪافي خوبصورت آهي پر جيڪڏهن دنيا ۾ جيڪو ڪجهه مون کي پسند آهي ۽ مون کي نٿو ملي سگهي ته پوءِ مان اهڙي Strange دنيا ۽ زندگيءَ کان انڪار ڪريان ٿو. ٿي سگهي ٿو ته شهلا ۽ منهنجي بائي ڪيمسٽريءَ ۾

ڪافي فرق هجي؟ مان توکي وجائڻ نٿو چاهيان ڪلديپ! جنهن کي تون منهنجو پنهنجو ٿي سمجهين سو دراصل منهنجو ناهي. جيڪو ڪجهه منهنجو آهي سو مون کي ڪوند پيو ملي ۽ اها دنيا ۾ ماڻهوءَ سان مذاق آهي! مان اهو حاصل ڪرڻ ٿو چاهيان جيڪو منهنجو آهي". ۽ ماڻهوءَ جو پنهنجو ڇا آهي ۽ ڇا ناهي اها ماڻهوءَ کي خبر ئي ڪانهي. پاڻ ٻئي نظرياتي دوست آهيون..... ظلم ۽ نابرابري خلاف هڪ گڏيل مزاحمتي سوچ رکندڙ ٻه ماڻهو... ٻه دوست ۽ ٻه محبت ڪندڙ.

پريم ڪهاڻيون آتمائن جي آشا سان لکبيون آهن عليءَ، نه ڪي سرير جي ميلاپ سان "You know, kiss and cuddle is not a kind of love? سرير جو ميلاپ ته وحشي ڪامنا ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي ۽ اسين هڪ ٻئي جي آتمائن سان سچي محبت ڪريون ٿا.... هونئن توکي منهنجي بابت ڪا ايڏي گهڻي خبر به ڪونهي ڇو ته مان توکي گهڻو ڪجهه نه ٻڌايو آهي.... مان مذهبي وڳوڙن جي شهيد آهيان. اها شهيد، جنهن کي مسلمان مثل هوندي به جيئرو سڏيندا آهن. مان بس دنيا ۾ رڳو خوش رهڻ ٿي چاهيان."

"مون کي تنهنجي بابت گهڻي خبر آهي." "Kaldeep don't light me!"

عليءَ کي چڙ اچي ويئي ته ڪلديپ هن ڏانهن نهاريو. "توکي جيڪڏهن مون سان پيار آهي ته پوءِ آتمائن جي ميلاپ کي مان هڪڙي useless فلرٽ کان وڌيڪ نٿو سمجهان!"

عليءَ جڻ فيصلو ڪيو. پر هوءَ رڳو پنهنجن پيرن ڏانهن نهاري انهن کي لوڏي رهي هئي. سندس چهري تي مختلف تاثر اچي وڃي رهيا هئا. ڪجهه دير کان پوءِ هن عليءَ جي چهري ڏانهن نهاريو:

"شيلف ۾ کي اهڙا ڏکيا ۽ منجهيل ڪتاب هوندا آهن. جيڪي رڳو لائبريري جي سونهن وڌائڻ لاءِ هوندا آهن نه ڪ پڙهڻ لاءِ... سمجهه ته آءُ به انهن ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهيان. جن جو رڳو مهانگ پڙهبو آهي. پر آءُ اها شهيد تيل پوتي آهيان. جنهن کي يا ته ڪپڙا ويڙهي تبرڪ لاءِ رکبو آهي، يا وري درياءَ ۾ ڦٽي ڪبو آهي ... ۽ بس..." ڪلديپ جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو هئو.

"Truth enters through the heart not through the head."

"تون تبرڪ آهين؟ درياءَ ۾ ڦٽي ڪرڻ جهڙي آهين؟ ...Not at all ڪلديپ تون هڪ جيئرو جاڳندو انسان آهين ۽ هاڻ تون نارمل ٿي چڪي آهين.

You know sex is not a curse it is a delicate finely very very balanced part of the human condition!"

رجنيش چوي ٿو:

ماڻهوءَ جو Ego ۽ Consciousness بئي گڏ رليڪس نٿا ٿين. اهو برف جي ڳرڻ جيان آهي. جڏهن برف ڳري ٿي ته اها غائب ٿيو وڃي ۽ برف صرف ان صورت ۾ موجود رهندي جڏهن ڳرڻ جو عمل نه ٿيندو! رليڪس ٿيڻ جو عمل ڳرڻ جو عمل آهي! ۽ رليڪس نه ٿيڻ جو عمل نه ڳرڻ جو عمل آهي!

Miss Kaldeep, I know that you loves me much more but have you not favour feminism?

The ego can exist only if you remain frozen
Relaxations is the God of Religions!

عليءَ چيو. I want to finish my tense with yours!
Be human & treat like humans kaldeep my dear!

هاڻي توکي ماضي وساري مستقبل تي نظر وجهڻ کپي.

The ego is perfectly happy when you are in Tense!
When you really relex the Ego will be gone!

شايد اهو به رجنيش چيو آهي.

هو مسلسل چوندو ۽ پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندو رهيو.

"Have you feel helpless without Rajnesh?"

ڪلديپ ڪاوڙ ۾ چيو.

"ان جو مطلب اهو ٿيو ته هاڻ عليءَ کي مرڻو پوندو!" علي ڪاوڙ ۾ ڪجهه دير لاءِ ٽيبل تي پيل هڪ ميگزين کڻي ان جا فوٽو ڏسڻ لڳو ان مهل ڪلديپ روئڻ لڳي ته عليءَ کي وڏيڪ چڙ اچڻ لڳي.مئگزين صوفي تي سٽي هو اٿي بيٺو ۽ فرج مان بوتل ۽ هڪ گلاس ڪڍي ڪمري مان ٻاهراچي ٽيرس هيٺان پيل نيٽ جي چيئر تي ويهي رهيو. هن سگريٽ دکايو ۽ پريان ڏسڻ لڳو. ڪاٽيج جي اڱڻ کان پريان ڪارو لوهي گيٽ ۽ ان اندر سڄو اڱڻ سنوُ فال سان سٽيل هئو. سامهون گيٽ ٻاهران رستي جي ٻيءَ پر ٺهيل گهرن جون لهواريون ڪپريل واريون ڇتيون به برف سان اٽيل هيون ۽ وڻن جا ننڍ ٻاهر لڳل استريٽ لائيٽ جي ڪمزور بلب جي روشنيءَ ۾ بيمار بيمار ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. گهم ۽ سردي سڄي ماحول ۾ هر زنده مرده شيءِ جي وجود ۾ سرايت ڪري ويون هيون. سڀ ڪجهه موسم جي پڪڙ ۾ آيل هئو.

هن گلاس پريو ۽ آهستي آهستي اندر ۾ اوتڻ لڳو.

ڪجهه دير ڪان پوءِ ڪلديپ روئڻ بند ڪيو ۽ ٻاهر نڪتي، هن جي ٻانهن تي عليءَ جو اوور ڪوٽ، دستانا ۽ هٿ ۾ گرم ٽوپي هئي ڪيس به سڀ ڪجهه پيل هئو. هن ڪوٽ عليءَ جي ڪلهي تي رکندي چيو:

"Please wear it!" ته عليءَ ڀرين ته خارن مان هن ڏانهن نهاريو پوءِ اوور ڪوٽ وٺي پائڻ لڳو. ڪلديپ ان محل ڪلي رهي هئي. عليءَ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

ڪافي دير تائين جڏهن هن جي پري پيتو ته هنن ٿوري ماني ڪاڏي پر ان دوران ڪجهه به نه ڳالهايو. بورچيءَ ٿانوَ کنيا ۽ ٻچيل سچيل ڪاڏو پنهنجي گهر وارن لاءِ پيڪ ڪري پنهنجو اوورڪوٽ ۽ پراڻو بوٽ پاتو. ڇهنب واري لٺ ۽ ٽارچ کڻي هنن کان جازت وٺڻ آيو. ٻاهر نڪتو ۽ هليو ويو ته به گهڻي گهڻي دير تائين علي سموڪنگ ڪندو رهيو اوندهه ۾ نهاريندو سوچيندو رهيو. نيٺ ڪلديپ هن کي اندر هلي سمهڻ لاءِ چيو: "تون وڃي سمهه. مان هتي ٺي بهتر آهيان." هن جي ڪاوڙ اڃان ڪانه لٿي هئي.

"Come on! Lets go, get up....." هوءَ علي کي ڇڪڻ لڳي.

"صبح تائين فريز ٿي ويندين!" ڪلديپ ڪلندي چيو.

"You know this terrace is like fridge"

"منهنجي مرضي. تون ڪير ٿيندي آن منهنجي معاملي ۾ دخل ڏيڻ واري؟" هن جي ڇهري تي سختي هئي.

"مان ....؟ مان سڀ ڪجهه ٿيندي آن توهان جي، منهنجو اوهان سان جنمن جو رشتو آهي!.... توهان اٿو هلو ۽ هلي اندر ويهو. مسٽر... علي. Come on please" هوءَ ڀيهر ڪلڻ لڳي.

نه چاهيندي به هو ڪاوڙ مان اٿيو پنهنجو گلاس ۽ بوتل کنيائين، اندر آيو. اوورڪوٽ وغيره لاهي هن اڇلايا ۽ صوفي تي ڍهي پيو. ڪلديپ هينگر کڻي هن جو ڪوٽ ٽنگيو.

"سمهڻ جي صحيح جڳهه بيڊ هوندي آهي... سائين..... اوهان اٿي هلي سمهو." ڪلديپ ڀيهر هن کي صوفي تان اٿاريو ته هو اٿي بيڊ تي آيو ۽ منهن ٻئي طرف ڪري اونڌو ٿي ليٽي پيو.

سوچڻ لڳو هن ڪاٽيج جي ٻاهران سوين گهر نهيل آهن. هيٺ متاهين تي جن جي ڇپرن، ڇتين ۽ ڪانسن مٿان، برف پوندي ۽ آهستي

آهستي رجندي قلم ناهيندي تي رهي، وچ وچ ۾ برف جا ستيل وڻ بنهه ٺنڊ ٺڄي ويا آهن. انهن گهرن جي اڪثر بيڊ رومس ۾ هيٽر ڪافي ماڻهو جاڳندا هوندا. سڀ بادشاهه ، وزير ۽ پيادا پنهنجين پنهنجين راڻين، وزير زادين ۽ پيادين کي شهه ڏيڻ لاءِ ياشهه کائڻ لاءِ؟ ۽ هو اڪيلو اڪيلو پڃري رهيو هئو. نيٽ هن ڳالهايو:

"If you will not melt your ice, you will feel continuously anxiety neuroses.... you know?"

"جيستائين تون ڊپريشن محسوس ڪندي رهندئين تيستائين تون Anxiety Neurosis جي Stroke مان نڪري نه سگهندئين! سمجهيئه. تون نارمل نه ٿي سگهندئينءَ ۽ مان ان سلسلي ۾ تمام گهڻو فڪرمند آهيان you know if you have not change your attitude you will go by your disease continuously post traumatic distress disorder. هن ڪلديپ جي من کي جڙ مڇيءَ جي ڪات سان چيرُ وڌو. "مون کي لڳي ٿو ته تون اجان به سائڪو پيٽ آهين. چند ڏينهن ڪو ماڻهو نفسياتدان جي علاج هيٺ رهي ته ان جو مطلب اهو ته ناهي ته بيماري پنهنجين جڙن ۽ پاڙن سميت پٽجي وڃي.... تو کي اجان نفسياتي علاج جي ضرورت آهي. مس ڪلديپ ڪورا" هن جي اندر مان تاندن جهڙا جملا نڪري رهيا هئا.

"تو ڪڏهن به منهنجو مان نه رکيو آهي، بلڪ تو سدائين منهنجو ايمان ڪيوآهي. مون کي ڪجهه به نه سمجهيو آهي. آخر ڪيستائين؟ How long؟ How long it will go.... تون ڪڏهن نارمل ٿي مون سان نارمل ماڻهن وارو Behave ڪنديئن؟"... مان توسان پيار جي دعوي تو ڪريان ۽ تون مون سان اهڙي دعوي ڪرين ٿي. هن پٺي ڏيئي ڳالهايو پوءِ اٿي سگريٽ دکايو ۽ گلاس مان ڍڪ پريو هن جي دماغ ۾ اڄ جڙ ڪو ٽيومر جڙي پيو هئو. گهڻي پيئڻ ڪري به هن کي جڙ ديوانگيءَ جا دورا ٿي پيا!

"Come on?" هيڏانهن اچ!" هن جي تن بدن ۾ ڪا باهه لڳي ويئي هئي ۽ هو پڃري رهيو هئو! هن جي اکين ۾ هاڻ مردانگي خود غرضي ۽ انا جا ترورا نچي رهيا هئا! ۽ ان ڪيفيت جو رنگ ڪهڙو هئو؟... شايد وينس جي پٽ ڪيوپڊ جي سرمائي وحشت ۽ هوس پريل تير جهڙو؟! جنهن جي دل مان پار ٿيڻ بعد اپالو به وحشي بڻجي ويو هئو! سرمائي، ميرانجهڙو ڪجهه اهڙو جيڪو طبيعت تي بار محسوس ٿئي.

"ڇو؟ اڄ تنهنجو لهجو ڏاڍو خراب آهي." ڪلديپ چيو.

"تہ ھاڻ اھو بہ تي پڇين تہ ڇو؟" ھن جي اکين مان ڪاوڙ ۽ لذت جو مليل جُليل احساس گگ جيان وھي ڳڙي رھيو ھئو جيڪو محسوس ٿي سگھيو ٿي!

ھن ڪمبل پري ٿي ڪيو ۽ ڪلديپ کي جڻ نپوڙيندي ويجھو ڪندي ڪسِ ڪيائين. ھن جڻ اھو سڀ ڪجھ جڻ ڪيس پيار مان نہ پر نفرتن جي اظھار طور تي ڪيو!

"اونھہ...!!اونھہ..... اونھہ!" ساري علي! مان اھڙي ہار جي ماءِ ٿيڻ پسند نہ ڪنديس جنھن جو پيءُ جاب ليس ھجي!" ڪلديپ جڻ پنھنجي ھلڪي اڻ وڻندڙ تاثر جو اظھار انھن آوازن سان ڪري ھن کان پاڻ ڇڏايو ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ پنھنجا چپ اگھندي چيو:

"Ali you know that without my will it will be rape?......just leave me alone"

علي جي جسم تي جڻ چوٽيءَ کان پيرن تائين تيزاب ھارجي پيو ڪجھ منٽن کان پوءِ ھو ہاٿ روم ۾ ھليو ويو...واندو ٿي ہاھر نڪتو تہ ھن کي پنھنجي جنسي عضوي ۾ سخت سور محسوس ٿي رھيو ھئو. ھو سڄو پگھريل ھئو ۽ ھن جا ڪپڙا پگھرجي ڏپ ۾ واسيل ھئا. ہاھراچي ھن ڪولون ڪٽي پنھنجي ھڪڇن ۽ ڳچيءَ تي ھئي.

بيڊ تي اچي ھن ڪلديپ کي چڪي پاڻ ڏانھن ڪيو. ھن جي اندر جي اڻ جاڻ گفائن ڏانھن ويندڙ چاڙھين تي ھاڻ ڪوئي Monster پنھنجن ڏگھن ۽ ڳرن قدمن سان ڊوڙي رھيو ھئو جنھن جا پيرا ھن جي ڪنن ۾ پڙاڏا پيدا ڪري رھيا ھئا! ڌم!...ڌم! ڌم...!ڌڙام!

"Come on with me!.." ھو سھڪي رھيو ھئو.

"ڇو...؟" ھوءَ اڃا تائين ثابت قدم ھئي.

"اڃان پڇين ٿي ڇو...پوءِ دعوي ڇوٽي ڪرين مونسان پيار جي؟ سڀ سمجھين ٿي." ھو ھن کي پنبوڙڻ لڳو تہ ڪلديپ پنھنجيون ٻيئي ٻانھون پنھنجين ڇاتين تي ڏيئي ڇڏيون. ھن جا لڱ ھاڻ ڊپ کان ڏڪي رھيا ھئا ۽ ھن جي خوبصورت وڏين اکين ۾ وحشت پرجي ويئي ھئي. علي ھن جي جسم کي ائين لوئي رھيو ھئو جيئن ڪو ٻکيو ۽ ٻي سمجھ ٻار کير پٽ ڪائي، لبي بہ ۽ ھاري بہ! ھن جڏھن ڪلديپ جو ٻانھون ڇاتين تان ھٽائڻ چاھيون تہ ڪلديپ چيو:"نہ اھي نہ ھناءِ...ڇاتو ڳولين؟"

"Finding hare my Eyes! You know!" مان ھميشہ اتي پنھنجيون اکيون ڳوليندو آھيان. عليءَ مسڪرايو. ھن جا ساھ تيز ٿي ويا ھئا.

"نہ ٻانهون نہ هٿاءِ" هوءَ هاڻ سڏڪڻ لڳي. "توکي ڇا ٿي ويو آهي علي؟ ڪجهہ خيال ڪر....."

"ڇاجو خيال ڪريان؟" عليءَ جاساهہ تڪڙا ٿي ويا هئا.

"تون ڇوڪري ناهين, ڊيڪوريشن پيس آهين..... تون اجيپشن ممي آهين. Cool_Calm برف جي سر آهين ائٽلانٽڪ جو ڪو گليشيئر آهين." هو پٽڪندو ويو. "Femanist/Lisbion girl!......!"

"هاڻ اڳتي نہ وڌجانءِ.... جيڪڏهن وڌئين تہ گرُوءَ جو قسم پيٽ سان مٿو ٽڪرائي مان پنهنجو انت آڻي ڇڏيندس.... مان پاڻ کي ماري وجهنديس! That's, enough leave me...leave me alone! Please! "هن رڙ ڪندي چيو. ۽ هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. ڪلديپ هن کي دڙڪو ڏنو ۽ پاڻ ڇڏائڻ لڳي تہ عليءَ جا هٿ ڍرا ٿي ويا.

ٻاهر رات جا اجنبي پيرا گهلندڙ تيز هوا, سانت ۽ سخت ٿڌ ۾ ڄمي ڇپن تي آگر ڏيئي در وٽان اندر ٿيندڙ لقاءُ ڏسڻ بيهي رهيا!

ڪلديپ هن کان پاڻ ڇڏائي ٽپ ڏيئي بيڊ تان لٿي ۽ پنهنجي چولي جي زپ بند ڪري وهاڻي ۾ منهن ڏيئي روئڻ لڳي سمورو جميل ۽ سرد ٿيل بيڊ روم هن جي سڏڪن سان پرجي آهستي آهستي پگهرجڻ لڳو.

"تون مون کي استعمال ڪري ڪو بہ مزو ماڻي نہ سگهندين. مان تنهنجي لائق ناهيان علي, "Any way, you will not accept me at all! If you will know about my self." واهگرو جو قسم." هن سڏڪو ڀريو.

"اهڙا دليل دل تي ڪو ئي اثر نٿا ڪن". هن کي پنهنجي بي عزتيءَ جي شديد احساس جون واڳون ڳهي ويو.

"you have dishonoured me."....عليءَ ڪاوڙ مان هڪ وهاڻو ڪٽي بيڊ تان هيٺ اڇلايو هن جي ناسن مان تڪڙا ساهہ اندر ٻاهر اچي وڃي رهيا هئا. ۽ اکيون جڻ سُڃي پيون هئس. ۽ هو پٺي ڏيئي پيٽ ڏانهن منهن ڪري ليٽي پيو. تون منهنجي ناهين....تون مون لاءِ ناهين....تون خود غرض آهين.... منافق آهين, آءُ هاڻ پاڻ کي ماري ڇڏيندس, I will kill my self now مان زندگيءَ مان ڪڪ ٿي پيو آهيان." چوندي هو هڪدم بيڊ تان لٿو ۽ ڊوڙي وڃي دروازي جو پردو زور سان هٽائي ٽاور بولٽ کوليائين . ڪاٺ جي دروازي چيڪاٽ ڪيو رات جا اجنبي پيرادوڙي وٽن جي ننڍن تي چڙهي ويا! دروازو کلڻ سان سرد برفاني هوا جو لهرو ڀڄڙي ڪٽي جيان ڪمري اندر ڊوڙي آيو سڀ ڪجهہ کي ڇڪڻ لاءِ.

" Where are you going?"

چا تو ڪرين.....؟ ٻاهر سيءُ آهي چا تو ڪرين؟" ڪلديپ هن کي سڏ ڪيا پر هن ڪيس ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڪلديپ کي اهو سمو ڊائنا سار جهڙو تڏو Cold blooded ۽ سليتي لڳو. ٻاهر نڪري هن بتيون ٻاريون تہ سنو فال تي رهي هئي. ڊوڙندو تيرس ۽ پوءِ شاهي اڱڻ مان ٿيندو، بورچيخاني ڏانهن هليو ويو. لائيٽ جو بٽڻ آن ڪري دروازو کولي ان ۾ گهڙي ويو. پويان ڪلديپ بہ روئيندي ڊوڙندي، سهڪندي ڪچن ۾ گهڙي آئي عليءَ ڪٻٽ مان چاقو ڳولي ڪڍيو ۽ مٺي ڪري جيئن ئي پنهنجي سيني ۾ پيوست ڪرڻ وارو هئو تہ ڪلديپ پنهنجو هٿ ڏيئي اهو جهلي ورتو.

"نہ.....نہ.....! متان هنيو اٿئي.....، توکي منهنجو سوڳنڌ آهي." ڪلديپ جي بند ٿيل ڪمزور هٿ مان سير جيان رت وهڻ لڳو. ۽ هن جو سجو بت تيز هوا ۾ پيپر جي پن جيان لرزي رهيو هو. هن جي اکين مان زارو قطار ڳوڙها وهي رهيا هئا هوءَ سچي ائين ڏڪي رهي هئي، جيئن رعشي جو مريض!

"ڇڏمون کي..... عليءَ هن کان چاقو ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو آواز پرجي چڪو هئو. هو سهڪي رهيو هئو. سخت تڏ هوندي بہ هو پگهرجي ويو هيو...."ڇڏ، مان مرڻ ٿو چاهيان.....!I will kill my self" هن ڪلديپ کان چاقو ڦرڻ لاءِ زور لڳايو. هو ٻيئي زور آوري ڪري رهيا هئا. نيٺ ڪلديپ کي ان ۾ ناڪامي ٿي، هڪ زوردار ڌڪي سان علي ڪلديپ کان چاقو ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ ڪلديپ پٽ سان ٽڪرائجي هيٺ ڪري پئي. پر هوءَ انتهائي ڦڙتيءَ سان اٿي ٻيهر هن جي ٻانهن پڪڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. ڪلديپ جي هٿ مان وهندڙ رت سان ٻنهي جي ڪپڙن، فرش ۽ پٽ تي جتي ڪٿي نشان ٿي پيا. "اهو چاقو جيڪڏهن تو پاڻ کي هنيو تہ مان بہ اتي ئي آپگهات ڪنديس. اهو چاقو هاڻ ٻهرين مون کي هڻ!"

"مان توکي چا چوان علي! توکي منهنجي محبت تي ڪوئي اعتبار ڪونهي....." هوءَ سُڏ ڪا پري روئڻ لڳي تہ علي بہ روئي پيو. "تون مون کي چاقو ڏي....مان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌايان ٿي. تون مون کي بيوفا ٿو سمجهين نہ..... تہ اڄ ڏس اچي منهنجو حال! مان چري هئس! مون سمجهيو ٿي تہ شايد عشق ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهو بنان ڇهاءَ جي زندگي گذاري پر اها شايد بندگي آهي عشق ۽ بندگيءَ ۾ فرق آهي. مان شايد مادي ۽ روح جي فرق سمجهڻ ۾ غلطي ڪري وينيس!"

"منهنجو جسم ئي ڪپي نہ توڪي تہ اڄ تہ ڏيڪاريانءِ منهنجو جسم." ڪلديپ جي اکين مان جذبن جا الا نڪري رهيا هئا. هن هاڻ عليءَ جي ڪمزور پيل هٿ مان چاقو ڇڏائي اڇلايو ۽ هن کي ٻانهن مان وٺي زور سان ڇڪيائين. "اڄ!...اڄ!" جنهن تي هو پاڳمرادو ڇڪجندو ويو. هوءَ تڪڙي تڪڙي ڪپڙن مان ٻاهر نڪتي ۽ هن کي وٺي هلندي اڳيان ڪمري ۾ پهتي ۽ دروازو بند ڪندي چيائين. مان اڄ توتي سڀ ڪجهہ واضح ڪندس تہ مان ڪيئن آهيان.علي! منهنجي من جي مورتي ٻاهران تہ ثابت آهي پر اندران اندر ٽڙڪيل آهي. تنهنجي لائق بہ آهي يا نہ؟"هن ٽيوب لائيٽ آن ڪئي, "ڏس هاڻ سڀ ڪجهہ غور سان ڏس." هن هڪدم پنهنجو چولو لاهي ڦٽي ڪيو ۽ بريزيئر جو هُڪ کولي اڇلايائين تہ اتي اهو سڀ ڪجهہ ڏسي عليءَ جو ن اکيون ڦاٽي ويون. ڪلديپ جي ڇاتين جي جڳهہ تي نہ Muscles هئا ۽ نہ گوشت, اهي وڏيل هيون ۽ ڇاتين جي جاءِ تي هن کي بہ وڏا رسندڙ ڦٽ هئا....اتي بہ وڏا گهاءَ هئا, جن ۾ ڪپهہ پيري پٽيون ٻڌيون ويون هيون. علي اهو ڏسندي گنگ تي ويو. هن جو پگهر سڪي ويو هو ۽ اکين ۾ حيرت ۽ جسم ۾ جڻ برف جا قلم پيرجي ويا. ...."Oh my God" عليءَ حيرت مان ڳالهايو. پر ڪلديپ اتي انتها نہ ڪئي. هن پنهنجي سلوار بہ لاٿي ۽ ان هيٺان انڊر ويئر لاٿو تہ عليءَ جون اکيون اڀانجي ويون. هو فيصلو نہ ڪري سگهيو تہ هنجو زهره ديويءَ جهڙو گورو ۽ تراشيل بدن, هن جي ڳچي, هن جو پيٽ, ڏن, هپس ۽ ٽنگون, هٿ, پير, ڪيڏا, نہ خوبصورت هئا. پهرين هن جي دل چاهيو تہ هو سندس رڳ رڳ چمي پر هن غور ڪيو تہ ڇاتين جي ٻن ڇڪندڙ ڇاڪن کان هيٺ دن تائين هن جو پيٽ, ٽاڪا ٽاڪا لڳو پيو هئو. جڻ ٽاندن تي سڙيل گوشت, جيڪو ٽاڪا هڻي ملايو ويو هئو ۽ ان هيٺان....بہ رڳو زخم ۽ گهاو نہ هئا. اتي رڳو ڪينسر جيان ڇڪندڙ ڇاڪ نہ هئا پر اجوڪيءَ دنيا جي گولي تي شاندار ۽ باوقار انساني تهذيب جا اڻمٽ نشان اُڪريل هئا. اتي اڄ جي دنيا جو نقشو ٺهيل هئو. اتي اڄ جي دنيا جي مختلف ڪندن ۾ ڪيڏيون ويندڙ سياسي ريسلنگس جي هڪ تاريخ هئي. اتي ايشيا, افريقا مڊل ايسٽ, لئٽن امريڪا ۽ ٻين ڪُندن ۽ ملڪن ۾ انسان هٿان ذليل ٿيندڙ انسان جو نمونو گلڪاريءَ جيان چٽيل هئو! ماڻهوءَ طرفان ماڻهوءَ لاءِ نفرتن ۽ تعصبن جا نشان هئا. ماڻهوءَ جي وحشي فطرت جا پيدا ڪيل سامان هئا! انساني ذهني ڪوڙهہ جون ڪئين ڪهاڻيون رقم هيون. قومن جا قومن لاءِ تهذيبن جا تهذيبن لاءِ, مذهبن جا مذهبن لاءِ, ٻولين

جا ٻولين لاءِ نفرتن ۽ تعصبن جا بيان هئا. اتي بم، بارُود باهيون....لکين انساني لاش سڙي اگر تي ويل لاش هئا.اتي انسان جي فطرت جا رنگ هئا. اُتي هيروشيما هئي، اتي ناگاساڪي هئي.

علي سڪتي ۾ اچي ويو هو گنگ تي ويو. هو فيصلو نہ ڪري سگهيو تہ چا ڪري. پنهنجين قاتل اکين سان هن ڏٺو ڪلديپ جو جنسي عضوو بہ ڪٽيل ۽ اتي ٽاڪا ڏنل هئا. هن جون اکيون وڌيڪ ڏسڻ برداشت نہ ڪري سگهيون. ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. ڪلديپ بيڊ تي اونڌي منهن ڪري هاڻ ڀُو هاڙون ڪري روئي رهي هئي.

”هنن ظالمن مون کي گينگ ريپ ڪيو هو...۽ پوءِ زهر سان ٻڏل خنجر سان منهنجيون ڇاتيون وڍي ڇڏيون.... منهنجو پيٽ چيري منهنجا آنڊا ڪڍي ڇڏيا هئا علي...!“ هن سڏ ڪو پريو ”This is my story“ علي ان اوچتي ۽ دردناڪ ڪيفيت جي اسٽروڪ مان نہ نڪري سگهيو. ڪجهہ وقت لاءِ تہ هن جون اکيون پٿرائجي ويون ۽ هن جي جذبن جا سمورا رنگ غائب ٿي چڪا هئا ۽ بس هڪڙوئي رنگ وڃي بچيو هو. مايوسيءَ جو ڪاراڻ مائل رنگ. هن ڪمبل کڻي ڪلديپ جي جسم کي ڍڪيو. جسم جيڪو ڪنهن خوبصورت Pupet جو هو جسم جنهن ۾ جڻ اندران ڪپهہ پريل هئي، جسم جنهن ۾ جڻ اگڙيون پريل هيون. لڳو ٿي تہ هوءَ ماڻهو نہ هئي، پر پوليسٽر پريل گڏي هئي، جنهن جو جسم، هن لاءِ بي معنيٰ هئو. هن ڪمري جي بتي وسائي ڇڏي ۽ ڪلديپ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري هن جي هٿن ۽ ٻانهن کي بي اختيار ٿي ائين چمڻ لڳو جڻ هن پنهنجي ڪيل گناهہ جي معافي ٿي ورتي. هو هاڻ روئي رهيو هئو! Really I'm sorry مون کي معاف ڪر.....مون کي معاف ڪر ڪلديپ!“ ڀوري رهيو هو. ان مهل لڳو ٿي، ننڍي ڪنڊ جا ٻہ ماڻهو نہ پر ٻہ نياڳيون وهمي ۽ مذهبي عداوت سان ڀريل تاريخون پاڻ ۾ ڀاڪر پائي ڏک ونڊي رهيو هيون! ۽ ان ڪيفيت جو رنگ ڇاهئو؟ ان جو رنگ بہ گهرو سليٽي هئو. شام جي لهندڙ سج اڳيان جهڙ جي ڪڪرن جهڙو هو. ڪلديپ جي هٿ مان وهيل چلڪندڙ رت جهڙو ڳاڙهو افشان جهڙو رنگ يا ان ڪيفيت جو رنگ هندوستاني جهنڊي جهڙو هئو! ترنگي جهڙو؟ ڇا ملڪن ۽ مذهبن جا جهنڊا ماڻهن کي تحفظ ڏئي سگهن ٿا؟_ نہ.... نہ بلڪ انهن جهنڊن ماڻهن کي ماڻهن کان ڊار ڪيو آهي. ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ کان پري رکڻو اٿو تہ هڪڙو نئون جهنڊو ناهيو ۽ ڦڙڪايو! هن سوچيو! Million mutinies! Million mutinies Ahead! the Inimitable India!

علي جي بت مان The incredible India until you have million mutinies سمورا وحشي جذبا باز جيان ڦڙڪو ڪري ائين نڪري ويا ڄڻ هن ڪو خواب لڌو هئو. هو سوچي رهيو هئو هن ڇا ته ڪيو هئو جيڪو هن ڪڏهن سوچيو به نه هئو! 'اي منهنجا خدا! مان ڇا ڪريان. انساني فطرت ڪيڏي نه واهيات آهي. دنيا ڪيڏي نه ڪن ۾ لُنبيل آهي. هن جو اندر روئي رهيو هئو. ماڻهو ماڻهوءَ کي پنهنجي مفاد خاطر ڪيڏو نه رنج ٿو پهچائي؟ اهو مان ناهيان. انساني فطرت آهي؛ جنهن منهنجي جسم کي استعمال ڪيو آهي.' هن، پڙڪيو. ڪافي دير تائين هو هٿي ياڪر پائي روئي رهيا هئا. ان بعد پنهي کي ننڊ اچي ويئي. ته هن ڏٺو مارگلا جون وڻن ۾ گاهه سان پريل سينور ورتل سايون پهاڙيون آهستي آهستي هاڻين. ميمڻ ۾ ڊائنو سارس ۾ بدلجي هن کي چوڌاري گهيري رهيون هيون. هن جي هٿ ۾ ڏٺو هئو ۽ سوين ڊائنو سارس ڏڻ جيان چنگهاڙون ڪري هن کي آهستي آهستي وڪوڙي رهيا هئا. هو انهن کان بچڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هئو. ۽ هن جڏهن محسوس ڪيو ته هو هاڻ انهن هٿان رڙڪجي ويندو ته هن جي اک کلي وئي "Oh my God!" هن اٿي لائيٽ آن ڪئي ۽ ڪلديپ کي ڏٺو هوءَ گهريءَ ننڊ ۾ هئي. هن پاڻي جو گلاس پري پيتو ۽ سگريٽ دکايو ۽ ڪش هڻندو سوچيندو رهيو ۽ نيٺ هن ڪلديپ کي ڇهيو ته هوءَ به جاڳي پئي. "What happened Ali my dear?" هن غنودگيءَ ۾ پڇيو ۽ عليءَ کي ياڪر پائي چمڻ لڳي.

"مون کي ننڊ ٿورو ئي هئي غنودگيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه محسوس ڪري رهي هئس!"

"Its Nothing" ۽ هن ڪلديپ کي ياڪر پائي ڪِس ڪيو. ان Nothing جو ڪلر به سليٽي هئو روهيءَ جهڙي ڪنهن پٿر جهڙو!

●

This is the way, the world Ends!

ڪافي ڏينهن گذري ويا هئا تہ علي ڪيڏانهن بہ نہ نڪتو. بس، گهر ۾ وينو وينو سوچيندو رهندو هئو. هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ. هن جو گذريل سمورو وقت ائين ڪيئن گذري ويو هئو. هن پنهنجي خوبصورت تعلق، دوستيءَ ۽ عشق جو انت پنهنجي هٿن سان پاڻ ئي آڻي ڇڏيو هئو.

ڪافي دفعا هن سوچيو هو ڪلديپ کي فون ئي ڪري ڪجهہ دل جو بار هلڪو ڪري ۽ هن کان Sorry ڪري پر هو ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو.'پاڻ ڇو نٿي ڪري؟ پاڻ بہ تہ ڪري سگهي ٿي.'

ماڻهو ڪيترو نہ خود غرض آهي. پنهنجي وجود کي هن دنيا جي فضول جذبن ۽ خواهشن جي ارٿيءَ جي نذر ڪريو ڇڏي! يا وري خود غرضيءَ جو پالو ڪٽي هو ٻئي جي بدن ۾ ٽنبڻ ۾ ويرم ئي نٿو ڪري! ماڻهوءَ ڪنهن بہ دؤر ۾ ڪنهن بہ قانون ۽ بندش کي ذهني طرح ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو آهي. ڀوڳ پلي اُها خدا طرفان ئي هجي! جنسي خواهش ماڻهوءَ جي بنيادي حقن منجهان هڪڙو حق آهي جيڪو خدا هن کي عطا ڪيو آهي پر تڏهن بہ ان جو بيجا استعمال ۽ بنان ڪنهن جي راضپي جي ان جو استعمال انساني اخلاق ۾ قطعي منع آهي. هو سوچيندو هئو. هن تہ اهڙو ڪم ڪرڻ چاهيو هو جنهن جي اجازت سندس ضمير بہ نہ ڏئي ها! هن پنهنجي پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. 'هن ۾ ۽ انهن ماڻهن ۾ ڪهڙو فرق هئو، جن ڪلديپ کي گينگ ريپ ڪيو؟' هنن مذهبي جنون ۾ ۽ هن جنسي جذبي جي جنون ۾! ماڻهوءَ جو جنون ساڳيو آهي، اهو هر ملڪ ۾ ۽ هر ڪنڊ ۾ هڪڙي ئي طريقي سان پنهنجو پاڻ مڃائي ٿو. بلڪ هر ماڻهوءَ ۾ اهو پنهنجو ڪم ڪري ٿو! "Shit!.. One devil is like the other!" هن سوچيو.

ڪي ڪيترا ڏينهن تہ هن جو دماغ ان بنيءَ ۾ ڪڙهندو رهيو. هن جي شيو بہ ڪافي وڌي ويئي هئي. فڪر ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ هن فيصلو ڪيو تہ هُو هاڻ ان شهر ۾ رهي نہ سگهندو.

هن محسوس ڪيو تہ ملڪ جون حالتون بہ انتهائي ابتر ٿي ويون هيون . هن کي نوڪريءَ ملڻ جو آسرو بہ هاڻ ختم ٿي چڪو هئو هن کي محسوس ٿيو تہ هو مڪمل طرح هڪ ناڪام قسم جو ماڻهو هئو! نہ نوڪري ملي ۽ نہ وري محبت ۽ تعلق جي بہ ڪا چڱي پڇاڻي ٿي..... هن کي پنهنجي نڪمائيءَ ۽ بيڪاريءَ تي ڄڪ اچڻ لڳا.

بي ڪار، بي ڍنگو سسُت ماڻهو 'Non sense!, Sex crazy! Sexual pig!

هن پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهايو پنهنجي ضمير جي قاضيءَ اڳيان هو جڻ ڪٽهڙي ۾ بيٺل، ڪنڌ هيٺ ڪيل زنجيرن ۾ ڪڙيل ڪو مجرم هئو. جيڪو پنهنجي بچاءَ ۾ ڪو هڪ بہ دليل نہ رکندو هجي! هن هاڻي دوستن سان ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏنو هئو. سيئي سمجهندا هئا تہ هو شايد بيروزگاريءَ جي ڪري ائين ٿي ويو آهي.

پنهنجي منهن ئي، فليٽ تان هيٺ لهي ويندو هئو. دير دير تائين شهر جي بند ٿيڻ کان پوءِ بہ هو بند دوڪانن جي ڇاڙهين تي وينو سموڪنگ ڪندو ۽ سوچيندو هئو. پوءِ رات دير سان اچي اپارٽمينٽ تي سيني جي ننڊ ڦٽائيندو هئو. ڪڇيءَ ننڊ مان اٿيل دوست هن کي دروازو کولي ڳاڙهين اکين سان حيرانيءَ مان ڏسندا هئا. هو صبح جو دير تائين سمهيو پيو هوندو هو. ڪلديپ اچي هارن وڄائيندي هئي تہ بہ هو اٿي نہ ڪيس بالڪنيءَ مان ڏسندو هو ۽ نہ وري ڪيس دروازو کوليندو هو ۽ هوءَ نيٺ بيزار ٿي هلي ويندي هئي. هن ۾ ڪلديپ اڳيان وڃڻ جي سگهہ نہ رهي هئي! ان ڪري هن هاڻ ڪلديپ سان بلڪل ملڻ نٿي چاهيو. ڪافي ڀيرا ڪلديپ هن کي فون ڪيا تہ هن اهي بہ اٿينڊ نہ ڪيا.

هو جڏهن بہ پنهنجي ۽ ڪلديپ جي رويي بابت سوچيندو هو تہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا. سڄي سچويشن هن پاڻ ئي پيدا ڪئي هئي. سڀ ڪجهہ لاءِ هن پاڻ کي ئي ذميوار ٿي سمجهيو.

This is the way, the world ends,
This is the way, the world ends,
This is the way, the world ends,
Not with a bang but with a whimper.

زندگي چپ چپات ۾ ختم ٿيندي آهي! هن کي لڳو تہ زندگيءَ جا سڀ پنڌ هن لاءِ کٽي چڪا هئا. سمورن رشتن، ناتن جا واهڙ وهڻ بند ٿي ويا هئا! هاڻ هن لاءِ صرف بہ رستا بچيا هئا. يا تہ پنهنجي آڱر ۾ تار ويڙهي هو بجليءَ جي ساڪيٽ ۾ ويجهي ڇڏي يا وري هو چپ ٿي ڪُنڊائتو ٿي وڃي.

This is the way, the world ends! هن سوچيو. هن جي اکين مان ٻي انتها ڳوڙها وهڻ لڳا.

هن هاڻ پڪو فيصلو ڪيو تہ هو شهر ڇڏي ڳوٺ هليو ويندو ان ڪري هو رينيءَ کان بہ موڪلائي آيو.

●

اسٽنٽ، بليومر ۽ مذهب

اجان تائين موسم سرد هئي. وڻ عرصي کان ٽنڊن ۾ بدليل هئا ۽ ميدانن جي چهرِ بہ سڙي ويئي هئي. پهاڙيون اڪثر ڏنڌ ۾ ورتل هونديون هيون.

ان ڏينهن ڪلديپ آئي، گاڏي هيٺ بيهاري مٿي هلي آئي ۽ اپارٽمينٽ نمبر 8 جي ڪال بيل تي آڱر رکي چڙيائين.

عليءَ جي اک کلي ويئي، هن ڪمبل اڇلايو. "ڪير تي سگهي ٿو...؟" هن گيز ڪيو. شايد ينگي آهي ڪچرو وٺڻ لاءِ آيو هوندو ۽ اچي دروازو کوليائين تہ سامهون ڪلديپ کي ڏسي هوڪڪو وکو ٿي ويو.

"What...!" هن جي وات مان بي اختيار نڪتو.

"You have nothing to say?" ڪلديپ ڳالهايو.

"تو مون کي ڏاڍو Hurt ڪيو آهي علي، تو مون کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو. هڪڙو فون بہ نہ ڪيئہ! مان توکي ڪيترا فون ڪيا؟"

"هاڻ اندر اچڻ ڏينديں؟" ڪلديپ هن کان مسڪرائيندي پڇيو ۽ هن کي هٽائي اندر هلي آئي.

"پهرين ڪافي سوچيو هئم تہ تو وٽ نہ اچان چو تہ تون مون کي مسلسل Avoid ڪري رهيو هئين، ڪوبہ Response نہ پيو ڏين، نہ فون تي ۽ نہ وري گهر تي. تون شايد ڪي هول مان مون کي ڏسي دروازو نہ کوليندو هئين. پر مون کي ڪلهہ رينيءَ وٽان خبر پيئي تہ تون واپس وڃي رهيو آهين."

"Are its fair? are its justified?" تہ تون رينيءَ کان موڪلائڻ ويو آهين پر مون کي ٻڌايئہ بہ نہ؟"

"Can't you forget the past?"

"مون کي خبر آهي تہ هاڻ تون Judgmental ٿيندينءَ پوءِ مون کي Character Certificate عطا ڪندينءَ."

"Therefore, no arguments, no comments, no any character certificate... have you got it!"

"تہ توکي اجان بہ چڙ آهي ۽ چڙ..."

"No claims, because every thing has gone; every thing has been lost and finished."

"سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو!" هن جي زبان ۾ لفظ اٽڪي رهيا هئا تہ ڪلديپ هن جي وات تي هٿ ڏنو.

"صبح سان اهڙي وائي نہ ڪيا!"

"تہ پوءِ ڇا ڪريان؟ تو تي ڪائي چڙ ڪانهي بلڪ پنهنجي پاڻ تي اٿم تہ توکي دوستيءَ جي نالي ۾ ڏوڪو ڏنم! توسان unfair هليس."

"I'm guilty & burdened with Sin."

"تنهنجي خوبصورت تعلق کي پنهنجي انا جي ٻل تي چاڙهي ڇڏيم. ۽... ۽... ۽ پر مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي... ڇو آئي آهين؟...ڇو اچي منهنجن ڦٽن تان ڪڙيون لاٽيون اٿئي؟ وڃ هلي! وڃ هلي..." هو پنهنجو منهن پٽ ڏانهن ڪري ٻيهي رهيو.

"You have done nothing wrong with me."

"تو مون سان ڪجهہ بہ غلط نہ ڪيو آهي علي!... تو مون سان ڪجهہ بہ غلط نہ ڪيو آهي بلڪ مون توکي ڏوڪو ڏنو ۽ توکي سڀ ڪجهہ شروع ۾ نہ ٻڌايو دراصل مون تنهنجي Intelligencia ۽ ذهانت سميت توکي وڃائڻ نٿي چاهيو.... Ali, I love you .... تو مون سان ڪجهہ بہ غلط نہ ڪيو آهي. تو تہ هڪڙو مثبت ڪردار ادا ڪيو. ظاهر آهي جڏهن مون توسان سڀ ڪجهہ سلهاڙي ڇڏيو تہ تو بہ مون مان ڪجهہ توقعات رکيون جيڪي ڪنهن نارمل ڇوڪريءَ جيان پورو ڪرڻ کان مان قاصر هئس...۽ ان ۾ دوستي ۽ ڏوڪو ۽ گناهہ ۽ ثواب جو سوال نہ هئو." هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

"علي مون تہ زندگيءَ جي اڻ ڪٿ غم کي تنهنجي دوستيءَ جي خوشيءَ ۾ رڳڻ چاهيو هو."

"علي! ان سڀ ڪجهہ ۾ تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ نہ هئو...." هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي. ان ۾ منهنجو ڏوهہ هئو.... منهنجي قسمت جو ڏوهہ هئو."

"سچ پڇين تہ علي، منهنجي زندگيءَ ۾ هڪڙي زبردست خواهش هئي تہ مون کي... تو منجهان... توجهڙو هڪڙو خوبصورت پٽ هجي. ۽ ان لاءِ مون توکان لڪائي پنهنجا ڪافي ميڊيڪل چيڪ اپس بہ ڪرايا پر رپورٽس مائينس ۾ هيون. علي!" هو هاڻ حيرت مان ڪلديپ ۾ ڏسڻ لڳو... "اها

منهنجي اندر جي شديد ڪلپنا هئي. تہ مان تومان هڪڙو پٽ جڻيان... ان ڪي پاليان ۽ نپايان جيئن تون سدائين مون سان گڏ هجين!" هن جا سڏڪا تيز ٿي ويا "۽ جڏهن مان مران تہ منهنجين اکين ڪي بہ اهو پوري... علي مان تنهنجي عشق ۾ انڌي هئس ۽ آهيان."

"پر... قسمت ڪي ڪجهہ بہ سنو منظور نہ هئو. قسمت مون سان ڪافي وقت پهريائين گيم کيڏي چڪي هئي.... تو سان تعلق جو هڪڙو سبب Father Figure ڳولڻ بہ هيو..... ثابت ٿيو تہ مان اجان بہ Abnormal آهيان يا وري Immature آهيان. ٻار آهيان. سچ پڇين تہ تون تہ حق تي هئين. دغا منهنجي طرفان ٿي. مون توسان هڪڙو Stunt کيڏيو. پنهنجو پاڻ کي هڪڙو پتلو ڪري توسان تنهنجن جذبن سان... تنهنجن Emotions سان کيڏيم.

you were innocent Ali! مان مڃان ٿي... مون توسان... Stunt کيڏيو جيڪو واجب نہ هئو."

"ڪلديپ اهو stunt نہ هئو بلڪہ bluff هئو!

You know it was like blue murder!" تہ ڪلديپ حيرت مان هن ڏانهن نهارڻ لڳي.

عليءَ وڏي هن کي ڀاڪر پاتو. عليءَ جون اکيون بہ ڳوڙهن سان تر هيون. ٻئي ڪافي دير تائين ڊڪون ڀري روئيندا رهيا...هن عليءَ جون ڳوڙهن ڀريل اکيون چميون... ۽ چمندي رهي!

"جيڪڏهن تون پنهنجي ڳوٺ منهنجي ڪري ٿو وڃين تہ خدا جي واسطي نہ وڃ! ڇو تہ واجب القتل مان آهيان پر جيڪڏهن واقعي تو قطعي فيصلو ڪيو آهي تہ پوءِ ٻڌ... واعدو ڪر تہ اتي وڃڻ کان پوءِ مون کي نہ وسارينديں!" ڪلديپ ٻيهر روئڻ لڳي. مان شايد ... شايد ٽرانڪيولائيزرس ۽ تنهنجي ياد. ٻئي شيون پنهنجي زندگيءَ مان ڪڏهن نہ سگهندس."

"تنهنجي ياد هاڻ شايد زندگيءَ کان بہ وڌي ٿي ويئي آهي ڪلديپ! تون منهنجي جسم جو ڪو حصو بڻجي ويئي آهين. پر تون وسرندينءَ ڪڏهن جو ياد ڪريانءِ؟ ڇا مان پنهنجي جسم جو ڪو حصو ڪٿي اڇلائي سگهان ٿو؟ ڪٿي وساري سگهان ٿو؟"

"It's really bad news for me that you are leaving!" ڪلديپ ڳالهايو "بهرحال علي! حقيقت ڪجهہ ٻيءَ طرح آهي."

"خبر اٿئي تہ مون زندگيءَ ۾ ڪهڙي غلطي ڪئي آهي؟ مون دراصل اجان تائين پنهنجي جسم جي حقيقتن کي تسليم ئي ناهي ڪيو. I was

جيڪو ثبوت آهي ان ڳالهه جو تہ مان ان burnt rope but not lose twist! گرداب مان، ان ڪن مان نڪري ئي نہ سگهي آهيان."

"مون پنهنجي سچ کي سچ نہ سمجهيو. اهو ائين هئو تہ جيئن هڪڙو ماڻهو جنگ ۾ بمبارتمينٽ بعد پنهنجي هڪ ٽنگ وڃائي ويهي آرٽيفيشل لمب ۽ اسٽڪ تي هلڻ شروع ڪري پر سمجهي تہ ڪجهہ ٿيو ئي ناهي.

اها خوش فهمي هئي ۽ پنهنجي سچ کي سچ تسليم نہ ڪرڻ وارو عمل هئو. اهو ائين ئي آهي تہ ڪا بہ ڇوڪري پنهنجي پاڻ کي خيالن ئي خيالن ۾ Lady of the flowers يا شهزادي ڊيانا سمجهڻ لڳي ۽ وهاڻي جي مٿان ويهي تصور ڪري تہ هوءَ ڪنگسٽن پيلس جي ٻاهران هارس رائيڊنگ ڪري رهي آهي.

'I'm sorry Ali'

علي مسڪرائڻ لڳو. Would you like to listen me more?

'I was not fashion queen.'

'I was not Queen of flowers.'

'I was not normal creature!'

ڪلديپ جا سڏڪا وڌي ويا.

عليءَ سگريٽ دکايو. "مون کي تنهنجي ڳالهائڻ تي ڪو اعتراض ڪونهي!"

".....علي مون کي هاڻ ٿو احساس ٿئي تہ مان واقعي اجان تائين unfit آهيان. Psycho_path آهيان تون صحيح هئين مون پنهنجي پاڻ تي برف جو coat چاڙهي رکيو آهي. ۽ مان اهو سڀ ڪجهہ Accept ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان. مان ڪئوڙي سچ کي سچ مڃڻ لاءِ تيار ناهيان. مون حقيقت کي حقيقت نہ مڃيو."

ڪجهہ دير چپ رهي "ڪلديپ! دنيا ۾ سچ ۽ ڪوڙ ڪي بہ solid ۽ قطعي شيون ناهن. دنيا جيئن تہ Perfect ناهي، ان ڪري ڪا بہ شيءِ سچ ڪانهي ۽ ڪا بہ شيءِ ڪوڙ بہ ڪونهي. ڇو تہ اسين جيڪو بہ جملو ڳالهائيندا آهيون سو دنيا ۾ ڪٿي نہ ڪٿي 'سچ' ۽ ڪٿي نہ ڪٿي 'ڪوڙ' هوندو آهي."

"That's why دنيا ۾ ڪوبہ مطلق سچ ۽ ڪوڙ ناهي! سڀ ڪجهہ 'Illusion' آهي سڀ ڪجهہ اڻ پورو ڏنڏلو ۽ آخر ۾ بي بقا."

"ڪيڏي ڪيڏي مهل اسين بہ سچ ناهيون." سمجهين ٿي. With the time span we will be.... بلڪہ! We shall be one big lie! اسين ڪڏهن نہ

ڪڏهن ڪوڙ تي ويندا سون. ماڻهوءَ جي مرڻ کان پوءِ ڇا ان جي اوگهڙ ۽ ڇا ان جو بدن ۽ ڇا ان جو شرم ۽ حيا، ڇا ان جا جذبا ۽ sentiments ۽ڇا ان جا نظريا ۽ مذهب سڀ بي معنيٰ ٿيو وڃن! پر سڀ ماڻهو ائين ڪن ٿا تون اڪيلي ناهين."

"ماڻهو جي جيئرو آهي ته ان جا سچ به آهن ته ڪوڙ به پر جي ماڻهو نه رهيو ته دنيا ۾ فائيل ڊراپ ٿيو وڃي. ماڻهو جي مريو وڃي ته لڳي ٿو ڪو سڄو جو سڄو منظر گم ٿيو وڃي! زندگي ماڻهوءَ جي جان ڇڏيو ڏي پر مذهب نٿو ڇڏي! مذهب پاڻ کي اعليٰ ٿو سمجهي. مذهب پاڻ کي زندگيءَ کان وڏو ٿو سمجهي. دنيا ۾ مذهب کان وڌيڪ غرور ۾ ورتل ڪو نظريو ڪونهي! مذهب پاڻ کي Beyond the boundaries ٿو سمجهي! مذهب پاڻ کي Beyond the time & space ٿو سمجهي، ۽ مذهب پاڻ کي ماڻهوءَ کان وڏو دنيا کان وڏو بلڪ ڪائنات کان به وڏو ٿو سمجهي! ڇا مذهب واقعي ايڏو وڏو آهي؟ جنهن ماڻهوءَ کي هڪ اڻ کٽ درد ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي؟"

"نه. اهو ڪائنات ته نهيو پر هڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ کان به وڏو ڪونهي!"

"مذهب ماڻهوءَ جي زندگيءَ کان ڪنهن به صورت ۾ وڏو ڪونهي. جيڪڏهن مذهب وڏي شيءِ هئو ته پوءِ توهان جي گروءَ جو مذهب ڪهڙو هئو جنهن کي هن ڇڏي ڏنو ۽ گوتم جو مذهب ڪهڙو هئو جنهن کي هن پلائي ڇڏيو ۽ ... ۽ رام جو مذهب ڪهڙو هئو؟ ڪهڙو هئو رام جهو مذهب؟ ڪا به مسجد ڊاهي مندر ناهڻ سان به ڪو ماڻهو وڏو نٿو ٿئي بلڪ ننڍو ٿو ٿئي! تعجب ٿو ٿئيم ته ماڻهو پنهنجين حڪومتن قائم ڪرڻ لاءِ مذهب کان تلوار جو ڪم ونن ٿا ۽ ڍال جو ڪم به ان کان ونن ٿا!"

"تون به ڊرمن جي ساڙيل پوتي آهين. تون اهڙو ڊرمي ڪتاب آهين جنهن کي تعصب جي اڌوهيءَ تنگ ڪري ڇڏيا آهن. پر ڏنو وڃي ته سڀ ماڻهو تنگ تنگ ۽ سوراخ سوراخ لڳا پيا آهن، سڀ ماڻهو پروڻ لڳا پيا آهن! نظرين ۽ مذهبن ۽ خود غرضيءَ ماڻهن کي پروڻ ڪري ڇڏيو آهي." عليءَ ڪش هنيو. "سڀ ماڻهو زهر جا ڳنڍا ٿيو هلن. سڀ ماڻهو لوڻ ۾ تبديل ٿي ويا آهن. سڀ ماڻهو نوشادر ۾ تبديل ٿي ويا آهن. سڀ ماڻهو بارود ۾ تبديل ٿي ويا آهن!"

ڪلديپ اٿي اچي هن کي پويان ياڪر پاتو ۽ ڪِس ڪئي. "Ali how brilliant are your ideas! that's why, I like you! I love you." ۽ هن کي

نرڙ تي چمڻ لڳي. "مان جڏهن بہ سوچيان ٿي توسان ڪا زبردستي ڪريان پاڻ کي ڪمزور ٿي سمجهان؟؟"

"علي! جيڪڏهن تون هتان هليو وئين تہ Really مان اڪيلي ٿي ويندس!"

"سڀ ماڻهو اڪيلا آهن ڪنهن کي بہ ڪنهن جو سهارو نٿو هجي. آئي پي اڪيلا اور جائي پي اڪيلا!" "Don't worry about it, go for an other stunt!" علي مسڪرائڻ لڳو.

"اوه ماءِ گڊنيس. واقعي تلوار کان زبان جو وڍ وڏو آهي." ڪلديپ رڙ ڪئي، هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

"تون ڪافي بيرحم ۽ ظالم قسم جي مخلوق آهين. تنهنجا لفظ ۽ جملا مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرندا."

"پر ان سڀ ڪجھ چوڻ جو توکي حق آهي علي!... تون ان سڀ ڪجھ جو حق ترکين!"

ٻئي ڪافي دير لاءِ چپ ٿي ويا ۽ سوچيندا رهيا.

"هيٺ نہ هلندين؟" ڪلديپ پڇيو.

"نہ!" عليءَ چيو.

"فلائيٽ ڪڏهن آهي؟"

"Saturday تي."

"ڪيڏي مهل؟"

"صبح جو ڏهين وڳي."

"بہ ڏينهن پيا آهن."

عليءَ ٻيهر سگريٽ دکايو.

"انهن ٻن ڏينهن ۾ تووٽ ٽائيم آهي؟"

"ڇا لاءِ؟"

"مون لاءِ."

"مان گذريل ڏيڊ ڪلاڪ کان توسان گڏ آهيان."

"I want to honour you & I want to invite you for dinner at my home!"

"There is no need of any dinner." هن ڪش هنيو.

ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو تہ ڪلديپ کي ڪاوڙ اچي ويئي، "تو آخر مون کي سمجهيو ڇا آهي؟.... تون آخر پنهنجي پاڻ کي ڇا ٿو سمجهين؟ ميجان ٿي تہ مان perfect woman ناهيان پر ساهہ ڪٽندڙ ماڻهو تہ آهيان!" ۽ هن

عليءَ کي گلي مان وجي جهليو:
"I have prefor med blue murder! Bluff, you know!"

هوءَ وري روئڻ لڳي تنهنجا لفظ خنجر آهن. جيڪي اندر جي اونهائين تائين لهي ٿا وڃن.

"نيڪ آهي هليو وڃ!... مون کي خبر آهي تون مون کان دور ٿيڻ لاءِ وڃي رهيو آهين. مون کان پري ٿيڻ ٿو چاهين نه ته هليو وڃ! وڃ هليو! هاڻي ئي وڃ هليو. Have you got it? مون کي تنهنجي ڪائي ضرورت ڪانهي." هن عليءَ کي گلي مان ڇڏي ڏنو ۽ ٻيئي هٿ منهن تي ڏيئي روئڻ لڳي. علي چپ رهيو ۽ سموڪنگ ڪندو رهيو.

"I am leaving" ڪلديپ گاڏيءَ جي چابي کڻي ۽ وڃڻ لڳي ته عليءَ پويان سڏ ڪيس.

"ڪلي!" ته هوءَ بيهي رهي ۽ پويان نهاريائين هن جون اکيون گلابي ڏورن ۾ لڙڪن سان ٿر هيون پر هوءَ مرڪي پيئي. عليءَ وڏي وجي هن کي ياڪر پاتو ۽ نرڙ تي چمي ڏنائينس.

"ٿوري دير ويهه... مان توسان هلان ٿو! منهنجا شهر ۾ آخري ٻه ڏينهن تنهنجي حوالي آهن." ڪلديپ جي چپن تي مرڪ ڦهلجي ويئي. عليءَ ٿشو جو ڏبو کنيو ۽ ڪلديپ کي اکيون اگهڻ لاءِ ڏنائين.

●

ڳوٺ

علي جڏهن ڳوٺ جي ريلوي اسٽيشن تي لٿو تہ رات جا چار ٿيا هئا. هن کي چار ڪول ڪلر جو گرم ڪوٽ مٿي تي ڪاري اُن جي ٽوپي ۽ ڳچيءَ ۾ مفلر پيل هئو. اجا اوندهہ گهري هئي، پري کان وڻن جا دڪڪ ڏسڻ ۾ آيا تي پراٽي ۽ سنسان اسٽيشن جي پليٽ فارم تي لڳل شمعدانن ۾ بلب ٻري رهيا هئا. هيٺ سرن جو فرش هئو سيءُ سخت هئو. پراڻن مفلرن، سوئيٽرن ۽ اجرڪن ۾ ويڙهيل ڪجهہ ريلوي ملازم لالٽين ۽ پانا کڻي ٽرين ڏانهن وڌيا ۽ ان جي چيسز کي ٺڪ ٺڪ ڪري چيڪ ڪرڻ لڳا. ساهہ کڻڻ سان هن جي وات ۽ نڪ مان ٻاڦ نڪري رهي هئي. پنهنجي چمڙي جي بيگ ڪلهي ۾ لٽڪائي هو پليٽ فارم جي ٽيرس هيٺان اچي بيٺو جتي ڦڪي رنگ جو هڪڙو مايوس روشنيءَ وارو بلب ٻري رهيو هئو. هن جي هڪ هٿ ۾ ويڙهيو ٿيل پراڻي اخبار هئي. ٽرين جي انجڻ مان آواز ۽ ٻاڦ نڪري رهي هئي . ڪجهہ دير کان پوءِ ٽرين ڪوڪ ڪئي ۽ هلڻ لڳي. پليٽ فارم جي ٻاهران هڪ هوٽل تي هن گرم گرم چانهن جو هڪ ڪپ پيتو. گذريل رات کان هن جي ننڊ ڦٽل هئي. حالانڪِ هن جو ڊگهو سفر صرف ڪجهہ منٽن ۾ طئہ ٿيو هو پر هو سفر جي Tensionجي ڪري گهري ننڊ نہ ڪري سگهيو هئو. انڪري هن کي سخت ٿڪ هئو. هوٽل مان نڪري هن ڳوٺ ڏانهن ويندڙ پيچري ڏانهن ڪجهہ پنڌ ڪيوتہ ڪيس اسٽيشن ڏانهن ايندڙ هڪڙو ٽانگو مليو. گهوڙي جي ناسن ۽ وات مان ٻاڦ نڪري رهي هئي. ٽانگي واري هن کي سلام ڪيو ۽ ٽانگو موڙي ڳوٺ ڏانهن منهن ڪيو. رات جي پيٽ مان آهستي آهستي ڏينهن نروار ٿي رهيو هو.

❊ ❊ ❊

ڳوٺ جي بيڪاريءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن رات جو هو ٽارچ کڻي، گاهہ گند سان ڀريل پيچري تان ٿيندو انبن جي باغ وٽان لنگهندو پراٽي کوهہ

جي پڳهه تي وڃي ويهندوهئو ۽ دير تائين سموڪنگ ڪندو انداهي ڪوهه ۾ اندر نهاريندو ان ۾ تارن جو ونڙندڙعڪس ڏسندو رهندو هئو. اوسي پاسي ڪان آر جي چرچر ۽ ڏيڏرن جي ٽان ٽان ۾ هو چانڊوڪيءَ پريل ماحول ۾ وري چانڊاڻ جو جادوئي نظارو ڪندو رهندو هئو ۽ دير تائين سوچيندو رهندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن هن جا هاري پاڻيءَ جي واري تي ويندي يا موٽندي هن سان خبرن چارن تي اچي ويهندا هئا تہ هو ڪين پنهنجا اوچا سگريٽ پيئاريندو هو. ساڻن شهرن ۽ ملڪ جون ڳالهيون ڪندو رهندو هئو. مخصوص وقتن تي ٽرينون لنگهنديون هيون تہ ڪجهہ وقت لاءِ ماحول بدلجي ويندو هو. هاڻ پاسي وارو پراڻو قبرستان بہ هن ڪي نہ ڊيڄاريندو هو. جنهن لاءِ مشهور هئو تہ رات جو ان ۾ قبرن مٿان ڏيئا ٻرندا، اڏامندا رهندا هئا! ۽ قبرستان ۾ جنن، ديون جا آستانا هئا.

هونئن ماڻهوءَ جا سمورا رستا قبرستان ڏانهن وڃن ٿا تہ پوءِ ماڻهن ان رستي کان ڇو ڊڄي؟ جنهن تان اوس لنگهڻو اٿس! هو گهڻو ڪجهہ سوچيندو رهندو هو.

هو قنوطي تي ويو هئو يا حقيقت پسند، هن ڪي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو.

ڪڏهن ڪڏهن شام جو هو پنهنجي مامي جي بنگلي نما اوطاق ڏانهن ويندو هو جتي وٽاڻ جي منهہ هيٺان هن جو پوڙهو نانو حاجي ربڏنو کٽ تي هنڌ جي ٽيڪ سان ويٺو سيني ايندڙ ويندڙ ڇوڪرن، نوجوانن هارين ۽ ڏراڻن کي خاص طريقي جي گارين سان نوازيندو ۽ لٺ الاريندو رهندو هو ۽ سڀ کلندا رهندا هئا. حاجي ربڏنو سئو کان ٽپي ويو هئو. سندس پيرون بہ اچا تي ويا هئا ۽ نظر کان بہ وڃو تي ويو هئو. هو پنهنجي نوڪر ڇوڪري تي بہ گارين جي اها خاص عنايت ڪندو رهندو هئو ۽ واڙي ۾ بيٺل ڪير ڇورائيندڙ ڳئون تي تہ خاص طرح روزانو اها نوازش ٿيندي هئي. ڳئون اڪثر ڪير ڏيڻ کان نابري ورائي بيهندي هئي تہ چوندو هو:

"بلڪل تون ڏاڏي حرامڙي ڊڳي آهين. سڄو ڏينهن ٿي گاهہ چرين، پلا گاهہ ڪو تنهنجي بابي جو آهي جو ڪائي پيٽ ڀري ڪير نٿي ڏين؟' هو ڊڳيءَ سان ڳالهائيندو هو. لٺ کٽي ڊڳيءَ کي الاري چوندو هو: 'اڄ ڪير نہ ڏنئي تہ تنهنجيون منهنجيون خبرون آهن.'

’پيڻ جي ..... تون سمجهين ٿا تي ماءُ.... سياڻ کان ڏسان تہ ڪير ٿو توکي گاهہ وجهي.‘ هو ڍڳيءَ کي بڪ مارڻ جي ڌمڪي ڏيندو هئو.

"اڙي ڇورا مادر.... ڏهڻ تہ سِڪ.... اٿي.... اٿي آهوري ۾ گاهہ تہ وجهہ." هو ڏراڙ کي چوندو هو.

"وڏئيس گاهہ."

"هائو سائين وڌو مانس."

"تڻ ڏوتئيس."

"هائو بابل سائين!"

"هاڻ ڏس."

’نہ سائين، نياڳيءَ جو اوهہ خالي پيو آهي. ڪٽي وئي مار پويس.‘ ڏراڙ چوندو هئو. تہ حاجي رب ڏنو ڍڳيءَ کي ڌمڪي ڏيندو هو: "اٿان تو تہ ڏيانءِ ٿو لنين جي باهہ پيڻ .... بابهن جو گاهہ ورتل هو جو کاڌو اٿئي ۽ هاڻ ڪير ڦڙو بہ نٿي ڏين؟" هو روز اهي ڌمڪيون ڳئون کي ڏيندو هو پر ڳئون کي بہ حاجي ربڏني جي عادت جي خبر پئجي ويئي هئي.

علي ان صورتحال تي ڏاڍو کلندو هئو. حاجيءَ پنهنجو ڏيان مٿائي عليءَ ڏانهن ڪندو هو ۽ ڪيسي مان ناس جي دٻي ڪولي نڪ ۾ چپٽي هڻي پڇندو هو.

"ڪهڙيون خبرون تي ڪري اخبار نانا، توهان ڪا ليچين کي سڀ خبر آهي."

هو عليءَ کي "نانا" چئي سڏڪندو هو.

علي ڪيس هتان هتان جون دلچسپ خبرون ٻڌائيندو رهندو هئو ۽ ائين شام هلندي هلندي رات جي ڪاري ٻر گهل ۾ سمائجي ويندي هئي.

❊ ❊ ❊

ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ عليءَ سوچيو: ڳوٺ ۾ رهندي بہ هو ڪافي بور ٿي چڪو هو تنهنڪري هن شهر وڃي وڌيڪ پڙهڻ جو سوچيو. وڏي ڀاءُ سان صلاح ڪيائين تنهن بہ هائوڪار ڪيس ۽ هن ايم.اي ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ اپلاءِ ڪيو تہ ڪيس داخلا ملي ويئي.

❊ ❊ ❊

هاسٽل جي زندگي هن لاءِ نئين نہ هئي. هن جي خالي زندگيءَ ۾ هاڻ وري مصروفيت اچي ويئي هئي. هن خطن ۽ ٽيليفون ذريعي ڪلديپ سان

ٻيهر ڊائلاگ جي شروعات ڪئي. اڪثر هو ڳالهائيندا رهندا هئا. ڪلديپ هاڻ مسلسل پنهنجيون اخبارون، جن ۾ هن جون موڪليل رپورٽون ۽ تبصرا ڇپبا رهندا هئا، هن لاءِ موڪليندي رهندي هئي. خطن ۽ فون ذريعي هو ٻيئي پنهنجي وچ ۾ جميل برف جي ان ديوار کي ڳارڻ ۾ ڪي قدر ڪامياب ويا هئا. جيڪا ڪافي مهينن کان هنن ٻنهي کي سرديءَ ۽ اڪيلائيءَ جو شديد احساس ڏياري رهي هئي!

●

حملو

اها چنڊ جي اناويهين ۽ جون جي تارن سان پريل ۽ گرم رات هئي. علي پنهنجي ڪمري جي باغ ڏانهن کلندڙ دري کولي تہ هوا گھلڻ لڳي. هو يونيورسٽيءَ مان هفتيوار موڪل تي ڳوٺ آيل هئو. هميشہ جيان سڄو ڏينهن هو پنهنجي ڪمري ۾ بند تي ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هئو. ڳوٺ ۾ بلڪل سانت هئي. هاري ناري سڄي ڏينهن جي محنت ۽ هڻ _ هٽان ڪان پوءِ گھرن ۾ رات جي ماني کائي، پن جون بيڙيون دکائي، اڱڻن ۾ پيل کٽن تي اهليل هئا. گھريتيون پنهنجن ٻارن کي کير پيئاري سمهاري چڪيون هيون. ڳوٺ جي مسجد مان سومهڻيءَ جي ٻانگ آئي اجان ڪي منٽ گذريا هئا. هنن جي نوڪرياڻي پوڙهي جنان جي ڏيءَ آمنا هن لاءِ ڪڙهيل کير جي چئونري ۽ گلاس سائيڊ ٽيبل تي رکي ڍڪي ويئي هئي تہ اوچتو ڀهرين هن باغ واري پاسي کان ۽ پوءِ ڳوٺ جي چند هوٽلن، مانڊٽين، هڪ اڌ درزيءَ ۽ پرت جي دوڪانن تي ٻڌل بازار وٽان فائرنگ جو آواز ٻڌو. هن پنهنجو ڪتاب نپيو ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪتو. ان وقت حويليءَ جي سمورن ڪمرن جا دروازا کليا. عورتون ۽ مرد نڪرڻ لڳا. ڳالهاءَ ٽيڻ لڳو. سيني چيو: 'ڌاڙيل آهن.... ڌاڙيلن حملو ڪيو آهي....' هن جي وڏي ڀاءُ حڪم ڪيو: "هلو.... هٿيار کڻو...." سيئي مرد ٻرن ڏانهن ڀڳا.ڊوڙندا ٻرن جا در کولي اندران ٽنگيل بندوقون، رائفلون، گولين جا پٽا ۽ مئگزينون کڻڻ لڳا ۽ وري ڊوڙندا ڊوڙاندا ڏاڪڻيون چڙهندا حويليءَ مٿان نهيل مورچن ۾ پهچي ويا. گھگھہ اونداهي رات ۾ ڪا خبر نٿي پيئي تہ ڇا ٿي رهيو هئو. ڪجھہ دير کان پوءِ ٻنهي طرفن کان فائرنگ ٿي رهي هئي. ڳوٺ مٿان خوف جا ڇهرا پر پکيڙي ويهي رهيا. گولين جا آواز سانت جي سيني ۾ گھاوَ وجهي رهيا هئا. ڪجھہ ڪارتوس وٽاڻ جي ڪکائين منهہ ۾ اچي ڪريا تہ ٻاهہ لڳي ويئي ڪمدار جادل اوڏانهن ڀڳو. ٻن ٽن ڌراڙن کي نلڪي مان پاڻي ڀرڻ لاءِ لڳايائين پر

گهلندڙ هوا جي زور تي باهہ ڪکن کي وڪوڙي چڪي هئي. سيڪ کان هيئان بيٺل ميٺهون، پاڏيون ۽ ٻڪرون رنڀڻ لڳيون تہ ماحول وڌيڪ دهشت ناڪ ٿي ويو. سمورين مينهَن ۽ ٻڪرن کي اتان ڪڍي ٻئي هنڌ ٻڌو ويو.

حويليءَ ۾ نوڪرياڻيون ۽ ٻيون عورتون ڌاڙيلن کي پٽڻ جا وسڪارا ڪرڻ لڳيون.

"مئن کي شل ڪو رسول ڪٽي.... اسان سان اڇي اچائي اٿن."

"پتي ڦاٽا.... هيڏانهن منهن ڪري آيا آهن... شل ڪو دستگير مارين."

ڏيڍ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ جادل کي هيٺ واڙي ۾ سڙيل منهہ پرسان دهشت ۾ ورتل ۽ سهڪندڙ نوري اچي ٻڌايو تہ ڳوٺ تي ڪجهہ سرڪاري وردين پاتل ماڻهو فائرنگ ڪري رهيا هئا. ڳوٺ کي گهيرو ڪيو ويو هئو ۽ ڪافي ماڻهن کي گرفتار ڪري سندن گهرن جون تلاشيون ورتيون پئي ويون، هن اهو بہ ٻڌايو تہ شام جو ڳوٺ پرسان لنگهندڙ ريلوي لائين کي ڪن چوڪرن نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن بعد سرڪاري ادارن ڳوٺ کي گهيرو ڪري گرفتاريون ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو هئو. پر جڏهن ڳوٺ مان بہ غلط فهميءَ ۾ ڌاڙيلن جي فائرنگ سمجهي جواب ۾ فائرنگ ڪئي وئي تہ قانون نافذ ڪندڙ اداري جا ماڻهو وڌيڪ مچريا ۽ هنن گهٽين ۾ گهڙيءِ ايندڙن ويندڙن ۽ گهرن ۾ سُتلن کي بہ گرفتار ڪيو. ڪي ماڻهو بدحواسيءَ مان بچاءَ ڪارڻ وٺي مسجد ڏانهن ڀڳا تہ ادارن جي ماڻهن اندر گهڙي انهن کي گرفتار ڪيو. وٺ پڪڙ ۾ وڏي ڄمار جو پوڙهو عيسو ڪنيار جيڪو اکين کان بہ وڌو هئو ۽ نماز لاءِ وضو ڪري رهيو هئو تنهن کي اداري جي هڪ ماڻهوءَ گهڙندي ئي ٺڪاءَ جو ڪُک ۾ لت ڪئي تہ رڙ ڪري وضوءَ وارين نلڪين تي ڪِري پيو ۽ چنگهي چنگهي پساهہ پورا ٿي ويس! تقريبن سمورن ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ بروقت ڳوٺ جي چئونڪ ۾ ٽارچر ڪري ڪين گاڏين ۾ اچلايو ويو. عليءَ جي ٻن سئوٽن کي بہ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ لائسنس وارا هٿيار بہ کَسيا ويا. هنن جي مائٽ علي نواز جي واڙي ۾ فائرنگ جي ڪري باهہ لڳڻ سان بہ مينهون ۽ هڪ ڍڳو سڙي مري وياهئا!

آڌي رات تائين سمورن گرفتار ٿيلن کي ڪٽي وڃي ويجهي ٿاڻي تي سندن خلاف ڌاڙيلن کي پناهہ ڏيڻ، سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ، ڊيوٽي اٽڪاءَ، فائرنگ ۽ ٻين ملڪ دشمن سرگرمين جا ڪلم هٽي مٿن

ڪيس داخل ڪيا ويا. ٽاٽي ۾ سمورن گرفتار ٽيلن کي پٽ تي اونڌو ٿي ويهڻ لاءِ چيو ويو.

جيڪو ٻه ٽڪجي پٽ تان ٿي ڪريو، تنهن کي ڏنڊا هڻي ٻيهر پٽ تي اونڌو ٿي ويهڻ لاءِ چيو ٿي ويو. پڪا پوڙها جيڪي ائين نٿي ويهي سگهيا، تن کي وري ٻي مار ڏيئي اڌ مئو ڪري ڇڏيو ويو. اها رات اڪثر ڳوٺ جي عورتن ۽ مردن جاڳي گذاري يا ٽاٽي تي تاڙِجر سهندي سزائن ۾ گذاري. صبح ٿيندي ئي سانيڪو کن ماڻهن کي ٽرڪ ۾ واڙي شهر جي ٿاڻن ڏانهن نيو ويو.

●

ڏک جو گيت

جولاءِ جو سخت گرم مهينو هئو. هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي زمين تپي تامو ٿي ويئي هئي ۽ آسمان اوچنگارون ڏيئي رهيو هئو. ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ لکين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، جتي قاسي ڏنل رهنما جي قبر ٺهيل هئي. زمين تي تر ڇڻڻ جي جاءِ نـه هئي. جڻ ميلو هئو. پنجن سالن گذرڻ کان پوءِ بـه ماڻهو پنهنجي رهنما سان ڪيل ان ظلم تي ائين روئي رهيا هئا، پٽي رهيا هئا، آهون دانهون ڪري رهيا هئا. جڻ سندن گهر جو ڪو فرد مري ويو هجي. ڪي درديلا گيت ڳائي رهيا هئا. ڪي وري هوٽلن ۽ بين هنڌن تي تقريرون ڪري رهيا هئا. جن جا مائٽ تحريڪ ۾ شهيد ڪيا ويا هئا، سي سڀ اتي اچي گڏ ٿيا هئا. جڻ ڪو شاهي هائيڊ پارڪ هئو.

پنڊال ۾ پري پري کان آيل ليڊر پنج سال پهرين قاسي ڏنل رهنما تي ڳالهائي رهيا هئا. ڪلديپ بـه ان ڪانفرنس ۾ آئي هئي ۽ پنهنجيءَ اخبار لاءِ رپورٽنگ لاءِ نوٽس وٺي رهي هئي. علي جيڪو يونيورسٽي مان بس ۾ شاگردن جي اڳواٽي ڪندي اتي پهتو هئو. تنهن اهو منظر ڏسي سوچيو: اها سنڌ ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرئين جديد سياسي درگاهـ هئي. درگاهـ، جنهن جو اولياءُ:

- گڏيل قومن جي اداري ۾ سمورين قومن مٿان ڪڙڪي رهيو هئو.
- قرارداد ڦاڙي رهيو هئو.
- آمريت خلاف تحريڪ هلائي رهيو هئو.
- جيل ۾ ريڊيو ٻڌي رهيو هئو.
- پنهنجي قوم جي اڳواٽي ڪندي ڏارئين ملڪ جي سرزمين تي مائو ڪيپ پائي جهاز جي ڏاڪڻ تان لهي رهيو هئو.
- مائوزي تونگ ۽ چو اين لائي سان ملي رهيو هئو.
- برزنيف سان ٽاڪس ڪري رهيو هئو.
- ڪاسترو قذافي ۽ جمال ناصر سان ڳالهائي رهيو هئو.

• ملڪ کي ائٽمي قوت ۾ تبديل ڪري رهيو هئو.

دنيا جو پهريون لبرل ڊيمو ڪريٽ اولياءُ. جنهن جي قبر جي خاڪ ڪائي هاڻ بي اولاد عورتن کي پٽ ٿين ٿا؟ جنهن جي قبر تي پيل پڻن کي عوام دل جي گهراين ۾ عقيدت مان چمي ٿو. هن فجر ويل سندس قبر تي هڪ ماڻهوءَ کي روئيندي ۽ درديلو گيت ڳائيندي ٻڌو ته سندس اکين ۾ به پاڻي اچي ويو هئو!.....هو ماڻهن جي روحن ۾ رچي ويو آهي.... هو هاڻ صدين جون صدائون بڻجي ويو آهي. هو هاڻ ڦاسيءَ کان پوءِ زنده حقيقت بڻجي ويو آهي. هو هاڻ ماڻهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون بنجي ويو آهي! هو هاڻ ڏند ڪٿائون بڻجي ويو آهي؟! سڄي ڳوٺ ۾ عقيد تمندن نعرا ٿي هنيا. رنائون ٿي، آهون ٿي ڪيائون. دانهون ٿي ڪيائون جڻ ڪربلا جو منظر هئو. هر دل درد جي ٻڪ ۾ ٻڪيل هئي. هر اک ۾ ڳوڙهن جو نذرانو هئو.

ڪلديپ ان وقت عليءَ سان گڏ بيٺل هئي. ڏهن مهينن کان پوءِ هو ٻيئي پاڻ ۾ مليا هئا. ۽ سندن ڪيفيتون عجيب هيون.

"Ali until I love you so much!" ته علي حيرانگيءَ مان هن ڏانهن نهارڻ لڳو. "مان جي هتي هجان ها ته توکي سنڀاليان ها!" هن عليءَ جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

"مان ڏسان پيئي ۽ ٻڌو به هئم ته تون آمريت جي خلاف جدوجهد ڪري رهيو آهين. يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن توکي پنهنجو صدر چونڊيو آهي ۽ هاڻ تون سياست ۾ ڪافي Involve ٿي ويو آهين."

"منهنجن ابن ڏاڏن بينڪيت جا دک سُنا ۽ هاڻ مان آمريت جا دک پيو سهان. مون سوچيو آهي ته شايد مان آمريت جي ديوار ڇيڻ مان هڪ سِر ڪيڙڻ ۾ ڪامياب وڃان؟! توکي شڪايت آهي؟" عليءَ ڪلندي ڪائنس پڇيو.

"ها! مون کي تنهنجي سياست ۾ اچڻ لاءِ سخت شڪايت آهي.... مون کي خبر آهي ته تنهنجي تنظيم جو صدر ٿيڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ سان آمريت ۽ مارشل لاءَ ختم ٿيڻي ناهي، اها تڏهن ختم ٿيندي، جڏهن آئڻ وارا چاهيندا! هتي اچڻ سان مون کي ڪافي خبر پيئي آهي. توسان گڏ چند الهڙ ۽ جذباتي ڇوڪرا ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. سواءِ پنهنجو احتجاج ريڪارڊ ڪرائڻ جي....توهان ڪو به سسٽم نه ڊاهي ٿا سگهو ۽ نه ناهي ٿا سگهو!" ڪلديپ فيصلي ڪن انداز ۾ ڳالهايو.

"مون کي خبر آهي ته اسين چند ڇوڪرا ڪجهه به نه آهيون ۽ اسانجو عوام به ايترو ڊسيپلينڊ نه آهي پر اسان کي پنهنجي ضمير کي

جيئرو رکڻ جي اجازت تہ هجڻ کپي؟ خراب کي خراب چوڻ جي جرعت تہ هجڻ کپي؟! توکي خبر آهي تہ منهنجو آزادين ۽ انقلابن ۾ ايترو يقين ڪونهي، ڇو تہ اهي هڪڙن بدمعاشن کي ختم ڪري ٻين بدمعاشن کي وارو ڏين پيا ڪلديپ. اسان جيڪي خواب لڌا هئا انهن سمورن خوابن کي جنگي قيدين جيان گرفتار ڪيو ويو آهي. انهن خوابن کي هڪ هڪ ڪري ڳيرن جيان ماريو ويو آهي. منهنجي ابن ـ ڏاڏن جيڪي خواب لڌا هئا، تن کي بنا ڪنهن ڏوهہ جي فائرنگ اسڪواڊ اڳيان بيهاريو ويو آهي!

"مون کي هن دنيا جي فطري قانونن جو جيڪو پرزي جيترو علم آهي، ان تحت مون محسوس ڪيو آهي تہ انساني معاشري ۾ قيد ۽ قانون، ٻہ اهڙيون ڪيفيتون آهن، جن سان هر ماڻهوءَ جو واسطو پوي ٿو. قيد ۽ قانون انسان کي جمڻ کان ٻہ اڳ متاثر ڪندا آهن ۽ مرڻ کان پوءِ بہ مٿس نافذ رهندا آهن! ان دنيا ۾ بلڪ ڪائنات ۾ آزاديءَ جو تصور بيسود آهي."

"آزادي اهڙي خوبصورت هرڻ جهڙي آهي، جيڪا آدم کان وٺي اج تائين ان پويان ڪنهن بہ ڊوڙندڙ جي هٿ ناهي لڳي! ان کي ڊوڙي ڊوڙي جهلڻ جي چاهہ ۾ هر نفس تڙپي تڙپي پنهنجي جان ڏيندو رهي ٿو ۽ اها چال ڏيندي اڳتي نڪرندي رهي ٿي! آزادي انجير جو گل آهي! آزادي ڪوهہ قاف جي پَري آهي! جيڪا ڪاٺي ديوَ جي قيد ۾ بند آهي! پر تہ بہ، مان جدوجهد رڳو انڪري ٿو ڪريان جو پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪري سگهان. ڇو تہ ظلم جي هوندي چپ رهڻ ظلم جي عمر وڌائڻ جي برابر آهي."

ڪافي دير تائين هو ڳالهائيندا رهيا. ڪانفرنس ختم ٿي ۽ رات ٿي ويئي تہ هو ڪلديپ ۽ ان جي فوٽو گرافر سان گڏجي شهر تائين آيو جتي هڪ هوٽل ۾ ڪلديپ جو سُوٽ بڪ ٿيل هو. هُو ٻيئي رات تائين جاڳندا سموڪنگ ڪندا، چانهہ جا ڪپ خالي ڪندا ۽ ڳالهائيندا رهيا. هنن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان ايترو پري ٿي وڃڻ لاءِ شڪايت هئي. عليءَ ڪلديپ کي پنهنجي ماءُ ۽ مڱيندِيءَ شهلا سان ملائڻ لاءِ چيو تہ ڪلديپ ٻئي ڀيري علي جي ڳوٺ هلڻ جي حامي ڀري. صبح جو علي هن کي ايئرپورٽ تائين ڇڏڻ ويو. ٻنهي مرڪندي موڪلايو. ڪلديپ ساٿس جلدي ملڻ جو واعدو ڪندي ٽرمينل ۾ داخل ٿي ويئي.

●

اوسيئڙو

اج هن ڪلديپ کي خط لکيو:

ڊيئر ڪلديپ!

هن وقت آڊيو سي-ڊي تي جگجيت سنگهه ۽ لتا جو هڪ خوبصورت غزل هلي رهيو آهي:

ملي هوائون مين اڙني ڪي وه سزا يارو،
ڪي مين زمين ڪي رشتون سي ڪٽ گيا يارو.

سيپٽمبر مهيني جي هنن آخري ڏينهن ۾ يونيورسٽيءَ جي رستن پرسان پوڪيل سريل جي وڻن جا تار جهومن ٿا. ڪجهه ڏينهن کا طبيعت تي جيڪا نراسائي گهر ڪري ويٺي هئي سا ختم ٿي ويئي آهي. يونيورسٽيءَ جي لائيف ڏاڍي مصروف ٿي لڳي. سال گذرندي ويرم ئي نه لڳي آهي. 25 آڪٽوبر. توکي ته خبر آهي منهنجي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هن دفعي مان اها اڪيلائيءَ ۾ ملهائڻ چاهيان ٿو. نه جهنديون ۽ نه ڦوڪڻا هوندا. نه دوستن جون تاڙيون ۽ نه ٺهڪ هوندا. هن ڀيري مون فيصلو ڪيو آهي ته ان سالگرهه ۾ جيڪر تون اچين. سالگرهه ڳوٺ ۾ ملهائيندس ۽ توکي پنهنجيون سموريون مصروفيتون ترڪ ڪري اتي اچڻو پوندو.

تون، جيڪا منهنجي زندگيءَ جي اداس ۽ پريشان ڏينهن ۾ دور هوندي به اندلٺ جهڙا رنگ آهين. جنهن مون کي سدائين آنر ڪيو آهي. تون، جنهن کي مان سدائين پريشان ڪندو رهيس پر تڏهن به سچائيءَ سان مون کي چاهيندي رهيئن. تنهنجا وقفي وقفي سان موڪليل مون لاءِ ڪتاب، اخبارون ۽ گفٽس هيترو پري هوندي به تنهنجي تڏيءَ ۽ مانائتي چانو جو لمحي لمحي احساس ڏياريندا رهندا اٿم. ڪڏهن ڪڏهن دل گهرندي آهي ته تون ويجهو هجين ها ته ڪيڏو نه سٺو هجي ها! رات جو وڳڙو

آهي، هيٽر تي بليڪ ڪافيءَ جو مگ ناهي پرسان رکيو اٿم. ٻاهران ويران رستن جي ڪنارن تي سريل جا وڻ جهومي جهومي پنهنجا پتا ۽ ڦريون ڇاٽي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن مان انهن عام طرح محسوس نہ ٿيندڙ ننڍين ننڍين ڳالهين تي ڏاڍو سوچيندو آهيان. جيئن موسمون بدلجن ٿيون. وڻ پنهنجا پن ڇاڻين ٿا. مکڙيون ۽ گل نئين سر ہوڻ تي ٽڙن ٿا. تبديليءَ جي ان عمل تي مون کي روئڻ ايندو آهي. تبديلي درد جو عمل آهي! ڪڏهن ڪڏهن اهو انتهائي بيهودو پاسندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو خوبصورت چو تہ اهو جنهن شيءِ کي ختم ڪندو آهي، سا اهم هوندي آهي ۽ جنهن شيءِ کي پيدا ڪندو آهي، سا بہ اهم هوندي آهي. هاڻ مون کي خبر پيئي آهي، "تہ دنيا ڪيڏي نہ بيهودي شيءِ آهي." جنهن ۾ انسان خسيس شين کي اهم سمجهي ٻين کي دک پهچائي ٿو! منهنجا خيال پيار لاءِ بہ بدلجي چڪا آهن. مون محسوس ڪيو آهي تہ دنيا Exploitation ۽ Polarizationکانسواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. هن دنيا ۾ جاندار تہ ٺهيو پر بي جان بہ استعمال ٿين ٿا يا انهن کي ڪيو وڃي ٿو!

We all are like tools; like utensils محبت هڪڙي بيهودي مسخريءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي! Love is misunderstanding between two fools ۽ شيڪسپيئر جي اِها ڳالهہ ڪيتري نہ سچي آهي پر الائجي ڇو اهو ڄاڻندي بہ ماڻهُو جي دل هميشہ اهڙي بيوقوفي ڪرڻ چاهيندي آهي. هونئن پيار جي انتها. جسم جو جسم سان ميلاپ آهي، جنهن بعد وري جيڪو ڪِنُ ٿئي ٿو ان ڪن مان نئون جيو اپجي نپجي ٿو سو منهنجي نظر ۾ رومانٽڪ عمل بلڪل ناهي! ان ڪري پيار. پنهنجي ابتدا ۾ رومانٽڪ ۽ انتها ۾ بنهہ غير رومانٽڪ آهي! هيءَ دنيا ايڏي چڱي بہ ڪانهي، جيتري محسوس ٿئي ٿي. دنيا پنهنجي انت ۾ نابودي/ Nihilation آهي. ڪابہ شيءِ، ڪوبہ نظارو ڪوبہ ماڻهو پنهنجي طور تي اڪيلي سِر ايترو خوبصورت ناهي هوندو جو ڄڻي سگهجي تہ ان جي هجڻ سان سموري ڪائنات ۾ رنگ آهن. پر هيئن چئجي تہ سمورن رنگن ۾ هڪ رنگ اهو بہ آهي. ڏکي ڏوڙ ۾ خوبصورت نظارو يا حسين محبوب ڪڏهن ڪڏهن يا نيٺ بيڪار ۽ بدصورت لڳندا آهن!

سڀ ماڻهو هڪڙيءَ طبيعت جا مالڪ آهن. اهي ٻنهي دنيائن ۾ سُٺي کان سٺي ماني کائڻ چاهين ٿا. سٺي کان سٺو مشروب پيئڻ چاهين ٿا. سٺي

ڪان سٺي عورت هٿ ڪرڻ چاهين ٿا ۽ گهٽي ڪان گهٽو آرام ڏينڌڙ جاين ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا پر اهو ڪو ماڻهوءَ جو معراج ته ڪونهي؟ سڄي دنيا ۾ ماڻهو ماڻهوءَ کي ماري ٿو. لڳي ٿو دنيا ۾ سڀ ماڻهو رڌو سلائيس ڪٽڻ لاءِ مفادن جي اڻکٽ جنگ ۾ جنبيل آهن. ان دنيا جي مفادن جي جنگ، جنهن ۾ انهن کي هڪ ڏينهن ڪان وٺي ويندي صرف ستر، اسي سالن تائين جيئرو رهڻو هوندو آهي!

ماڻهو ماڻهوءَ کي صرف پنهنجي انا ۽ Style جي بچاءِ لاءِ ماري رهيو آهي! سڀ تهذيبون Styles آهن. جنهنStyle جي ماڻهوءَ سميت ڪاب ازلي ابدي حيثيت ڪانهي! پر تڏهن به اهو دنيا جي هر ڪنڊ پاسي ۾ ٿي رهيو آهي. مسلمان هندوءَ کي پسند نٿو ڪري، هندو سک ڪان نفرت ڪري ٿو سک ٻوڌيءَ ڪان ۽ عيسائي يهوديءَ ۽ مسلمان ڪان نفرت ڪري ٿو. صرف پنهنجي Style جي بچاءَ لاءِ.

وري عيسائي، عيسائي کي پسند نٿا ڪن. مسلمان، مسلمانن ڪان خائف آهن، هندو هندن کي ڪمتر ۽ غلط سمجهن ٿا. لڳي ٿو سڄي دنيا جا ماڻهو هر ڪنڊ ۾ چوراهي تي هڪ ٻئي کي گلي ڪان جهليو بيٺا آهن. ڇالاءِ؟ سو سمجهه ۾ نٿو اچي! شايد ماڻهو ٻئي ماڻهو ڪان ڪنبي ٿو؟ ٻئي جي Style ڪان مرعوب آهي؟ ٻئي جي ڳالهه ڪان پريشان آهي؟ ماڻهو جي فطرت ۾ ٻئي ماڻهوءَ ڪان خوف، محدود پڻو ۽ ڪمزوري پريل آهي. ان ڪري ماڻهو ماڻهوءَ کي پسند نٿو ڪري، مذهب مذهب ڪان پريشان آهي. ملڪ ملڪ ڪان بيزار آهي ۽ اهو خوف ڪڏهن به ختم ٿيڻو ناهي! قيامت تائين به نه! !

امن، منهنجيءَ نظر ۾ سڪوت جو ٻيو نالو آهي. چپ منهنجي نظر ۾ موت آهي. مون کي امن جي لفظ ڪان نفرت آهي، جيڪو هزارين سالن ڪان وٺي شاعر پنهنجن شعرن ۾ استعمال ڪري داد وٺندا آيا آهن! "ويڙهه" اهم ۽ سڀ ڪجهه آهي. "ويڙهه" جيڪا هن ڪائنات جي ذري ذري ۾ سمايل آهي ۽ ان جي وجود جي بقا جي ضامن پڻ. جيڪا اسان کي دک جي پوائنٽي ڪن ۾ ڦيرائيون ڏيئي، اسان جي گمڀيرتا کي معنيٰ بخشي ٿي. تنهن کي جيڪڏهن اسين رائج طريقن ڪان هٽائڻ ۾ ڪامياب وڃون ته اها انسان ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي فتح ٿيندي.

اسان کي جنگ جا محاذ بدلائڻا پوندا. جيئن اها انسان جي قسمت ۾ تبديلي آڻي سگهي. جنهن به قوم جنگ ۽ واپار ڪيو آهي سا قوم ڪڏهن به

ختم نٿي ٿي سگهي ان ڪري هاڻ مون فيصلو ڪيو آهي تہ مان پنهنجي ME جي ڊگري وٺڻ بعد بزنيس ڪندس.

ماڻهوءَ هن دنيا ۾ هيستائين رڳو بہ ڪم ڪيا آهن: هَڪڙو جنتن جا تصور پيدا ڪيا اٿس ۽ ٻيا تصور وري انهن جنتن جي ڊاهڻ لاءِ ناهيا اٿس! انهن تصورن کي نظريو چيو ٿو وڃي. نظريا خوبصورت آرڪسترا آهن. جن پنهنجي ڌُن ۾ لئہ تي ماڻهن کي هميشہ نچايو آهي. هونئن ماڻهو هن دنيا ۾ رڳو ڪِچن، بيڊ روم ۽ واش روم تہ استعمال ڪرڻ آيو ئي ڪونهي، ان ڪري مان ڪنهن بہ نظريي لاءِ نٿو وڙهان نہ ئي انقلاب لاءِ! مان صرف ماڻهن جي عام حقن لاءِ جدوجهد ڪريان ٿو Democracy انساني حق، شهري آزاديون، انسان کي انسانُ مڃڻ ئي منهنجي حياتيءَ جو مقصد آهي.

منهنجي وجود کي ڪڏهن ڪڏهن واقعي تنهنجا لفظ ڇريون ٻڻجي وڍيندا ويند اآهن تہ. تون اها شهيد ٿيل پوٽي آهين، جنهن کي يا تہ ڪپڙن جو ڍڪ ڏيئي طاق تي رکبو آهي يا درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏبو آهي! افسوس صرف اهو اٿم تہ گڏ رهندي بہ مان طاق تان لاهي توکي پڙهي نہ سگهيس ۽ هاڻ پڙهڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪندس! اهو صرف ان ڪري هئو جو هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ موجود فطري ڏوهہ ڪرڻ جي شديد چاهنا. منهنجي اندر ۾ بہ پرپور طرح موجود هئي. جيڪا ان وقت گهٽجي نہ پئي سگهي. ڪوبہ دليل ڏوهہ جي اڳيان ڪمتر هوندو آهي!

ڏوهہ ڪرڻ جي خواهش ماڻهوءَ جي فطرت کي تسڪين ڏيندي آهي. پر منهنجي اها محبت، جيڪا هاڻ انساني قدر ۾ بدلجي ويئي آهي. سا ڪنهن بي شڪل ۾ تو لاءِ سلامت آهي ۽ رهندي، مون اڄ تائين آپگهات رڳو ان لاءِ نہ ڪيو آهي تہ آپگهات زندگيءَ کي شڪست ڏيڻ نہ بلڪ ان کان شڪست کائڻ آهي. هونئن مان موت کان هاڻ بلڪل نٿو ڊڃان.

تو سان گڏ گذاريل ڏينهن، ڪنهن خواب سمان ياسندا اٿم! ماضي تہ هونئن ئي خوبصورت هوندو آهي پر تنهن جي پر ۾، تون جيڪا محبوبيت ۾ پرفيڪشن جي حد تائين پهتل آهين، تنهن سان مارگلاجي پهاڙين تي چانيل ڏنڏ ۽ ساوڪ پريل شهر ۾ سرد ڏينهن ۽ راتين جو ساٿ مون کي ڪڏهن بہ وسرڻو ناهي. تنهنجا مکڻ ۾ پڪل ڪيڪ، ڪارين ۾ نرگس ۽ چنبيليءَ جا گل وڪڻندڙ عورتن کان مون لاءِ ورتل تنهنجن خوبصورت ٽهڪن جهڙا فلاور بنچز وٽن ۽ ولين جي شهر ۾ هٽ هٽ ۾ ڏيئي هلندڙ

اسين هيئي ۽ اڪيلائيءَ ۾ تنهنجيءَ ڇيلهه جا ياڪر تنهنجن ئي لفظن ۾ ته! cuddle is complete love"kiss & ميان توتنهنجي گهر جي لان ۾ پيلن، اڇن ۽ ڪارن گلابن جي ٻوٽن وچ ۾ يوگا جون ورزشون، تنهنجا ستار تي ڳايل گيت ۽ تنهنجو مون لاءِ پيار ۽ انتظار سڀ ڏاڍو ياد ٿا اچن. ڪڏهن ڪڏهن دل تو ڪي چماٽ هڻڻ لاءِ چوندي آهي، ۽ مون اهو حق اڃان وڃايو ناهي. ايندڙ 25 آڪٽوبر تي منهنجي چوويهين سالگرهه. مان صرف تو سان گڏ ملهائڻ چاهيان ٿو. جنهن لاءِ توکي منهنجي ڳوٺ اچڻو پوندو. ان بهاني تون منهنجي اميءَ سان به ملنديئن. توکي پنهنجي مڱينديءَ شبانا سان به ملائيندس.

توکي مون وٽ ڪجهه ڏينهن رهڻو پوندو. توکي پنهنجي ڀيڻ سان به ملائيندس جنهن کي به ٻار ٿيڻ بعد طلاق ملي ويئي هئي ۽ ان غم ۾ هوءَ ڦڦڙن جو ڪينسر ڪٽي زندگيءَ جا ڏينهن ڳڻي رهي آهي! دنيا ۾ انسان ڪيڏو نه بچڙو ٿو ٿئي. ماڻهوءَ جا مسئلا ڪيڏا نه محدود آهن. ماڻهو ڪيترو نه اڪيلو آهي؟ بهرحال مان اڃان به عجب ۾ آهيان، ماڻهوءَ بابت ته اهو ڪيئن نه جي رهيو آهي. خدا جي هن دنيا کي خوبصورت ڪرڻ لاءِ؟ منهنجين اڪيلاين ۽ اداسين جي پلن ۾، سگريٽ جو سوٽو ڪافيءَ جو ڪپ، جگجيت جو غزل ۽ تنهنجي خوبصورت يادگيري، منهنجن اُڦرڪندڙ جذبن جي پڄندڙ هنڌ کي بند ٿي هڏي ۽ مان چند گهڙين لاءِ رليڪس ٿو ٿيان. چو ته رات ڪافي گهري ٿي ويئي آهي، تنهنجين سهڻين اکين جيان.

ميري قلم پہ زماني کي گرداسي تي،
کي اپني باري مين کچهه يي به لک سڪا يارو!

تنهنجي اوسيئڙي ۾
علي رضا!

گرفتاري

آڪٽوبر جي صبح جا يارهن ٿيا هئا. سيءُ پئجي رهيو هئو ان ڪري هرڪو هاسٽل جي ڪمرن ۾ بند هئو.

علي پنهنجي روم پارٽنر سليم سان شطرنج کيڏي رهيو هئو. ڪمرو سگريٽ جي دونهين سان ڀريل هئو. ڪينٽين جو ڇوڪرو ڪجهه وقت پهرين چانهه ۽ بسڪيٽ ڇڏي ويو هئو جيڪا هنن پيئتي هئي. ڪمري ۾ ٻنهي طرفن ٻه پلنگ پيل هئا. فرش تي ميرون رنگ جو ڪارپيٽ وڇايل هئو. جنهن تي هو ٻيئي ڄڻا آمهون سامهون، ويهي شطرنج جون ڳوٽيون سرڪائي هڪٻئي کي شڪست ڏيڻ لاءِ سوچ ويچار ۾ هئا.

ڪمري کي هلڪو سائو رنگ ٿيل هو. ٻه الماريون ڀتين ۾ لڳل هيون. اتر ڪان ڪلنڌڙ هڪ دريءَ جي ڀرسان ٻه ميزون، ٻه ڪرسيون، ٻه ليمپ شيڊز هڪ آڊيو سي-ڊي ۽ ڪجهه ڪئسيٽون ۽ CDs پيل هيون. هڪ اسٽول تي اليڪٽرڪ هيٽر ٻري رهيو هئو. پلنگن تي گهنجيل بيڊ شيٽس مٿان اڻ ويڙهيل ڪمبل پيل هئا. هڪ طرف ڀت تي وڏي آرسي ۽ ان ڀرسان شيشي تي برش، پرفيوم، ڪريم ۽ شيونگ ڪٽ پيل هئي. ڪمري ۾ فلسطيني تحريڪ جي گوريلن جا پوسٽر لڳل هئا. هڪ ڪُنڊ ۾ ٻوڙيءَ جو آڪيرو. ٽنگيل، ميزن تي مارڪس، اينگلس، لينن جي ڳرن ڪتابن سان گڏ ڪجهه شاعريءَ جا ڪتاب پڻ پيل هئا. هڪ ميز جي شيشي هيٺان عليءَ ۽ ڪلديپ جا گڏ نڪتل فوٽو پيل هئا. ڏکڻ واريءَ ڀت تي هڪ ڪئلينڊر لڳل هئو. جنهن تي ذوالفقار علي ڀٽي جو تقرير ڪندي فوٽو ڇاپيل هئو ۽ ان هيٺان هڪڙو شعر لکيل هو:

ڇُهو رهي ٿي قاتلون کي سر ميري پائون کي ساٿ،
ڪس قدر اونچا ٿا مين ڦانسي پہ چڙهہ جاني کي بعد!

هنن ٻنهي اجان منهن ٻہ نہ ڏوتو هئو ۽ نہ نيرن ڪئي هئي. رات هو دير تائين جاڳندا رهيا هئا. هنن وٽ شاگردن جي اچ وچ بہ ڪافي دير تائين رهي هئي. ڪالهہ ئي يونيورسٽيءَ ۾ ڪجهہ ڇوڪرن جا ريسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺڻ لاءِ احتجاج طور جلوس ڪڍيو ويو هئو ۽ شاگردن يونيورسٽيءَ انتظاميا کي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا هئا. جن ۾ هاسٽلن مان قانون نافذ ڪندڙ اداري جي ماڻهن کي هٽائڻ کان سواءِ شاگرد يونين جون چونڊون ڪرائڻ، يونيورسٽي ۾ بسن جو تعداد وڌائڻ وغيره جا مطالبا پڻ شامل هئا.

هفتي کن کان سڄي يونيورسٽيءَ ۾ هلچل مچي ويئي هئي. جلوس ۾ شاگردن جا لڳندڙ نعرا وٽن جي چوٽين سان ٽڪرائجي رهيا هئا. شاگرد ۽ شاگرديائٽيون بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي، نيشنل هاءِ وي تائين آيا هئا، ٽريفڪ بلاڪ ڪئي ويئي هئي. منجهند تائين اهو معاملو رهيوهئو. شاگردن وارننگ ڏني هئي تہ سندن مطالبا تسليم نہ ڪيا ويا تہ ڪلاسن جو بائيڪاٽ جاري رهندو ۽ بک هڙتال شروع ڪئي ويندي

صورتحال ۾ ڪافي ڇڪتاڻ اچي ويئي هئي. رات تائين هڪ طرف شاگرد اتحاد جون ميٽنگون ٿي رهيون هيون تہ ٻئي طرف وري انتظاميا جي چرپر زورن تي هئي. نيٺ انتظاميا هاسٽلون خالي ڪرڻ جا آرڊر ڪڍيا هئا هاسٽل کان ٻاهر رهندڙ شاگردن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ رات جو شهر ۾ انهن جي گهرن تي ڇاپا هنيا ويا ۽ باقي ٻين گهربل شاگردن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سڄي يونيورسٽيءَ کي رات کان ئي گهيري ۾ آندو ويو هئو ۽ هاڻ هاسٽلن مان گرفتاريون شروع ٿي ويون هيون.

شطرنج کيڏندي هنن ٻنهي جون ڳوٽيون ڏاڍي دلچسپ موڙ تي پهتيون هيون. عليءَ جا چار پيادا مري چڪا هئا ۽ سليم جا پنج. سليم جو هڪ هاٿي بہ مري چڪو هو. عليءَ جو هاٿي ۽ وزير مري چڪا هئا. هن جي بادشاهہ کي شهہ اچي چڪي هئي ۽ هاڻ اهو گرفتاريءَ جي ويجهو هئو.

ان مهل هنن ٻاهران فائرنگ جا آواز ٻڌا. ڪن غير ذميوار شاگردن اهڙي صورتحال ڏسي هاسٽل مان فائرنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏني تہ ادارن جي ماڻهن بہ ان مخصوص هاسٽل کي گهيري ۾ وٺي فائرنگ شروع ڪري ڏني. گوليون درين ۽ دروازن مان پار ٿي ڪمرن ۾ اندر پئي آيون. هو ٻيئي راند ڇڏي اٿي بيهي رهيا. ان ئي مهل ڪينٽين جو ڇوڪرو ڊوڙندو هنن جي ڪمري ۾ آيو ۽ ٻڌايائين، تہ هاسٽل تي گهيرو ٿي ويو آهي، ۽ سپاهي گوليون

هلائي رهيا آهن. هاڻ جتان ڪٿان گولين جا آواز گونجي رهيا هئا. سڄي ماحول ۾ ڌماڪاءُ پرجي ويو هو. لڳو ٿي ڄڻ گهٽو ڪجهہ ٿيڻ وارو هئو. ماحول ۾ طوفان اچڻ کان پهرين واري سانت هئي هنن دروازو کوليو تہ ڪين فائرنگ سان گڏ پري پري کان شاگردن جون دانهون. ڪوڪون بہ ٻڌڻ ۾ آيون. ڊوڙ ڊوڙان ۾ پيچ پچان مچي ويئي تہ سليم ڪٽي دروازو بند ڪيو. ڪجهہ شاگرد ڊوڙندا عليءَ جي ڪمري تائين آيا ۽ ٺڪ ٺڪ ڪري ڪين ٻڌايائون: "ماما! ڪملي وارن غلطيءَ ۾ گوليون هلايون ۽ هاڻ سڀ گولين جي وچ ۾ آهن. سمورن Wanted شاگردن کي گرفتار پيا ڪن ... توهان نڪري وڃو..."

"مان..." هن دروازو کولي مسڪرايو... "جڏهن ٻين کي گرفتار پيا ڪن تہ مان ڇو فرار ٿيان؟" عليءَ جي چهري تي ڊپ بجاءِ حوصلو مڙي آيو هئو.

آيل ڇوڪرا وري ڊوڙندا ٻيءَ ونگ ۾ هليا ويا.

"Bastards!" هن ڏند ڪرٽيا ۽ الماري کولي ڪپڙا چينج ڪرڻ لڳو.

"هاڻ ڇا ٿيندو ...؟" سليم رڙ ڪئي. سندس چهري تي پريشاني ۽ ڊپ جون ريکائون گهريون ٿي ويون هيون.

"هي منع ٿيل ڪتاب اسان کي مارائيندا..." سليم ڄڻ پيشنگوئي ڪئي. پوءِ هڪدم ڪتاب ميڙڻ شروع ڪيا ۽ اجرڪ ۾ رکي هڙ ٻڌڻ شروع ڪئي.

"ڪجهہ بہ نہ ٿيندو! هنن کي گهربل ماڻهو گرفتار ڪرڻا آهن ۽ بس.. فائرنگ تہ هو رڳو اسان کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪري رهيا آهن." عليءَ پئنٽ جو بيلٽ ڪشيندي ڳالهايو.

"مان هي ڪتاب ڇت تي اڇلائي ٿو اچان." سليم جي اکين ۾ پري پري تائين بيڪسي ۽ ڌماڪاءُ جي مليل جليل ڪيفيت جا اولڙا پوتن جيان لرزي رهيا هئا. هن ڪتابن جي ٻڌل هڙ کنئي، ڪمري مان ڊوڙي نڪتو ۽ ونگ جي موڙ وٽ پيل واٽر ڪولر پر سان جيئن ئي ڇاڙهي چڙهڻ چاهي، هڪ زوردار ٺاڪارتي، ڦهڪو ٿيو تہ عليءَ جو بت لرزي ويو . هن جلد جلد شرٽ پاتي، بٽڻ بند ڪيا ڪاريڊار مان ڪجهہ درواز کليا.

"ڪير آهي." "ڇا ٿيو؟" آواز اچڻ لڳا.... "ڪنهن کي گولي لڳي؟" شاگرد دروازن مان منهن ڪڍي ڏسڻ لڳا. عليءَ بہ دروازو کوليو ۽ ٻاهر نڪري ڏٺائين، واٽر ڪولر وٽ سليم فرش تي ڪنل ٻڪر جيان ڦٿڪي

رهيو هئو. ڪتابن جي وڪريل هڙ ڪريل هئي ۽ سندس جسم مان رت جا ڦوهارا نڪري فرش رنگجي ويو هو. هن ڪان دانهن نڪري وئي "اڙي هي ڇا ٿيو!"

"هي ڇا ٿي ويو؟" هن جي دل ڄڻ ڪنهن مضبوط شڪنجي ۾ اچي ويئي. هو روئڻهار ڪو ٿي ويو.

"اڙي.. هي ڇا ٿيو ... او... هف...."هن پير زمين تي سٽيو. درد جي زوردار لهر هن جي اندر تائين بجلي جو ريلو بڻجي ڊوڙي وئي ۽ هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. ڦٽڪندڙ سليم جي موومينٽ ڪجهه ڊيمي ٿي ويئي.

ونگ ۾ پيا دروازا زور سان بند ٿيڻ جا آواز آيا، سڀ ڇوڪرا اندروني آنڌ مانڌ ۽ دهشت ۾ ورتل هئا.

هن رڙ ڪئي هٿ مٿي ڪي "Oh! You son of bitch ... Bastards!" ڏيئي بيهي رهيو.

"You have killed my friend bastards. You have killed my innocent brother!"

هو سليم ڏانهن ڊوڙيو ۽ وجي هن جي ٿڌي ٿيندڙ جسم کي سڌو ڪيائين. سليم جون ڪليل سواليہ اکيون هن کي گهوري رهيون هيون. هن کي ان وقت سردي لڳي رهي هئي هن جي ڇهري تان رت اڏامي ويو هو. ڪجهه دير لاءِ ٽنگن کي ڪنبڻي وٺي ويئي ۽ مغز کي چڪر اچي ويس تہ هن پٽ کي هٿن سان ٽيڪ ڏني ۽ پوءِ آهستي آهستي هلندو ڪمري اندر آيو ۽ بيڊ تي ڪري پيو. پراڻي هن کي سڪ نہ آيو هن پنهنجا هٿ هيٺر تي سيڪيا. هن جي ڇهري تي دهشت، اندر ۾ ولولو ۽ آنڌ مانڌ پرجي ويئي. ڪينٽين جو بيرو ڪنڊ ۾ ڏڪي رهيو هئو.

علي ڪرسيءَ تي ويهي جوراب پاتا. هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. بوٽ پائي ڪشا ٻڌائين ۽ پوءِ سگريٽ دکائي ڪجهه ڪش هڻي هن اڇلايو اها سخت عذاب جهڙي اگري ڪيفيت هئي. شايد گيڙوءَ رنگ جي يا سمورن رنگن جي آميزش جي جڏهن ماڻهو پاڻ کي انتهائي درجي تائين هيٺو سمجهي؟! هُن الماريءَ مان ليدر جئڪيٽ ڪڍي پاتي ۽ بيهي رهيو. ڄڻ هو سندس ڪمري تائين ايندڙ سپاهين جو انتظار ڪري رهيو هئو. گهڙيءَ گهڙيءَ هن کي سليم جو ڦٿڪندڙ سرير اکين اڳيان ڦري ٿي ويو تہ هن کي ڪنبڻي وٺي ٿي ويئي.

ٿوري ئي دير ۾ ونگ ۾ سپاهين جا ڌڙها پڌڻ ۾ آيا. هنن تلاشي وٺڻ لاءِ پهرين پاسي واري بند ڪمري جو دروازو پڳو جيڪو عليءَ جي دوست جو هئو پر اهو موجود نہ هو ۽ پوءِ عليءَ جي ڪمري تي آيا ۽ در کي ٺڏا هڻڻ لڳا. بيرو پلنگ هيٺان لڪي ويو. هن دروازو کوليو. هاسٽل پرووسٽ جون ڊنل اکيون چشمي مان نشاندهي ڪري رهيون هيون.

"علي رضا ڪير آهي؟" "علي رضا ڪير آهي؟" آفيسر پڇيو.

"آءُ آهيان علي رضا." عليءَ مضبوطيءَ سان ڳالهايو.

"اهو ئي آهي." پرووسٽ تصديق ڪئي. سندس رنگ زرد هئو آواز ۾ ڏڪٽي هئي ۽ اکين ۾ ڊپ.

"اڇا تہ هي آهي علي رضا." آفيسر ڳالهايو.

"هٿ_ ڪڙي هڻوس!" آفيسر سپاهين کي آرڊر ڏنو.

هن کي گرفتار ڪيو ويو. سندس سڄي ڪمري جي تلاشي ورتي ويئي. بيري کي چماٽ هڻي پڄايو ويو. سندس بچيل ڪتاب، ڪپڙا ۽ ٻيو سامان کنيو ويو.

سپاهي هن کي جڏهن ونگ مان وٺيو پئي ويا تہ هن ڪنڌ ورائي ڏٺو سليم اونڌي منهن سيرپيل ٻڪر جيان فرش تي پيو هئو پر اڃا بہ چري رهيو هئو. **'سليم ! بهادر هميشہ با وقار انداز ۾ موت جو مقابلو ڪندا آهن!'** هن چيو تہ سمورا سپاهي ۽ آفيسر هن کي تڪڻ لڳا. سيءَ ۾ هن جي جوان ريٽي رت جا دڙڳ، وکريل ڪتابن ، اجرڪ ۽ فرش تي ڄمي ويا هئا. ان ئي مهل بہ سپاهي سليم کي ٽنگو ٽالي ڪري کڻڻ لڳا. سليم جون کليل اکيون هاڻ هڪ هنڌ ڄمڻ لڳيون هيون ۽ هو ڇڻ عليءَ ڏانهن نهاري رهيو هو. علي جي بت ۾ سيڪاٽو پئجي ويو. هن پاڻ سنڀاليو ۽ چاهيو تہ هو رڙيون ڪري روئي پوي پر هو ائين نٿي ڪري سگهيو. هن پنهنجا چپ پيڙيا، نڪ کي زور سان پڪڙي ڳوڙها روڪيا. ان ڪيفيت مان نڪرڻ جو ڀهانو ڳوليو ۽ پاڻ کي مضبوط ڪري اڳتي وڌڻ لڳو. هاسٽلن ٻاهران بيٺل گاڏين ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي شاگردن کي گرفتار ڪري ويهاريو ويو هئو.

سليم جو جسم ٻاهر هاسٽل جي ٿلهي تي رکيو ويو. رت سندس نڙگهٽ مان اڃا تائين وهي رهيو هئو هڪ شاگرد همت ڪندي چيو:

"يہ مر رها هي اسي اسپتال مين پهنچائو."

"مرني دو سالي کو." مضبوط ڄاڙيءَ واري هڪ سپاهيءَ ڳالهايو جنهن جي اکين ۾ دشمن ملڪ جي سپاهين جهڙي نفرت هئي. ڪجهہ ٻيا شاگرد بہ گرفتار ٿي پهتا تہ سيني جون اکيون ۽ هٿ ٻڌا ويا. گاڏيون سمورن شاگردن کي کڻي يونيورسٽي ڪئمپس جي اداس ٿي ويل ويران رستن تان سرنديون ٻاهر هليون ويون.

●

انويسٽيگيشن

سرڪاري گاڏيون هلنديون هلنديون اچي هڪ ٿاڻي جي احاطي ۾ بيٺيون. سمورن هٿ ۾ اڪيون ٻڌل شاگردن کي ڪنداق ۾ لتون هڻي گاڏين مان هيٺ ڪيرايو ويو. عليءَ کي هنن اتي نہ لاٿو. هن کي هو هڪ جيپ ۾ ويهاري ڪنهن ڏورانهين هنڌ کڻي ويا. جتي هن کي هڪ اونداهي سيل ۾ بند ڪيو ويو. هو رات تائين بک ۽ اڃ تي پيو رهيو. نيٺ ڪافي رات گذرڻ بعد هن کي سيل مان ڪڍي هڪ ٻي جاءِ ۾ وٺي آيا. اهو هڪ وڏو شاهي، ٿڌو ڪمرو هئو. جنهن ۾ هڪ ڪمزور بلب ٻري رهيو هو.

پڇا ڳاڇا واري سيل جي ماڻهن هن کي هڪ پٽ پر سان ٻيهاري ٽيپ رڪارڊ ۾ ڪئسيٽ هڻي هن جي اکين تان پٽي کولي تہ ڪافي دير تائين تہ هو ڏسي نہ پيو سگهي. پوءِ هنن اتي پيتين تي ٽنگيل تارچر ڪرڻ جي مختلف اوزارن بابت ڪيس اشارا ڪري ٻڌايو. ٽنهي شخصن مان هڪ گنجو ٽلهو ۽ ڪاسائيءَ جهڙو هو.

ٻئي جون اکيون رت جهڙيون ڳاڙهيون هيون. ٽيئي دهشتناڪ شڪل جا ٽلها ڪارا ۽ مُڇر هٽا پر انهن ۾ هڪڙو سيني ڪان وڌيڪ ٽلهو هئو جيڪو ڳالهائڻ مان انهن جو آفيسر لڳي رهيو هئو.

"هيءَ جيڪا ڦينچي ڏسين ٿو نہ" ڳاڙهين اکين واري ڳالهايو. "اسٽيل جي ڦينچي، ان سان مرد خصي ٿي ويندا آهن." ۽ ٽيئي کليا "مڙس يا عمر چٽ!" ڳاڙهين اکين واري وڌيڪ وضاحت ڪئي.

"هتان نڪرڻ ڪان پوءِ پلي وڃي مڙهي وسائي." ٽلهي گنجي چيو ۽ وري ٽيئي کليا.

"مسٽر علي رضا جوٽيجا، توتي ملڪ دشمني، تخريب ڪاري، ڌاڙن، ڦرين ۽ بغاوت جا ڪيئن ڪيس داخل آهن." ڳاڙهين اکين واري ٻيهر ڳالهايو.

"۽ هيءُ ڏسين ٿو هيءُ اليڪٽرڪ جو اوزار آهي. جيئن حجم مالش ڪندا آهن نہ . تيئن مٿي کي مالش ڪندو آهي ۽ مالش سان ڪنن مان رت وهندو آهي." هن ٻڌائيندي ٿهڪ ڏنو. "۽ نيٺ ماڻهوءَ جي يادداشت ختم ٿي ويندي آهي."

"پريان پاڻيءَ جي هودي ڏسين ٿو..... ان ۾ برف جي سِر رکي مڙس کي سمهاري ڇڏبو آهي." ڪاسائيءَ جهڙي گنجي معلومات ڏني.

"هي انبور ڏسين ٿو... ان سان ننهن ڇڪي لاهبا آهن." تمام گهٽي ٿلهي ڇيو.

"پر اسين نٿا چاهيون تہ معاملو ايستائين پهچي. تون تہ ڪافي پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار ماڻهو آهين. ماشاءَ الله جوان آهين. اڃان عمر پئي اٿئي گذارڻ لاءِ. ڇا ٿيون ڏين ماڻهوءَ کي اهي سياستون _ ہيا ستون. گوڙ ۽ فساد. ماڻهو پڙهي لکي آفيسر ٿئي ۽ ملڪ جي خدمت ڪري يا وينو ملڪ خلاف سازشون ڪري هان؟ علي رضا جوڻيجا صاحب! صحيح آهي نہ...." هن عليءَ کان ووٽ وٺڻ چاهيو. پر علي چپ رهيو ۽ هنن جي اکين ۾ نهاريندو رهيو.

"توهان تہ ماشاءَ الله ڏاڍي سٺي فيمليءَ سان تعلق ٿا رکو پنهنجي زمينداري اٿو. ڪائيندڙ پيئندڙ گهر اٿوَ توهان جو ڪهڙو ڪم جو اهڙن پُڏن ڪمن ۾ هٿ ٿا وجهو؟ پنهنجي پيءُ لاءِ سوچيو تہ جو معزز ماڻهو هوندو هو. ۽ توهان جو تہ مڱٽو بہ ٿيل آهي .. بس توهان اسان سان ٿوڙو تعاون ڪندا تہ اوهين بہ خوش. اسين بہ خوش." سيني جي چڱي مڙس چيو. "صاحب کي ويهاريو ڪرسي کڻي اچو صاحب لاءِ." آفيسر چيو تہ هو عليءَ لاءِ هڪڙي لوھ جي ڪرسي کڻي آيا علي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"هائو پٽ! ڪيترا ڏاڙا هنيا ٿئي هيستائين؟ يونائيٽيڊ بينڪ مان اسي لکن جو ڏاڙو تو هنيو هو نہ؟ ... ہيا ڪير ڪير گڏ هيئي؟" سيني جي وڏي ڪانئس وضاحت گهري.

"اهو ڏاڙو مون نہ هنيو هو. نہ مون کي خبر آهي تہ ڪڏهن لڳو هئو ۽ ڪنهن هنيو هو."

"تو نہ هنيو هو تہ تنهنجي يارن هنيو هوندو... باقي ڪنهن هنيو هئو. ٻڌاءِ!" ڳاڙهين اکين واري پڇيو.

"ڏاڙا جيڪي بہ لڳن ٿا. انهن جي حد جي صوبيدار کي اڳ ئي خبر هوندي آهي تہ لڳڻا آهن ۽ ڪير هڻندو ان جي بہ انهن کي خبر هوندي آهي."

”چڱو ڀلا ستاويهين تاريخ جيڪا بس ڦرجي؟“

”مون کي ان جي بہ خبر ڪانهي.... “ عليءَ وضاحت سان چيو.

”تون حرامين جو ابو آهين ..“ ٿلهي چيو ۽ ڏند ڪُرٽيا ..” تون ائين نہ ٻڌائيندين.... اڙي ڪڻ تہ مشين تہ ڪريانس ٿوري مالش.“ هن جي لهجي ۾ چند پل جيڪا نرمي ۽ دوستيءَ وارو اندازهئو اهو سختي ۽ اڻواقفيءَ ۾ تبديل ٿي ويو.

”مون کي گارين نہ ڏيو مون کو بہ ڏاڙو نہ هنيو آهي ۽ نہ چوري ڪئي آهي. مان صرف شاگرد سياست ڪئي آهي. مارشل لاءِ جي مخالفت ڪئي اٿم . شاگرد سياست ڪرڻ جي جرم آهي تہ مان ڏوهي آهيان. باقي ڏاڙن جون خبرون انهن کان پڇو جن هنيا آهن.“ عليءَ وضاحت ڪئي.

” ۽ هي انن ڏاڙن جون ايف آءِ آرون ڪاڏي ويندين. جيڪي تنهنجي نالي تي ڪٽيون رهيون آهن؟“ ٿلهي ڳالهايو.

”مون کي خبر ڪانهي تہ اهي اٺ ڏاڙا ڪنهن هنيا هئا ۽ ڪنهن منهنجي نالي تي ايف آءِ آرون ڪٽرايون آهن.“

”ڀڪو آهي مادر.....“ ٿلهي ڪيس گار ڏيندي ٻين ڏانهن نهاريو جيڪي مشين لاهي ڪٽي آيا ۽ ٿلهي کي هٿ ۾ ڏنائون.

”مون کي گار نہ ڏي.. مادر ... هوندين تون.“ عليءَ بہ ڪيس گار ڏني.

تنهي ڇڻن ڀرين تہ اچي عليءَ کي بوٽن جي ٺڏن. مڪن ۽ نيٺن سان چيٿاڙيو ۽ ٻوءِ هڪ تار ڪٽي نڙيءَ ۾ ويڙهي هن کي گهٽو ڏيڻ لڳا... ”اڙي ٻڌائين ٿو يا....“ عليءَ جون اکيون ٻاهر نڪري آيون ۽ منهن ۾ رت پرجي آيو تہ ڪيس ڇڏي. هنن هڪ تختو آندو ۽ عليءَ کي ان تي ليٽائي ٻڌائون ۽ مشين جو پلڪ ساڪيٽ ۾ وجهي مشين عليءَ جي مٿي تي ٻڌڻ لڳا.

مجرم ديوارون. جن الائي ڪيترن بي گناهن جون ڪيڪون ۽ آهون دانهون پنهنجي وجود ۾ سمائي ڇڏيون هيون. سي رات جي تنهائيءَ ۾ عليءَ جون دانهون ۽ ڪنجهڪا بہ پنهنجي گناهہ گار بطن ۾ لڪائڻ لڳيون.

"Oh! my God!" ڇا دنيا ائين هوندي آهي؟ هنن تارچر ڪري ڪيس رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو. نيٺ هو بيهوش ٿي ويو تہ سندس اکيون ٻڌي وري اونداهي سيل ۾ اڪيلائي بند ڪري هليا ويا.

رات جي پوئين پهر جڏهن آسمان ۾ اجاڻ پرجڻ لڳي تہ هن کي ڪجهہ هوش آيو. تڏهن ۽ ڏکن جي ڪري هن جو زخمي رتورت جسم ڇڻ

برف جي سر ۾ بدلجي ويو هئو. جيئن ئي هن جي اک کلي ته هن اڳيان گذريل ڏينهن سندس پارٽنر سليم جو واٽر ڪولر وٽ ڦٽڪندڙ جسم گهمڻ لڳو ۽ سليم جون ٻڪر جهڙيون ڪليل ٽڏيون ٽينڊڙا اکيون ڦري ويون. هن کي سخت سيءُ محسوس ٿي رهيو هئو. لاڪپ ۾ مٿان اوڍڻ لاءِ ڪو اوڇڻ به نه هئو هن جا ڏند ڪڙڪڻ لڳا ته هن کي بت ۾ وڌيڪ سور ٿيڻ لڳو ۽ هو وري بيهوش ٿي ويو.

اونداهي لاڪپ ۾ غنودگيءَ ۾ هن محسوس ڪيو. شايد ڏينهن نڪري چڪو هئو پر هو اجا به ٿڌو ۽ سيٽيل هئو. ان مهل هن ڪجهه سڏ ۽ آواز ٻڌا ڪجهه دير کان پوءِ سيل جو تالو کليو ڪجهه ماڻهن هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اٿي نه سگهيو ته هنن کيس گهلي مٿي کنيو درد کان هن جون دانهون نڪري ويون. هن جي رڳ رڳ مان رڙ نڪري ويئي... "الا! ...، "هن دانهن ڪئي. "او .. الا!" انهن کيس اٿاري بيهاريو ته هو زمين تي بيهي نه سگهيو. بک، اڃ، سيءُ ۽ ٽارچر جي ڪري، هن جي بت ۾ ڪا سڪت باقي نه رهي هئي، هن جو مٿو ڦرڻ لڳو ۽ پنواٽي اچي ويئي . هن جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون ۽ هو ڌڙام ڪري پٽ تي ڪري پيو ته سپاهين کيس گاريون ڏنيون. هن جا گهاءَ کلي پيا ۽ سُور جون سئوٽون ايرڻ لڳيون. هن پنهنجا چپ ڏندن ۾ ڏيئي چڏيا "... ماءُ جا.... هوندئو اوهين!" هن پٽڪيو.

ساڳين ماڻهن هن کي مٿي کنيو ۽ کيس گهليندا سيل مان ٻاهر ڪڍي ميدان تي پيل ڪرسيءَ تي اچي ويهاريائون ته ان تي هن جو ڪنڌ اهلي پيو. سج جو تڙڪو هن جي بت کي چڱو لڳي رهيو هئو. هن جي نازڪ گوري بدن، چهري تي ۽ مٿي ۾ ڌڪن جا ڏنا، ڪارا نشان، رهڙون ۽ رَمَ هئا. هن جو منهن سڄيل هئو. اکيون سور محسوس ڪري رهيو هيون. هن جي هڪ پرونءَ تي سوج هئي . چپ ڦاٽل هئس ۽ جاڙي به سُڄيل. هن جي ڇاتي زخمي هئي، رانون سڄيل ۽ رتو رت. هڪ ڪک جي پاسرين ۾ سور جي ڪري هو ويهي نه پئي سگهيو.

هڪ ماڻهوءَ اچي هن جي اکين تي ٻڌل پٽي کولي، جيڪا مٿي ۽ پرونءَ مان رت وهڻ جي ڪري جمي ويئي هئي. هن محسوس ڪيو ته هن جي اکين جا ڇپر رت ۾ جمي بند ٿي ويا هئا. رت جي بوءِ ۽ ڪمزوريءَ کان هن جو هيانءُ ڪچو ٿيڻ لڳو ته هن کي اوڪارا اچڻ لڳا پر پيٽ بلڪل

خالي هئڻ ڪري هن جي وات مان توري گگ نڪتي، جيڪا هن جي ڦتيل ۽ سڄيل چپ تان هيٺ وهڻ لڳي. هاڻ مکيون هن کي تنگ ڪرڻ لڳيون. اکين جا ڇپر ڪجهه کليا ته هن ڏٺو: هن جي اڳيان هڪ ميز پيئي هئي ۽ ان جي پويان چار خالي ڪرسيون پيل هيون. هن جي پاسن کان به ماڻهو بيٺا هئا ۽ پري بند گيٽ وٽ هڪ سپاهي پهرو ڏيئي رهيو هئو.

ڪجهه دير کان پوءِ گيٽ مان ٻه ماڻهو اندر گهڙيا. جيڪي بنان وردي ءَ جي هئا. سندن ڪياڙيون وارن کان خالي ۽ کين پيرن ۾ ڪارا سينڊل پيل هئا. هنن مان هڪ وٽ هڪ فائيل هئو. ٻئي ڄڻا هلندا اچي وچ وارين ٻن ڪرسين تي ويٺا. فائيل ميز تي رکيائون ۽ هن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳا. سندن نڪ نقشي مان هو آفيسر ٿي لڳا.

"مسٽر علي رضا! اوهان جي خلاف ٽن ضلعن جي ٿاڻن تي ايف آءِ آرون ڪٽيل آهن. جن ۾ ڌاڙا، ڦريون، دهشت گردي، دشمن ملڪ سان لاڳاپن، ٻاهرئين امداد وٺڻ ۽ ملڪ خلاف بغاوت جا الزام عائد آهن. اوهين اسان جي مدد ڪندئو ته اسين به توهان جي مدد ڪندا سون."

"اوهان کي ڪجهه نه ڪجهه رازن تان پردو کڻڻو پوندو جيئن ڪجهه سنگين نوعيت جا الزام اوهان تان ختم ڪيا وڃن. در اصل اسين اوهان جي مدد ڪرڻ ٿا چاهيون." هنن عليءَ کي مدد جو احساس ڏيارڻ ٿي چاهيو.

عليءَ جي دماغ ۾ ڀنواٽيون اچي رهيون هيون. هو حيران ٿي رهيو هئو ته هن جيڪو ڪجهه ڪيو ئي ڪونهي. ان جا فائيل ٺاهي هن کي اهو سڀ ڪجهه قبول ڪرڻ لاءِ چو ٿو چيو وڃي! هن کي انهن سيني ماڻهن کان هاڻ انتهائي نفرت ٿي رهي هئي، جيڪي هن جي دوست سليم جا قاتل هئا. هن اڳيان وري سليم جون ڪنل ٻڪر جهڙيون اکيون ڦري ويون. هي سڀ مون کي Cheat ڪري رهيا آهن. هن سوچيو ان ئي مهل هڪ سپاهي سيني لاءِ چانهه جا مگ کڻي آيو عليءَ لاءِ هن هڪ پليٽ ۾ ٻه پاپا، ٻه ٻت جي سور ختم ڪرڻ لاءِ گوريون ۽ پاڻي به آندو. عليءَ پاڻيءَ سان گوريون ورتيون ۽ آهستي آهستي سڄيل هٿ سان چانهه جو مگ کڻي چانهن پيئڻ لڳو ته پڇا ڳاڇا ڪندڙ هن جو فائيل کولي ڏسڻ لڳا.

ڪجهه دير لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي. نيٺ هنن وري هن کان انڪوائر ڪرڻ شروع ڪيو ته هن کين صاف صاف ٻڌايو ته: "هن رڳو

شاگرد سياست ڪئي آهي ۽ مارشل لاءَ جي مخالفت ڪئي آهي. مارشل لاءَ انساني آزاديءَ جي خلاف هڪڙو اهڙو نظام آهي، جنهن جي دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ اجازت ڪانهي. انڪري هن صرف ان نظام جي مخالفت ڪئي آهي ۽ ڪو بہ ڏاڙو نہ هنيو آهي. ڪا بہ امداد نہ ورتي آهي." تہ هو ساڻس بحث ڪرڻ لڳا.

"ظاهر آهي اوهان پنهنجي تحريڪ هلائڻ لاءِ ڪٿان تہ امداد وٺندا هوندئو. هن فائيل ۾ رپورٽ آهي تہ اوهان غير قانوني طرح ملڪ مان ٻاهر يعني India ويندا ۽ ايندا رهيا آهيو ۽ اوهان کي ان اچڻ وڃڻ لاءِ هڪ انڊين چوڪري ڪلديپ ڪور مدد ڪندي رهندي هئي. جنهن سان شايد اوهان پنهنجي عشق جو اظهار بہ ڪندا هئا. تون گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا دشمن ملڪ مان دورا ڪري آئين؟" هڪ آفيسر انڪشاف ڪيو.

"لعنت آهي ان ڪوڙي رپورٽ لکڻ واري تي ، جيڪو پنهنجو پگهار بہ حلال نٿو ڪري." هن کي چڙ وٺي ويئي. جيڪڏهن انڊين چوڪريءَ سان واسطو رکڻ جو مطلب جاسوسي هئو تہ پوءِ پهرين صدر صاحب تي ڪيس هلڻ کپي جنهن ان جاسوس کي پناهہ ڏني ۽ پاڪستاني شهريت عطا ڪئي!"

"ڏسو اسين نٿا چاهيون تہ اوهان سان رات وارو سلوڪ ڪيو وڃي!" هڪ ڄڻي چيو. "اوهان تي ملڪ جي جاسوسي ڪرڻ جا سيريس الزام آهن."

"اوهين پنهنجي فائيلن ۾ منهنجي خلاف الزامن جا انبوهہ ڪٺي آيا آهيو جيڪي سڀ ڪوڙ تي ٻڌل آهن. مان اهڙا ڏوهہ ڪيئن تسليم ڪريان جيڪي مون ڪيا ئي ناهن." هن ڪجهہ وڏي آواز ڳالهايو تہ هن کي محسوس ٿيو هن جو گلو سڄيل هئو ۽ نڙيءَ مان آواز بہ نٿي نڪتو.

"My dear Mr. Ali Raza you are on the hit list (watch) of agencies. You are also involved in many bomb blasts in capital city."

"ملڪ ۾ دهشت گرديءَ جو راڄ آهي ظاهر آهي ان ۾ تو جهڙا Culprits شامل آهن. نہ تہ ڏارئين ملڪ جي Assignment ڪيئن پوري ٿيندي توجهڙا دهشت گرد ۽ وطن جا ويري ئي تہ انهن سان شامل هوندا آهن!" ٻئي آفيسر ڳالهايو.

”مون تي ڪوبہ الزام ثابت نٿو ٿي سگھي. يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد سياست ڪرڻ جو مطلب اهو تہ ڪونهي تہ مون کي ڏاڙيل سمجھيو وڃي يا وري انڊيا جو جاسوس سمجھيو وڃي!“

”باقي هي جيڪي ڏوهہ ٽيل آهن. سي تنهنجي بابي ڪيا آهن؟“ هڪ جٽي چڙهندي چيو.

”تنهنجي بابي ڪيا هوندا“. عليءَ هن کي اکين ۾ اکيون وجھي ڳالهايو.

”اڙي ونوس تہ...“ ڪرسيءَ تي ويٺل ان ساڳئي بيٺل ٻن سپاهين کي چيو تہ هنن ٻنهي هن کي ٻانهن کان وٺي مٿي ڪنيو. ڪرسيءَ تي ويٺل آيو ۽ ٺونشو جمائي هن جي نڪ تي هنيائين. تہ هن جو چپ ۽ نڪ ڦاٽي پيو ۽ رت وهڻ لڳو.

عليءَ جو مٿو چڪرائجي ويو ۽ اکين اڳيان اوندهہ اچي ويس. هو ڪرڻ لڳو پر سپاهين هن کي ڪِرڻ نہ ڏنو. هن جي دل چاهيو تہ هڪ رانبوتي سان هو ٺونشو هٽنڊڙ آفيسر جي نرڙ کان وٺي ڳچيءَ تائين چڪي ڪل لاهي ڇڏي يا هن جي نڙيءَ ۾ پنهنجيون چارئي آڱريون چاڦن جيان اندر لاهي ڇڏي، پر هو ائين نٿي ڪري سگھيو . هن جي اکين مان نفرتن جا الا وسڻ لڳا. هن پنهنجي جسم جي طاقت جمع ڪئي، زخمي ۽ هيٺي حالت ۾ بہ هن ۾ جڻ وج پرجي ويئي ۽ هن گار ڏيندڙ آفيسر کي رت ـ هاڻي ٿڪ هٽي ڪڍي، جيڪا ان جي منهن تي لڳي.

”مون کي توهين گاريون ۽ ڌمڪيون ڏيئي جهڪائي نٿا سگھو.“ هن هيٺائي واري آواز ۾ چيو.. ”۽ مون کي توهين ماري بہ جهڪائي نٿا سگھو.“

هن جڻ دانهن ڪئي پر ان دانهن ۾ درد هئو. هن جو سجيل گلو ڦاٽي پيو. ٿڪ لڳڻ کان پوءِ هو ڇتو ٿي پيو ۽ عليءَ کي پيٽ ۾ ٺڏا هڻڻ لڳو.

”توهان جي تہ ...“ عليءَ رڙ ڪئي. جيڪا هن جي نڙيءَ مان ڪيڪ جيان نڪتي. ڌڪن سان هن جي سمورن زخمن جون جڻ ڳنڍيون ڇڙي پيون ۽ هن جي زخمن مان جتان ڪٿان رت نينڊيون ڪري وهڻ لڳو.

ان بعد هيو بہ اٿيو ۽ سپاهين کي چيائين. ”هن کي اندر وٺي هلو تہ چڱي نموني سان مالش ڪجيس، هيءُ شرافت مان نٿو سمجھي.“

سپاهي سنڌ سنڌ زخمي ۽ بيوس عليءَ کي ٻوريءَ جيان گھلي اندر اوندهہ ڏانهن وٺي وڃڻ لڳا.

●

آڪارسَ اڏاڻا!

ڳوٺ مٿان اڄ سڄ نہ ايريو هئو. آڪٽوبر جو مهينو هئو. تڏهن هوا ۾ ٿڌڪي لڳي رهي هئي. اڪثر اينڊرويزوينڊرماٿهو پراڻن ڦاٽل سئيٽرن، ڪوٽن ۾ اجرڪن ۾ ويڙهيا پيئي گهميا. مُقام جي وچ ۾ نهيل اڇي رنگ جي درگاهہ جي پيتين جي ڳڙکن ۾ وينل پاريل بہ سيءَ کان ڏونديا وينا هئا. پري ڪن ننڍ وڻن جي مٿان پکي اڏامي رهيا هئا. تڏهن ماحول کي ڪافي اداس بڻائي ڇڏيو هئو. ان مهل ڪي سرڪاري گاڏيون آهستي آهستي هلنديون، ڳوٺ ڏانهن اچي رهيون هيون. گاڏين جا ٽائر ڪجهہ ڌوڙ اڏائي رهيا هئا. پر گهم ۾ ماڪ جي ڪري گهٽي مٽي نٿي اڏاڻي.

اينڊرڙ گاڏين ۾ هڪ مضبوط ۽ نئين جيپ هئي جنهن جو رنگ گهرو بليو هو ان ۾ ڪو ڪامورو وينل هو. ان پويان اڇي رنگ جي هڪ ايمبولينس اچي رهي هئي ۽ ان جي پويان هڪ وڏي گاڏيءَ ۾ قانون نافذ ڪندڙ اداري جا سپاهي هٿيارن سميت بنهہ چئوبند ٿيل ويٺل ۽ وينل هئا. ٽيئي گاڏيون بنهہ آهستي آهستي لڏنديون، لمنديون ڳوٺ جي ڪڏن کو ہن ۾ ڌوڙ سان اَٽيل پيچرن تان جهاڪا کائي اچي رهيون هيون. گاڏيون جڏهن ڳوٺ جي چئونڪ تي پهتيون تہ ڇپرا هوٽلن تي وينل ڳوناٺا اٿي بيهي رهيا. خوف ۽ دهشت وچان هنن جون ميريون ۽ دونهاٽيل اکيون آفيسر جي گاڏيءَ تان ترڪنديون پوئين ايمبولينس طرف وڌي ويون. جنهن تي ڳاڙها اکر لکيل هئا ۽ مٿان ڳاڙهي بتي لڳل هئس. ٽيئي گاڏيون چپ چاپ هلنديون وڃي پوليس ٿاڻي اندر گهڙيون. ڳوناٺا ڪجهہ سمجهي نہ سگهيا. هنن جون خوف ۾ ورتل اکيون هوٽل ٻاهران ڌوڙ جو هلڪو غبار ڇڏيندڙ گاڏين کي وڃائي واپس هليون آيون. ماحول ۾ سانت هئي، لڳو تي ڪجهہ ٽيڙ وارو آهي. ڪانگ وڻن مٿان ٽيندا واپس وڃي رهيا هئا. تڏ اڄ ڪجهہ وڏي ويئي هئي.

ڪجھ دير کان پوءِ پوليس جا ڪجھ سپاهي ۽ نائب صوبيدار هلندا وڏيري مرحوم رضا محمد جوڻيجي جي حويليءَ جي وڏي ڏاڪائين دروازي اڳيان اچي بيٺا. جتي سڄي رستي تي ٻڪرين جون ڦولهڙيون ڦمليل هيون.

پهرين ڪجھ چوڪرا نڪتا. جن پوليس وارن کي اوطاق ۾ ويهاريو ۽ حويليءَ ڏانهن ٻڌا. جلد ئي ڪجھ وڏا ٽوپين ۽ پٽڪن سان حويليءَ مان نڪتا ۽ پوليس وارن سان گڏجي ٿاڻي تي آيا. جتي ڪجھ ڪاغذي ڪارروائي عمل ۾ آئي. انهن صحيحون ڏنيون ۽ ايمبوليـنس ساڻن گڏ رواني ٿي.

حويليءَ تائين پهچي اسپتال جي عملي عليءَ جو اچي ڪپڙي سان ڍڪيل لاش کٽي اسٽريچر تي وڌو ۽ آڻي کٽ تي رکيو. ايمبولينس هلي ويئي. ڪپڙي لاهڻ سان خبر پيئي تہ علي جي مٿئين جسم تي ڪو ڪپڙو نہ هئو. هيٺئين جسم تي رهڙيل ۽ هنڌان هنڌان ڏريل جين جي پئنٽ رت ۽ مٽيءَ گاڏڙ تي پنهنجو رنگ وڃائي چڪي هئي. مٿل عليءَ جون اکيون کليل هيون. هن جا چپ ۽ ڳل سڄيل هئا. هن جي هڪ ڪن مان رت وهي ڄميل هئو. ۽ وات مان بہ رت وهيل هئو. لڳو ٿي هن رت جون ڳرڙيون اڇلايون هيون. باقي جسم ڌڪن ۽ ڪارن ڏنن سان ڀريل هئو ۽ پيٽ ۾ زخم هئس. جنهن مان ان وقت بہ رت سمي رهيو هئو. هن جو چهرو ڪاراڻجي ۽ سُڄي ڀوائتو ٿي ويو هئو. سهڻو سيبتو جوان، جيڪو خوبصورتيءَ ۾ پوري علائقي ۾ مشهور هئو. تنهن جو چهرو سڄي ڪارو ٿي سڃاڻپ کان ٻاهر ٿي ويو هئو! جنهن تي ڏٺو تنهن کان هيانءُ ڦاٽي دانهن ٿي نڪري ويئي.

هن جو لاش جڏهن حويليءَ اندر آندو ويو تہ ڪُهرام مچي ويو. تهذيب بانو هن جي نماڻ ماءُ رڙ ڪري وچي فرش تي ڪري ۽ بيهوش ٿي ويئي.

"اڙي پاڻي آڻيو...." هن جي ڪئنسر ورتل ڀيڻ روئيندي چيو: نوڪرياڻيون ڀڳيون دلي مان پاڻي کڻي وڏيريءَ جي منهن تي ڇنڊا هڻڻ لڳيون. بين پاڻيءَ سميت دلا ڀڳا. ڪٿون اونڌيون ڪيون. ڀينرن ، سئوٽن، ماساتن پنهنجيون چوڙيون ڀڳيون ۽ لاٿيون. رڙڻي ۾ سڄي حويليءَ، نوڪرن ۽ مهمانن جي ماني پچڻ بند ٿي. وراندي اڳيان پيل چڪون ويڙهيون ويون. سڄي حويليءَ ۾ واويلا ۽ آهہ زاري مچي ويئي. هر فرد رڙيون ڪري پنهنجي ڇاتي ۽ مٿو پٽي رهيو هو.

هر ماڻهوءَ جي وات تي ساڳيو جملو هو:

"ننڍو سائين مارجي ويو!"

"ننڍو وڏيرو مارجي ويو!"

"ننڍي سائينءَ کي ماري ڇڏيائون!"

"وڏيرو علي رضا مارجي ويو!" غم ۽ اندوهہ جو هڪ شاهي غبار سخت جهڪ جيان ڳوٺ جي ڌوڙ پريل آسمان تان لهي حويليءَ جي اڱڻ ۾ هليو ويو هئو.

حويليءَ هيستائين ڪئين بيمارين ۾ موت ڏٺا هئا پر اهي سڀ گهٽو ڪري فطري هئا. ههڙو ڪمهلو موت حويليءَ جي پڪين سرن جي ڳاڙهين پٽين ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هئو!

سڄي ڳوٺ مان عورتون چادرون تاڻي، اڇا برقعا پائي، ٽڪڙيون ٽڪڙيون حويليءَ ڏانهن اچڻ لڳيون.

"ائي، ننڍي سائين کي پوليس وارن ماري ڇڏيو آهي." هر ڪاهيءَ کي ٻڌائڻ لڳي.

ڳوٺ جون چند هوٽلون ۽ دوڪان بند ٿي ويا ۽ اسڪول ۾ هيڊماستر موڪل ڪري ڇڏي. سڄو ڳوٺ غم جي شاهي ڪڪر منجهہ وڪوڙجي ويو هئو. لڳو ٿي درگاهہ جي ڪڏڙن ۾ ويٺل پاريل بہ هراسجي ويا هئا ۽ انهن پنهنجي ڳٽرڳون بند ڪري ڇڏي هئي. ڪٿان ڪٿان ڪنهن ڳيري جي اداس گهُو گهُو ٻڌجڻ ۾ آئي ٿي، جنهن ماحول کي وڌيڪ وياڪل ۽ غمگين ٿي بڻايو.

عليءَ کي مولويءَ جڏهن تڙ تي ڏياريو تہ خبر پئي هن جي سڄي پٺيءَ جي کل پڻ لٿل هئي ۽ هن جي پيٽ ۾ ڪو سوئو ٽنبيو ويو هو جيڪو آرپار ٿي ويو هئو ۽ اتان ان مهل بہ نيم گرم پاڻي وجهڻ سان رت ٿي نڪتو. هن جا پائر، سئوٽ سراج ۽ ٻيا سڀ روئي روئي بي حال ٿي ويا هئا. سيني جا ڳوڙها هئا جي رُڪيا ئي نٿي.

"چاچو حاجي بہ هليو ويو ۽ هاڻ علي بہ پنهنجو وارو وجائي ويو!" سندس سئوٽ سراج روئندي چيو ۽ سڏڪن ۾ پئجي ويو.

●

انت

چوويهين آڪٽوبر تي صبح جو سادي ستين وڳي ڊرائيور ڪلديپ
کي ايئرپورٽ تي لاٿو. آسمان تي جهڙ چانيل هئو ۽ اهو ڪجهه ڏڪارو پئي
لڳو. ٿڌي هوا گهلي رهي هئي. هن کي گهري ڳاڙهي رنگ جو چولو اڇي
سلوار، ڪارو بوٽ ۽ ڪاري چمڙي جي جئڪيٽ پيل هئي. پاڻ سان گڏ هن
هڪ بيگ ۾ مووي ڪيميرا، مختصر ڪپڙن ۽ استعمال جي سامان سميت،
عليءَ لاءِ ڪپڙا، بوٽ، پرفيوم، شيونگ ڪٽ، ڪجهه ڪتاب ۽ Indian
Express جا ڪجهه اهم شمارا پڻ کنيا هئا، جن ۾ هن جا مضمون ڇپيل هئا.
ٽرمينل ۾ داخل ٿي، هن سامان چيڪ ڪرايو. بورڊنگ ڪارڊ وٺي هڪ
ڪافي ڪارنر تي اچي ويٺي. جتي هن هڪ ڪافيءَ جو مگ ورتو ۽ سِپ
سپ ڪري پيئڻ لڳي. فلائيٽ ۾ اڃان چند منٽ باقي هئا. اناؤنسمينٽ ٿي
ته هوءَ سامان کڻي ايئرپورٽ بس ڏانهن وڃڻ لڳي.

حيدرآباد پهچي هن ٽرين جي ٽڪيٽ ورتي. ٽرين جڏهن شهر ڇڏي
ٻاهر نڪتي ته هوءَ وڻن ۽ رستن ۾ وچ وچ ۾ ايندڙ ڳوٺن جو جائزو وٺڻ لڳي.
سفر ڪندي هن کي مزو اچي رهيو هئو. ٽرين چرندي چرندي اچي هڪ
ننڍڙي اسٽيشن تي پهتي ته ڪلديپ ڊائري ڪڍي عليءَ جي لکرايل
ايڊريس جي پڪ ڪئي. دريءَ مان پليٽ فارم جي ننڍڙي عمارت مٿان هن
نالو پڙهيو: **وڏيرو صالح جوٽيجو** ۽ هوءَ بيگ کڻي لهي پيئي. هن ٽائيم ڏٺو،
شام جا چار ٿيا هئا. پليٽ فارم تي عليءَ کي ڏسڻ لاءِ هن نظر وڌي. پليٽ
فارم جو فرش ڳاڙهين سرن جو ٺهيل هئو. جيڪو سر ۽ ڪلر جي ڪري
پرڻ لڳو هو. هڪ طرف پاڻيءَ جي ٽانڪي ٺهيل هئي پر اها به سڪل هئي.
ماٺهوان جا نلڪائي ڪيڍي ويا هئا. اتي ڪو ماڻهو به ڪونه هئو جنهن کان
هوءَ پڇي، هوءَ ڪجهه پريشان ٿي. ان اسٽيشن تي ئي عليءَ هن کي ملڻ لاءِ

چيو هو تہ ، هو پنهنجي گاڏي ڪٽي اتي پهچندو هن کي ڪٽڻ جي لاءِ .هنن جي فون تئ آخري گفتگو اها ٿي هئي.

هوءَ پليٽ فارم جي ٻاهران آئي تہ هن ڏٺو اتي ٻہ ٽانگا بيٺا هئا. ڪا بہ فوروهيل نہ هئي تہ هوءَ وڌيڪ پريشانيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هڪ ٽانگي طرف وڌي ۽ ڪيس وڏيري صالح جوٽيجي جي ڳوٺ هلڻ لاءِ چيائين . ٽانگي وارو اڪيلي شهري عورت کي ڏسي پهرين تہ ڏاڍو حيران ٿيو پر يڪدم پنهنجي پوتاري سان سيٽ ڇنڊي هن کي ويهڻ لاءِ چيائين.

"امان، توهان کي وڏيرن جي حويليءَ وڃڻو آهي؟" ٽانگي واري گهوڙو هڪليندي هن کان اردوءَ ۾ پڇيو. "هائو مون کي وڏيرن جي حويليءَ تي وڃڻو آهي." هن ٻڌايس تہ ٽانگي وارو چپ ٿي ويو. فرلانگ کن نهيل پڪو ڪانڪريٽ جو رستو جنهن ۾ گهانچا پئجي ويا هئا، اڪري ٽانگو ڪچي رستي تي اچي چڙهيو جتان هو هڪ شاهي ناسي رنگ جي پل تي اچي چڙهيو. پل، جيڪا ڪافي ڊگهي ۽ مضبوط لوهہ جي نهيل هئي سا اڪري، وري ڳاڙهين سرن جي هڪ تباهہ ٿيل پراڻي رستي تي اچي چڙهيو. درياءَ ۾ ٻيڙيون تري رهيون هيون ۽ مهاڻا مڇيون ماري رهيا هئا.

سرن وارو ڏوڙ اٽيل رستو ختم ٿيو تہ ٽانگو درياءَ جي ڪڙ ڏيئي هلڻ لڳو پويان ڏوڙ جو ڪڪر وسي رهيو هئو. ڪلديپ رومال ڪڍي پنهنجي نڪ تي رکيو. هن کي سفر جو شاندار تجربو ٿي رهيو هئو. ڪڏن ڪوٻن سان پريل رستي تان هلندي سڄي واٽ هو عليءَ بابت سوچيندي رهي، 'شايد هو ڪنهن ڪم ۾ مصروف هوندو.... يا وري هن ٻاڻ ئي ائين ڪيو آهي، جيئن مان پنهنجي سر پهچان!' هن نظر وڌي، درياءَ جي هڪ طرف دور تائين ڪيٽن ۾ ڦٽين جو فصل پوکيل هيو . جتي عورتون چونڊبو ڪري رهيون هيون. هن سوچيو هيڏو ڊگهو ۽ عجيب سفر ڪري جڏهن هو عليءَ وٽ پهچندي تہ هو ڪيڏو نہ حيران ٿيندو! هوءَ دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳي. ڳوٺ جون ڏڏڙ ۽ گپ چڪ پريل گهٽيون اڪرندو ٽانگو هلندو لوڙها اڪرندو نيٺ اچي هڪ شاهي اوڏڪي پٽ جي پرسان بيٺو جتي شاهي ڪاٺ جو دروازو هئو.

"امان هيءَ آهي وڏيرن جي حويلي." ٽانگي واري ڪلديپ ڏانهن نهاريندي ٻڌايو.

هوءَ شاهي اوڏڪيءَ پٽ واري دروازي جي دريءَ مان اندر گهڙي تہ پوڙهو جادل اتي هن ڏانهن آيو پهرين تہ هن کي حيرانيءَ مان ڏسندو رهيو.

جڏهن ڪلديپ ڪيس ٻڌايو تہ ، هوءَ اسلام آباد مان عليءَ سان ملڻ آئي آهي، تہ عمر رسيدا ۽ مايوس شڪل، اڇي ڏاڙهي واري جادل جو منهن ئي لهي ويو. هن جي اکين ۾ حيرانيءَ ۽ دک جي گڏيل ڪيفيت اچي ويئي. "امان! اندر وڃو بابا! اندر وڃو" ۽ جادل گهنڊ وڃايو. "سڀ اتي ويٺا آهن."

اندر واڙي ۾ ڪافي ڳئون، مينهون ، ٻاڏيون ۽ ڳابيون گاهہ چري رهيون هيون.

ڪجهہ دير کان پوءِ نوڪرياڻي جَنان نڪتي ۽ ڪلديپ کي عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳي.

"امان کي اندر وٺي وڃ ..." جادل پنهنجي ڏاڙهي کنهندي چيو.

"اچ امان." چوندي نوڪرياڻيءَ هن کي هٿ ڏنو ۽ اڳتي هلڻ لڳي. دلي لتاڙي هو پڪيءَ جاءِ جي دروازي مان اندر پهتي تہ اتي شاهي، گهاٽين ۽ ٿُلهيل مضبوط ٿڙن وارين نمن جي هيٺيان ڇهہ _ ڪُنڊيارين سرن واري وسيع اڱڻ ۾ ڪلديپ کي ڪافي گلہ وڇايل نظر آيا ۽ انهن تي عورتون ۽ ٻار ويٺل ڏٺائين. ڪلديپ کي ايندو ڏسي اتان ڪجهہ معتبر قسم جون عورتون اٿيون. گورو رنگ، ڪاريون چادرون ويڙهيل بہ عورتون، هڪ عليءَ جي پوڙهي ماءُ، ٻي وڏي ڀيڻ اوڇنگارون ڏيندي هن کي چنبڙي ويون.

"اٺي امڙ، اسين ڦرجي وياسون.... ڏينهن ڏٺي جو ڦرجي وياسون." سڄي پس منظر کان بي خبر ڪلديپ حيرت ۾ حيران ٿي ويئي! هوءَ اهو سڀ ڪجهہ expect نہ پئي ڪري سگهي تہ ڇا ٿي ويو آهي؟ ۽ هي سڀ ڇو روئي رهيون آهن. هوءَ سڪتي ۾ اچي ويئي ۽ هن جي دل ڇڻ ٻيهجي ويئي.

"Oh! my God.....what happened wrong?". هن سوچيو.

پهرين تہ هوءَ عجب ۾ سيني کي ڏسڻ لڳي. هن جي زبان مان ڪو لفظ ئي نہ پئي اُجهيو. نيٺ هوءَ ويٺي تہ عليءَ جي وڏيءَ ڀيڻ ازدوءَ ۾ هن کي ٻڌائڻ لڳي.

"اسان کي پهرين تہ پوليس اچي ٻڌايو. علي رضا تي ڏاڙن هڻڻ جا ڪيس هئا ۽ هن تي ڪافي قتلن جا ڪيس بہ هئا."

"اوهہ ماءِ گاڊ!" ڪلديپ جون اکيون ڦاٽي ويون. ۽ هوءَ هيڏانهن هوڏانهن ويٺل عورتن کي ڏسڻ لڳي. هوءَ ٻيهر سڪتي ۾ اچي ويئي هن جي اکين ۾ غم جا اولڙا جهڙ جي ڪڪرن جيان لهي آيا.

"پوليس وارن ٻڌايو تہ علي رضا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو آهي! اوهان کي سندس لاش گهرجي تہ؟" ڪلديپ ٻيهر سمورين ويٺل عورتن ۾ نهارڻ لڳي، هن جي روئڻ روئڻ ڪنبي رهي هئي. هن کي ڏڪڻي وٺي ويئي ۽ هن جو چهرو رنگ ڇڏي چڪو هئو. هوءَ سوچي رهي هئي. هوءَ جيڪو ڪجهہ ٻڌي رهي آهي، سو واقعي سچ آهي؟ سڀ عورتون هاڻ هن کي تڪي رهيون هيون. ڪلديپ کي مٽي ۾ چڪر اچي ويا ۽ اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي ويس . هن رومال ڪڍي پنهنجيون اکيون اگهيون ۽ نڪ تي ڏنائين تہ عليءَ جي ماءُ بہ وڏو سڏڪو ڀريو ۽ وري پار ڪڍڻ لڳي: " او منهنجا شهزادا پٽ! تون ڪهڙي پار وئين.... او مون کا ٻنان موڪلائي چو ڪلائي." هن جي روئڻ ۾ بہ هڪ وقار ۽ گمڀيرتا هئي . خوبصورت، پوڙهي ۽ باوقار عورت. ڪلديپ جڻ گونگي ٻڌجي ويئي، ڪيس شدت سان پنهنجي اڪيلائي جو احساس مارڻ لڳو. "اسان پوليس وارن جي ڀرين تہ ڪا ڳالهہ نہ سمجهي." عليءَ جي پيڻ وري ٻڌائڻ لڳي. "ڪين چيو سون، اوهين غلط گهر تي آيا آهيو. اهو علي نہ هوندو ڪو ٻيو هوندو اوهان ڀليا آهيو."

"اسان کي اهو ئي اطلاع آهي... پوليس وارن ٻڌايو. بابا، اوهان جو ڇوڪرو آهي نہ. جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو." حد جي صوبيدار منهنجي سئوٽ کي ٻڌايو."

"هائو پر علي رضا تہ انهن ڪمن ۾ هو ئي ڪونہ . هو تہ ٻنهہ شريف ڇوڪرو آهي."

"ڇوڪرا يونيورسٽين ۾ ويهي جيڪي ڪارروايون ڪن ٿا تن جي مائٽن کي خبر نٿي پوي. هن تي ڏاڙيلن کي پناهہ ڏيڻ جا الزام بہ هئا ۽ اٺ ڏاڙا هنيا هئائين. ۽ ڪالهہ دادو ضلعي جي راڄڙي ٻيلي منجهہ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو آهي. سندس ٽولي جا ٻيا ساٿاري ڏاڙيل گهيرو ٽوڙي ڀڄي ويا آهن." صوبيدار منهنجي سئوٽ کي ٻڌايو.

"مان ڇا ٻڌي رهي آهيان؟" ڪلديپ جو رنگ زرد ٿي ويو. سندس آواز ڏڪي رهيو هئو. هاڻ عليءَ جي ماءُ بہ چپ ٿي ويئي هئي ۽ اها مسلسل ڪلديپ کي ڏسي رهي هئي. هن جون اکيون گهٽي روئڻ جي ڪري سڄيل هيون. ڪلديپ جي ڪابي طرف ڪافي نوجوان ڇوڪريون غمزدا ويٺيون هيون، جن ۾ عليءَ جي مڱ شهلا بہ ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي .

”منهنجي سئوٽ پهرين تہ اچي گهر ٻڌايو تہ. علي پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيو آهي“ عليءَ جي پيءُ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”اسين سڀ ڇرڪي پياسين. اسان کي يقين ئي نہ پئي آيو... ٻئي ڏينهن اسان کي لاش مليو. ڪنهن جو ڪجهہ ڪونہ ٻڌو. هن جي پيءُ جو آواز ٻرجي آيو. ”هر فصل لهندي ئي سڀ ڪان گهٽا پئسا اسين ڪيس ڏيندا هئاسون. جيڪي هو پنهنجي اڪائونٽ ۾ وجهي رکائيندو هو. هن سال اسان کان باغ جا اڌ پئسا ورتا. هن گاڏي ورتي هئي.... هو اهڙو هئوئي ڪونہ.“ هن جي پيءُ سڏڪو ڀريو ۽ چادر سان ڳوڙها اگهيا تہ ڪلديپ بہ روئي ويٺي، سڀ نوجوان ڇوڪريون ۽ ٻوڙاٽيون ڪلديپ کي اجاڻ تائين غور سان ڏسي، ڪنن ۾ ڦسڪا ڪري رهيون هيون ۽ پوڙهيون هن کي عجب مان جانچي رهيون هيون.

”لاش جڏهن اسان جي گهر پهتو تہ مردن ٻڌايو: علي جي سڄي بت تي ڏڪن جا نشان هئا.... منهنجي پياري پاءُ جو سڄو بت زخمن سان چور چور هئو. سندس هٿ، پير ۽ منهن سڄيل هئو هڪ ڪن مان رت وهيل هئس. سندس پٺن جي ڪل لٿل هئي ۽ پيٽ مان بہ رت وهي رهيو هئو. چون ٿا هنن ڪيس پيٽ ۾ سيخ ٽنبي هئي.“ هن سڏڪو ڀريو ۽ ڪلديپ پنهنجين اکين مان وهندڙ ڳوڙها رومال ۾ لڪائي ڇڏيا.

”هن کي هڪ بہ گولي لڳل نہ هئي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو مقابلي ۾ ماريو ويو هو. هن جي بت تي صرف جينز جي پئنٽ بچي هئي جيڪا رت ۾ متيءَ ۾ ٿڦيل هئي ۽ جتان ڪٿان ڦاٽل هئي.“ سندس پيءُ مسلسل ڳالهائي رهي هئي. ”منهنجي پاءَ کي هنن يونيورسٽيءَ مان گرفتار ڪري ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون بکيو رکيو ۽ ٽارچر ڪري ماري ڇڏيو.“

ڪلديپ جي اکين مان زارو قطار گونگا ڳوڙها وهي رهيا هئا. هوءَ پوءِ عليءَ جي ماءُ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي ۽ روئيندي رهي ۽ ٻيون سموريون عورتون ٻارَ ڪيرڻ لڳيون. هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. منهن سڄي ويو هو. نيٺ هن پاڻي گهريو تہ عليءَ جي مڱ اٿي ۽ ڪيس پاڻي جو گلاس آڻي ڏنائين، جيڪو هن آهستي آهستي ڪري پيتو تہ ڪجهہ سامت ۾ آئي. گلاس واپس ونئي هوءَ ڪلديپ جي لاءِ چانهہ آڻڻ جو چئي هلي وئي.

عليءَ جي پيءُ وري ڳالهائڻ لڳي: ”توهان جي باري ۾ هن اسان کي ٻڌايو هو. ٻہ هفتا پهرين جڏهن هو آخري ڀيرو گهر آيو هئو تہ هن اسان کي

توهان جي اچڻ بابت ٻڌايو هئو. پر افسوس، جو توهان آيا آهيو پر اسان جو پاءُ توهان سان ملڻ لاءِ ڪونهي. هنن سيني سڏڪا ڀريا. اسان جي ماڻهن ڪيس داخل ڪرڻ چاهيو تہ ٿاڻي وارا ايف آئي آر نٿا ڪٽين. ان ڪري هاڻ هاءِ ڪورٽ جي ذريعي ڪيس داخل ڪندا. پر ڇا ٿيندو؟ ڪيسن مان ڇا ٿيندو" هوءَ مايوسيءَ مان چئي رهي هئي. "وڃڻ وارو ويو هليو. هاڻ اسان کي ڪيس ڪهڙو فائدو ڏيندو؟" هنن اسان کان پنهنجن لکيل پنن تي صحيحون ورتيون پوءِ لاش ڏنو."

ڪلديپ سوچيو : 'ڇا تہ ٿي ويو هئو!'. هن جي ذهن اڃا بہ تسليم نٿي ڪيو تہ علي مارجي ويو هئو. هن سوچيو مان تہ هن جي سالگره اٽينڊ ڪرڻ آئي هيس ۽ هو ٻنهي مون کان موڪلائڻ جي، ٻنهي ٻڌائڻ جي هليو ويو! سالگره کان اڳ ئي ٻنهي ڳالهائڻ جي، ٻنهي ڪيڪ ڪٽڻ جي، ٻنهي هن کان گفتون وٺڻ جي!؟ ان مهل هن جي روح ۾ ڇهڪ پوڻ لڳا. عليءَ جي پيءُ هن کي اندر ڪمري ۾ هلي آرام ڪرڻ لاءِ چيو تہ هوءَ اٿي .اتي هن اڳيان چانهہ ۽ بسڪيٽن جي ٽري آڻي رکي ويئي ڪلديپ مٿي جي سور جون ٽيبليٽس ورتيون ۽ چانهہ پيتي.

●

البم

سمهڻ تائين ڪلديپ ڪجھ ڪاڏو پيتو ٻه ڪونه . رڳو چانھ سان مٺي جي سور جون گوريون ونندي رهي.

هن کي هتي اچڻ سان ايتري خطرناڪ ڪيفيت سان منهن ڏيڻو پوندو تنهن لاءِ هن تصور به نه ڪيو هو.

هن، جنهن عليءَ جي خواهش تي هيڏو وڏو سفر ڪيو هئو. سو علي ئي نه رهيو هئو. هن کي تعجب ٿي رهيو هو بلڪ هن پنهنجي اندر ۾ ڏاڍي هيڻائي محسوس ڪئي عليءَ سان نه مِلي، ان ڪري هڪ عجيب اُداسي ۽ اڪيلائيءَ واري ڪيفيت هن کي ڏنيڻ لڳي. هن کي محسوس ٿيو ته پري ئي سهي پر هن کي عليءَ جو جيڪو آٿت هئو سو آٿت هاڻ ختم ٿي ويو هو. اهو سوچي هوءَ روئيندي ۽ پنهنجيون اکيون سڄائيندي رهي هئي. سڄي رات هوءَ عجيب غريب پوائتا خواب ڏسندي ۽ ڇرڪ ڀريندي رهي.

صبح جو هوءَ اٿي ته هن جو خوبصورت چهرو ٿڪل، مرجهايل ۽ رنل پنل هئو. هوءَ پوءِ سراج ۽ عليءَ جي وڏيءَ ڀيڻ سان گڏ، علي جي قبر تي ويئي، جتي هن قبر جي سيراندي کان ڪجھ مڪڙيون رکيون ۽ دُعا گهري.

هن پوءِ قبر جي مووي ٻري ۽ ڊڪون ڀري روئڻ لڳي. ڪافي وقت هوءَ درگاھ ۽ قبرستان جي احاطي ۾ هلندي مووي ڀريندي رهي . هن درگاھ ۽ قبرستان ۾ ڊوڙندڙ مورن، باغ، علي جي حويلي، عليءَ جي ڪمري ۽ استعمال جي شين جا فوٽو ڪڍيا ۽ پوءِ وري عليءَ جي مڱيندي شهلا، ماءُ ڀيڻن ۽ ڀين جا به فوٽو ڪڍيا ۽ سڄو ڏينهن، رات تائين عليءَ کي ياد ڪري سندس ڳالهيون ٻڌائيندي رهي ۽ سموريون روئيندڙيون رهيون.

ٻئي ڏينهن سراج شهر مان هن لاءِ ٽڪيٽ وٺي آيو. اُها رات هن ڪجھ ننڊ ڪئي پر هن کي خوابن ۾ علي ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ڀري ڀري

وادين ۾ جتان آبشار ڦٽي رهيا هئا. اوڏانهن چپ چپ رڃي رهيو هئو. هن ڪلديپ سان ڳالهايو ئي نٿي.

صبح جو اٽي ڪلديپ نيرن ڪئي، علي جي ماءُ هن کي اجرڪ جي سوڪڙي ڏني ۽ هن ٻيهر اچڻ جو واعدو ڪري ڪانئن موڪلايو تہ علي جي ماءُ هن جو مٿو چمندي سُڏڪن ۾ پئجي ويئي. ڪلديپ جي اکين ۾ بہ پاڻي ڀرجي آيو ۽ هن کي ياڪر پائي روئڻ لڳي سموريون ڇوڪريون هن کي حويلي جي دروازي تائين ڇڏڻ آيون. هن شهلا جو نرڙ چميو ۽ ڪيس هڪڙو شاهي لفافو پڪڙايو. "هن ۾ ڪجهہ شيون آهن عليءَ جي پسند جي پرفيوم وغيره." هن سڏڪو ڀريو. هو سراج سان هلندي اچي عليءَ جي گاڏيءَ ۾ ويٺي ۽ هو شهر ڏانهن وڃڻ لڳا.

ريلوي اسٽيشن تي سراج هن سان ٻيهر ملڻ جو چئي موڪلايو تہ هوءَ پنهنجي مختصر سامان سان گاڏي مان لٿي ۽ ٿڪل قدمن سان هلندي پليٽ فارم تائين پهتي، پٺي ورائي سراج کي هٿ لوڏيائين ۽ سڏ ڪيائين

"مسٽر سراج: ان سڀ ڪجهہ جو مان پاڻ کي ذميوار ٿي نهرايان! جيڪڏهن مان ڪيس سنڀاليا ها تہ شايد ائين نہ ٿئي ها !" هن سڏڪو ڀريو 'عليءَ کي مان سنڀالي نہ سگهيس.'

'وہ بي خيال مسافر مين راستا يارو.'

'ڪهان تا بس مين ميري اس ڪو روڪنا يارو!'هن سڏڪو ڀريو ۽ ڪنڌ ٻئي طرف ورائي ڇڏيو.

گهڻن ڏينهن تائين هوءَ ائبنارمل رهي. ٽرانڪيولائيزرس کائي سمهڻ کان پوءِ بہ گهڻو ڪري روز رات جو هن جي ننڊ ڦٽي ويندي هئي ۽ هن جي اکين علي جي تصوير ڦرندي رهندي هئي. هڪ شام جو جڏهن هو پنهنجي ڪنسلٽنٽ وٽان ٿي آئي تہ هن اکيان علي سان گڏ گذاريل گهڙيون البم جيان ڦرڻ لڳيون:

※علي بريڪ ڊانس ڪري رهيو هئو.

※ سگريٽ جا ڪش هڻي رهيو هئو.

※ هن سان ٺهڪ ڏيئي تاڙا ملائي رهيو هئو.

※هن کي ٽئڪسيلا جي شهر ۾ گوتم جا شبد ٻڌائي رهيو هئو.

※ پنهنجي والد جي موت تي روئي رهيو هئو.

※هن جو انگ انگ چمي رهيو هئو.

※هن سان محبت جو اظهار ڪري رهيو هئو.
※اکيون بند ڪري، هن جي ستار تي گيت ٻڌي رهيو هئو.
※ٿڪن مٿان ٿڪ ڏيئي رهيو هئو.
※ اينجل ڪاٽيج اڳيان برف باريءَ ۾.
※سڀ ڪجهه سيڪس آهي.... بس ٻه ئي ته مسئلا آهن، هڪڙو فوڊ ۽ ٻيو سيڪس.
※هو پاڻ کي چاقو هڻي رهيو هئو.
※بگ بائيٽ تي هن جي ڪولڊ ڊرنڪ مان پي رهيو هئو.
※ ڪلديپ کي پنهنجي ڪپ ۾ چمچي سان آئيس ڪريم کارائي رهيو هئو.
※ نوڪري لاءِ انٽرويو ڏيئي رهيو هئو.
※جلوس جي اڳواڻي ڪري رهيو هئو ۽ هن کي دليل ڏيئي رهيو هئو.
※ بيڪ بيڪ کڻي ڪلديپ ۽ سراج کي 'باءِ' ڪري رهيو هئو.
شام جو ڪلديپ جا لڙڪ لڙي پيا ته ڊائري کڻي هن لکيو:

جڏهن ٻه
ڪو هن دنيا مان،
اڇو ويس پائي،
هوائن جي آڌار
اسان کان دور ٿئي ٿو،
چڙھ آڪاش ڏانهن ويندڙ ٻي ضرر اڇو ڪبوتر،
جيڪو خلائن جي وسعتن تائين وڃڻ چاهيندو هجي!
۽ ان جي جاءِ پرڻ لاءِ
اسان وٽ ٻيو ڪو ٻه ته نه هوندو آهي!
ڪوئي ٻه نه..... صدين تائين... ايامن تائين!
اهو خال خال ئي رهي ٿو
دل ويڳاڻي تي وڃي ٿي،
ان پراڻي ويران قِتل جاءِ جيان،
جنهن ۾ وهمن جا ڀوت اچي واسو ڪن ٿا،
وسوسن جا چمڙا لامارا ڏيندا رهن ٿا،
۽ گذري ويندڙ جي ياد ۾
ماڻهو پاڻ ٻه کنڊر سمان ٿيو پوي!

موتڌا

ڪيڏو نہ پيانڪ ۽ عجيب ڏائناسار آهي،
جيڪو گل، ٺهڪ، روشني ۽ خوشبو
ڏينهن ، راتيون ، وقت سڀ ڪجهہ پنهنجي مضبوط ڄاڙين ۾ پڪڙي
رڙڪيو ڇڏي!
۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ،
اسين سڀ ڪجهہ وساريو
پيهر پنهنجن ڪمن ڪارين ۾
ائين جنجيو وڃون ، جيئن ڏاند گهاڻي ۾
ڄڻ اسان کان ڪو جدائي نہ ٿيو هئو
ڄڻ اسان سان ڪو ڪليو ۽ رُنو نہ هئو
ڄڻ اسان سان ڪنهن وچن ئي نہ ڪيا هئا،
ڄڻ ڪنهن اسان سان پاڪ صبحون،
گدليون شامون ۽ گناهگار راتيون ئي نہ گذاريون هيون!
اسين ان جي هاڻ آسان مان نہ هجڻ تي،
ساڻس واسطو ئي ختم ڪريو ڇڏيون
ڇو تہ اسين خود غرض ۽ مادي دنيا جا رهواسي آهيون!
اسان جون دوستيون ۽ دشمنيون،
مفادن جي ريشمي رومال ۾ ويڙهيل آهن!
۽ ائين ئي دنيا ختم ٿئي ٿي.
ائين ئي دنيا ختم ٿئي ٿي.
ائين ئي دنيا ... ختم ٿئي ٿي.
شاهي ڏماڪي سان نہ پر چپ چپات ۾
ڪلديپ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا!

●

ببلوگرافي

الف

آرفيوس : يوناني موسيقيءَ جو ديوتا
آرڪيسٽرا: گهڻن سازن جو گڏيل سُرورڌُ
ارسطو فينيس : يوناني فلسفي جنهن جماليات بابت ڊراما لکيا
السيشن : ڪتي جو هڪ نسل
اسڪارپين : علم نجوم موجب هڪ ستاري جو نالو
اينٿرا پالوجي : انساني معاشرن ۾ ريتن رسمن جو علم
اسپيشل سمري ملٽري ڪورٽ: جنرل ضياءَ جون ٺاهيل مارشل لا ڪورٽون
ارجنٽينا پارڪ : اسلام آباد جو هڪ پارڪ
ائٿينس : يونان جي گاديءَ جو هنڌ
اسپيگٽي : سيوئين جو هڪ قسم، جيڪو قيمي ۾ رڌبو آهي
املتاس: هڪ وڻ جنهن ۾ پيلا گل ۽ ڦريون ٿين.

الف ليلي : هزار راتيون هزار داستان
اربيلا : هڪ ٻوٽي جو نالو
ائٿيسٽ : خدا جي وجود جو ناڪاري
ايلوس پرسلي : هڪ آمريڪي راڪ ۽ رول بينڊ جو ڳائڻو جنهن 14 آگسٽ 1977ع تي خودڪشي ڪئي.
الفا : ابتدا (الف) يوناني الف ب جو پهريون لفظ
اوميگا : انتها (ي) يوناني الف ب جو آخري لفظ

ب

بقراط : يوناني فلسفي
بوڙينڊو : مٽيءَ جو قديم ترين ساز
بريڪ ڊانس : قديم آفريقي ناچ
بابا گرونانڪ : سک مذهب جو باني
باخوس : يوناني شراب جو ديوتا
بيڪٽيريا : هڪ قسم جو خوردبيني جيوُ
ٻڌ مت : ننڍي کنڊ جو هڪ مذهب

ٻ

ٻنڊرانوالا : سکن جي تحريڪ جو اڳواڻ. جنهن کي 1984ع ۾ گولڊن ٽيمپل امرت سر تي حملو ڪري ماريو ويو

ڀڪشو : ٻڌمت جا مجتائو جيڪي چاڪڙيون ۽ جٽيا پائي پنندا هئا

ڀٽو (ذوالفقار علي): پاڪستان جو سياسي ليڊر جنهن کي جنرل ضياءَ 5 جولاءِ 1977ع ۾ معزول ڪري 4-اپريل 1989ع تي ڦاسيءَ چاڙهي ڇڏيو.

ڀڳت ڪبير: هندي دوهن جو شاعر

ت

تلسي : خوشبودار پنن وارو ٻوٽو

ٿ

ٿرپارڪر : سنڌ صوبي جو هڪ ريگستاني ضلعو

ٽ

ٽامو : ڌات جو قسم

ٽڪنا : هڪ قسم جو ٻوٽو

پ

پوٺوار : ڪاريان کان وٺي ٽيڪسيلا تائين جو علائقو

پاپ : مشهور ماڊرن ميوزڪ اسٽائل

پستاچيو پڊنگ : سويٽ ڊش جو قسم

پُسي : ڪرڙ جي وڻ جا گيڙو گل

پڪا : ڪرڙ جي وڻ جو پڪل ڳاڙهو ڦل

پاٽيارا : پاڻي ڀرڻ وارا

پورب جوت : ٻڌ مت جو مذهبي ڪتاب

پرارٿنا : دُعا

پنجا صاحب : حسن ابدال جي شهر ۾ گردوارو

پتل : ڌاتوءَ جو هڪ قسم

ج

جنڊي : ڪاٺيءَ تي رنگن جو خوبصورت ڪم

جوڌا ٻائي : مغل شهنشاهه اڪبر جي هڪ راڻي

جوليان : ٽيڪسيلا جي کنڊرن ۾ پراڻو شهر

ڄ

ڄانبي جو ساڳ: تيلي ٻج جو هڪ فصل

ڇ

ڇڪن بروسٽيڊ : ڇرغو ڪيل ڪڪڙ
ڇڙا : جانورن جي ڳچين ۾ ٻڌندڙ گهنڊڙيون
چندن : خوشبودار وڻ
چار درويش: هڪ داستان
چنار : وڻ جو قسم

خ

خانصاحب : انگريزي دؤر ۾ خاص ماڻهن کي ڏنل لقب

د

ديوداس: چئٽرجي جي ناول جو هيرو
داسي : ٻانهي
ديودار : شاهه بلوط جو وڻ

ڏ

ڏونرا: ڪرڙ جي وڻ جو ڪچو ڦل

ڊ

ڊاڪا گراس: ڇپر جو قسم
ڊينا سمرز: امريڪي ڳائڻي
ڊائنوسارز : لکين سال اڳ هن دنيا ۾ رهندڙ ٿڌي رَت وارا (Cold blooded) اجگر جانور، جن جو نسل ختم ٿي ويو.

ر

راڪاپوشي : هماليا جبل جي هڪ اتاهين چوٽي
راڪشس : ديو
رياض : راڳ جي پريڪٽس
راجيو گانڌي : اندرا گانڌيءَ جو پٽ جنهن کي سکن ماري ڇڏيو
رتونبو: سرديءَ ۾ رهندڙ پکي
راجا رسالو: ٽيڪسيلا جي شهر تي حڪومت ڪندڙ راجا
راجا اشوڪا : ٻڌ مت جو ڦهلائيندڙ
راجا سڌو_ڌن : گوتم ٻڌ جو پيءُ
راجڪماري پاروتي : گوتم ٻڌ جي زال

ف

فنلس: هڪ قسم جي خوردبيني جيوَ

س

سقراط :	يوناني فسفي جنهن کي رائج قدرن جي نفي ڪرڻ تي زهر ڏنو ويو.
سينو:	يوناني شاعرا ۽ نرتڪي
سر چارلس نيپيئر:	1843ع ۾ مياڻيءَ جي ميدان ۾ ميرن کي شڪست ڏيندڙ انگريز جنرل
سامراج:	سامي راڄ
ساڌو:	سچو
سِتار:	هڪ ساز جنهن کي ست تارون لڳل هونديون آهن.
شڪمٽي :	سک مذهب جو ڪتاب
سنڌيا:	لهندڙ شام
سريئلسٽ:	ادب ۽ آرٽ ۾ 1919ع ۾ فرانس ۾ هلندڙ هڪ تحريڪ
سرگير :	گهوڙي کي لڳندڙ سردي جي بيماري
سائيبيريا:	روس جو هڪ علائقو جيڪو سڄو سال برف سان ڍڪيل هوندو آهي.
سرڪپ :	ٽيڪسيلا پرسان پراڻو کنڊر شهر.
سرشک :	ٽيڪسيلا پرسان پراڻو کنڊر شهر.
ست جڳ:	سٺو وقت
سنياس :	دنيا کان لا تعلقي

ش

شيتل:	هڪ مضبوط وڻ جنهن جي خوبصورت ڪاٺي مهانگي فرنيچر ۾ استعمال ٿيندي آهي.

ڪ

ڪتي :	هندو ڪئلينڊر موجب مهيني جو نالو
ڪنچن جنگا:	هماليا جي چوٽي
ڪارپيٽيڊ رستا:	مشين سان ٺهيل جديد رستا
ڪميونسٽ :	ملڪيت جي ورڇ جا قائل.
ڪرشنا :	خدا جو نالو
ڪالام :	پهاڙي سلسلو
ڪينجهر:	سنڌ جي هڪ ڍنڍ
ڪپل وستو:	راڄڌاني جنهن تي گوتم جو پيءُ راجا هئو.



اڪبر سومرو 1959ع ۾ ٽنڊوالهيار ضلع حيدرآباد ۾ ڄائو. 1981ع ۾ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ۽ بعد ۾ ڊپلوما (سول انجنيئرنگ) ۾ ڪيائين. هيلتائين سندس ڇهه ڪتاب: ڊائري جا پنا (ڊائري) 1981ع، من جي هُن پار (ڪهاڻيون 1984ع، ڪيسُو ڦل (ڊائري) 1988ع، ڇهرا ڇهرا شهر (خط) 1989ع، شهر جي ڳالهه (ناول) 1998ع ۽ بوتيڪ ڪان بيڊ روم تائين (ڪهاڻيون) 2007ع ۾ ڇپيا. ان ڪان سواءِ ڪئين مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيا اٿائون. اڄڪلهه ڪوئيٽا ۾ رهن ٿا.

تازو ئي سنڌي ادبي سنگت - سنڌ پاران 2007ع ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي مجموعي 'بوتيڪ ڪان بيڊ روم تائين' تي کين انيس انصاري ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

ISBN: 978-969-9329-03-6

Price: Rs. 250

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڃوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ڇاپَ ڇاپائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)